# سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون

(جلد_IV)

مرتب خان محمد جروار

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

# سنڌي ٻوليءَ بابت
# مقالا ۽ مضمون
(جلد IV)

مرتب

**خان محمد جروار**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ
2009ع

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| o ناشر نوٽ | | 04 |
| o پڻ اکر | | 05 |
| 1. اسان جي سنڌي زبان | ـ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو | 07 |
| 2. قومي زبان ۽ تعليمي زبان | ـ عثمان علي انصاري | 14 |
| 3. سنڌي ليٿوگراف، سنڌي رسم الخط ۽ اسلوب بيان | ـ غلام محمد گرامي | 22 |
| 4. سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ | ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 76 |
| 5. سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ (هڪ تنقيدي جائزو) | ـ سراج الحق | 120 |
| 6. رسم الخط جي تاريخ | ـ پروفيسر واءِ ايس. طاهر علي | 181 |
| 7. سنڌي زبان ۾ دراوڙي لفظ | ـ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 188 |
| 8. يوناني ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سنبڌ | ـ ليلو رچنداڻي | 194 |
| 9. لساني وحدت جو نظريو | ـ علامه ڪربلائي | 206 |
| 10. سنڌي زبان تي عربيءَ جو اثر | ـ ڊاڪٽر مدد علي قادري | 224 |
| 11. سنڌولڪيت تي ٿيل تحقيق جو مختصر جائزو | ـ هدايت پريم | 246 |
| 12. سنڌي ٻوليءَ جي علمي حيثيت | ـ مراد علي مرزا | 262 |
| 13. صورتخطيءَ جي ارتقا | ـ ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو | 271 |
| 14. هندڪو ـ سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي | ـ ڊاڪٽر حيدر سنڌي | 278 |

## ناشر پاران:

"سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون" جلد چوٿون اوهان جي هٿن ۾ آهي، جيڪو اٿارٽيءَ ۾ اڳ ۾ ان ناليءَ سان منظور تيل ۽ ڇلندڙ رٿا جو چوٿون جلد آهي. پهرئين جلد ۾ ورهاڱي کان اڳ مختلف ماهرن جا لکيل ليک شامل هئا. ٻئي جلد ۾ ورهاڱي کان پوءِ جي شروعاتي دؤر ۾ لکيل ليک گڏ ڪري ڏنا ويا هئا. اهي ٻئي جلد 2007ع ۾ پڌرا ڪيا ويا هئا. هن رٿا جو ٽيون ڪتاب جون 2008ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي برک محقق ۽ سماجي لسانيات جي ماهر مرحوم ڊاڪٽر الهداد بوهيو جا مضمون شامل هئا.

هن سال يعني 2009ع ۾ ڇپجندڙ هن چوٿين جلد ۾ ورهاڱي کان پوءِ خاص ڪري ٻئي ڏهاڪي ۾ ٽه ماهي 'مهراڻ' ۽ ٻين مخزنن ۾ ڇپيل مضمون ۽ مقالا گڏ ڪري ڏنا ويا آهن. هي اهو دؤر هو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ تاريخ بابت تمام گهڻي کوجنا ٿي ۽ سنڌ جي عالمن، محققن ۽ ٻوليءَ توڙي لسانيات جي ماهرن جا ڏاڍا جذباتي ۽ دلچسپ بحث مباحثا ٿيا. جن سنڌي ٻوليءَ سان سنڌ جي ماڻهن جي محبت ۽ جذباتي وابستگيءَ جو چٽو ثبوت مهيا ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت تحقيق لاءِ اتساهه پيدا ٿيو. هن دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اصليت بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي ۽ ٻين ماهرن پنهنجا پنهنجا نظريا پيش ڪيا ۽ موهن جي دڙي جي رسم الخط کي پڙهڻ جون ڪوششون ٿيون. ان ڪانسواءِ سنڌي ٻوليءَ جي آريائي، غير آريائي، هند يورپي يا دراوڙي اصل نسل مان هئڻ بابت مفروضا پڻ غور هيٺ آيا. ان سموري عرصي ۾ ڇپيل مقالن ۽ مضمونن تي هي جلد مشتمل آهي، جيڪو اميد ته هن موضوع سان دلچسپي رکندڙ طبقن کي سٺي ڄاڻ مهيا ڪندو ۽ ان ڏس ۾ اڳتي ڪم ڪرڻ لاءِ پڻ اتساهيندو.

هن جلد سميت سموري رٿا جي ڏس ۾ اٿارٽيءَ جي جن ڪارڪنن جي محنت شامل آهي، انهن ۾ ٻن جلدن جي مرتب خان محمد جروار ڪانسواءِ پبليڪيشن آفيسر خالد آزاد وگهيو ۽ ڪمپيوٽر آپريٽر محمد رمضان، سخاوت علي جتوئي ۽ حسين ميمڻ شامل آهن. آءٌ انهن سڀني جي ٿورائتي آهيان، جن منهنجي اٿارٽيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ مون سان ڀرپور سهڪار ڪري مختلف رٿائن کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيئرپرسن

## ٻه اکر

سنڌي ٻوليءَ بابت مقالن ۽ مضمونن واري سلسلي جو پهريون جلد ڊاڪٽر انور نگار هڪڙي ۽ ٽيون جُلد ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جي تحقيق ۽ آزاد انور ڪانڌڙي جي ترتيب تي مشتمل هو. جڏهن ته ساڳئي سلسلي جي ٻئي ۽ هن چوٿين جلد جي ترتيب منهنجي ننڍڙي ڪوشش آهي.

هن جلد جا اڪثر مقالا سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اهم نمائنده رسالي "ٽه ماهي مهراڻ" تان ورتل آهن. جڏهن ته هڪ مقالو "نئين زندگي" ۽ ٻه مقالا "سنڌي ادب" تان ورتا ويا آهن. هن سلسلي جي سهيڙ ۽ اشاعت تي نه صرف اداري طرفان پر انفرادي طور به وڏي پذيرائي ملي. خاص طور تي سنڌيونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جي مانَ وارن استادن ۽ شاگردن طرفان هن اهم ڪم کي قدر جي نگاهه سان ڏسندي تمام گهڻو همٿايو ويو. سنڌي ٻوليءَ بابت تحقيق تي مشتمل مقالن وارو سلسلو اڃا به ضخيم جُلدن جي اشاعت جو منتظر آهي. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اهڙن مقالن ۽ مضمونن جي چُنڊ ڇاڻ ڪري محققن جي سهوليت کي آڏو رکندي ان کي يقيني بڻائجي.

سنڌي ٻوليءَ بابت اهڙن مقالن ۽ مضمونن جي سهيڙ جو مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا، رسم الخط جي شروعات ۽ عروج تي ٿيل تحقيق وارن نظرين کي مرحليوار هڪ جاءِ تي گڏ ڪري محققن جي مدد ڪرڻ آهي. ان سلسلي ۾ ڪنهن کي ڪيترو فائدو ٿيندو اهو پڙهندڙن تي ڇڏجي ٿو.

حيدرآباد سنڌ
22-1-2009

**خان محمد جروار**

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو

# اسان جي سنڌي زبان

اسان جي پياري ’سنڌي‘، هڪ قديم زبان آهي. اصليت جي نگاهه کان، سنسڪرت جي ڏوهٽي آهي؛ پر ٻيون ڏوهٽيون، ڪانئس شاق ٿي، پنهنجي صورت بگاڙي وٺيون آهن، ۽ رڳو سنڌي ئي هڪ سپوت نياڻي آهي، جنهن پنهنجي ساهري گهر مَنڻ بعد جو ويس بدلايو آهي، ان کان پوءِ منجهس ٻي ڪا ڦير گهير نه آئي آهي. لکجي سا عربي رسم الخط ۾ ٿي، باقي نحوي بناوتون ۽ اِسمي پڇاڙيون وغيره ساڳيون ئي قائم رکيون اٿس، جي سندس مادر يعني ’اپڀرنش پراڪرت‘ جي مشهور ڀاشا ’وراچڊا‘ ۾ موجود هيون. اڄ به، علم اشتقاق وارن جو خيال آهي ته اهي لفظ جي سنسڪرت جي ٻين ڀاشائن ۾ تسخ مسخ ٿي ويا آهن، ۽ جن جي اصل نسل جو پتو ڳولڻ مشڪل ٿيو پوي، سي هوبهو پنهنجيءَ اصلوڪي پراڪرتي شڪل ۾ موجود آهن. ها، گذريل ٽن سون سالن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ساخت ۾ لفظن جي لحاظ کان گهڻي قدر تبديل آئي آهي، پر اڄ به جيڪڏهن ڪيس ديوناگري لباس پهرائجي، ته پنهنجيءَ مادر ’پراڪرت‘ کان گهڻو مختلف نظر نه ايندي— ساڳيو مهاندو، ساڳيو نڪ، ۽ ساڳيون اکيون. يقين سان نٿو چئي سگهجي ته ’پراڪرت‘ يا ’پاليءَ‘ هيءَ نئين سنڌي صورت ڪڏهن اختيار ڪئي. راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي زبان نياري هئي، جا فقط موجوده سنڌ تائين محدود نه هئي، پر ڪڇ، گجرات، ڪيچ مڪران، بهاولپور ۽ ڪشمير تائين پکڙيل هئي. عرب سياح ۽ جغرافيه نويس، جن ان وقت جي سنڌ جو بيان ڏنو آهي، سي سڀئي يڪ آواز آهن ته ديبل ۽ منصوره ۾ عربي ۽ سنڌي ٻوليون ڳالهائڻ ۾ اينديون هيون. لڳاتار ستن صدين جي عربيءَ سان لهه وچڙ ڪري، سنڌي زبان هاڻوڪي صورت ورتي هوندي.

اگرچ پندرهين يا سورهين عيسوي صديءَ تائين ڪوبه اهڙو ذخيرو ڪونهي،

جنهن مان خبر پوي ته سنڌي لکڻ ۾ ايندي هئي يا نه، ته به يقين سان چئي سگهجي ٿو ته عام ماڻهن جي ٻولي سنڌي ئي هئي. درٻاري ٻولي جيتوڻيڪ اوائل ۾ عربي هئي، پوءِ ڄامن ۽ ارغونن جي ڏينهن ۾ پارسي ٿي ۽ انهن ٻولين سنڌيءَ تي بيشڪ پنهنجو گهرو اثر ڪيو ۽ منجهس عربي ۽ پارسي لفظن جو وڏو انداز داخل ٿي ويو، ته به عام ماڻهن پنهنجي اباڻي ٻولي نه ڇڏي. انهيءَ کان پوءِ انگريزي پنهنجو وارو وڃائي ويئي، ۽ هينئر وري اردوءَ جي نوبت آئي آهي، تنهن هوندي به هيءَ لاڪيڻيءَ لوئيءَ واري لال ڪنوار، پنهنجو ور نه متائيندي! باوجود سادگيءَ ۽ کهرائيءَ جي، منجهس ايتري لذت ۽ ڪشش آهي، جو سنڌ جو هرهڪ فرد سندس بيساخته ناز ۽ انداز تي عاشق رهندو. آيا سنڌي اهڙا بيغيرت آهن، جي شهري لبن جي لالاڻ ۽ گلگونيءَ تي موهت ٿي، پنهنجي ديهاتي حسين لَڏڻ کي گيباڻو ڇڏي ڏيندا؟ _ نه نه، هرگز نه: جيستائين هن سريءَ ۾ ساهه آهي، تيستائين انهيءَ وينگس جا پير ڌوئي پيئبا!

اسان جي ٻاجهاري ٻولي، موجوده يورپ جي متمدن ٻولين کان به آڳاٽي آهي. اهي اڃا وجود ۾ ئي نه آيون هيون، ۽ اردوءَ جو اڃا اپر_پير به معلوم ڪونه هو، ته سنڌي زبان هڪ پاڪيزي نموني ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ ايندي هئي، جهر جهنگ ۾ سنڌ جا اهل الله سنڌي بيت ۽ دوهڙا جهونگاريندا هئا. انهن ۾ ايترو سوز ۽ ساز هوندو هو، جو ٻڌندڙ محو حيرت ٿي ويندا هئا؛ ۽ ڪيترائي ڪيفي، ڪباب ٿي، جان فدا ڪندا هئا. ڇا، مخدوم احمد ڀٽيءَ هڪ سنڌي ع جو بيت ٻڌندي ساهه نه ڏنو؟ ڇا، هڪ سيلانيءَ، شاهه لطيف جو هيئيون بيت پڙهندي، پنهنجي حقيقي محبوب جي سِڪ ۾ پران نه تياڳيا؟

هيڪليائي هيل، پوربنديس پرينءَ ڏي،
آڏا ڏونگر لکيون، سوريون سڄن سيل،
ته ٻيلي آهن ٻيل، سور پريان جا ساڻ مونا

انهن قرب جي وٽين ۾ اڃا به ماکيءَ جهڙو مٺ آهي. ڪرو ڪو انهيءَ جي چاشني چکي:

جي چکين ته چريو ٿئين، ان ميخاني جو مَٺُ!

جيتريقدر مون کي معلوم آهي، ”بيان العارفين“ ٿي پهريون فارسي ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌي اڳئين نموني ۾ لکيل نظر اچي ٿي. اهي آهن شاهه ڪريم (1032_944هه ) بلڙيءَ واري جا سنڌي بيت، جي ”بيان العارفين“ جي مصنف، محمّد رضا بن عبد الواسع، انهيءَ بزرگ جي ملفوظات ۾ داخل ڪيا آهن. مخفي نه رهي ته شاهه ڪريم جا ارشاد ۽ وعظ پڻ سنڌيءَ ۾ هئا. جن کي محمّد رضا خواهه مخواهه فارسي لباس پهرايو آهي. اهڙيءَ طرح، خواجه محمّد زمان جا مقولا به سنڌي نثر ۾ هئا، جي بزرگ گرهوڙيءَ جاٽي واٽي عربيءَ ۾ ترجمو ڪيا. انهيءَ وقت سنڌي ايتريقدر سڌريل هئي، جو بزرگ تصوف جا ڳوڙها نُڪتا ان ۾ سولائيءَ سان بيان ڪري سگهندا هئا. ’بيان العارفين‘ کان اڳ وري مخدوم نوح جي ملفوظات آهي. ’بيان العارفين‘ جي رستي، قاضي قاضن (وفات 958هه) جا ست بيت محفوظ رهيا آهن.قاضي قاضن هڪ وڏي پايي جو عالم ۽ عارف هو، جنهن اهڙي قسم جو گهٽوئي ڪلام چيو هوندو، جو هينئر عدم پيدا آهي.

ڪي سطحي ماڻهو چوندا آهن ته سنڌي هڪڙي ننهي ۽ سَکڻي زبان آهي ۽ منجهس ادب بلڪل ٿورو آهي، خصوصاً اسان جا حريف ۽ اردوءَ جا دلدادا اهڙي دعوا وڏيءَ هام سان ڪندا آهن. پر اها سندن عظيم غلطي آهي، سنڌي نهايت ڪشادي ٻولي آهي ۽ جيڪي به زبانون سنسڪرت مان ڦٽي نڪتيون آهن؛ تن ۾ لفظن جي ڪثرت ۽ گوناگونيءَ ڪري نهايت برجستي آهي. ڪا اهڙي شيءِ ناهي، جنهن لاءِ ٻيا نالا يا مترادف نه هجن_مثلاً ’اُٺ‘ لاءِ درجن کن نالن جو آهي، جن مان ڪي مترادف آهن. نه ڪن ۾ معنيٰ جي لحاظ سان قدرتي تفاوت آهي.

معنوي يا ذاتي لفظ سنسڪرت، عربيءَ ۽ فارسيءَ مان آزاديءَ سان ورتا ويندا آهن، جنهنڪري سنڌي لغت بلڪل وسيع ٿي پيئي آهي.

سنڌي ادب بابت هيترو چوڻ ڪافي آهي تہ جڏهن انگريزن هندستان ۾ پير پاتو، تڏهن ڪنهن بہ ڏيهي ٻوليءَ ۾ ايترو علم ادب ڪونہ هو، جيترو سنڌيءَ ۾ موجود هو. اُن جي مالامالي اڪثر عربيءَ مان ترجمن ۽ مذهبي ڪتابن تي منحصر هئي. پوري ڪٿ ڪري نٿي سگهجي، پر ايترو يقين آهي تہ ٻہ_ٽي سؤ قلمي نسخا ڪٺا ڪري سگهبا.نثر جا ڪتاب اڪثر اسلامي، تاريخي ۽ مذهبي ڪتابن جا ترجما آهن، جن ۾ قصا ۽ ڪهاڻيون بہ آهن – اهي گهڻو ڪري ولين ۽ نبين بابت آهن. انشاءِ، طب ۽ ٻين علمن تي پڻ ڪيترائي ڪتاب رچيل آهن.

اڪثر اوائلي ڪتاب نظم ۾ آهن، جنهن جو آخري قافيي جو حرف 'الف' هوندو آهي. مسلم اديبن ۽ بزرگن نثر تي گهڻو ڌيان نہ ڏنو، ۽ ان کي مبتذل ڪري سمجهيو. جيئن تہ شعر هميشہ ياد ڪرڻ ۾ آسان هوندو آهي، ۽ ان ۾ نثر کان وڌيڪ جاذبيت ۽ ترنم هوندو آهي، تنهنڪري، عام ماڻهن جي نصيحت ۽ اصلاح خاطر، اسانجن بزرگن سڀ قسم جا ڪتاب نظم ۾ رچيا، جن ۾ اگرچ ڪٿي ڪٿي ڦلهڙائي آهي، تڏهن بہ متانت ۽ سنجيدگيءَ سان پُر آهن. جيڪڏهن صاف نثر ۾ ڪتاب لکيا ويا_جهڙوڪ "تفسير عزيزي" يا ٻيا، تہ انهن ۾ نثر جي ترڪيب ۽ ترتيب بہ عربي ۽ فارسي جملن جي مطابق آهي. تنهن هوندي بہ، ڪلامي زور ۽ ٻيون خوبيون منجهس جام آهن، ۽ ان جي خاص خصوصيت اها آهي جو صاف سنڌي ۽ نج ورجيسون ۽ اصطلاح ڪم آندا ويا آهن. انگريزن جي اچڻ کان پوءِ جيڪو نثر لکيو ويو، سو وري اور نموني جو هو، ليڪن ان ۾ موجود زماني جي نثر جي جهلڪ نظر اچي ٿي؛ اوائل ۾، سن 1854ع ڌاري، غلام حسين محمد قاسم قريشيءَ "پنهي زميندار جي ڳالهہ"

لکي؛ تنهن کان پوءِ سيد ميران محمدشاهہ متعلويءَ، سن 1855ع ۾ "سڏاتوري ۽ ڪڏاتوري جي ڳالهہ". ۽ سن 1861ع ۾ "مفيدالصبيان" لکيا؛ انهيءَ ئي وقت ڌاري، منشي نند يرام ميرائيءَ "تاريخ معصومي" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو؛ سن 1862ع ۾ ديوان ڪؤڙيمل چندن مل "ڪولمبس جي تاريخ" جو انگريزيءَ مان ترجمو ڪيو، ۽ ساڳئي وقت "پکو پهہ" نالي ڪتاب زناني تعليم جي باري ۾ پڻ لکيائين؛ سن 1870ع ڌاري، ديوان نولراءِ شوقيرام آڏوائيءَ ۽ منشي اڌارام ٿانورداس ميرچندائيءَ گڏجي، جانسن صاحب جي "راسيلاس" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، ۽ ساڳئي وقت منشي اڌارام "ايسپ جون آکاڻيون" تيار ڪيون؛ سن 1864ع ۽ 1870ع جي وچ ۾ ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏوائيءَ ٽي عمدا ڪتاب لکيا، جن مان اصليت جي بوءِ اچي ٿي- "سوکڙي"، "گل ۽ گلقند" ۽ "گل شڪر"، جي سنڌي ادب ۾ پنهنجي نوعيت رکن ٿا، ۽ اخلاقي نڪتن سان معمور آهن؛ 1879ع ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب جڏهن اجا ڦوهہ جوانيءَ ۾ هو، "بيڪنس ايسيز" جو ترجمو "مقالات الحڪمت" جي سرنامي سان ڇپائي پڌرو ڪيو؛ ان کان پوءِ مسلم اديبن – جهڙوڪ لطف الله آخوند، مير عبدالحسين 'سانگي'، احمد خان تگيو خان، وغيره _ توڙي هندن، نثر جي چڱي خدمت پئي ڪئي، جنهن جو بيان ڪرڻ باعث تطويل ٿيندو، بهرحال، اجا تائين سنڌي نثر پوريءَ ڪڙيءَ تي نہ آيو آهي، ۽ منجهس جدا جدا علمن ۽ فنن تي ايترا ڪتاب نہ لکيا ويا آهن.

سنڌي نثر جي بنسبت، نظمي ادب گهڻو گهاٽو ۽ نوعائتو آهي، ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ مرهٽي، هندي ۽ برج ڀاشا ٻولين (جن ۾ اردو بہ اچي وڃي ٿي) جي شعر کان درجي ۾ گهٽ نہ آهي. عربي ۽ فارسي عروض جا پيچيدا قاعدا، سنڌيءَ ۾ نامعلوم آهن- رڳو نقلي ۽ تقليدي شعرن ۾ ڪم اچن ٿا. سنڌيءَ کي پنهنجو ذاتي نظمي قالب آهي؛ مگر ٻيون پاڙي واريون ٻوليون – پشتو سوڌيون- ڌارين

وزنن ۽ بحرن تي مدار رکن ٿيون. سنڌي شعر کي پنهنجو مزو ۽ دلربائي آهي؛ لفظي طرز ادا سان گڏ، منجهس اصطلاحي جزالت ۽ متانت. خيالي تازگي ۽ غرابت،جنجهي انداز ۾ موجود آهي. سنڌي ڀاشائن جي گهڻت ڪري، اعليٰ درجي جا شاعر پنهنجيءَ عبارت کي ڀرپور بنائي، ڪنهن بہ قصي يا ڳالهہ جي مکاني ڇهچتي کي اتانهون جي ورجيسن ۽ لفظن سان واقفيت جو رنگ ڏيئي سگهن ٿا. 'سر حرفي' هڪ مطلوب ۽ مرغوب صنعت آهي، جنهن جي وسيلي ۽ حالتن جي پڇاڙين ۽ ٻين رُڪن ۽ لسن پيوندن کي دور ڪرڻ سان. هڪ قسم جي نياري ۽ دل —وڻندڙ ڏنڪ پيدا ٿئي ٿي. سنڌين تي جو پنهنجي وطني شعر جو ايترو اثر آهي، تنهن مان ثابت آهي تہ سنڌي شعر ۾ متانت ۽ طرز ادا ٻئي موجود آهن. انهيءَ ڪري صوفي عالم پڻ پنهنجين عربي ۽ فارسي تصنيفن ۾ بعضي سنڌي بيتن آڻڻ کان ڪين گسندا آهن. هيٺيان شعر جا قسم سنڌين ۾ موجود آهن: (ا) مداحون ۽ معجزا، (2) مناجات، (3) مرثيو، (4) ڪوار يا لعنت، (5) فتحنامو يا جنگنامو (6) ڪافي يا وائي، (7) بيت، ۽ (8) سنيهڙو يا نيابو. انهن مان پهريان چار قسم قديمي ادبي ٻولين تان ورتل آهن. ۽ ساريءَ اسلامي دنيا ۾ موجود آهن؛ ۽ پويان چار وڌيڪ اَصلائتا ۽ طبعزاد آهن. موجوده زماني ۾ وري مخمس، مسدس، ترجيع بند، ۽ رباعي وغيره داخل ڪيا ويا آهن. مطلب تہ سنڌيءَ ۾ هر ڪنهن قسم جي صلاحيت رکيل آهي، جا ڪيس دنيا جي ادبي ٻولين ۾ ڪَرَ ڪٺائي سگهي ٿي.

شعر جو تہ ڪاٿوئي ڪونهي!؛ ساري ملڪ ۾ پکڙيو پيو آهي، جو ڪنهن ڪتاب ۾ گڏ نہ ڪيو ويو آهي. ۽ شايد ڪڏهن بہ گڏ ٿي نہ سگهندو. انهيءَ شعر مان ڳچ جيترو اهڙو آهي، جو سنڌي عالمن کي ان تي ڏيان ڏيڻ گهرجي. سچو نظمي ادب باطراوت، ورجيسن سان ڀريل طبعزاد، جنجهو، لفظن توڙي عبارتن ۾ گوناگون، ۽ ساڳئي وقت سادو ۽ فطرتي آهي. انگريزي تعليم جي سرشتي هيٺ

لکندڙ زياده تصنع کي لڳي ويا آهن، ۽ ٻين عالمانين ٻولين جي تقليد ڪرڻ ۾ انهن مان خيال آڏارو وٺڻ لڳا آهن: انهيءَ ڪري شايد سنڌي نثر کي تقويت پهچي، باقي شعر کي سو اهڙي قسم جي اهلَ ضرور زيان رسائيندي.

مٿئين مختصر احوال مان خبر پوندي ته 'سنڌي' هڪ تونگر زبان آهي، رڳو اسان جي غفلت ڪري مٽس ورهين جي لَٽ چڙهي ويئي آهي: منجهس هڪ عاليشان هم گير ادب جون سڀئي صلاحيتون موجود آهن. ڇا، اهڙيءَ ٻوليءَ کي سنڌي پنهنجي هٿان وڃائيندا: پرائي محلات کي پسي، پنهنجو اباڻو پونگو ڊاهي ڇڏيندا. ۽ پراون دهلن تي احمقن وانگر نچندا؟

ياٺرو جيڪڏهن اوهان ۾ غيرت آهي، ته اٿو-پنهنجي اباڻي ورثي جي سنڀال ڪريو!جا ٻولي مخدوم عبدالحسين، مخدوم محمد هاشم، سيد عبداللطيف، بزرگ گروهڙيءَ ۽ ٻين عاليشان هستين جي هنج ۾ پلي آهي،۽ جيڪا لفظن ۽ اصطلاحن ۽ ٻين ڪلامي خوبين جي ڪري ڪنهن به ٻوليءَ کان گهٽ نه پر گهڻو بلند ۽ بالا آهي، تنهن کي اوهين نڌڻڪو ڇڏي ڏيندا؟ جنهن قوم کي پنهنجو 'ادب' نه آهي، سا اڄ ڪنهن به قطار ۾ نه آهي: جيڪڏهن اوهان پنهنجو ادب وساريو ته ڌوٻيءَ جي ڪتي وانگر نه گهر جا ٿيندا، نه گهاٽ جا! اکيون پٽيو، جاڳو، پنهنجو ورثو سنڀاليو، نه ته سڀت اوهان کي پڇتاءَ جون ترپون مهنٽيون پونديون!

[مهراڻ 3-4/8 195ع]

عثمان علي انصاري

# قومي زبان ۽ تعليمي زبان

ڪنهن به ملڪ جي "قومي زبان" جي تعين جو حق انهيءَ ملڪ جي سياسي مدبرن، يعني حڪومت هلائڻ وارن کي هوندو آهي، ۽ هجڻ به گهرجي. ڇو ته اهي سياستدان انهيءَ مسئلي جا سمورا پهلو اکيان رکي، عوام جي عام فهم زبان کي قومي زبان قبول ڪندا آهن، ۽ رفتي رفتي انهيءَ قبول ڪيل زبان کي غيرمحسوس طريقن سان وڌائيندا ۽ مالامال ڪندا ويندا آهن. ليڪن "تعليم جي زبان" جو تعين ڪرڻ فقط 'تعليم' جو حق آهي يعني ته تعليم جي ماهرن جيڪو عام حڪم تعليمي زبان جي باري ۾ ڪيو آهي، ان کي سياست يا حڪومت پٺي نٿي ڏيئي سگهي، ۽ جيڪڏهن ڪن خاص مجبورين جي ڪري ڏيندي، ته قوم جي تعليمي ترقيءَ جون اميدون هڪ خواب جي صورت اختيار ڪري منتشر ٿينديون وينديون. تعليم جي ماهرن جو ساريءَ دنيا جي تعليمي زبان لاءِ هڪ ئي حڪم آهي، ڪهڙو؟ ته 'ٻار کي تعليم فقط انهيءَ زبان ۾ ڏني وڃي، جا انهيءَ ٻار جي نيم شعوري زبان آهي.' يعني ته اها زبان، جنهن ۾ ٻار خواب لهندو آهي. اها زبان، جا بي اختياريءَ جي حالت ۾ سندس منهن مان نڪري؛ ڇو ته اهڙيءَ زبان جي ڳالهائڻ يا سمجهڻ ۾ ٻار جي ذهني قوتن تي بار نه پوندو؛ اهڙيءَ زبان ۾ ڪنهن ماستر يا ڪنهن ٻئي بزرگ جي سمجهائڻ کانسواءِ ڪنهن تڪليف جي سمجهي سگهندو؛ ڪنهن به مشڪل مسئلي کي، جو اهڙيءَ زبان ۾ لکيل هوندو، ٻار تمام ٿوريءَ ذهني ڪاوش سان ذهن نشين ڪري سگهندو. پر جي تعليم جي زبان سندس خواب جي زبان نه آهي، ۽ ڀي ڪهڙي به دنيا جي بهترين زبان آهي، ته سندس ذهني تازگيءَ جو تمام وڏو حصو فقط انهيءَ زبان جي سمجهڻ ۾ خرچ ٿي ويندو، ۽ معلومات جو نُور سندس ذهن ۾ داخل ڪين ٿي سگهندو. اهو آهي "تعليمي زبان" بابت 'تعليم' جو نظريو، جو بلڪل حتمي ۽ آخرين نظريو آهي، جنهن ۾ ڪابه ردبدل نٿي ٿي سگهي. نيم شعوري زبان جي پڙهيل کي 'تعليم يافته' چئبو آهي؛ ۽ ٻين کي

’تعليم زده‘ چوڻ گهرجي، توڙي جو انهن بي، اي، يا ايم، اي، جي ڊگري به پنهنجيءَ صحت جو نذرانو ڏيئي هٿ ڪئي هجي.

نيم شعوري زبان ڪهڙيءَ طرح سکبي آهي، ڪڏهن سکبي آهي، ۽ ڪنهن ڪان سکبي آهي:

انهن سوالن جا جواب به تعليم جي نظرين مطابق هجڻ گهرجن، ڇو ته نيم شعوري زبان کي دنيا جي ’تعليم جي بنيادي زبان‘ قبول ڪيو ويو آهي.

هاڻي پهرئين سوال جو جواب آهي ته اها زبان غيرشعوري طرح ٻار سکندا رهندا آهن: نه ٻاڻ سکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ نه ڪو ٻيو کين سيکارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

ٻيو سوال آهي ته اها زبان ٻار ڪڏهن سکندا آهن؟

ان جو جواب آهي ته اُن وقت سکندا آهن، جڏهن کين ڪابه زبان ڪانه ايندي آهي: يعني ته بلڪل صاف سليٽ تي، جا پهرين زبان پنهنجا نشان ڇڏيندي ايندي، ۽ ٻار بنا ڪنهن ڪوشش جي انهن نشانن کي غيرشعوري طور قبول ڪندو ايندو آهي. هيءَ ته هڪ قبول ڪيل حقيقت آهي ته خوراڪ کان پوءِ ٻئي نمبر ۾ هڪ ٻار جي وندر جو سامان آواز ۾ ٿيندو آهي. هڪ روئندڙ ٻار کي پرچائڻ جا قدرت به طريقا هرهڪ ماءُ کي سيکاريا آهن: هڪ ٿڃ ڏيڻ، ۽ ٻيو ڪنهن به قسم جو آواز ڪرڻ. مثلاً يا ته جهنجهڻي جو، يا ڪنهن شيءِ تي ٺڪ ٺڪ ڪرڻ، ۽ يا ٻار سان ڳالهائڻ جو. اهو وقت آهي، جڏهن ٻار غيرشعوري طرح سان ڪا زبان سکندو ٿو رهي، ۽ ماءُ زبان سيکارڻ جي ڪوشش کان سواءِ فقط ٻار کي پرچائڻ يا مامتا جي محبت ونڊڻ جي ڪوشش ۾ ٻار کي زبان سيکاريندي ٿي رهي. تعليم جي ماهرن جو چوڻ آهي ته ڪوبه انسان پنهنجيءَ خوشيءَ سان ۽ قدرتي طرح فقط اهڙي زبان سکندو آهي، جا اُن وقت سندس ذهن تي پنهنجا نقش ڇڏيندي، جڏهن سندس ٻاراڻي ذهن تي ٻيو ڪوبه نقش موجود نه هوندو: باقي ٻيون سڀ زبانون زماني جون مجبوريون کيس سکڻ تي مجبور ڪنديون آهن، ۽ اهڙي مجبوريءَ جي موجڙن سان سکيل زبانن ۾ ڪوبه انسان ماهر ٿي ڪين سگهندو آهي، ۽ نه انهن زبانن ۾ هٿ ڪيل علم

ڪيس 'تعليم يافته' سڏائڻ جو حقدار بنائي ٿو سگهي. جي اوهان کي اهو نظريو مشڪوڪ ٿو نظر اچي، ته پنهنجيءَ چاڻ سڃاڻ وارن مان ڪنهن به هڪ کي نظر ۾ رکي، پاڻ منصف ٿي، پاڻ کي پڇايو ته انهيءَ شخص کي اوهين ڪنهن ٻاهرينءَ زبان ۾ ماهر سمجهو ٿا؟ اسان مان هزارين شخص انگريزيءَ ۾ تعليم وٺي پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ ماهر ٿيا آهن. وڪيل ٿيا آهن، انجنيئر ٿيا آهن، ۽ خدا معلوم ڇيو ڇا ڇا ٿيا آهن. پر ڇاڪاڻ ته اهو ڊاڪٽريءَ جو يا وڪالت جو يا انجنيئريءَ جو علم هڪ اهڙيءَ زبان ۾ پرايو اٿن، جا زبان مجبوريءَ هيٺ سکي اٿن. تنهن ڪري نه منهنجن تخليقي قوتون پيدا ٿي سگهيون، نه جدت جي واٽ ملي: پٺائيءَ جي لفظن ۾ ڪٿي چٽجي ته "مجبوريءَ مري ويا، ماهر ٿي نه سگهيا".
پري نه وڃو، پنهنجي ڪنهن وڏي ڪان وڏي ڊاڪٽر جي لياقتن جي ڀيٽ ڪنهن انگريز ڊاڪٽر سان ڪري ڏسو، اوهان کي هڪ نمايان فرق معلوم ٿيندو. اهو فرق ان ڪري نه آهي ته اسان جا جوان ڪنهن به علم پرائڻ ۾ انگريز جوانن کان ذهني قوتن ۾ گهٽ آهن: پر اهو فرق هن ڪري آهي ته اسان جا جوان اهو علم هڪ اهڙيءَ زبان ۾ ٿا حاصل ڪن، جنهن زبان جي سمجهڻ ۾ ڪين پنهنجي سموري ذهني تازگي خرچ ڪرڻي ٿي پوي، ۽ معلومات کي سمجهڻ لاءِ سندن دماغ ۾ باقي بلڪل ٿوري قوت وڃي ٿي بچي.
ٽيون سوال آهي ته نيم شعوري زبان اسان جا ٻار ڪنهن کان سکندا آهن؟ انهيءَ جو ڪجهه جواب ته ٻئي سوال جي جواب ۾ اچي چڪو آهي، باقي هيٺ ٿو ڏجي. ڪوبه ٻار اها نيم شعوري ۽ بنيادي زبان اسڪول ۾ ڪونه سکندو آهي. جوته اسڪول ۾ داخل ٿيڻ واريءَ عمر کان اڳ هر هڪ ٻار اندازن 850 لفظ پنهنجيءَ زبان جا سکي پوءِ اسڪول ۾ داخل ٿي سگهندو آهي (اهو عرصو ڪن ملڪن ۾ 5، ڪن ۾ 6، ۽ ڪن ۾ 7 سال آهي). تنهن ڪري، تعليم جي ماهرن جو چوڻ آهي ته اها نيم شعوري زبان هرهڪ ٻار گهر ۽ گهٽيءَ ۾ سکندو آهي. 'گهٽيءَ' مان مراد آهي، راند ڪرڻ جي جاءِ.
مٿئين بحث کان پوءِ هيءُ قطعي فيصلو ٿي چڪو ته هر انهيءَ سنڌي ٻار کي سنڌي زبان ۾ تعليم ڏيڻ گهرجي، جنهن جي گهر ۽ ماحول جي زبان سنڌي

آهي، ۽ جنهن ٻار جو شعوري ۽ نيم شعوري (سجاڳي ۽ ننڊ) حالتن ۾ سنڌي زبان سان واسطو رهي ٿو. ۽ گهڻي کان گهڻو وقت اها زبان ڳالهائيندو يا ٻڌندو ٿو رهي.

هينئر سوال ٿو پيدا ٿئي ته سنڌي زبان ۾ ڪنهن معقول حد تائين تعليم ڏيڻ لاءِ ڪتاب ۽ معلم موجود آهن؟ ۽ سنڌي زبان ۾ ٽيڪنيڪل تعليم ڏيڻ جون صلاحيتون موجود آهن، يا موجود ٿي سگهن ٿيون؟ جواب سيني سوالن جا بلڪل صاف آهن. ڪجهه ڪتاب آهن، ۽ ڪجهه يا باقي تيار ٿي سگهن ٿا. بشرطيڪ مصنفن جو ارادو پختو هجي، ۽ حڪومت جون همدرديون ساڻ هجن. مثلاً، انهيءَ ساڳيءَ سنڌي زبان ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ بي. اي تائين ڪورس تيار ڪرايا هئا، ۽ انهيءَ وقت جي سنڌ گورنمينٽ سڀ قانون جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايا هئا. سائنس ۽ حسابن جا ڪتاب ته اڄ تائين موجود آهن. فلسفي ۽ سائيڪالاجيءَ جا ڪتاب پڻ موجود آهن. انهن کان وڌيڪ ڪتاب، ضرورت آهر تيار ٿي سگهندا. مطلب ته سنڌي زبان ۾ سيني تعليمي مضمونن جي ڪتابن لکڻ يا ترجمن ڪرڻ جون صلاحيتون موجود آهن. معلم به ابتدائي ۽ ثانوي حدن تائين موجود آهن، ۽ وڌيڪ تيار ٿي سگهندا. جيڪڏهن حڪومت فقط هن هڪ ڳالهه تي همدرديءَ سان غور ڪري ته سنڌ ۾ به فطري لياقت موجود آهي، ۽ سنڌي به قوم جي تعمير ۾ برابر جي حصي وٺڻ جا اهل ثابت ٿي سگهن ٿا.

خيال فرمايو ته جنهن ٻار جي نيم شعوري زبان اردو آهي، ۽ کيس تعليم به انهيءَ زبان ۾ ملي ٿي، اهڙي 'تعليم يافته' جي پيٽ ۾ هڪ سنڌي ڪيئن اچي سگهندو. جنهن جي نيم شعوري زبان ته آهي سنڌي، ۽ اعليٰ تعليم لاءِ اردو، بنگالي يا انگريزي پڙهي ٿو نڪري؟ نه سندس معلومات مڪمل هوندي، نه زبان، ۽ نه وري سندس تندرستي نيڪ هوندي؛ ڇوته ٽئين درجي ابتدائيءَ کان پنهنجيءَ زبان سان سندس تعلق گهٽبو ويندو ۽ ڀٽائيءَ جي فرموديءَ موجب:

> "ڏريان ٿي ڏار، جي وڃي وڻ جدا ڪيا.
> تن سُڪن ڪيهي سار، ته ڪي اَنا مينهن ملير ۾!"

انهيءَ ٻار کي نه پنهنجيءَ زبان سان پيار رهندو، نه پنهنجيءَ زبان جي جواهر پارن جي ڄاڻ هوندي، هوڏانهن، هڪ مجبوريءَ ۾ حاصل ڪيل زبان، ماشا ئي ڦيرائي ڦٽا ڪيا هوندس. ويهن ـ ٻاويهن ورهين جي ڄمار ۾ اکين تي سٺ سالن جي پوڙهن وارا چشما لڳا پيا هوندس، لغڙيءَ جهڙو بدن، ٽيٽيهر جهڙين ٽنگن تي ڪنيو پيو هلندو. جڏهن به ڪنهن نوڪريءَ لاءِ ويندو ته بالا آفيسر ڪيس ڏسي متعدي خطرو محسوس ڪندو ته متان منجهانئس سلهه نه ٿي پوي! ۽ "جاءِ خالي ڪانهي" جو جواب وٺي، گهر جو پنڌ وٺيندو، فوجي ڀرتيءَ لاءِ ويندو ته اتان ڪتو جواب ملندس، چو ته اتي به ڪمزورن ۽ اپاهجن جي جاءِ ڪانهي. باقي رهيون پٽيواليون، سي به يا نصيب! هَرَ ڪاهڻ جي همت، يا ڪنهن ٻئي بدني پورهئي جي قوت، 'قومي زبان' جي حوالي ڪيائين؛ نوڪريءَ کان جواب، ته باقي رهيو ڀنڻ يا لَنگهڻ! سنڌ پاڪستان جو هڪ عضوو آهي، ۽ سنڌي فطرتاً وفادار گروهَ جا فرد آهن. پاڪستان سٺ لک (هاڻي چار ڪروڙ) سنڌين کي پنهنجي اعليٰ خدمتن کان پري نٿو رکي سگهي. تنهن ڪري، هڪ تعليم جي ماهر جي حيثيت ۾، منهنجو پاڪستان سرڪار کي عرض آهي ته ملڪ جي جان نثار سنڌين جي تعليم تي وڌيڪ توجهه ڏيئي، انهن جي فطري صلاحيتن ۽ خدمتن مان پاڪستان جي ترقيءَ جو ڪم ورتو وڃي. اهو سڀڪجهه تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو، جڏهن سيني پاڪستانين کي سندن نيم شعوري زبان ۾ مڪمل تعليم ملندي، پر، جيڪڏهن ڪن سياسي مصلحتن موجب ائين نٿو ٿي سگهي، ته حڪومت قانون پاس ڪري ڇڏي ته ڪابه ماءُ پنهنجي ٻارن سان نه سنڌيءَ ۾ ڳالهائي، نه پشتو ۾، نه بلوچيءَ ۾... يا اُردوءَ ۾ ڳالهائي، يا بنگاليءَ ۾، يا انگريزيءَ ۾! پاڪستان جي 'تعليمي ماهرن' جيڪا رپورٽ تازو ڇپرائي پڌري ڪئي آهي، تنهن موجب علاقائي زبانون تعليم جي ميدان ۾ به پٺتي اڇلايون ويون آهن، ۽ نسبتاً 'قومي' زبانن ۽ انگريزي زبان کي نهايت گهڻي اهميت ڏني وئي آهي. اها اهميت سياسي پهلوءَ کان ڏسڻ وارن کي شايد نهايت شاندار نظر ايندي هجي، پر ٻارن جي بدني ۽ ذهني ترقيءَ جي نقطه نظر سان ڏسڻ وارن کي اهڙي روشن نٿي ڏيکارجي۔ بلڪ سمجهجي ٿو ته ڪجهه

وقت کان پوءِ اسان جي مدبرن کي انهيءَ فيصلي تي مجبوراً نظرثاني ڪرڻي پوندي.

اسان کي پنجابي، پشتو يا بلوچي زبانن جي صلاحيتن جي، يا سنڌن موجوده علمي ۽ ادبي ذخيرن جي پوري پوري ڄاڻ نہ آهي، ۽ نہ وري اسانکي اها بہ خبر آهي تہ انهن علائقن جي ٻارن جو اڙدو بنگالي ۽ انگريزي زبانن سان، اسڪول کان ٻاهر ڪيترو ۽ ڪهڙو واسطو ٿو رهي: البت سنڌي زبان لاءِ اسين بنا هبڪ جي چئي ٿا سگهون تہ اسان جي زبان ۾ هرهڪ تعليمي مضمون تي ڪتاب موجود آهن، اسان وٽ پنهنجو ادب آهي، اسان جي زبان هرهڪ موضوع تي هڪ معقول حد تائين خيالن جي اظهار ڪرڻ جي اهل بہ آهي، ۽ وڏي ڳالهہ تہ اسان جي زبان ۾ ڪنهن بہ ٻيءَ زبان مان لفظن يا محاورن کي پنهنجو گوديلو ٻار ڪري قبول ڪرڻ جي لياقت بہ آهي. خبر نٿي پوي تہ اڌ ڪروڙ (هاڻي چار ڪروڙ) انسانن جي اهڙيءَ نيم شعوري زبان کي اسان جي مدبرن ڇو نظر انداز ڪيو آهي! ڇا، پاڪستان کي سنڌين مان ڪنهن جي بہ خدمت جي ضرورت نہ آهي؟ پاڪستان جي تعليمي ماهرن کي هيءَ تہ ضرور ڄاڻ هوندي تہ سنڌي ٻارن جي چوويهن ڪلاڪن جي زبان سنڌي آهي، جي ائين آهي، تہ اسين پڇڻ ٿا گهرون تہ ڪهڙي تعليمي نظريي هيٺ اسان جن ٻارن کي سندن فطري زبان ۾ مڪمل تعليم ملڻ کان محروم ڪيو ٿو وڃي؟

”ترڪ سبب ز روي شريعت ڪجا روا ست؟“

ڪنهن ٻولي جي تعليمي زبان مقرر ڪرڻ لاءِ اسين ٻيو بہ هڪ تعليمي نظريو پيش ٿا ڪريون، جو پڻ نيم شعوري زبان جو تعليمي حق ثابت ڪري ٿو. ڪنهن بہ اسڪول يا ڪاليج جي ڪنهن بہ ڪلاس ۾ جڏهن ڪو ماستر صاحب يا پروفيسر صاحب سبق پاڙهي يا ليڪچر ڪري رهيو آهي، ۽ سندس زبان بہ شاگردن يا ٻڌندڙن جي ماحول جي زبان هوندي آهي، تہ بہ ٻڌندڙ انهيءَ ليڪچر جو فقط 33 سيڪڙو سمجهي ۽ قبول ڪري سگهندا آهن، ڇوتہ ڳالهائڻ واري جي گفتگوءَ ۽ ٻڌندڙن جي فهم جي رفتار ۾ فرق ٿيندو آهي: پر جيڪڏهن ليڪچر واري جي زبان ٻڌندڙن جي ماحول جي زبان کان ڪا علحده زبان آهي،

يعني سنڌي ٻڌندڙن جي اڳيان جيڪڏهن اردو يا انگريزيءَ ۾ ڪجهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪبي، ته فقط 8 سيڪڙو سندن دماغ ۾ رهي سگهندو. سو به تڏهن، جڏهن ڪين اردو يا انگريزي زبان ايندي هوندي، ۽ سندس فهم (intelligence quotient) اوسطاً هڪ سؤ جي قريب هوندو. انهيءَ جو صاف مطلب هيءُ نڪتو ته سنڌين کي سنڌيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو تعليمي مضمون پاڙهبو، ته 33 سيڪڙو سندن دماغ ۾ ويهندو: باقي ٻيءَ ڪنهن به زبان ۾ فقط 8 سيڪڙو. ٻوئينءَ حالت ۾ ماستر صاحب يا پروفيسر صاحب جو 92 سيڪڙو پورهيو ٺي پاٺيءَ ۾، ته شاگردن جو ڏينهن ڪريو. اهڙيءَ طرح، جي ناقص تعليم وٺي ۽ پنهنجي تندرستي وڃائي، جڏهن اسان جا نوجوان اچي گريجوئيٽ ٿيا، ته آخر ۾ وري به پاڪستان کي ڇيهو رسيو: ڇوته 'مجبورن' جا ٽولن جا ٽولا نڪرندا آيا، جي هوند ٻيءَ صورت ۾ ماهر ٿي ٻاهر نڪرن ها. پوءِ ڇو ڪين اجائي هندرمي ختم ڪري، پنهنجن ٻارن کي سندن 'نيم شعوري زبان' ۾ تعليم ڏيئي، پاڪستان لاءِ جانثا خدمت ڪرڻ وارا پيدا ڪريون؟

هن وقت تائين اسان جي تعليمي ادارن جيڪي جنسون پيدا ڪيون آهن، تن مان اسان جا اڳوڻا ڏاريا حاڪم مطمئن هئا يا نه، سا حقيقت هن ڳالهه مان ظاهر آهي ته 1920ع تائين اسان جي بهترين هستين کي به ڪنهن جوابدار عهدي تي اچڻ جو شرف حاصل ڪين ٿيو هو. بعد ۾، ملڪ جي آزاديءَ ۽ پاڪستان پيدا ٿيڻ کان پوءِ، ڇاڪاڻ ته 'ضرورت ايجاد جي ماءُ ٿيندي آهي'، اسان کي جيڪي ورثي ۾ مليا، تن کي ڪليڪٽريءَ کان گورنر جنرليءَ تائين کڻي وياسين، ۽ هن مغالطي ۾ رهياسين ته پنهنجا حاڪم اچهي ٿا پنهنجي ملڪ ۾ کير ۽ ماکيءَ جون نهرون وهائين. پر، واقعي جيڪي ڪجهه ٿيو، سو ڀاءُ اتي ڪائڻ وارن کان ڳجهو نه آهي. ڪن جزوي هستين کي ڇڏي (مستثنيات جو هئڻ ڪُليي کي ثابت ڪندو آهي)، باقي جي لاءِ هن چوڻ ۾ اسين حق بجانب آهيون ته اهو سمورو 'خشتِ اول' جو ڪرشمو هو، جنهن بنياد کان چوٽيءَ تائين عمارت کي ڏنگو رکيو.

ڌارين حاڪمن، جن اسان تي هيءُ موجوده تعليم جو سرشتو مڙهيو هو، تن تي

ڏوهه نٿو رکي سگهجي، ڇوته انهن اهو تعليم جو سرشتو هڪ خاص منصوبي ماتحت سٽيو هو. اهو سرشتو لارڊ ميڪاليءَ جاري ڪرايو، ۽ ماستر صاحبن کي ڪليل حڪم ڏنو هئائين ته ’جي حضوري‘ (courtiers) قسم جا تعليم يافتا پيدا ڪريو، جي حاڪمن جي اڳيان ذرڙن جو ڪم ڏين. ظاهر آهي ته هو انهيءَ ڪم ۾ ڪامياب ٿيا، ۽ دنيا ڏٺو ته اسان ’بابوءَ‘ پيدا ڪيا. پر هينئر ته حالتون نراليون آهن. اسان جن بزرگن کي اکيون کولڻ گهرجن. صوبائي تعصب جا مهڻا ڏيئي اسان کي خاموش ته ڪري سگهبو، پر قوم جي ٻچن کي آخر ڪيستائين پنهنجين صلاحيتن وڌائڻ کان محروم رکي سگهبو؟ ساڍن ٽن ڪروڙن پاڪستانين (هاڻي پندرهن ڪروڙ) جي مشترڪ ذهني سرمايي مان پورو پورو فائدو نه وٺڻ، قوم کي ذهني ڏيوالي ۾ وجهڻ جي برابر ٿيندو. اپاهج ۽ نيم خواندا نه ڪڏهن قوم کي مضبوط بڻائي سگهندا، ۽ نه ملڪ جي خوشحاليءَ ۾ ڪو دلگهريو حصو وٺي سگهندا. تنهن ڪري، سرڪار کي گهرجي ته ملڪ جي تعليمي زبانن کي قومي زبانن کان علحدو وجود ڏئي، ۽ انهن جي مڪمل ترقيءَ جا وسيلا نهايت فراخدليءَ ۽ محبت سان مهيا ڪندي رهي_تان جو اسان جون علائقائي زبانون بين ترقي يافته ملڪن جي تعليمي زبانن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي پنهنجي جاءِ وٺي بيهن، ۽ اسين ڌارين جي ويٺن ٻڌڻ کان ڇٽون. هينئر اغيار اسان تي چٿرون ڪري رهيا آهن ته پاڪستاني ٻارن جي ’گهر ۽ گهٽيءَ جي زبان‘ هڪ آهي، ته ’اسڪول ۽ ڪاليج جي زبان‘ ٻي؛ سوچين هڪ زبان ۾، ته پڙهن ٻيءَ زبان ۾؛ تفريح جي زبان ۾ ڪچهريون ڪن، ۽ مجبوريءَ جي زبان ۾ علم پرائين! ’تعليم‘ تي چوي ته ”ٻارن کي علم اهڙن ذريعن سان ڏيو جو هو اسڪولي ڪم کي تفريح ڪري سمجهن، نه عذاب“. ۽ علم پرائڻ جو وڏي کان وڏو ذريعو زبان آهي،

”مٽيءَ جو وس واڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو!“

[مهراڻ 3_4/ 1960ع]

غلام محمد گرامي

# سنڌي ليٿوگراف

## سنڌي رسم الخط ۽ اسلوب بيان جي ارتقا تي هڪ نظر

سنڌي ٻوليءَ جو موجوده رسم الخط انگريزن جي دور ۾ پيدا ٿيو. ان کان اڳ ديوناگري خط ۾ لکپڙهه ڪئي ويندي هئي، ۽ دفتري زبان فارسي هئي، جا ڪلهوڙن ۽ ميرن جي زماني کان وٺي مروج هئي.

موجوده عربي- سنڌي لپيءَ ۾ سڀ کان قديم ”ابوالحسن جي سنڌي“ آهي، جنهن ۾ عربي الف- بي جي طرز تي سنڌي الف- بي بنائي ويئي. ان سلسلي ۾ ”ابوالحسن جي سنڌي“، ”مفتاح الصلوات“، ”عهدنامو“ ۽ ”نورنامو“، ”ڪنزالعبرت“ ۽ ”قصص الانبياءَ“ پارا پراڻا ڪتاب شمار ڪري سگهجن ٿا، جن ۾ اها پراڻي لپي استعمال ڪئي ويئي آهي. اها لپي ان دور ۾ گويا سنڌي ٻوليءَ جي نمائنده ۽ ڪارائتي لپي سمجهي پئي ويئي آهي. ان دور جي پراڻن ڇاپخانن ۾ جي به ليٿو جا ڪتاب ڇپيا آهن، سي ان ئي لپيءَ ۾ ڇپيا آهن. اها لپي ئي آهي، جا بتدريج ترقي ڪري موجوده ’ٽائپ‘ تي پهتي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ سان گڏ، انداز بيان ۽ ان جي صرفي ۽ نحوي حيثيت ۾ به ڪافي ترقي ۽ اضافو ٿيو آهي، ورنه اڄ کان صدي ڪن اڳ نه ٻوليءَ ۾ صحت هئي ۽ نه وري صرفي ۽ نحوي حيثيت سان ايتري پختگي ۽ برجستي ٻولي لکڻ ۾ ايندي هئي، سنڌي زبان جا ڪيئي پراڻا قصا ۽ ڪهاڻيون، مذهبي ۽ فقهي رسالا، سڀ ان قسم جي پراڻي سنڌيءَ ۾ پراڻيءَ لپيءَ ۾ لکيا ويا آهن.

ٻي اهم چيز هيءَ آهي ته اوائل زماني جا سڀ ڪتاب نظم ۾ لکيا ويا آهن. اهو ”نظم معريٰ“ ئي چئي سگهجي ٿو. ان ۾ قافيي جي ڪا به پابندي ڪانه رکي ويئي آهي، ۽ فقط ”آ“ جي اضافي سان ئي شعري ضرورتن کي پورو ڪيو ويو آهي، ان طرح، بحر ۽ وزن جي به پابندي گهٽ رکي ويئي آهي. نثر ظاهر آهي ته نظم کان گهڻو پوءِ لکيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ ”سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه“ واريءَ لپيءَ، انداز بيان، توڙي صرفي ۽ نحوي حيثيت کي نموني طور

پيش ڪري سگهجي ٿو. اها ڳالهه رسالي "مهراڻ" جي نمبر-I 1959ع پرچي ۾ شايع ڪيل آهي، ۽ ان جي قديم طرز کي موجوده جديد انداز بيان سان ڀيٽ ڪري ڏيکاريو ويو آهي ته اسان جي ٻوليءَ بتدريج ڪيئن ترقي ڪئي آهي.

ان سلسلي ۾، ڪتابي دنيا کان الڳ، صحافت ۾ به اسان کي سنڌي نثر جي رسم الخط ۽ طرز بيان جا ڪيترا جهونا ۽ پراڻا مثال ملي سگهن ٿا، جن جي لغوي ۽ بياني، صرفي ۽ نحوي توڙي علمي ۽ ادبي حيثيت تاريخي به آهي ۽ ڪلاسيڪي به آهي.

رسم الخط ۽ انداز بيان جا اهي پراڻا ۽ جهونا نمونا اسان جي موجوده رسم الخط ۽ انداز بيان جا اوائلي ۽ بنيادي رسم الخط ۽ انداز بيان سمجهڻ گهرجن. اهي ئي اسان جي زبان لاءِ 'پيڙهه جو پٿر' ثابت ٿيا آهن: موجوده ٻوليءَ جي رنگين ۽ آراسته محلات انهن تي قائم آهي.

سنڌي زبان جي صحافت جي تاريخ به انگريزن جي دور ۾ شروع ٿي آهي. ان کان اڳ، عربن جي دور ۾، مناديءَ ۽ اعلان، خطبي ۽ تقرير، ۽ عربي زبان ۾ خط و ڪتابت سان ئي پنهنجا خيال ٻين تائين پهچايا ويندا هئا. ان کان پوءِ مسلم راڄ ۾ وقائع نگاريءَ جو فن پيدا ٿيو جنهن کي صحافت جو بنياد چئي سگهجي ٿو. مغلن جي دور ۾ اهو فن ذري گهٽ اخبارن جي حيثيت وٺي چڪو هو. حڪومت جا اهم اعلان ۽ مراسلا توڙي خبرون چارون، قلمبند ڪرائي، دور دراز منزلن تي آفيسرن ۽ فوج ۾ ورهايا ويندا هئا.

سنڌ ۾ وقائع نگاريءَ جو دور مغل خاندان آندو. سندن گورنر سنڌ جي حالات ۽ واقعات کي روزانه ڊائريءَ وانگر لکائي، بروقت بادشاهه ڏانهن موڪليندا هئا. ان سلسلي ۾ بکر، سيوستان ۽ ٺٽو وقائع نگاريءَ جا مرڪز هئا، جتي مغل سرڪار جا گورنر رهندا هئا.

ڪلهوڙن جي دور ۾ به وڏا عالم ۽ فاضل، شاعر ۽ ڪاتب نظر اچن ٿا، جي آهن سيد محمد بن عبدالجليل بلگرامي ۽ سيد غلام علي بلگرامي. اهي وقت جي سرڪار پاران وقائع نگار هئا ۽ سيوهڻ سرڪار جا ملازم هئا.

انگريزن جي دور ۾ نه فقط وقائع نگاريءَ جو پراڻو فن به هلندو آيو، پر ان فن ۾ اخبار نويسيءَ ۽ صحافت جا آثار ۽ اصول به ملايائون. انگريزن جي دور ۾ صحافت فقط واقع نگاري نه، پر ان سان گڏ تنقيدي حيثيت به حاصل ڪئي: واقعات کي بيان ڪرڻ کان پوءِ ان تي تبصرا به ڪيا ويندا هئا ۽ ان جا نتيجا به بيان ڪيا ويندا هئا.

سنڌ ۾ سڀ کان اول جا اخبار شايع ٿي، سا آهي "سنڌين"، جا انگريزي زبان ۾، 1854ع ۾ نڪتي. ان جو ايڊيٽر مسٽر اُئي. ڊبليو. اسٽرينج هو.

ان کان پوءِ شمس العلماء مرزا مخلص علي جو نام نامي اسم گرامي اچي ٿو، جنهن سنڌ ۾ نه فقط صحافت کي فروغ ڏنو، پر ان سان گڏ سنڌي رسم الخط ۽ سنڌي انداز بيان کي اخبار ۾ پيش ڪيو. ڪتابن کان پوءِ اهو پهريون تجربو آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي رسم الخط کي اخبارن تائين آندو ويو. شمس العلماءَ مرزا مخلص علي پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ فاضل، شاعر ۽ اديب هو. سندس تعليمي، صحافتي ۽ ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ کيس شمس العلماء جو خطاب مليو. مرزا صاحب جي فرزند، مرزا محمد جعفر مرحوم، آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس، 1907ع ۾ مولانا حاليءَ ۽ نواب وقارالملڪ پارن سان گڏجي ڪم ڪيو، ۽ سنڌ ۾ تعليم جي فروغ لاءِ بهترين مشورا ڏنائين. سندس عاقلاڻيون تجويزون، ڪانفرنس جي ڪارگذاريءَ ۾ شايع ٿيل، موجود آهن.

مرزا مخلص علي صاحب اول ڪراچيءَ ۾ "مفرح القلوب" نالي مطبع قائم ڪئي، ۽ ان ئي نالي سان فارسيءَ ۾ هفتيوار اخبار، "مفرح القلوب"، 1855ع ۾ جاري ڪيائين. اها اخبار بلاناغي پورا پنجاهه سال، يعني 1904ع تائين هلي. محمد صديق "مسافر" کان غلطي ٿي آهي، جنهن لکيو آهي ته اخبار ٽيهن سالن، 1888ع تائين هلي (ديوان فاضل).

[1] وڌيڪ ڏسو "سنڌي صحافت" مسٽر ڪريم بخش خالد:

**"مطلع خورشيد" جو اجراءُ (1860ع).**

"مفرح القلوب" جي هلندي، 1860ع ۾، شمس العلماءَ مرزا مخلص عليءَ "مطلع خورشيد" سکر مان جاري ڪيو. "مطلع خورشيد"، 21_ رمضان 1177 هه، جلد اول، ۾ لکي ٿو:

"در سکّھر نو صرف بہ همت و تفقدات کثير، چھاپخانہ لتھا گرافک موسوم "مطلع خورشيد" جاري گشتہ، والاّ اين مرد مان از نام چھاپخانہ واقف نہ بودند."

ان دور ۾ ليٿو پريس جي پٿرن جي تلاش ڪندي، مرزا صاحب مرحوم کي بهترين پٿر هٿ آيو، جو ولايت جي پٿر کان بہ وڌيڪ مضبوط ۽ ڪارآمد هو. ان پٿر جي دستيابيءَ متعلق لکي ٿو:

"کان سنگ چھاپ در کوهستان سکھر نو بہ سعي مھتمم 'مطلع خورشيد' سکَھر نو برآمد گرديد، کہ ازان منافع قوم و افاده مردم بيوپاري و مطابع تمام هندوستان وغيره بلاد متصور و نيک نامي، علاوه بران کہ اين سنگ از اول از کوهستان جرمن برآمده کہ سوداگران ولايت لندن آن را در تمام اقليم هند وغيره آورده، اکنون بفضلِ الاهي کانِ سنگ چھاپ در سکھر نو موجود."

(29_ رمضان، 1177 هه، ص 208)

"مطلع خورشيد" جو ايڊيٽر مرزا محمد شفيع، متخلص بہ "مشتري"*، مقرر ٿيو. ان اخبار جو مواد ٻن ڪالمن ۾ ورهايل هو. هڪ ڪالم ۾ فارسي عبارت ڏنل آهي، ۽ ان جي سامهون، ٻئي ڪالم ۾، سنڌي ترجمو آهي.

شمس العلماءِ مرزا مخلص علي جي علمي ۽ ادبي شخصيت ۽ وجاهت کي سمجهڻ لاءِ اهو ڪافي آهي تہ سندس اخبارن جا خريدار دهلي، ڪلڪتي،

---

* "تڪملہ مقالات الشعراءَ" ۾ بہ "مشتري" تخلص آندو ويو آهي. بقول 'مرتضائي' لنوي:

هي اهو مرزا علي اڪبر خلف صالح صحيح. جنهن جو پيءُ مرزا شفيع آهي مثال آفتاب.
صاحب اخبار بن مخلص علي عالي تبار سنڌ ۾ مشهور، جهڙو منجهہ ستارن ماهتاب.
"مشتري" جنهن جو لقب ٿيو شعر ۽ اشعار ۾، شعر جنهن جو آهہ فن شاعريءَ ۾ انتخاب.

اهو "مشتري" تخلص مرزا محمد شفيع صاحب جو آهي مرحوم "مسافر" کان "ديوان فاضل" ۾ سهو ٿي آهي؛ هن صاحب سندس تخلص "شفيع" آندو آهي.

حيدرآباد دکن، بلوچستان، ڪابل، قنڌار تاشقند، بلخ، بخارا، اصفهان، شيراز، طهران، بغداد، بصري، مڪي، مديني، ڪوئيٽا ۽ قلات تائين هڪ طرف موجود هئا، ته ٻئي طرف انگليند، جرمني ۽ فرانس جي مستشرقين تائين "مفرح القلوب" ۽ "مطلع خورشيد" جي رسائي هئي.

مرزا صاحب جي اخبارن ۾ مبتدي ۽ منتهي مشاهير شعراء ڪان سواءِ، وڏا وڏا عالم ۽ فاضل، مجتهد، امير، نواب، سفير ۽ واليان رياست تائين، پنهنجا شعر موڪليندا هئا. انهن شاعرن ۾ نواب ڪلب علي، واليءِ رامپور؛ نواب اعظم خان، واليءِ حيدرآباد دکن؛ لالا جوهر سنگ، ديوان رياست بلرام پور؛ مير حسن خان، سفير ايران؛ آغا حاجي مير حسن خان 'شوڪت' طهراني؛ مرزا محمد محسن 'شباب' بغدادي؛ هزهائنس مير حسن علي خان ٽالپر، سنڌ؛ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ؛ رئيس شمس الدين 'بلبل'؛ سيد محمد تقي شاهه 'تائب' قنڌاري، سفير رياست لسٻيلو؛ خواجه ناصرالدين 'جانان'، ڪابل؛ آخوند قاسم هالائي؛ مير علي نواز علوي شڪارپوري؛ فاضل شاهه 'فاضل' حيدرآبادي؛ غلام محمد شاهه 'گدا' حيدرآبادي؛ ۽ هزهائنس مير عبدالحسين خان 'سانگي' جا نالا شمار ٿين ٿا.

شمس العلماءَ مرزا مخلص عليءَ جي اخبارن جي خريدارن ۾ جي مشاهير عالم اچي وڃن ٿا، تن مان ڪجهه هيٺيان آهن: مٿين والين ۽ نوابن ۽ سفيرن ڪان سواءِ، مسقط جو سلطان، قلات جو والي، لسٻيلي جو جام، اٺوڏ جو نواب واجد علي شاهه، ايران جو شهزادو، اصفهان ۽ شيراز، بصري ۽ بغداد جا گورنر، خيرپور جو والي مير علي مراد خان ٽالپر، افغانستان جو والي امير عبدالرحمان خان، پيرپاڳارو حزب الله شاهه، سر آغاخان جو والد آغا علي شاهه اول، قاضي امام علي صاحب (علامه آءِ. آءِ. قاضي، مدظله العالي، جن جو والد ماجد)، مرزا عباس 'خورشيد'، مخدوم محمد ابراهيم نقشبندي، آخوند اميد علي 'سها'، آخوند احمد متعلوي، خواجه ناصرالدين نقشبندي (ڪابل)، وغيره.

ملڪ جي ان وقت جي وڏي عالم، شمس العلماءَ مولانا محمد حسين 'آزاد'، ۽ فرينچ مستشرق عالم، گارسان دتاسي پارن عالمن پڻ "مفرح القلوب" ۽ "مطلع

خورشيد" جو ذڪر ڪيو آهي. مولانا 'آزاد' "سخندان فارس" ۽ "سفرنامہ ايران" ۾، ۽ گارسان دتاسي "خطبات" ۾، شمس العلماءَ مرزا مخلص علي ۽ سندس فرزند مرزا شفيع محمد جي تعريف ڪئي آهي. "مطلع خورشيد" جي ترتيب ۽ مواد جي انتخاب ۾ فاضل ايڊيٽر ٻہ ڪالم رکيا آهن: هڪ فارسي ۽ ٻيو سنڌي. اهي ٻيئي ڪالم هڪٻئي جي سامهون رکيا ويا. "مطلع خورشيد" جو اجراءُ 1860ع ۾ ٿيو ۽ تقريباً 50 سالن تائين اها اخبار جاري رهي.

**سنڌي رسم الخط:** "مطلع خورشيد" جي مالڪن ۽ ايڊيٽرن کي سنڌي رسم الخط جي باري ۾ جا تڪليف پهتي آهي، اها هنن پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ بيان ڪئي آهي، جڏهن تہ ان وقت ڪوبہ مقرر رسم الخط ڪونہ هو. ڪاتب سڀ فارسيدان هئا، تنهن ڪري لامحالا کين بہ فارسيدان ڪاتبن ڏانهن رجوع ڪرڻو پيو. ان سلسلي ۾ هڪ فيض محمد نالي ڪاتب هٿ ڪيو ويو، جو مير علي مراد خان ٽالپر، واليءِ رياست خيرپور، جو منشي ۽ ڪاتب رهي چڪو هو.

**ڪاتب:** فيض محمد ڪاتب شايد پهريون شخص ڇئجي، جنهن سنڌي ٻوليءَ کي ليٿو ڇپائيءَ لاءِ پنهنجي فن ۽ قلم تائين پهچايو. جڏهن تہ هي ڪاتب فارسيدان هو، تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي اُچارن ۽ آوازن کي فارسي رسم الخط تي لکيائين. ويتر جو "مطلع خورشيد" جو هڪ پورو ڪالم فارسي ٻوليءَ ۾ هو، تنهن تہ هيڪاري وڌيڪ سندس خط ۾ ﴿ رسيت پيدا ڪري ڇڏي. "مطلع خورشيد" جي اصل عبارت پيش ڪرڻ کان اڳ، جيستائين سنڌي ٻوليءَ جي جهوني رسم الخط جي تشڪيل ۽ ارتقا متعلق صحيح معلومات نہ ٿي آهي، تيستائين "مطلع خورشيد" جي لساني خدمت جو صحيح اندازو نہ لڳي سگهندو. ان سلسلي ۾، مختصر طور، سنڌي رسم الخط جي وضاحت هن طرح ڪجي ٿي.

**سنڌي ٻوليءَ جو اوائلي رسم الخط، تشڪيل ۽ ارتقا:**

سنڌي ٻوليءَ جوا وائلي رسم الخط فني حيثيت سان ناقص هو. ٻيو تہ هرڪو شاعر يا نثر نويس پنهنجيءَ پنهنجيءَ پسند موجب حرفن جي ملاوٽ ڪندو هو. ساڳيا لفظ مختلف قسم جا مصنف جدا جدا رسم الخط ۾ لکندا هئا، ۽ آوازن

حذف ڪيا ويا آهن. تہ ڪيترا مورڳو وڌايا ويا آهن. اهو سارو نقص رسم الخط جي ناقص هجڻ ڪري پيدا ٿيو هو. جيئن هتي ڪوڙي کي ڪوري، آڱريون کي آنگريوي، جيٺني کي جيني، منهن کي مه. موڙهن کي مورن. واٽون کي واٹ (اردو واري ’ٹ‘) لڏيون کي لدئي (ي تي تنوين ـءَ) ’ڪي‘ کي کهي، پرياڻ کي پريان، ماٺهوءَ کي مارو، مروڻ کي مرو، پکڻ کي پکن. سڄاڻ کي سجان، ڪڄا کي ڪجاه ڪيو ويو آهي.

ان طرح سنڌ جي ميرن ۽ پيرن، ۽ خاص طرح سان طبيبن ۽ شاعرن جا بياض فارسيدان ڪاتب لکندا هئا. اهي ڪاتب ٺيٺ سنڌي لفظن کي بہ فارسي رسم الخط ۾ لکندا هئا. ۽ فارسيءَ وانگر نقطا بہ ڪٿي ڏيندا هئا تہ ڪٿي ختم ڪري ڇڏيندا هئا. مثلاً ثابت علي شاهہ جي مرثيي جو هڪ شعر پراڻي بياض موجب هن طرح آهي:

ساتهہ رسي سردار قيدي، ڪربلا مظلوم جا
سر کهليا، ماتم کندا، جڏه شام دي رئندا ـهنيا
تهي پچهيو جه که ک بيوارث آبن هے که سنرا
ان تهي چو، آبيون مديني جا مسافر مبتلا

ان شعر ۾ ’سات‘ کي ’ساتهہ‘، ’کليا‘ کي ’کهليا‘، ’ڪندا‘ کي ’کندا‘، ’جڏهن‘ کي ’جڏه‘ ’ڏي‘ کي ’دي‘، ’هليا‘ کي ’ہليا‘ ’ٿي‘ کي ’تهي‘، ’پڇيو‘ کي ’پچهيو‘، ’جنهن ڪنهن‘ کي ’جه کہ‘، ’آهن‘ کي ’آبن‘، ’هي‘ کي ’ہے‘ ’ڪنهن‘ کي ’که، ’آهيون‘ کي ’آبيون‘ لکيو ويو آهي.

رسم الخط جو اهو تصرف سنڌ جي اوائلي رسم الخط ۾ جام نظر ايندو. ابوالحسن جي سنڌيءَ کان وٺي ”مفتاح الصلواة“، ”عهدنامي“، ”نورنامي“، ”جنگ نامي“، ”قصص الانبياءَ“، ”بناءَ الاسلام“ ”قوت العاشقين“، ”ذبح الشڪار“ تائين، رسم الخط جو ساڳيو حال نظر ايندو. اهو حال 1854ع کان وٺي سنڌي نثر توڙي نظم جي ڪتابن ۾ بہ هلندو رهيو. درسي ڪتابن ۾ ’ڪيڏانهن‘ کي ’ڪيڏه‘، ’جنهن‘ کي ’جه‘، ’اسين‘ کي ’اسِ‘ ۽ ’چڱيون‘ کي ’چڱيءَ‘ درج ڪندا آيا آهن. ان طرح نثر جو رسم الخط بہ قريب قريب ساڳيو رهندو آيو

آهي. خاص طرح سان ليٿو ۾ ڇپيل قصن ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ ديني مسئلن جا ڪتاب، شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف جا رسالا، سڀ اُن رسم الخط ۾ ڇپيا آهن. بمبئيءَ جي ڪريمي مطبع جا ڪاتب، جي ڪڇي هئا، سي پنهنجي تلفظ موجب سنڌي لکندا هئا. ان طرح لاهور جي ليٿو پريسن، خاص طور "رفاه عام" جا ڪاتب پنجابي هئا، جي به سنڌي اچارن کي بگيڙيندا هئا. انهن پريسن جا پراڻا ڇاپيل قصا ۽ ديني ڪتاب اهڙين عبارتن سان پُريا پيا آهن، جن ۾ لفظ به غلط آهن ۽ گرامر جي رعايت به ڪانه آهي. هڪ مذهبي ڪتاب جي عبارت نموني طور پيش ڪجي ٿي:

"سنيي مومنن جي خدمت ۾ روشن هجي ته هن ڪتاب ۾، طريق پيروي پيغمبر ڪريم صلي الله عليہ وسلم ۽ اصحابن سڳورن جي حاصل ٿيڻ جو بيان آهي، جهجي (جنهن جي) مطالع ڪنا که پڻ مخالف جي چٺڻ (چوڻ) موجب محروم نه هجو. خوبي ان جي ڏسڻ پڙڻ (پڙهڻ) مٿي موقوف آهہ. باقي ماڙن (ماڻهن) جي زبان ڪان ته که پڻ چونڪو نه لدو آهہ .... هن عاجز جي ڪهڙي مجال آهہ. مگر هي مضمون محض لوجه الله لکيو آهہ، جهہ ۾ هرگز ڪو پڻ دنوي غرض نه آهہ. پوءِ جيڪو تعمق نظر ساڻ ڏسندو انشاءَ الله مصداق ٿيندو هن آيه شريف جو."

("توضيح التقليد معه السبيل الرشيد"، 1354هه)

ان طرح ڪتاب "ترتيب الصلواة" جو بلڪل آخري ايڊيشن، جو مطبع ڪريمي بمبئيءَ مان 1312 هجريءَ ۾ شايع ٿيو آهي، ان جي رسم الخط جو به ساڳيو حال آهي، ان جا چند مثال پيش ڪجن ٿا:

| قديم رسم الخط | جديد رسم الخط | قديم رسم الخط | جديد رسم الخط |
|---|---|---|---|
| جه | جنهن | آنڃان | اُڃاڻ |
| قدرتسين | قدرت سان | آٿيڻ | اٿڻ |
| ته | تنهن | که که | ڪنهن ڪنهن |
| که | ڪنهن | | |
| ڪروڙي | ڪروڙين | جهکي | جنهن کي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| رحمتُ | رحمتون | تَنبِ | تن سين |
| جيُ | جون | چوَے | چوي |
| ڪرهو | ڪريو | وَنجي | وجي |
| ھے | ھي | اگھاڙ | اگھاڙ |
| منجھا | منجھان | دينه | ڏينھن |
| ڄاٺيجاه | ڄاٺجانءِ | دنيُ | ڏنيون |
| ڪجاه | ڪجانءِ | اُندوسُ | آندوسون |
| ھھڙو | ھھڙو | چنگِي | چڱيءَ |
| ھمِر شاه | ھميشہ | ٻانگان | ٻاڱا |
| پڙيو | پڙھيو | پَنجَاٺان | پڄاٺان |
| جيڪے | جيڪي | ماڙي | ماڙي |
| سڪيجا | سڪجانءِ | ادائي | اڏائي |
| سيڪه | سيڪنھن | ٽورڙي | ٽورڙي |
| چوگا | چوڪا | پَنجه | پنجويھه |
| ڄاڻ | ڄاڻ | پُنڈڙو | پنڙو |
| سنجاڻ | سڃاڻ | لَنگڙئي | لنگڙي |
| سنڌيُ | سنڌيون | ٻنِ | ٻنھي |
| ستره | سترھن | مَھجا | منھنجا |
| ھيڪڙو | ھڪڙو | اُنڪي | اوھان کي |
| پـڙن | پڙھن | وَنجبو | وڃبو |
| جده | جڏھن | سُمبو | سمھبو |
| اُتانھي | اُتانھيون | ڳال | ڳالھ |
| تده | تڏھن | سداَ | سدا |
| پـڙجن | پڙھجن | — | — |
| ھينيءَ | ھيٺن | — | — |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٻوءَ | ٻوءِ | _ | _ |
| ڪري | ڪري | _ | _ |
| ٻَهرُو | ٻهربون | _ | _ |
| پــڙنڊو | پڙهندو | _ | _ |

ڪتاب جي خاتمي تي هن طرح نثر ۾ لکيو ويو آهي:

اَلحمدُ لِلّٰهِ تہ هيءُ ڪتابُ تَرتيبُ الصلواةِ پُورو ٿيئو مَنجہ تاريخ 25 شَعبانَ المُعظم 1312 هجريَ ۾ مَنجہ ڇاپاخاني، ڪَريمي ٻَمبئي جي ڇَاَپيئو.

**رسم الخط جي اصلاح:**

رسم الخط جي انهن فني مشڪلاتن ڪي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ اول اول انگريزن توجهہ ڏنو. هرڪو علم وارو ڄاڻي ٿو تہ مسلمانن جي اچڻ کان اڳ سنڌ جو رسم الخط ديوناگري هو. عربن جي دور ۾ بہ اهو خط لکپڙهہ ۾ استعمال ٿيندو هو. ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور ۾ فارسي زبان کي سرڪاري زبان قرار ڏنو ويو، تنهن ڪري، "الناس عليٰ دين ملوڪهم" جي مصداق، هندو بہ فارسيءَ ۾ لکندا پڙهندا هئا. البت برهمڻ ۽ ٻيا مذهبي هندو ماڻهو ديوناگري ۽ گرمکي رسم الخط استعمال ڪندا هئا. خود "ساميءَ جا سلوڪ" بہ گرمکي رسم الخط ۾ هٿ آيا.

1845ع ۾ ڪئپٽن راٿبورن انگريزي اسڪول کولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نہ ٿيو. ان جي مقابلي ۾، ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر ڪئپٽن پريڊي ڪامياب ٿيو. 1846ع کان 1852ع تائين اهو اسڪول تجربي طور هليو. 1853ع ۾ 'چرچ مشن سوسائٽيءَ' کي مليو. 1853ع ۾ ڪئپٽن گولڊ سمڊ شڪارپور ۾ انگريزي اسڪول کوليو. هي اهو صاحب آهي، جنهن سسئي- پنهونءَ جا بيت گڏ ڪري ڪتاب ڇاپايو، جنهن ۾ هڪ پاسي سنڌي بيت ۽ ٻئي پاسي انگريزي نظم ۾ ترجمو ڏنائين. انگريز آفيسر اجان ان تجربي ۾ مشغول هئا تہ سنڌ ۾ تعليمي زبان ڪهڙي ڪجي، تہ اوچتو بمبئي سرڪار جي تعليمي بورڊ لکي موڪليو تہ سنڌ ۾ سڀ لکپڙهہ علائقي جي زبان سنڌيءَ ۾ هئڻ گهرجي، ۽ ان سان گڏ نصاب بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ هئڻ گهرجي.

1850ع ۾ سر بارٽل فريئر سنڌ جو چيف ڪمشنر ٿي آيو. ان صاحب، 1851ع ۾، سرڪاري پڌرنامو جاري ڪري، آفيسرن کي خبردار ڪيو ته سڀ ڏيهي ۽ پرڏيهي سنڌي سکن ۽ سنڌيءَ ۾ لکپڙهه ڪن. ان حڪم جي پڌرائيءَ ۾ ته ڪاب دير ڪانه ٿي، پر مسئلو اهو پيدا ٿيو ته سنڌي ٻوليءَ جو رسم الخط ڪهڙو ڪجي؟ سر رچرڊ برٽن، جو سنسڪرت جو وڏو عالم هو، تنهن راءِ ڏني ته عربي حرفن تان سنڌي الف_ بي ٺاهڻ گهرجي. پر ڪئپٽن جارج اسٽئڪ اعتراض ڪيو ته عربي_ سنڌي اکرن ٺاهڻ بدران هندو_ سنڌي اکرن ۾ لاڪنائون وجهي، انهن کي سڌارجي، يا ماڳهين ديوناگري خط استعمال ڪرڻ گهرجي. ٻنهي عالمن جي اختلاف تي، سر بارٽل فريئر منجهي پيو. آخر 1853ع ۾، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن جي ڪورٽ فيصلو ڏنو ته عربي_ سنڌي آئيوينا ٺاهڻ گهرجي. ان فيصلي پٽاندر سر بٿرو ايلس، عربيءَ جا 28 حرف وڏائي، سنڌيءَ جا 51 حرف ٺاهيا. اها نئين آئيوينا 1853ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپجي پڌري ٿي، ۽ 1854ع ۾ ڏهاڪو کن ڪتاب ڇاپيا ويا. 1854ع کان 1865ع تائين چار هاءِ اسڪول، ٽي مڊل اسڪول ۽ ڇاونجاهه پرائمري اسڪول کليا، جن ۾ اهي ڪتاب پڙهايا ويندا هئا.

عربي_ سنڌي رسم الخط ۾، نصاب جي ضرورت آهر هيل تائين تاريخ، جاگرافيءَ ۽ حسابن تي ڪتاب تيار ٿيا هئا. پر اڃا ڪو گرامر ڪونه لکيو ويو هو: سڀ کان پهريون گرامر جارج اسٽئڪ 1847ع ۾ لکيو، 1849ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو.

ان کان پوءِ، 1866ع ۾، ان ساڳئي عربي_ سنڌي رسم الخط جو ٻيو شاهڪار پيدا ٿيو "شاهه جو رسالو"، جو ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ پڌرو ڪيو. هن صاحب سنڌي وياڪرڻ به تاليف ڪيو. ٽرمپ صاحب رسم الخط جي سلسلي ۾ عربي_ سنڌي رسم الخط جي فائدي ۾ نه هو. لکيو اٿس ته 'ديوناگري آئيوينا ڪم آڻجي ها ته بهتر: خير، جو ٿيڻو هو سو ٿي چڪو.

ڊاڪٽر ٽرمپ جي تاليف ڪيل 'شاهه جي رسالي' جي ٻولي ۽ رسم الخط ٻئي ناقص آهن. هن دور ۾ ان جو مطالعو ڪرڻ سولو نه آهي. ٽرمپ صاحب جو

رسم الخط هن طرح آهي:

(1) ٻانهين سچائي پاٺ، پاٺ ڪر پاٺ لهي.

(2) سر ڏهونڏيان، دهڙ نہ لهان، دهڙ ڏهونڏيان، سر ناهہ.

(3) مون ابيئهي هليا، بندر جي تڙن.

هنن ٽن سٽن کي ڪوبہ صحيح طور اچاري نٿو سگهي، اهي بيت هن طرح آهن:

(1) ٻانهي سچائي ٻاڻ، ٻاڻ ڪر ٻاڻ لهي.

(2) سر ڍونڍيان، ڌڙ نہ لهان، ڌڙ ڍونڍيان، سر ناهہ.

(3) مون اُبيٺي هليا، بندر جي تڙن.

ٽرمپ صاحب، رسم الخط جي ناقص هجڻ ڪري، ڪيترن آوازن ۾ خود ساختہ اضافا ڪري، نوان نوان اچار واضح ڪيا آهن، جن سان سندس رسالو پڙهڻ ٿيو آهي، ٽرمپ صاحب حرفن جا آواز بہ صحيح طور نہ رکيا آهن. مثلاً 'ٽ' کي 'تھ'، ۽ 'ٿ' کي بہ 'تھ' لکيو اٿس. ان طرح 'ڏ' جي بدران 'دھ'، ۽ 'ڻ' جي بدران ٻن نقطن وارو 'ن'، يعني 'ن' تي 'ٺ' وارا نقطا، 'ڏ' جي ٽن نقطن کي ابتو ڪيو ويو، جيئن 'ٺ' ۾ ٿين ٿا.

ان سلسلي ۾، الف- بي جي ترتيب جي ڪم لاءِ بمبئيءَ مان لسانيات جو هڪ ماهر گهرايو ويو، جنهن ڪيترا ٻٽا حرف ٺاهيا. مثلاً: پ+ ھ = ڦ، ج + ھ= جھ، گ+ ھ= گھ: ان طرح 'ڄ' ۽ 'ڳ' وغيره.

**سنڌي نثر 1366ع کان اڳ:**

هن مختصر تبصري ۾ رسم الخط جي ارتقا ۽ سٽا تي مختصر بحث ڪيو ويو آهي، ان مسئلي جي آخري ڳالهہ اها آهي تہ انهيءَ رسم الخط جا اوائلي تجربا هي آهن:

(1) جارج اِسٽئڪ جو وياڪرڻ، جو 1847ع ۾ لکيو ويو ۽ 1849ع ۾ شايع ٿيو؛

(2) ٽرمپ جو ڇپايل "شاهہ جو رسالو"، جو 1866ع جي پيداوار آهي؛

(3) ان طرح ٽرمپ هڪ وياڪرڻ بہ لکيو، جنهن ۾ ديوناگري رسم الخط کي

ترجيح ڏني اٿس.
اسان کي 1847ع کان وٺي 1866ع تائين سنڌي لپيءَ ۾ هڪ شاهه جو رسالو ۽ ٻه گرامر ملي سگهيا آهن. اسان کي ڏسڻو آهي ته 1866ع کان اڳ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇا ڇا آيو؟

**پهرين سنڌي تحرير:**

منهنجي عرض ڪيل آهي ته "مطلع خورشيد" (1860ع) پهرين ڇاپي اخباري تحرير آهي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ارتقا جي سلسلي ۾، توڙي رسم الخط جي تاريخ ۽ ارتقا جي باري ۾، "مطلع خورشيد" کي تاريخي حيثيت حاصل آهي، "مطلع خورشيد" ئي پهرين اخبار آهي، جنهن کي سنڌي اخبار چيو وڃي ٿو، جنهن جو اجراءُ 1860ع ڌاري ٿيو آهي. مسٽر لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي "سنڌي اخبار نويسيءَ جي تاريخ" ۾ ڄاڻائي ٿو ته "ڀانئجي ٿو ته سنڌيءَ ۾ اخبار نويسيءَ جو دور ڪو ستر- پنجهتر (1870ع- 1875ع) ۾ شروع ٿيو." حالانڪ 1860ع ۾ "مطلع خورشيد" موجود آهي.

تاريخي نقطهءِ نگاهه کان، سنڌي رسم الخط ۾ اسانکي "مطلع خورشيد" کان پوءِ فقط ٻه ڪتاب ملن ٿا: انهن مان هڪ ٽرمپ جو گرامر آهي، ۽ ٻيو ٽرمپ جو تاليف ڪيل شاهه جو رسالو. انهن جي اشاعت جو سن هن طرح آهي:

- جارج اسٽئڪ جو گرامر 1849ع
- ٽرمپ جو رسالو 1866ع
- ٽرمپ جو گرامر 1866ع
- "مطلع خورشيد" 1860ع

"مطلع خورشيد" جڏهن ته نثر ۾ اخبار هئي، تنهن ڪري ان جي لساني حيثيت ٽرمپ جي اڏ اِڪريءَ کان وڌيڪ رعايت جي مستحق سمجهڻ گهرجي، جنهن ۾ اها ٻولي، ابوالحسن جي سنڌيءَ ۽ "ترتيب الصلواة" جي زبان مان ترقي ڪري، اخبار تائين پهتي آهي؛ ان اخبار کي داد ڏيڻ گهرجي. نه فقط تاريخي اوليت جي حساب سان اها پهرين اخبار آهي، پر لساني حيثيت سان به اها پهرين اخبار آهي، جا ان دور ۾ شايع ٿي، جڏهن سنڌي زبان ۾ معياري ڪتاب گهڻ لکيا

ويا ـ اهي ٻه ٻه گرامر ۽ هڪ شاهه جو رسالو ۽ ڪجهه هندي ۽ انگريزيءَ تان درسي ڪتابن ۽ قصن ڪهاڻين جا ترجما، سي ٻه پنجاهه ـ سٺ سال پوءِ.

ايتريءَ تمهيد کان پوءِ، "مطلع خورشيد" جي اصل عبارت پيش ڪجي ٿي، اهل علم احباب اُن تحرير جو نہ فقط لغوي معيار جاچين، پر ان سان گڏ رسم الخط جي حيثيت ۽ صرف ۽ نحو جو معيار بہ جاچين، ۽ پوءِ فيصلو ڪن تہ اها ٻولي واقعي سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي نثر ۾ معياري نثر آهي يا نہ؟

**"مطلع خورشيد" جي اصل سنڌي عبارت(1860ع) مان ڪي مثال:**

مختلف ملڪن ۾ وڻن ۽ ٻوٽن جي پيدائش متعلق هڪ مضمون ڇاپيو ويو آهي، ان ۾ لکيو ويو آهي:

"ملڪ رشيا ۾ درخت بالوتجا گھڻا آهن ۽ قسم ميونجا بي چنگا ٿيندا اُهن ۽ هن هنڌ درخت سٺي جا جو انڪ رسا ۽ ٻيا جوڙيندا اُهن گھڻا پيدا ٿيندا اُهن ۽ هن هنڌ ڪٺج ڪاٺيءَ انگر ۽ لوهه ۽ ٽامي جيءَ بي اُهن ۽ لوڻ هنجاءِ گھڻون ٿو پهچي ۽ طرف ڏکڻ هن ملڪ جي ٻوڪ جَوَن جي گھڻي ٿيندي آهي. سامان سوداگري هن هنڌ جو چربي ۽ چم ۽ سمور ۽ سٺي ۽ اَنَّ جَوَنجو آهي واپاري هن هنڌ جا پاڻم اتفاق ڪري قافلي جي طرح سامانکي واڻ خشڪيءَ ڪَ چين ۽ وچ رشيا ٿا نين يورپ ڏي مٿي جهازن ڪنا درياءَ بلاڪسي يعني ڪاري پاڻيءَ ۽ بالتڪ ۽ درياءِ ويٺ سي جي ٿا نين ۽ بادشاهي هن ملڪ جي نسبتون ٻين ملڪن جي گھڻي وڏي آهي ۽ جيڪو بادشاه هن ملڪ جو ٿو ٿئي تهکي قيصر ۽ شهنشاد ٿا چون ۽ ماڻهو زياده پنجن ڪروڙن ۽ چاليهن لکن ڪَ هن ملڪ ۾ رهندا آهن. (وڻا رهندا اگي هفتي ۾)"

هيءَ عبارت 1277هه جي آهي. ان کان اڳ "ترتيب الصلوات" جو، 1312هه جو رسم الخط پيش ڪيو ويو آهي، هن عبارت مان ظاهر آهي تہ رسم الخط توڙي آواز ۽ اُچار انهن پراڻن ڪتابن (ابوالحسن جي سنڌيءَ کان ،ترتيب الصلوات" تائين) کان گھڻو صحيح بہ آهي ۽ سڌريل بہ آهي.

ان عبارت ۾ رسم الخط جا قابل توجهه لفظ هي آهن، جي اڄڪلهہ جي رسم الخط سان ڀيٽجن ٿا:

| | | |
|---|---|---|
| بالوتجا ... بالوت جا | انگر ... اگر | ڪَ... ڪؤن، ڪان |
| گٿا ... گهڻا | جيُ ... جون | گٿي ... گهڻي |
| چنگا ... چگا | بي ... ٻي، ٻه | ماڻو... ماڻهو |
| انڪَ ... اُن ڪان | گٿون ... گهڻو | تهڪي ... تنهن ڪي |
| ڪٿج ... ڪجهه | ڪٿي ... گهڻي | ٺامِ ... ٺامي |
| ڪاٺيَ ... ڪاٺيون | جَوَنجو ... جوَن جو | اُهن .... آهن<br>ڪروڙن ... ڪروڙن |

هن عبارت ۾ صرف – نحو جي رعايت ٻه چڱي موجود آهي. اسم ۽ فعل ۽ ان جا لاڳو لفظ، پراڻي رسم الخط جي مقابلي ۾ ڪجهه پنهنجيءَ صحيح جاءِ تي آيل آهن. هن وقت ٻه ائين ئي لکجي ٿو. مثلاً:

- "ملڪ رشيا ۾ درخت بالوتجا آهن". ان کي اڄڪلهه لکجي ٿو: "رشيا جي ملڪ ۾ بالوت جا درخت آهن."
- "طرف ڏکڻ هن ملڪ جي پوک جون جي ڪٿي (گهڻي) ٿيندي آهي". ان کي "هن ملڪ جي ڏکڻ طرف جَوَن جي پوک گهڻي ٿيندي آهي" لکجي ٿو.
- "سامان سوداگري هن هنڌ جو". ان کي "هن هنڌ جي سوداگريءَ جو سامان" لکجي ٿو.
- "واپاري هن هنڌ جا پاڻ ۾ اتفاق ڪري قافلي جي طرح سامان کي واٽ خشڪيءَ ڪ چين ۽ وچ ايشيا ٿا نين". ان کي "هن هنڌ جا واپاري، پاڻ ۾ اتفاق ڪري، قافلي جي طرح، خشڪيءَ جي واٽ ڪان، سامان چين ۽ وچ ايشيا ٿا نين" لکجي ٿو.
- "بادشاهي هن ملڪ جي". ان کي "هن ملڪ جي بادشاهي" لکجي ٿو.
- "يورپ ڏي مٿي جهازن ڪنا درياءَ بلاڪسي يعني ڪاري پاڻيءَ ۽ بالٽڪ ۽ درياءَ ويٺ سي جي ٿا نين". ان کي "يورپ ڏي (ڏانهن). جهازن مٿي، بلاڪسي درياءَ يعني ڪاري پاڻيءَ ۽ بالٽڪ ۽ ويٺ سي درياءَ ڪنا (وٽان) نين ٿا" لکبو.
- "جيڪو بادشاهه هن ملڪ جو ٿو ٿئي، تنهن کي قيصر يا شهنشاهه ٿا چون".

هي جملو قريب قريب صحيح لکيل آهي.

- "ماڻهو زياده پنجن ڪروڙن ۽ چاليهن لک کَ هن ملڪ ۾ رهندا آهن". ان کي "هن ملڪ ۾ پنجن ڪروڙن ۽ چاليهن لکن کان زياده ماڻهو رهندا آهن" لکجي ٿو.

هنن عبارتن ۾ تمام ٿوري اصلاح ڪئي ويئي آهي. مقابلتاً، پراڻن ڪتابن جي ٻولي، ان جي بيهڪ ۽ تشڪيل، ۽ صرفي ۽ نحوي حيثيت گهڻي اصلاح جي قابل آهي. اهوئي سبب آهي جو هن تحرير کي سنڌي ٻوليءَ توڙي رسم الخط جي تاريخ ۾ وڏي اهميت آهي.

(2) **قاعدن جو رسم الخط ۽ انداز بيان:** "مطلع خورشيد" ۾ انگريز سرڪار جا قانون بہ مشتهر ڪيا ويندا هئا. چند قانونن جي سنڌي هن ريت آهي:

"قاعده 13 لاـ منع بابت ڊڪڻ پٽي سوا نوڪرن سرڪار جي جڏه جو ڪي ماڻهو پٽو ۽ چپراس ڪلهي ۾ وجي اڳياءُ غريبن ماڻن جي پاڻکي نوڪر سرڪار جو جاڻائي انن کَ جيڪي ان جي دل ۾ ٿو اچي زور ڪري تا وٺن تهڪري حڪم جاري ٿو ٿئي جو بنا نوڪر سرڪار جي بيو ماڻو پٽو نہ ڪري جو پٽا نوڪرن ملٽري جا ڳاڙها ۽ پٽا سپاهن سول ڊيپارنمنٽ جا ڪارا هجن جيڪڏهہ ڪو ماڻو ري نوڪر سرڪار حق پٽي سان نگاهہ پوليس وارن جي اچي تہ جڳائي جو ان کي ورتل ڪن [گرفتار ڪن] وٽ جناب گورنر صاحب بهادر حاضر ڪن جو اهڙا ظلم ڪنا هٽ ان ماڻن خاص هٿون چپراسن ڪنتراڪسٽرس يعني اجاره دارن سنڌ وارن ماڻن تي ٿا ٿين- هيڊ ڪوارٽرس ڪانپ ڪراچي لکيل 20 اپريل 1847ع".

"قاعده 14 لاـ حڪم منع [منجهہ] باب ماڻن ڳلڻ گمندڙن ۽ ٻيا ماڻو جي ڪار ڪرت ن ڪن جڏهہ جو ڪانپ ڪراچي ڪنا لچن گٽئي گمندڙن جو لشڪر سان گڏجي منبي [بمبئي] تا اچن اوڪائي تي پهچي هنلاءِ پوليس وارن ۽ بازار مستر کي حڪم ڏنو ٿو ٿئي تہ جو اهڙا ماڻو جو ظاهر ڪري ڪو ڪر نہ تا ڪن سي ورتل ڪجن. انهہ جيڪي ماڻو منبيءَ جا هجن سي موٽي منبيءَ ڏي موڪلجن جيڪو رهندڙن منبيءَ ناهي تنکي مهيني تاءِ سڙڪ مٿي ڪمارائن تهڪ پو ٽن ڏيهن جي مهلت انکي ڏين جيڪڏه انهي وچهہ ڪنه ڪرت لڳو تہ

چنگو نات مٿي ڪم تي ورائي موڪليو. جڏهن ملڪ سنڌ جيم ڪرت گٿي ۽ پهريون چنگو لڳندو آءِ تهڪري جناب لفٽننٽ جنرل صاحب بهادر نٿو ڪري جو ماٺو سير ڪندڙن چوريً ڪن ۽ پنن تا ايذائن ڇڏي ڏي- (۽ هي حڪم لاءِ مڙني شهرن ۽ ڳوٺن ۽ واهڻن واقع ملڪ سنڌ جي آهي- هيڊڪوارٽرس ڪانپ ڪراچي 19 اپريل 1847ع)"

"قاعده 13 لا- صيغه مال- جڏه جو موجب قاعدن 8 ۽ 9 ۽ 10 ۽ 11 جي پاڳواڻ پوڪيل زمين ۾ اجاريجو اختيار ۾ گورنمنٽ جي اچي تا جزو پوڪيل ساڻ ٿي پاڳي زمين لايق پوڪ جي ۽ اوترو جزو زمين جو نه پوڪڻ لايق جو ساڻ گورنمنٽ گڏڻ ان جو مناسب ڄاڻجي هيڪاندو ڪري وانگڻ ٽڪر نئي جي مٽج هٽ اجاريدار قائم رکيو اچي ۽ شرط متصربي ٽڪر نئي جا موافق وڃوڙ نروار قاعدي 5 جي قائم رکيا اچن ۽ حدبندي ٽڪرنئي جي ٿيندي ۽ اوهو وانگڻ جائز علاحدن جو بندوبست جمع ان جي ڪنا تاريخ اجاره اول پنجاهه وره هٿي ڪچي نقشو ان جو جوڙجي."

قاعدن جي سنڌي ٻولي ۽ طرز تحرير 1860ع جي آهي ڪن ڪن هنڌن تي ٻه ٽي جملا شسته ۽ رواں آهن، ورنه باقي سڀ عبارتون صرفي ۽ نحوي حيثيت سان درست نه آهن. تنهن ڪري ائين ضرور ڇئبو ته اسان جي ٻوليءَ ۽ اسان جي طرز تحرير ان بنيادي پر غلط قسم جي تحرير ۽ رسم الخط مان ئي ترقي ڪئي آهي. انهن قاعدن جي ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ جام آهن، جن جي املا به غلط آهي، پر اچار ۽ خط به غلط آهن. مثلاً قاعدي 13 ۾، 'ڊڪڻ' (ڍڪڻ) 'ماٺو' (ماٺهو)، 'وحي' (وڃهي)، 'انن ڪَ' (انهن ڪوُن) 'تهڪري' (تنهنڪري) جا لفظ. اهڙيءَ طرح 'گرفتار ڪن' کي 'ورتل ڪن' لکيو ويو آهي.

قاعدي 14 ۾ مٽج (منجهه)، ڳلڻ (ڳلين، گهٽين)، گمندڙن (گهمندڙن)، گٽيُ (گهٽيون)، منبي (بمبئي)، ماٺو (ماٺهو)، تهک (تنهن کوُن)، ڪنه (ڪنهن)، نات (نه ته)، مٿي (مٿئين)، پهريون (پورهيو)، گٿي (گهٽي)، چنگو (چڱو)، آءِ (آهي)، گري (گهَري)، چوريُ (چوريون)، ڏي (ڏئي) لفظ آيل آهن.

قاعدي "صيغه مال" ۾ لايق (لائق)، وانگڻ (وانگر)، مٽج (منجهه) ۽ متصربي

(متصرفي) لفظ آيل آهن.

انهن جي مقابلي ۾، ڪيترين صحيح عبارتون ۽ جملا به استعمال ٿيل آهن. جي اڄ به ان طرح ئي استعمال ٿين ٿا. مثلاً:

قاعدي 13 ۾ - "جڏه جو ڪي ماڻو [ماڻهو] پڻو ۽ چپراس ڪلهي ۾ وجي [وجهي]"... "جيڪي ان جي دلم [دل ۾] ٿو اچي"... "تهڪري [تنهنڪري] حڪم جاري ٿو ٿئي"... "پيو ماڻو [ماڻهو] پڻو نه ڪري."

قاعدي 14 ۾ - "جيڪي ماڻو [ماڻهو] منبي [بمبئي] جا هجن سي موڻي منبي ڏي موڪلجن"... "تنڪي مهيني تاءِ [تائين] سڙڪ مٿي [تي] ڪمارائن"... "جيڪڏه انهي وچم ڪنه [ڪنهن] ڪرت لڳو ته چنگو (چڱو) نات (نه ته) مٿي (مٿئين) ڪم تي ورائي موڪليو."

"صيغہ مال" واري ساري عبارت صرف ۽ نحو جي حيثيت سان نادرست آهي. هن دور ۾ ان طرح نثر لکيو وجي.



طرز تحرير توڙي بيان ۽ اسلوب جو پيش ڪيل مٿيون نمونو ليٿو پريس ۾ 18 صديءَ کان 19 صديءَ تائين هلندو رهيو. ان دور جا قصا ۽ ڪهاڻيون توڙي ديني ڪتاب، سڀ ان طرح ڇپيل آهن- رسم الخط جي لحاظ کان، توڙي اسلوب ۽ بيان جي لحاظ کان.

**پاڻ ڪي ٻاهه:** "ڪنا رپورٽ تپدار ڪنگريجي [ڪنگري جي] پڌرو ٿيو تہ تاريخ 28 نومبر 1860ع وقت اڌراتجي [اڌ رات جي] سچو پٽ اسماعيل جو مسلمان ڪلهوڙو عمر اٽڪل ڏه ورهہ ڪم مالچارڻ [مال چارڻ] جو ويٺل ڳوٺ راوت گمري جو باه ٻاري مڇج [منجهہ] پاڻي مال آچر پٽ عارب ذات مڻي [مڻين۔ مڻي جاڻايل. ساڳي] عمر اٽڪل 45 وره ڪم پوک جو رهنڊڙ ڳوٺ مڻي [مڻئين] جي مڇج ستو پيو هو ساڻ قضا ڏٿيءَ جي باه مڇجا [منجهان] منه پاڻ جيکي باه لکي [لڳي] جو باه کي گٿا ماٿو [گهٽا ماٺهو] گڏ ٿي وسائي ڇڏياءَ نقصان اُن جو هيني [ هينئين] ليکي موجب آهي جن پاهڻ جو 8. دستار= جو هڪرپيو چار آنا ٿيا".

ان واقعي ۾ 'ڪنگري جي' ۽ 'مال چارڻ' کي گڏي لکيو ويو آهي. 'منجهان' کي 'مڇجا'، 'گهٽا' کي 'گٿا'، 'ماٺهو' کي 'ماٿو' لکيو ويو آهي. آخري جملو، جنهن ۾ ٻڌايل آهي تہ گهٽن ماڻهن اچي باهہ وسائي، سو بہ غلط لکيو ويو آهي. "باهہ کي گهٽن ماڻهن گڏ ٿي اچي وسايو" جي جاءِ تي ناقص جملو هن طرح ڏنو ويو آهي: "باه کي گٿا ماٿو گڏ ٿي وسائي ڇڏياءَ." ان عبارت ۾ جنڊ ۽ دستار جون قيمتون نہ لکيون ويون آهن، حالانڪ انگ بہ هئا. پرجملي رقم هڪ رپيو ۽ چار آنا ڏنل آهن. ان مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ 1860ع ۾ ڪيترو سهانگ هو!

**پاڻ ڪي ٻاهه:** "ڪنا رپورٽ تپدار پري پهنوار پڌرو ٿيو تاريخ 2 ڊسمبر 1860ع وقت رانجي دوهين [دونهين] پاڻي ڊورن ڪلاتي جاگيراڻي پٽ ٻاني جو عمر 60 وره اٽڪل جي ويٺي ديهہ زير واهڻ جو ٻاهر جڻگ [جهنگ] ۾ هو دوهين پئي ڌُکي اتاهون قضا ڏٿي جي سان انهي پاڻکي باه لڳي جو اهو پاڻ سڙي ويٺو نقصان فقط ڪاڻيون ۽ ڪگ [ڪک] قيمت 4 (رپيہ) _15_ (آنہ)."

ان عبارت ۾ جهنگ کي 'جڻنگ' لکيو ويو آهي. باقي عبارت جو حال اهوئي آهي جو مٿي لکيو ويو آهي.

**چِتي گدڙ جو کائڻ:** چِتي ڪتي ڪيئن ماڻهن کي کاڌو ۽ زخميو، تنهن جي واردات هن طرح بيان ڪئي ويئي آهي:

"ڪنا رپورٽ تپدار ڪنڌرن جي پڌرو ٿيو تہ تاريخ 5 ڊسمبر 1860ع هن مهيني

جي ٻارهن ڄڻن رهندڙ ڳوٺ روحل فقير ۽ پلهن لڳ ٽرمنه [ٽمنهن] جيڪي گدڙ چتي راتجو ڪاڙو تفصيل انهي جي موجب تجويز شرحوار هيٺ لکيو ٿيندو.

1- ڪرم ولد چيله هندو عمر تخميناً 25 وره گدڙ چتي مٿي تي رهڙ تورڙي [ٿورڙي] ڏنس وقت گذرڻ ڏيڍ پهر رات جي.

2- پارو واڻيو پٽ ايسر جو عمر اٽڪل 5 ورد نڪ ۾ ٽي ڏند قدر تر تر جيترو هيس رت قدر ۾ فڙا [ڦڙا] نڪتي جميل هوس وقت باقي هوڻ ڏيڍ پهر جي رات.

3- مسمات پريمي واياڻي ڌيءَ ماڻڪ واڻي [واڻئي] جي عمر اٽڪل 25 وره وقت باقي هوڻ ڏيڍ پهر رات جي منه [منهن] تي چڪ ۾ ٽي ڏند قدر هرهڪ تر جيترو سوائي [سواءِ] رت جي.

4- مسمي باغ خدمتگار پٽ گل خدمتگار جو عمر تخميناً 50 وره وقت اڌ رات جي نڪ جي ٿوڻي تي رهڙ هوس.

5- کيمون پٽ رامون واڻي جو عمر اٽڪل 45 وره وقت اڌ رات جي ڪنڌ [ڪنڌ ۾] هڪ ڏند قدر تر جيترو هوس.

6- رانول پٽ مولي واڻي جو عمر اٽڪل 4 وره وقت اڌ رات جي مٿي راڻ انجي تي ڏند هوس.

7- مسمات ڌهني [ڌني] ديءَ [ڌيءَ] ٻهلاج جي عمر اٽڪل 30 وره هڪ ڏند مٿي نڪ ۽ ٻي سڄي اک ۽ ٽي ڳلَ تي ڪو رَتُ نهوس [نه هوس].

8- ملوڪ پٽ موسي وسيٽ جو عمر اٽڪل 14 وره وقت اڌ رات جي ڪٻي هٿم [هٿ ۾] هڪ ڏند گدڙ جو ٻيو آنڱر [آڱر] ۾ هوس.

9- مسمات بخت پري ديءَ علي گڏاڻي جي عمر اٽڪل 50 وره وقت اڌراتجي ڪٻي اکر هيٺو [هيٺان] تورڙي [ٿورڙي] رهڙ هوس. رت نڪتل نهوس.

10- فل [ڦل] خذمتگار پٽ خميسي خذمتگار جو عمر اٽڪل 60 وره ڪٻي هٿم هڪ ڏند تر جيترو وقت اڌ راتجي.

11- عبدالغفور پٽ گهور جي عمر اٽڪل 13 وره وقت اڌ راتجي ڪٻي ٻاهم [ٻانهن ۾] ٻه ڏند ظاهر رَتُ نهوس.

12- مسمات چتي ديءَ موسي شڪاري عمر اٽڪل 10 وره نڪم [نڪ ۾]

مال ۾] مرض مهاڙي جو آهي پر خيريت آهي 0-11-0 تپدار پري پونهار جي ريورٽ ۾ پڙرو ٿيو ته درياءَ [درياءَ] ڪنا حد ديد ٺريچاڻي جاگير ميرمحمد خان ٽالپرجي زمينان غيرآباد لايق آباد توڻي آبادي ڪڪڪ جي نزديڪ ديه ٺريچاڻي جي لڳو آهي جو جاگيرجي 191 جريب هرڪاهيل ۽ 10 بيگ زمين پوڪ ڪڪڪ فصل ربيع 1272 جي پاڻي ويو آهي.

هن عبارت ۾ به لفظن، اِملا، انشاءَ ۽ صرف- نحو جي ساڳي حالت آهي.

**سال پوري ٿين تي شڪريو:**

"مطلع خورشيد" جو پهريون سال، 1860ع. خير سان پورو ٿيو ۽ 1861ع شروع ٿيو، ته اخبار ۾ ان تي هن طرح شڪر ادائي ڪئي ويئي آهي:

"الحمدلله جو ڏڻي سچي جي باج [ٻاجھ] سان سال خيريت اشتمال 1860 عيسوي ساڻ خير سلامتي خيرخواهن سرڪار جي گذريو ۽ سال موچاري فال 1861 جو وانگڻ [وانگر] صبح اقبالجي چمڪندڙ مڃ ڏينه منگل موافق 19مهيني جمادي الثاني 1277هه چهرو بهجي [پنهنجي] شائقين ڪي ڏيکار ۽ الله تعاليٰ چهرو موچارائيجو هن سالکي ابتدا ک پڄاڻي تاءِ مٿي خيرخواهن سرڪارجي مبارڪ فرمائي فقط."

هن عبارت ۾ 'وانگر' کي 'وانگڻ'، 'ٻاجھ' کي 'باج'، 'ڏينهن کي 'ڏينه'، 'موچارائيءَ جو، کي 'موچارائيجو' ۽ 'کان' کي 'ک' لکيو ويو آهي.

مٿيون چند عبارتون "مطلع خورشيد" 1860ع نمبر 5 جلد 1، صفحن 57، 58، 59، 60، 61، 62، 63، ۽ 64 تان نقل ڪري، نموني طور پيش ڪيون ويون آهن. اخبار جا صفحا، معلوم ٿئي ٿو ته 12 کن هوندا هئا. پر صفحن جا نمبر پهرئين پرچي کان وٺي سال ختم ٿيڻ تائين مسلسل هلايا ويندا هئا. اِهو التزام به جدت تي مبني هو، ۽ اڄڪلهه ان جو رواج ڪونه آهي.

**"مطلع خورشيد" ۽ ٻيون جهونيون اخبارون.**

تاريخي قدامت جي لحاظ کان "مطلع خورشيد" ۽ "مفرح القلوب" تمام آڳاٽيون اخبارون آهن. انهن جي اشاعت ۾ 4- 5 سالن جو فرق آهي: "مفرح القلوب" 1855ع ۾، ۽ "مطلع خورشيد" 1860ع ۾ شايع ٿي. "مفرح القلوب"

لاءِ سر انڊريو ونگيٽ، ڪي. سي. آءِ. اي.، سنڌ جو ڏهوڪو ڪمشنر، پنهنجي هڪ خط (مورخه 5_ آڪٽوبر 1897ع. گورنمينٽ هائوس، ڪراچي) ۾ مرزا محمد صادق خان، ايران جي قونصل ۽ فارسي ۽ سنڌي اخبار "اڪليل" ۽ "معين الاسلام" جي شايع ڪندڙ ۽ سندس ڀاءُ مرزا محمد مقيم، ۽ ننڍي ڀاءُ پروفيسر مرزا محمد جعفرخان ڏانهن سندن والد مرحوم شمس العلماءِ مرزا مخلص علي، باني "مطلع خورشيد" ۽ "مفرح القلوب"، متعلق لکي ٿو:

"سندن مشهور ۽ معروف ۽ وڏي علم وارو والد، ملقب بہ شمس العلماءَ، پنهنجي دوست آنجهاني سربارٽل فريئر جي مشوري سان، هتي پهرين ليٿو گراف پريس جاري ڪئي، ۽ نهايت قابليت سان 'مفرح القلوب' اخبار هلايائين، جا دنيا ۾ مشهور پهرين فارسي اخبار آهي."

انهيءَ سلسلي ۾ "ڪراچي گائيڊ"، بابت سال 1893ع، جي صفحي 163 تي مشرقي زبانن جي ليٿو پريسن متعلق بہ چٽائيءَ سان لکيو ويو آهي. ان ۾ هيٺيون وچور آهي:

**فارسي پريسون:** (1) "مفرح القلوب" پريس، بندر روڊ؛ (2) "اِڪليل" پريس، بندر روڊ.

**فارسي اخبارون:** (1) مفرح القلوب" (آچر تي شايع ٿيندڙ)؛ (2) "اڪليل" (سومر تي شايع ٿيندڙ).

**سنڌي اخبار:** "معين الاسلام" (جمعي تي شايع ٿيندڙ).

سر انڊريو ونگيٽ جي مٿئين خط ۽ "ڪراچي گائيڊ" جي مٿي ڏنل حوالن مان ثابت ٿئي ٿو تہ مرحوم شمس العلماءَ مرزا مخلص علي اسان جي ملڪ ۾ فارسي ۽ سنڌي صحافت جو ابو ۽ باني هو. سندس اخبار "مفرح القلوب" ڪي

---

Their well known and learned father, entitled Shamsululema, at the advice of his friend, the late Sir Bartle Frere, established here the first lithographic press and very ably conducted the 'Mufarrihul-Kaloob'. The well known, first Persian journal in the world." (Extract from a letter by Sir Andrew Wingate, K.C.I.E. (former commissionor in sind Government House, Karachi, 5th October, 1897).

دنيا ۾ مشهور ٻهرين اخبار ڇيو ويو آهي، جنهن مان ثابت آهي تہ خود ايران ۾ ڇپائيءَ ۽ اخبار جو بندوبست بہ پوءِ ٿيو.
"مطلع خورشيد" ان کان پنج سال پوءِ، 1860ع ۾، شايع ٿي، جا "دنيا ۾ ٻهرين سنڌي اخبار" سڏي سگهجي ٿي؛ ان کان پوءِ ٻيون اخبارون شايع ٿيون.
جهونين پريسن جي سلسلي ۾ "ڪراچي گائيڊ" (سال 1893ع، ص 103) ۾ هيٺين پريسن ۽ اخبارن جو ذڪر ڪيو آهي:
**پرنٽنگ پريسون:**
(1) گورنمينٽ پرنٽنگ پريس، ڪمشنرس آفيس، ڪراچي؛
(2) سنڌ گزيٽ اينڊ ڪامرشل پرنٽنگ پريس، بندر روڊ، ڪراچي؛
(3) مرڪنٽائيل پريس، الفنسٽن روڊ، ڪراچي؛
(4) فوڪس پريس، ڪيمبل روڊ، ڪراچي؛
(5) وڪٽوريا پريس، الفنسٽن روڊ، ڪراچي؛ ۽
(6) آرين ورنيڪيولر پريس، ڪيمبل روڊ، ڪراچي.
**اخبارون:**
(1) "سنڌ گزيٽ" (انگريزي) ـ اڱاري ۽ جمعي جي شام جو شايع ٿيندي هئي؛
(2) "سنڌ ٽائمس" (انگريزي) ـ خميس ۽ آچر جي شام جو شايع ٿيندي هئي؛
(3) "فونڪس" (انگريزي) ـ اربع ۽ ڇنڇر جي شام جو شايع ٿيندي هئي؛
(4) "سنڌ ائڊورٽائزر" (انگريزي)—سومر ۽ خميس جي شام جو شايع ٿيندي هئي؛
(5) "سنڌ سڌار" (سنڌي) ـ ڇنڇر تي شايع ٿيندي هئي؛ ۽
(6) "پرجا متر" (گجراتي) ـ ڇنڇر تي شايع ٿيندي هئي.
**مرزا مخلص علي جو خاندان ۽ سندن علمي خدمتون**
شمس العلماءِ مرزا مخلص علي جو خاندان علوي سادات منجهان آهي. سندن اصل وطن "قزوين" آهي. هن خاندان جو ٻهريون عالم ۽ فاضل شخص، مرزا سلطان محمود، دهليءَ ۾ 1801ع ۾ آيو. ايران ۾ وقت جي حاڪمن طرفان جڏهن اثناعشريہ شيعہ حضرات لاءِ سختگير زمانو آيو، تڏهن ان دور جي وڏن وڏن عالمن ۽ مجتهدن، ايران کي ڇڏي، عراق ۽ هندستان ڏانهن رخ رکيو. مرزا

سلطان محمود به اُن سلسلي ۾ لڏي آيو. اول اچي دهليءَ ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. هڪ زاهد ۽ مرتاض، متوڪل ۽ عابد شخص هو. ڪجهه دور کان پوءِ ملتان ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. سندس علمي ۽ بزرگاڻي شهرت ٻڌي، ڪيس بهاولپور جي نواب صاحب پاڻ وٽ ملاقات لاءِ دعوت ڏني. پاڻ بادل ناخواسته بهاولپور ويو پر اتي به سندس دل نه لڳي ۽ سنت ملتان ۾ واپس آيو. زندگيءَ جا باقي ڏينهن نهايت خاموش نموني ۾ گذاريائين. ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سندس مقبرو ملتان ۾ موجود آهي.

مرزا مخلص علي سندس وڏو فرزند هو. پاڻ شڪارپور ۾ 1293 هه / 1877 ع ۾ وفات ڪيائين. "تڪملهٔ مقالات الشعراء" جي مولف، مخدوم ابراهيم خليل ٺٽويءَ، سندس دفن جي جڳهه 'ڪراچي' لکي آهي، جا غلط آهي؛ سندس مزار شڪارپور سنڌ ۾ آهي.

**اولاد:** پهريون نمبر فرزند مرزا محمد شفيع (وفات رجب 1301 هه/ 1884 ع) ڪراچي ۾ مدفون آهي؛ ٻيو نمبر فرزند مرزا محمد مقيم (وفات 1910 ع). هي صاحب ريلوي ڊپارٽمينٽ ۾ اڪائونٽنٽ هو. ۽ شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ سان گڏ پڙهيو هو؛ ٽيون نمبر فرزند مرزا محمد صادق (وفات 1901 ع)؛ ۽ چوٿون نمبر فرزند مرزا محمد جعفر (وفات 1913 ع).

مرزا محمد شفيع، شمس العلماءِ مرزا مخلص علي جو وڏو فرزند. مرزا صاحب جي وفات کان پوءِ "مفرح القلوب" ۽ "مطلع خورشيد" اخبارن جو ايڊيٽر ٿيو. "مفرح القلوب"، 1855 ع کان 1904 ع تائين، 41 سال هلي ۽ ڪراچيءَ کان پوءِ سکرمان شايع ٿي.

مرزا محمد شفيع جو ننڍو ڀاءُ (شمس العلماءِ مرزا مخلص عليءَ جو چوٿون پٽ). پروفيسر مرزا محمد جعفر، ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ عربيءَ ۽ فارسيءَ جو پهريون پروفيسر 1887 ع ۾ مقرر ٿيو. ان سان گڏ هو بمبئي يونيورسٽيءَ جو فيلو ۽ ايم. اي جو ممتحن هو. پاڻ پنجاب يونيورسٽي ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ جو گهڻيءَ مدت تائين ممتحن به رهيو. پاڻ شمس العلماءِ مرزا حيرت ۽ شمس العلماءِ هوشنگ دستور (پارسي) جو دوست ۽ همعصر هو. اهو مرزا صاحب

"مفرح القلوب" ۽ "مطلع خورشيد" جو 1904ع تائين ايڊيٽر رهيو. ۽ 1912ع ۾ وفات ڪيائين.
مٿي ذڪر ڪيل مرزا محمد شفيع "مفرح القلوب" ۽ "مطلع خورشيد" جو ايڊيٽر به هوندو هو. ۽ ان سان گڏ ايران سرڪار پاران هت قونصل به هوندو هو. جيئن ترڪيءَ پاران مرحوم حسن علي آفندي قونصل ٿي رهيو هو.
هن خاندان جي علمي خدمتن جو ٻيو سلسلو مرزا محمد صادق سان وابسته آهي. اهو بزرگ، شمس العلماءِ مرزا مخلص عليءَ جو ٽيون نمبر فرزند هو. کيس شهنشاهه ايران طرفان "مقرب خاقان" جو لقب مليل هو. پاڻ به ايران سرڪار جو قونصل هو، ۽ ان سان گڏ سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان لاءِ خصوصي سفير به هو.
مرزا محمد صادق پنهنجي زماني ۾ ٻه اخبارون جاري ڪيون: (1) "اڪليل" (1870_ 1875ع)، فارسيءَ ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿي؛ ۽ (2) "معين الاسلام" (1880_ 1885ع)، سنڌيءَ ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿي، اهي ٻئي اخبارون سرڪاري طور اسڪولن لاءِ منظور ٿيل هيون.
پروفيسر مرزا محمد جعفر هڪ اردو اخبار، "دوربين" نالي پڻ ڪراچيءَ مان شايع ڪئي. جنهن جو ذڪر "ڪراچي گائيڊ" 1893ع ۾ موجود آهي.
**مولانا محمد حسين آزاد جي راءِ:** شمس العلماءَ مولانا محمد حسين'آزاد' پنهنجي ايران جي سفر ۾، ڪراچيءَ جي واقعات ۾، مرزا محمد صادق ۽ مرزا محمد جعفر (مرحوم مرزا مخلص علي جي ٽئين ۽ چوٿين نمبر فرزند) سان ملاقات جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:
"مرزا محمد صادق اور مرزا محمد جعفر، مالڪ مطبع 'مفرح القلوب'، سي ملاقاتين هوئين. بالياقت، بامروت، بااخلاق لوگ هين. جب انهين معلوم هوا ڪه أن ڪي والد مرزا مخلص علي مرحوم اور ميري والد مغفور (مولانا محمد باقر) سي خط و ڪتابت تهي، تو زياده متوجهه هوئي. بلڪ مجهي ايک خط مدير 'فرنگ' ڪي نام ديا، اور ميري اراده ڪا حال مفصل دريافت ڪيا ڪه درج اخبار ڪرين گي." (25_ سيپٽمبر 1885/ 12 ذوالحج 1302 ه. ڪراچي ڪي حالات، ص 65، "سير ايران" از آغا محمد طاهر نبيره 'آزاد'، لاهور).

ان خاندان جو آخري وارث، مرزا محمد جعفر پروفيسر جو فرزند، مرزا فيض علي 'فيض'، هڪ علم دوست، عالم ۽ فاضل، مشرقي ۽ مغربي علوم جو ڄاڻو، حيدرآباد ۾ موجود آهي. مرزا صاحب وٽ علوم عاليہ تي انگريزي، عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ وڏو ڪتبخانو آهي. اگرچ سندن وڏن جا ڪتبخانا لڏپلاڻ ۽ زماني جي گردش ڪري هيٺ مٿي ٿي چڪا آهن، تاهم باقي مانده ڪتابن کي مرزا صاحب سانڍيندو ٿو اچي. انهن ۾ ڪيترا ناياب ڪتاب بہ آهن، ۽ ڪيترا قلمي بياض پڻ آهن.

مرزا فيض علي صاحب 1940ع ۾ حيدرآباد ميونسپل جو وائيس پريزيڊنٽ رهيو ۽ ميونسپل جي مختلف ڪميٽين جو چيئرمين بہ رهيو آهي. حيدرآباد ڪئنٽونمينٽ بورڊ جو وائيس پريزيڊنٽ، ۽ بورڊ جي سيني ڪميٽين جو چيئرمين بہ رهيو آهي. ان کان سواءِ 'سنڌ يونين آف جرنلسٽس' جو متواتر چار سال پريزيڊنٽ رهيو آهي. 1944ع کان 1945ع تائين حيدرآباد مسلم ليگ جو پريزيڊنٽ، 'بزم فردوس' حيدرآباد جو 1947ع کان ۽ 'بزم اردو' حيدرآباد جو 1943ع کان 1945ع تائين پريزيڊنٽ رهيو آهي. هيءَ معلومات بہ سندس ڪتبخاني مان حاصل ڪيل آهي.

## ضميمو پهريون

"مطلع خورشيد" کان پوءِ شايع ٿيل سنڌي اخبارون ۽ رسالا

### اخبارون

| نمبر | نالو اخبار جو | روزانہ يا هفتيوار | شايع ٿيڻ جو هنڌ | شروع ٿيڻ جو سال | ايڊيٽر |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | معين الاسلام ۽ اڪليل | هفتيوار | ڪراچي | 1881ع | مرزا محمد شفيع، مرزا محمد جعفر |
| 2 | سنڌ سڌار | " | " | 82-84 ۽ 1887ع | ساڌو هيرانند |
| 3 | سنڌ سڀا | " | " | 1883ع | ڏيارام گدومل ۽ ان سان گڏ پارٽي |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 21 | مسلمان | " | ميرپورخاص | 23- 1924ع | محمد هاشم "مخلص". |
| 22 | سنڌ زميندار | هفتيوار ۽ روزانو | سکر | 1924ع | مسٽر عبدالوهاب، پير علي محمد راشدي، ۽ پير حسام الدين راشدي. |
| 23 | ستارهٔ سنڌ | هفتيوار ۽ روزانو | سکر | 1924ع | پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي. |
| 24 | الوحيد | روزانو | ڪراچي | 1925ع | شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولانا وفائي، مولانا عبدالغفور سيتائي، مولانا چشتي. |
| 25 | هندو | روزانو | حيدرآباد | 1926ع | جئرام، چوئٿرام، گهنشام، هيرانند ڪرمچند. ("سنڌي صحافت" ۾ 1916ع ڄاڻايل آهي. اها اخبار ديوناگريءَ ۾ ڇپبي هئي. 1917ع ۾ ڪراچيءَ مان عربي سنڌي لپيءَ ۾ ڇپي. 1946ع ۾ ان جو نالو بدلائي "هندستان" رکيو ويو.) |
| 26 | الراشد | هفتيوار | سکر | 26- 1928ع | پير علي محمد راشدي |
| 27 | نور اسلام | | حيدرآباد | 1927ع | مولوي نورمحمد نظاماڻي |
| 28 | پنجتني | هفتيوار | حيدرآباد | 1928ع | ميووخان |
| 29 | سنسار سماچار | روزانو | ڪراچي | 1928ع | نهالچند وزيراڻي |

## ٽنڊي الهيار جون اخبارون:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | رهبر زميندار | هفتيوار | ٽنڊوالهيار | 1936ع | مراد علي 'مراد' صوفي |
| 2 | رهبر | " | " | 1938ع | " |
| 3 | خوبصورت دنيا (رسالو) | ماهوار | " | 1945ع | ڀڳوانداس راڳهاڻي |
| 4 | ٽنڊوالهيار گزيٽ | هفتيوار | " | 1945ع | ڀڳوانداس راڳهاڻي |
| 5 | تاج پاڪستان | هفتيوار | ٽنڊوالهيار | 1948ع | عبدالڪريم سعدي ۽ محمد عمر بلوچ |
| 6 | الهلال | " | " | 1950ع | حاجي محمد صادق ۽ عبدالڪريم سعدي |
| 7 | صوفي گزيٽ | " | بکيرا | 1951ع | گل محمد 'آزاد' صوفي |
| 8 | انجيڪشن | " | ٽنڊوالهيار | 1952ع | حڪيم محمد عرس صوفي |
| 9 | اليڪشن | " | " | 1952ع | ولي محمد طاهرزاده |
| 10 | العزت | " | " | 1952ع | عزت خان بلوچ |
| 11 | رند | " | " | 1952ع | حاجي خان رند |
| 12 | آزاد وطن | " | " | 1952ع | محمد عثمان ميمڻ |
| 13 | اعلان | " | " | 1952ع | حاجي نور محمد ٻجاڻي |
| 14 | شاهين (اردو) | " | " | 1952ع | حڪيم عبدالغني |
| 15 | شرافت | " | " | 1953ع | حاجي خان رند |
| 16 | زمانه | " | " | 1955ع | حڪيم محمد عرس صوفي |
| 17 | اسٽوڊنٽ وائيس | " | " | 1958ع | بادل مينگهواڙ (شاگرد) |
| 18 | مظهر (علندڙ) | ماهوار | " | 1963ع | حڪيم محمد عرس صوفي |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 51 | ثقافت | " | سکر | 1958ع | الطاف شيخ |
| 52 | فلمي دنيا | " | حيدرآباد | 1958ع | شيخ امين علي |
| 53 | انسان | " | حيدرآباد | 1958ع | محمد عثمان ڏيپلائي |
| 54 | ميراث | ماهوار | ٽنڊومحمد خان | 1958ع | اسماعيلي مشن طرفان |
| 55 | روشني | " | ٽنڊومحمد خان | 1958ع | اسماعيلي مشن طرفان |
| 56 | مبلغ | " | ميرپورخاص | 59-1960ع | مولوي عبدالحق رباني |
| 57 | نئين ڪيتي | " | حيدرآباد | 1959ع | نواب جان علي خان لغاري |
| 58 | انسانيت | " | وڳڻ، ضلعو لاڙڪاڻو | 1961ع | ذوالفقار راشدي |
| 59 | روح رهاڻ | " | حيدرآباد | 1962ع | حميد سنڌي |
| 60 | مسلمان | " | حيدرآباد | 1963ع | |
| 61 | درمقصود | " | حيدرآباد | 1963ع | سيد نجف علي شاهه "ڪمتر" |

انهن کان سواءِ ڦليلي، طبيب، المرتضيٰ، خاڪسار سپاهي حيدرآباد مان، سک جو سنيهو شڪارپور مان؛ قرآني ولهيت ٿرپارڪر مان ۽ طبي مخزن ٽنڊي محمد خان مان نڪرندڙ هئا.

**ضميمو ٻيو**

**1853ع کان 1930ع تائين ليٿوگراف ۾ شايع ٿيل ڪتاب**

اسان مٿي ذڪر ڪيو آهي ته سنڌي لپي 1853ع ۾ ٺهي. انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي. سڄا سارا ڏهه سال لپيءَ جي ٺاهڻ ۾ صرف ٿيا. ان کان پوءِ، عبارت آرائيءَ کان علاوه، تمام سادي نموني ۾ تجربي طور جو ڪجهه به شايع ٿيو، تنهن جي وچور هيٺ ڏجي ٿي.

اول اول جارج اسٽئڪ جو گرامر 1849ع ۾ تيار ٿيو ۽ ديوناگري رسم الخط ۾ ڇپيو. " آڪاٽي راءِ ڏياچ جي " به ان سال ديوناگريءَ ۾ ڇپي.

1853ع ڌاري "باب نامو" ڇپيو. ان ۾ الف ـ بي جي پوري تختي ڏني ويئي. ان ۾ اعرابون به غلط سلط نموني ۾ استعمال ڪيون ويون. ۽ ڪن لفظن جا اُچار ۽ آواز به غلط ڏنا ويا. اهو ڪتابچو به تجربي طور شايع ڪري ورهايو ويو. ان ۾ الف ـ بي جي ڏنل ايڪونجاهہ اکرن جي وچور هيٺينءَ ريت آهي:

عبرانيءَ مان: ابجد هوز حطي، ڪلمن، سعفص

يعني: ا ب ج د ه و ز ح ط ي ڪ ل م ن س ع ف ص.

عربيءَ مان: ثخذ. قرشت ۽ ضظغ. يعني: ث خ ذ ق ر ش ت ض ظ غ.

پراڪرت مان : پ ٽ ٿ ٺ ڦ جهہ ڄ چ ڇ ڊ ڍ ڏ ک گهہ گ.

خالص سنڌي: ٻ ڄ ڏ ڳ

ان طرح ايڪونجاهہ اکر ڄاڻايا ويا.

ان کان پوءِ " پنهنجي زميندار جي ڳالهہ ". غلام حسين محمد قاسم قريشيءَ جي لکيل. 1854ع/1275هہ ۾ شايع ٿي. ان ئي سال "ايسپ جون آکاڻيون" ساڳئي مسٽر غلام حسين محمد قاسم قريشيءَ ترجمو ڪري ڇپايون.

1860ع ۾ "مطلع خورشيد" شايع ٿي، ۽ " ونهڻين ۽ ولهي جي ڳالهہ " منشي اُدارام لکي. 1861ع ۾ " سڌاتورو ۽ ڪڌاتورو " ۽ " مفيد الصبيان" سيد ميران محمد شاهہ اول ( 1245ـ1309هہ ) ترجمو ڪيا. جي گورنمينٽ طرفان ليٿو ۾ ڇپيا. ۽ ديوان اُدارام جو " سورٺ ۽ راءِ ڏياچ " پڻ ڇپيا.

1862ع ۾ ارد شير ايرانيءَ جي پريس ۽ ڪمشنر جي پريس قائم ٿيون. انهن مان "ليکي جي پيڙهہ" "انگ ۽ جدولون". "ڌرتي نروار". "الجبر والمقابلہ". "تاريخ معصومي" (ننديرام جو ترجمو). "ڪولمبس جي تاريخ". ۽ "ديوان ڪوڙيمل جو "پڪو پهہ" (زناني تعليم) شايع ٿيا.

1864ع ۾ ديوان ڪيولرام جي "سوکڙي" شايع ٿي.

1865ع ۾ نارائنداس جڳن ناٿ " سنڌ جو نروار " لکيو.

1866ع ۾ ٽرمپ جو " شاهہ جو رسالو " ۽ گرامر شايع ٿيا.

1868ع ۾ ديوان اڌارام ۽ ديوان نولراءِ "راسيلاس" جو ترجمو ڇاپيو.
1870ع ۾ "هيڪلاٽيءَ ۾ سک آهي ڇا؟" شايع ٿيو.
1871ع ۾ ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻيءَ جو "گلقند" ڇپيو.
1879ع ۾ اڌارام ٿانورداس مير چنداڻيءَ جي "سنڌي لغت" شايع ٿي ۽، "مقالات الحڪمت" (قليچ بيگ جو ترجمو) ڇپيو.
1885ع کان 1889ع تائين مسٽر پوڪرداس شڪارپور واري ۽ مسٽر هريسنگهه سکرواري ڪيترائي قصن ڪهاڻين ۽ دينيات جا ڪتاب ڇپايا.
1891ع (1309هه) ۾ شاهه محمد ديدڙ جا بيت ۽ "تنبيهه نامو" قاضي نورمحمد لاڙڪاڻي مان شايع ڪرايا.
1892ع (1310هه) ۾ "مدحيات" جو مجموعو ڇپيو.
1905ع ۾ مرزا قليچ بيگ جو "خيام" ڇپيو. ساڳئي سال "ڪواڪب السعادات في شرح مناقب السادات"، جلد اول، مولوي مشتاق متعلويءَ جو ڇپيو.

(ب) سنڌ کان ٻاهر ڇپيل ڪتاب (1830ع کان 1870ع تائين):

سنڌ کان ٻاهر بمبئيءَ ۾، هڪ ڪاٺياواڙي ميمڻ، قاضي ابراهيم مطبع "فتح الڪريم" برپا ڪئي. ان ۾ سنڌي زبان ۾ دينيات ۽ قصن جا ڪيئي ڪتاب شايع ٿيا. ان کان پوءِ جلدي "فتح الڪريم" جي پائيوارن ۾ ڦوٽ پيئي ۽ ٻي "ڪريمي" پريس بہ کولي ويئي. انهن ٻنهي مان ڪافي ڪتاب شايع ٿيا.
1904ع ۾، ڪوٽڙيءَ ۾، مطبع "سبحاني" قائم ٿي. جنهن ۾ مولوي مشتاق متعلويءَ جا ڪتاب ڇپيا. ان ئي پريس مان قرآن شريف جو پهريون پارو ۽ سوانح رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم بہ شايع ٿيا.
1910ع ۾ حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحہ امروٽ ۾ ليٿو پريس قائم ڪئي. ان مان قرآن شريف جاڪجهه پارا سنڌي ترجمي سان، ڪي عربي ڪتاب شايع ڪيا ويا.
1920ع ۾ "شمشير الاسلام" نالي ليٿو پريس، سيد جي ڳوٺ (ميهڙ) ۾، رئيس رضا محمد خان مشهور خلافتي ليڊر، قائم ڪئي. ان مان هفتيوار اخبار

"شمشير الاسلام". ڪي ديني رسالا ۽ پاره عم جو ترجمو شايع ٿيا.
ان وقت ڏاري ڪراچيءَ ۾ "دبدبه حيدري" پريس، بلوچ ليٿو پريس ۽ "حميديه" ليٿو پريس پڻ قائم ٿيون. جن مان مختلف وقتن تي "ترقي" "ڪاميابي"، "اسلامي دنيا"، "توحيد" "الاصلاح"، آلاسلام" وغيره رسالا ۽ ڪيئي پيا ليٿو ڪتاب شايع ٿيا.

**بمبئيءَ جي "فتح الڪريم" ۽ "ڪريمي" پريس مان ليٿو ۾ ڇپيل مشهور ڪتاب:**

| | |
|---|---|
| تنبيه الغافلين (1318 ھ) | مجموعه سنگنامو |
| قرآن مترجم سنڌي | تنبيه الجاهلين |
| مفتاح رشد الله، تفسير ڪلام الله | مخدوم ضياءالدين جي سنڌي |
| تفسير هاشمي جزعم | آداب النڪاح |
| تفسير تبارڪ سنڌي (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي) | تحفة الاحباب ترجمه ڪشف الحجاب |
| فرائض الاسلام (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي) | ابوالحسن جي سنڌي |
| نورالابصار (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي) | سراج العابدين |
| فرائض الاسلام خورد يعني فرائض الايمان (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي) | منهاج الزاهدين يعني انيس العابدين مجموعه چهار قصه |
| قوت العاشقين (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي) | شرائط الجمعة |
| رسالو شاه لطيف | رسالہ عقيقي، يعني مخدوم ابراهيم جي سنڌي |
| قصو حضرت يوسف | ترتيب الصلواة |
| قصص الانبياء (ترجمو) | منتخب الفوائد (تعويذات) |
| خلفائي راشدين در غزوات | انيس المتقين و سراج الجاهلين |
| جنگنامہ محمد حنيف | حصن الاصول دربيان زڪواة |
| ڪامل التعبير | مجموعه ضرورت المسلمين و خلاصه نظم |

| | |
|---|---|
| هداية المريدين | ذبح شڪار |
| حيات العاشقين درمناسڪ حج | حيرت الفقہ |
| مجموعہ مدحيات سنڌي | بيان العارفين (شاهہ ڪريم جو رسالو) |
| مفتاح الصلواة سنڌي | تفسير عزيزي (شاهہ عبدالعزيز جي تفسير جو ترجمو) |
| معراج نامہ سنڌي | ڪنزالعبرت |
| شمائل نبوي سنڌي | قصص الانبياءِ ڪلان |
| مجموعہ مولود سنڌي | قلندر لال شهباز – حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (مطبع نولڪشور لکنو) |
| مجموعہ وفات نامہ | مجموعہ مدحيات ڪلان |
| هفت قصہ سنڌي | دائري وارن جي سنڌي، ڪلان (اڏيري لال جي بزرگن جي تاليف۔ نئين ٽائيپ ۾ رسالہ "نئين ڪيتي" ۾ هلايل ۽ ايڊٽ ڪيل: گرامي) |
| ڪريما مترجم سنڌي | قصہ جابر انصاري |
| ليلا مجنون فاضلي | مجموعہ قصۂ جمجمہ |
| قمر المنير شمائل و معجزات نبوي | معجزه دائي حليمان |
| قصہ سيف الملوڪ | پوڪرداس ۽ هريسنگ جا ڪتاب |
| بدر منير في احوال قيامت ڪبير | وڏو قصو جهاندار ۽ آرام دل شهزادي جو |
| مجموعہ فوائد (تعويذات) | قصو آگر گل |
| طب جعفري | قصو مهربانو راڻيءَ جو |
| تحفة المجربات درطب | قصو گل بدن |
| سسئي پنهون | ناول عشق |
| چهل حديث | قصو قاضيءَ ۽ چور جو |
| مجموعہ ٽيہ حرفي | قصو ممتاز |
| قصہ حضرت موسيٰ ۽ خضر عليه السلام | قصا عجائب ۽ غرائب |
| مجموعہ خطب | راجا حاتم وڏو |
| مصباح العاشقين يعني مولود النبي | راجا حاتم ننڍو |
| ترغيب الصلواة يعني رسالہ آخر ظهر | نقش سليماني سنڌي |

| | |
|---|---|
| فالنامون | هدايت العاشقين |
| سهڻي مهوال جو قصو | گلشن حڪمت |
| ڏوايو سنڌي | ميزان الطلب |
| ترايو سنڌي | مجربات المعالجات |
| مجموعو ڪافين جو وڏو ڪتاب | قرابادين (ولي محمد) |
| ڪافين جو حصو اول، ٻيو، ٽيون، چوٿون | |
| | لغت |
| | مفتاح العلم |
| نورجهان ۽ مهرالنساء | انيس الطالبين |
| واڻڪو ويچارو | انشاء خادمي |
| دال پاڇيءَ جو يار | هفت ڪتابي |
| | ڪتاب انشاء سنڌي |
| | انشاء سنڌي حصو 1 |
| | انشاء سنڌي 2، 3 |
| ناول | ڏوايو سنڌي |
| دل بهار ناول | ڏ وايو سنڌي |
| عجائب غرائب ناول | ناگهان (قصو) |
| ناول نونهال | خط ۽ عبارتون |
| تعويذات، جفر ۽ نجوم | آئيوينا سنڌي |
| اڪسيرالاحمر | آمدنامو سنڌي |
| اسرار الجفر | شاڪرنامو سنڌي |
| فالنامون ۽ تعويذات | تعويذات |
| علم نجوم جو ڪتاب سنڌي | چو وايو سنڌي |
| هندن جا ڌرمي ڪتاب | گنج العرش سنڌي |
| رامائڻ ( ڪانڊپورا) | خطبو جمع سنڌي |
| جنم ساکي (گرونانڪ صاحب) | جنگ نامو |
| جپ صاحب ( ارٿ سميت) | روضة الشهداء |
| راجه وڪرماجيت | رسالو قاضي نور محمد فقه |
| راجا هريشچندر جي ڪٿا | معجزه حضرت اسماعيل |

| | |
|---|---|
| ساميءَ جا سلوڪ | قصہ اعرابي نينگر |
| **شعر جا مشهور ڪتاب** | مولود |
| ديوان سانگي | خطبة العيدين |
| ديوان واصف | مسڪين رد مرثيہ (ثابت علي شاهہ) |
| ديوان نجفي | شاهہ محمد ديدڙ فقير |
| ديوان بيدل | رسالو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ |
| ديوان بيڪس | **مولوي عبدالحق (سکر) جا ڇاپايل** |
| روحل فقير جو رسالو | صحيح بخاري مڪمل ( 4 حصا) |
| مراد فقير جو رسالو | اُمهات المومنين |
| غلام علي فقير جو رسالو | سيرت صديق اڪبر |
| ديوان بلبل | |
| ديوان تاج | سيرت فاروق اعظم |
| **نور محمد تاجر ڪتب لاڙڪاڻہ جا ڪتاب** | سيرت ذي النورين |
| تنبيہ نامو ( شاهہ محمد ديدڙ 1309هہ) | سيرت حيدر ڪرار |
| چٽن يارن جي صفت ( شاهہ محمد ديدڙ 1309هہ) | سيرت حضرت فاطمة الزهرا |
| مناجاتون ( شاهہ محمد ديدڙ 1309هہ) | سيرت حسين عليہ السلام |
| چوڏهين صدي ( شاهہ محمد ديدڙ 1309هہ) | سيرت حسن عليہ السلام |
| نصيحت نامو ( شاهہ محمد ديدڙ 1309هہ) | قصص الانبياء |
| مولود لطف الله هالائي ( شاهہ محمد ديدڙ 1309هہ) | سراپا رسول |
| ڪريما مترجم سنڌي 1892ع | بهشتي ڪوثر |
| | شمائل ترمذي |

**سنڌ ۾ ڇپيل متفرق ليٿو ڪتاب**

| | | |
|---|---|---|
| نورالايمان مقدمہ تفسير القرآن | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 1338هہ |
| فتح محمدي | | 1338هہ |

| | | |
|---|---|---|
| تحفة المصلين (اسلامي نماز) | مولانا مولوي عبدالرحيم مرحوم | 1923ع |
| سيرت النبي | " | 1924ع |
| اسلام جا دنيا تي احسان | " | 1924ع |
| حضرت عائشہ جي سيرت | " | 1924ع |
| اسلام ۽ عورت | " | 1924ع |
| تاريخ اسلام، 4 حصا | " | 1924ع |
| رسالہ نيڪ صلاح | مولانا الاهي بخش صاحب رحہ | |
| تاريخ القرآن | قاضي عبدالرزاق | 1949ع |
| توضيع التقليد مع سبيل الرشيد | محمد هارون صباغ. | 1354هہ |
| توحيد نامو | (مدرسہ دارا الرشاد جهندو شريف) | 1327هہ |
| ڪشف الغطاء والحجاب عن منع الصلواة الي القبور والقباب | حاجي الهڏنو صاحب. | 1353هہ |
| بهشتي باغ | مولانا الاهي بخش رحہ | 1332هہ |
| ارشاد المريدين و هداية المتقين | | 1327هہ |
| هديہ سلام الله | دين محمد هالائي. | 1905ع |
| هدايت العباد اليٰ مسائل الضاد | مولوي هدايت الله هالائي | 1351هہ |
| انوار محمدي. | مولوي عبدالڪريم چشتي. | 1938ع |
| تلوار حق. | " | 1936ع |
| امام شافعي | " | 1938ع |
| اسماعيل شهيد | " | 1946ع |
| هدايات محمدي | " | 1947ع |
| اعداء الثقلين | مولوي نظير حسين مجددي. | 1352هہ |
| حق الشفاء | مولوي عبدالحق نصرپوري | 1352هہ |
| شيعہ نماز | سيد محمد عارف واعظ | 1352هہ |

| | | |
|---|---|---|
| تمدن عرب (تفسير سوره سبا). | مولوي غلام مصطفيٰ قاسمي | 1947ع |
| الهام الرحمان في تفسير القرآن | مولانا عبيد الله سنڌي | 1952ع |
| عظمت قرآن مجيد | "بزم طلوع اسلام"، ڪراچي | 1957ع |
| تفريح المومنين | ڊاڪٽر عبدالفتاح بلوچ | 1960ع |
| حق الصريح | مفتي صاحبداد صاحب سلطان ڪوٽي | 1956ع |
| قول الانور في بحث النور والبشر | مولوي عبدالصمد (جامع راشديه) | 1960ع |
| تفسير تنوير الايمان | مولوي محمد عثمان نورنگ زادو | |
| خطبات | مولوي محمد عثمان نورنگ زادو | |
| خطبات جتوئي | مولوي غلام رسول جتوئي | |
| جمال القرآن (حضرت ٿانوي رحه) | مترجم قاري شير محمد (گهوٽڪي) | |
| تعليم القرآن | حضرت مولانا مولوي عبدالڪريم ديروي رحمة الله عليه | |
| معلم القرات | " | |
| علم الفقه | حضرت مولانا مولوي عبدالڪريم ديروي رحمت الله عليه | |
| هدايت الاسلام ۽ نورالايمان | " | |
| عقائد اسلام | " | |
| قواعد فارسي | " | |
| اخلاق نامه غزالي | " | |
| مقدمه جزري | " | |
| جواز سماع | مولوي محمد صالح غفاري | |
| ڪلمة الحق، رد 'جواز سماع' | مولوي محمد صادق راڻيپوري | |

| | | |
|---|---|---|
| باب القرآن | مولوي ملا دوست محمد کوسو (مدرسه اسلاميه، ميهڙ) | |
| ترتيل القرآن | قاري محمّد مدني (ميهڙ) | |
| بهشت جي ڪنجي (نماز) | مولانا دين محمد صاحب فيروز شاهي، | 1950ع |
| قصيده برده | مولوي علي محمد مهيري، | 1319هه (1901) |
| ترجمه و تفسير قرآن | مولوي محمد مهاجر مدني، | 1945ع |
| رسالو شاه لطيف | مرزا قليچ بيگ، شمس العلماء | 1949ع |
| رسالو شاه لطيف | مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي | 1955ع |
| شاه محمد ديڏڙ جا بيت ۽ مدحيات | | 1309هه/1891ع |
| تحفة الاسلام | مولوي محمد عثمان نورنگ زادو | |
| غزليات | مولوي محمد عثمان نورنگ زادو | |
| رسالو عبدالرحيم گروهڙي | | |
| ديوان گل | خليفو گل محمد (پاڻ بمبئيءَ وجي ڇپايائين) | |
| توثيق الاحناف، | مولانا مير محمد هالائي | 1355هه |
| اعلاءِ الحق، | مولانا مير محمد هالائي | 1355هه |
| انڪشاف الحقيقة في تعارف اهل البدعة والفتنة | مولوي عزيزالله ۽ مولوي محمد مبارڪ | 1365هه 1937ع |
| اظهار الحق، | عبدالعزيز عرب مرحوم | 1930ع |
| مطالب القرآن | | 1940ع |
| آخري مذهب | مولوي عبدالرزاق قاضي، | 1934ع |
| آئينه محبت، | مولوي عبدالرزاق قاضي | (ترقي بڪ ڊيپو ڪراچي) 1934ع |
| ارشاد الامام | ,, | ,, |
| آخري مذهب | ,, | ,, |
| فاتح سنڌ | ,, | ,, |

| | | |
|---|---|---|
| ڪمال پاشا | " | " |
| انور پاشا | " | " |
| دعوت اسلام | " | " |
| ظهور مهدي | " | " |
| پنج گنج ترڪي | " | " |
| آخري رسول | مولوي عبدالرزاق قاضي | ترقي بوڪ ڊيپو ڪراچي 1934ع |
| تحقية الخلافه | علامه اسد الله شاه "فدا" ٽکڙائي | 1924ع |
| فتح الهادي | " | 1925ع |
| حقيقة المحمديه (جلد 1 ۽ 2) | " | 1926ع |
| نُور هدايت (شيعه) | ڇپائيندڙ حاجي خواجه محمد جعفر | 1925ع |
| تفسير القرآن (شيعه) | مولوي محمد خان لغاري | 1925ع |
| فقه شيعه ( شيعه) | | 1925ع |
| رد تناسخ. | محمد بخش واصف | 1931ع |
| فضلاالخطاب | محمد بخش واصف. | 1931ع |

تذڪره اولياءَ (سنڌي): مڪتبه عليگڙهه بڪ اسٽور نيم جي چاڙهي سکر.

ياقوت و مرجان ؛ جناب حاجي مرزا افضل بيگ صاحب. مڪتبه حڪيم عبدالحق حڪيم نورالهي تاجران ڪتب؛ قيمت مجلد 1,50 روپيو؛ چوڪ گهنٽا سکر.

تحفته الفقيه: حافظ مولوي عبدالحميد حافظ شمس الدين ائنڊ برادرس؛ مالڪان: مڪتبه شمسي بيراج روڊ سکر.

جنگ نامون، محمد حنيف (سنڌي زبان) : مولوي عبدالحي سيد مئن شاهه ائنڊ سنز تاجران ڪتب فقيرجو پڙ حيدرآباد سنڌ.

مجموعه مدحيات ( سنڌي) : رحمان برادرس: فريئر روڊ ڪراچي.

قصص الانبياءِ ( سنڌي): مولوي محمد عظيم ائنڊ سنز تاجران ڪتب. شاهي بازار شڪارپور

پيشنگوئي سنه 1379هه: حافظ برادران، مڪتبه شمسيه سکر.

ڪمالات محمدي: مولانا چشتي؛ مڪتبہ حڪيم خليفہ غلام حيدر؛ تاجر ڪتب شڪارپور.

حديث:مولوي شاھ محمد صاحب جتوئي، شڪارپوري، مولوي محمد عظيم ائنڊ سنز تاجران ڪتب شاهي بازار شڪارپور.

ملان ۽ موالي: مولوي ثناء الله ثنائي، مولوي عظيم ائنڊ سنز تاجران ڪتب، شاهي بازار شڪارپور.

فالنامون، موسيٰ مداحي:سيد منن شاھ ڪتب فروش؛ فقير جو پڙ حيدرآباد سنڌ.

خليفہ اول، صديق اڪبر: مولوي عبدالحي، مولوي محمد عظيم ائنڊ سنز تاجران ڪتب شاهي بازار شڪارپور، سنڌ.

تنبيہ النساء: ميان عبدالوارث دل، سعيدآبادي.

خطبہ النڪاح: مڪتبہ سيد منن شاھ، فقير جو پڙ حيدرآباد سنڌ.

تنوير الايمان: مولوي محمد عظيم ائنڊ سنز، تاجران ڪتب شڪارپور سنڌ.

السراجي الميراث ( سنڌي زبان ۾): مڪتبہ سيد منن شاھ؛ فقير جو پڙ حيدرآباد سنڌ.

ان طرح آر. ايچ احمد، يوسف برادرس، فتح برادرس ۽ ٻين ڪيترن ڪتب فروشن جا مٿيان ساڳيا ڪتاب ۽ ڪي نوان ڪتاب پڻ شايع ٿيا آهن.

بهرحال، هي آهي ليٿو گراف جي تاريخ ۽ سنڌي ادب ۾ تاليفات جو تفصيل.

[مهراڻ-1964/1ع]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ

هي مضمون گذريل ڏهين سنڌي ادبي ڪانفرنس (22_23 آڪٽوبر 1950ع، لاڙڪاڻي) ۾ پڙهيو ويو ۽ ڪانفرنس جي ڪارروائي "تحفه لاڙڪاڻه" ۾ ڇپيو هو جنهن کي ذرا وڌيڪ وضاحت ۽ حوالن سان سوڌي سنواري، "مهراڻ" ۾ اشاعت لاءِ ڏجي ٿو. مضمون نهايت وسيع آهي، البته هيءَ مضمون آئنده تحقيق جا ڪي اهم پهلو قدرِ روشن ڪري ٿو.

سنڌي ٻوليءَ تي تاريخي تحقيق اڃ ڏينهن تائين ڪنهن به تسلي بخش پايي تي نه پهتي آهي. جيتوڻيڪ هيءَ جانچ ۽ جستجو اجا اڌوري ۽ اڻپوري آهي، ته به جهجهي انداز ۾ موجود آهي. يورپي عالمن مان واٿن (Wathen) ايسٽوڪ (Estvick) ليچ (Leech)، برٽن (Burton)، ٽرمپ (Trumpp)، گولڊسمڊ (Goldsmid) ۽ گريئرسن (Grierson) سنڌي ٻوليءَ جي گرامر توڙي لغت تي مفيد معلومات مهيا ڪئي آهي. سنڌي اديبن مان خاص طور مرزا قليچ بيگ مرحوم ۽ آنجهاني ڀيرومل سنڌيءَ جا گرامر لکيا آهن. ازان سواءِ شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ ٻين صاحبن سنڌي ٻوليءَجي تاريخ تي گاهي بگاهي مضمون پڻ لکيا آهن. هن سلسلي ۾ ٽرمپ ۽ گريئرسن جون سنڌي گرامر ۽ لغت تي تصنيفون سڀني ۾ معياري آهن.

هن مضمون ۾ انهن اڳين فاضلن جي ڪيل تحقيق جو لب لباب پيش ڪرڻ به فائدي کان خالي نه ٿئي ها. حالانڪ اهو ڪم ڪنهن حد تائين مسٽر ڀيرو مل پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ سرانجام ڏنو آهي. مگر تحقيق جي دائري کي ذرا وسيع ڪرڻ جي خيال کان هن مضمون ۾ ڪوشش ڪري ڪي نيون حقيقتون واضح ڪيون ويون آهن ۽ انهن جي بنا تي ڪي نوان نڪتا، نوان خيال ۽ انوکا نظريا پيش ڪيا ويا آهن. مثلاً هڪ خاص نظريو جو سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو تروار ڪيو ويو آهي، اهو هيءَ ته "سنڌي ٻولي سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتل ناهي" در حقيقت انهيءَ خواه ٻين

نظرين مان هر هڪ جي پنيرائيءَ واسطي هڪ مفصل علمي ۽ تنقيدي بحث جي ضرورت آهي، مگر ان لاءِ هن مختصر مضمون ۾ گنجائش ناهي. اميد آهي تہ محقق اديب هت پيش ڪيل نظرين ۽ ضمني دليلن کي پنهنجو پاڻ ورجائيندا، ۽ پنهنجي ذاتي تحقيق جي بناء تي علمي نظريا قائم ڪندا.

سهوليت جي خيال کان، هن مضمون کي چئن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: (1) قديم دور، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي موجوده خاڪي جو اڃا نالو نشان بہ ڪونہ هو. (2) بنيادي دور، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي خاڪي جي تشڪيل ٿي، (3) تعميري دور، جنهن ۾ سنڌي ٻولي ترقي ڪري هاڻوڪيءَ لغوي ۽ ادبي منزل تي پهتي، ۽ (4) موجوده دور، جنهن مان سنڌي ٻولي گذري رهي آهي، ۽ پنهنجو مستقبل قائم ڪري رهي آهي _ [ن.ب.]

1. قديم دور (600 ورهيہ قبل مسيح کان 500 ورهيہ بعد مسيح)

(الف): 600 ورهيہ قبل مسيح: سنڌ جي اوائلي ٻولي ۽ سنسڪرت: قديم دور اٽڪل چوٿين صدي عيسوي ۽ ان کان اڳ وارو زمانو آهي، جنهن کي "سنڌ جي ٻوليءَ يا ٻولين وارو دور" چئي سگهجي ٿو. ان وقت سنڌ جي ٻولي يا ٻوليون ضرور هيون، مگر "سنڌي ٻولي" جنهن جي اسان کي علمي ڄاڻ آهي، سا اڃا ناپيد هئي. هن عرصي ۾ سنڌ ديس جي ٻوليءَ يا ٻولين تي آريائي، سامي ۽ داردي ٻولين جو اثر پيو.

(سنڌ جي قديم ٻولي غالباً ڪا 'سامي' زبانن جي سٽ مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو. انهن آريائي ٻولين مان هن قديم زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ تي گهڻي ۾ گهڻو اثر ايراني ۽ داردي ٻولين جو پيو ۽ اُن بعد پالي پراڪرت جي ذريعي سنسڪرت جو. منهنجي نظريي موجب، هي سراسر غلط آهي تہ سنڌي ٻولي ڪو سنئون سڌو 'سنسڪرت' مان نڪتي. هن غلط فهميءَ جا بہ ٽي ڪارڻ آهن. اول تہ لسانيات جا يورپي عالم، پنهنجي ابتدائي ۽ اجنبي تربيت موجب، هن اثر هيٺ رهيا تہ هندستان جون جملي ٻوليون سنسڪرت مان نڪتل آهن. انهيءَ گمان سندن هندستاني زبانن

جي جانچ پڙتال تي اثر وڌو. هنن هر زبان ۾ سنسڪرت جي عڪس ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرت مان نڪتل لفظن جي بناءَ تي، هنن سنڌيءَ کي سنسڪرت مان نڪتل قرار ڏنو. سنڌي صرف ـ نحو جي نرالي ۽ ڳُوڙهي سِٽا - جا هن ٻوليءَ کي سنسڪرت خواه ان جي پوئين توڙي ڏهنين کان ممتاز ڪري ٿي، ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ جدا اصليت ۽ مستقل حيثيت ڏئي ٿي. توڙي ٻوليءَ جون ٻيون 'انفرادي خصوصيتون' تن کي انهن يورپي محققن، مستثنات (exceptions) جو نالو ڏيئي، ترڪائي ڇڏيو. ازان سواءِ انهن محققن جيڪي دليل دلائل سنڌيءَ جي سنسڪرت سان نسلي نسبت بابت ڏنا آهن، تن مان گهڻا ظني آهن؛ باقي جيڪي علمي آهن، سي بہ تنقيد جا محتاج آهن، ۽ اجا زياده تحقيق طلب آهن. ٻيو ڪارڻ، سنڌيءَ جي سنسڪرتي نسل واري نظريي جو اسان جي هندو پاڻرن جون لکيتون آهن، جن جي اڪثريت هن خيال جي وڌي تائيد ڪئي؛ مگر انهن لکيتن جي حيثيت صرف تبليغي آهي، ۽ نہ علمي ۽ حقيقي. ٽيون ڪارڻ، سنڌيءَ جي سنسڪرتي نسل جو هڪ عام غلط فهمي آهي تہ سنڌي ٻولي يا تہ سنسڪرت مان نڪتي يا تہ عربيءَ مان. جنهن صورت ۾ عربي زبان ٻاهران آئي، تنهن صورت ۾ سنڌي ٻولي پڪ سنسڪرت مان نڪتي هونديءَ ۽ اڪثر مسلمان صاحبن کي وري هيءُ حسنِ ظن آهي تہ سنڌي ٻولي عربي مان نڪتل آهي.)

هن قديم دور جي علمي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ جنهن وقت آريائي قومون اول اول هندستان ۾ داخل ٿيون، ان وقت اسان جي هاڻوڪيءَ سنڌ جو هيٺيون ڏاکڻيون حصو (لاڙ ۽ ٿر) شايد سمنڊ هيٺ آيل هو. سنڌو درياءَ جو دو-آبو (ڊيلٽا) بہ مٽي وچ سنڌ ڌاري هو. اوائلي آريون جون جيڪي بيٺڪون ٿيون، سي هاڻوڪي سنڌي خطي ۾ نہ بلڪ سنڌو نديءَ جي مٿئين پاڳي ۾ پنجاب واري ڪناري جي آسپاس ٿيون. ۽ درياءَ جي انهيءَ خطي کي ٿي "سنڌو" نالو ڏنائون. ان بعد، اهي آريائي قومون اُبرندي طرف وڌيون. گنگا-

جمنا دوآبي ۾ سنڌن مستقل قيام جي دور ۾ ئي سنسڪرت زبان آهستي آهستي جڙ ي راس ٿي. ملتان کان ڪشمير واريءَ اراضيءَ جون اهي ئي ساڳيون اصلي ٻوليون رهيون، جي هن خطي ۾ مسلسل لڏ پلاڻ سببان پنهنجي طور تي ڦرنديون گهرنديون رهيون. انهيءَ لڏپلاڻ مان 'ايراني- آرين' جي هندستان طرف هجرت هڪ اهم واقعو هو جنهنڪري هتي جي ٻولين تي قديم ايراني ٻوليءَ جو بہ اثر پيو.

(سرزمين سنڌ کي جن ماڻهن اول اول اچي آباد ڪيو سي الهندي وارن ملڪن مان آيا، ۽ انهن سنڌ درياءَ جي الهندي ڪناري واريءَ ايراضيءَ ۾ پنهنجون بيٺڪون قائم ڪيون. سنڌن تمدن جي انتهائي ترقيءَ 'موئن جي دڙي' واري تهذيب جي صورت اختيار ڪئي. موئن جي دڙي جي آثار قديم جي انڪشاف مان قطعي ثبوت مليو ته سنڌ جو هي قديم تمدن، مغربي 'دريائي تمدنن' يعني تہ دجلہ ۽ فرات دريائن جي سُمير ۽ بابلي تمدن جو ساٿياري آهي[1]؛ ازان سواءِ اهو سنڌ جو قديم تمدن هڪ قسم جو 'سامي تمدن' آهي ۽ نہ آريائي[2]. انهيءَ قديم سنڌي تمدن جي ٻولي بہ ڪا 'سامي- صفت'[3] زبان هئي، جا سنڌ ملڪ جي اوائلي زبان هئي. انهيءَ ٻوليءَ جا مسخ شده نشان 'موئن جي دڙي' مان لڌل مهرن تي موجود آهن. غالباً بابلي زبان جا الفاظ_جهڙوڪ 'مڻ'، 'ڪنجهو' ۽ 'هنجهہ' _ سنڌيءَ ۾ هن اوائلي دور ۾ داخل ٿيا، ۽ ان بعد سنسڪرت ۾ رائج ٿيا.)

انهيءَ دور واري سنڌ جي هن 'سامي-صفت' زبان جي سنڀڙ جو امڪان هڪ طرف ايراني زبانن سان، تہ ٻئي طرف 'ملتان-کان-ڪشمير' وارين

---

1 جان مارشل: محڪمہ ءِ آثار قديم هند، ساليانہ رپورٽ، 27_1926ع

2 "غير آريائي تمدن" (A Non_Aryan Civilization) ڏسو_ اسٽار رچرڊ جو ڪتاب Indus Valley Pottery ڇپيل پرنسٽن يونيورسٽي، پرنسٽن، آمريڪا، 1941ع

3 سرياني، عبراني، حبشي ۽ عربيءَ کي علم لغات جي اصطلاح ۾ 'سامي زبانون' سڏيو ويو آهي. 'سامي_صفت' يعني انهن ٻولين جهڙي.

ٻولين سان (جن تي خود ايراني زبانن جو اثر پيو) نظر اچي ٿو. ازان سواءِ هندستان جي اُتر-اولهه وارن پهاڙي لڪن مان به اتي جي داردي قومن جو ڪشمير کان ملتان تائين رهندڙ ماڻهن سان، اصل-آريائي قرابت توڙي مسلسل هجرت ۽ آمد و رفت سببان، تعلق رهيو جنهنڪري هن سڄي اتر-اولهه خطي تي داردي ٻولين جو پڻ اثر پيو. انهيءَ ڪري ڪشميري، ملتاني ۽ سنڌي ٻولين جو رنگ ڍنگ ٻين هندي-آريائي ٻولين کان نرالو ٿيو ۽ انهن ٻولين ۾ هڪ بنيادي نسبت پيدا ٿي. ڌيان طلب نُڪتو هي آهي ته هن قديم دور ۾، جنهن وقت گنگا-جمنا دوآبي جي اردگرد سنسڪرت پنهنجون ابتدائي ۽ آخري منزلون طي ڪري رهي هئي، ۽ اتي جون پراڪرت زبانون ان جي زير اثر وڌي ويجهي رهيون هيون، ان وقت 'ڪشمير کان سنڌ' واري خطي جي لساني نوعيت جداگانه هئي. اهو خطو پهريائين 'هند-ايراني' ۽ پوءِ 'هند-آريائي' ۽ 'داردي' زبانن جو آماجگاهه رهيو.

سنسڪرت پنهنجي ڪلاسيڪي (پراڻن واري) قالب ۾ بند ٿي چڪي هئي، ۽ ان جي زير اثر عوام جون ٻوليون پنهنجو اوائلي پراڪرتي دور ختم ڪري واريون هيون. سنڌ ۾ انهيءَ ڪلاسيڪي سنسڪرت، توڙي اوائلي پراڪرت، جي اثر جي نه پهچ هئي ۽ نه گنجائش: ڇو ته انهيءَ ساڳئي وقت سنڌ جي موئن جي دڙي واري دريائي تمدن جي 'سامي-صفت' زبان سنڌ ۾ رائج هئي. ان بعد سنڌ تي تقريباً 600 ورهيه قبل مسيح تائين جيڪو اثر پوندو رهيو سو ڪشمير-ملتان واري خطي مان داردي ٻولين جو ۽ نه سنسڪرت جو. انهيءَ ڪري ئي، بنيادي طور، سنڌي ٻولي داردي ٻولين سان قريب تر رهي[4]. داردي ٻولين ۾ ٻن حرف علتن جي وچ ۾ ايندڙ 'ت' مٽجي نٿي، اها 'داردي' خصوصيت اڃا تائين "سنڌو ماٿر وارين ٻولين" [سنڌي،

[4] "Sindhi, on the contrary, claims a much more clear relationship to the Daradic languages (which influenced it from northern side) being protected from the East by the desert of Western Rajisthan" (Grierson: *Linguistic Survey of India, Vol. VIII,P.I*).

لهندا، پنجابي (لهندا جي اثر هيٺ) ۽ ڪوهستاني] ۾ موجود آهي. انهن ٻولين ۾ 'پيتو'، 'لاتو'، 'ڪيتا'، 'سيتا' وغيره مروج آهن، حالانڪ ٻين هند_ آريائي ٻولين ۾ اهي الفاظ 'پيا'، 'لايا'، 'ڪِيا'، 'سِيا'، بنجي چڪا آهن[5] سنڌ کان ڪشمير تائين 'سنڌو_ماٿر وارين ٻولين' ۾ 'اسين'، 'اسان'، 'اسي'، وغيره مشترڪ الفاظ "آسمي" مان نڪتل آهن، ۽ نه سنسڪرت "ويوئم" مان (جنهن سان انگريزي لفظ 'we' به لاڳاپيل آهي). اهو لفظ، 'آسمي'، سنسڪرت کان اڳ يا سنسڪرت واري زماني جي پراڪرت جو آهي، جنهن کي جيڪڏهن 'پروٽو_پراڪرت' (Porto_Prakrit) چئجي ته مناسب ٿيندو. بهرحال، اهڙا الفاظ 'سنڌو_ماٿر وارين ٻولين' جي مشترڪ مگر سنسڪرت کان جداگانه سرچشمي جو پتو ڏين ٿا.

**(ب) 600 ورهيه قبل مسيح کان 500 ورهيه بعد مسيح: سنڌ جي ٻولي ۽ پالي پراڪرت:** آڳاٽي قديم دور بعد، اسين پوئين قديم دور (600 ورهيه قبل مسيح کان 500 ورهيه بعد مسيح) تي اچون ٿا. هي هند جي پراڪرت ٻولين جو پيو دور آهي. (سنڌ جي ٻوليءَ تي جنهن پراڪرت جي اثر جو امڪان نظر اچي ٿو سا 'پالي' زبان هئي، جنهن جو اثرائتو دور هندستان ۾ تقريباً 600 ورهيه قبل مسيح کان شروع ٿئي ٿو) لڳ ڀڳ انهيءَ زماني بعد ئي سنڌ تي ٻاهران هندستان جي مذهبي خواهه سياسي اثرات جي شروعات ٿئي ٿي: ٻڌ ڌرم جو پرچار توڙي جين (چندرگپت) ۽ ٻڌ حاڪمن (اشوڪ ۽ ڪنشڪ) جو سياسي اقتدار مختلف وقتن ۾ ٿوري يا گهڻي عرصي لاءِ، ان بعد شروع ٿيو. تنهنڪري پالي ۽ ٻين 'ٻئي دور وارين' پراڪرت زبانن جو اثر سنڌ جي ٻوليءَ تي ممڪن نظر اچي ٿو. (مگر، پراڪرت ٻولين ۾ خاص طرح پالي زبان جو اثر ڪيتري قدر سنڌ جي ٻوليءَ تي پيو هوندو انهيءَ لاءِ تاريخ ڏانهن نظر ڪرڻ گهرجي.)

پالي زبان جو عروج تقريباً (600 ورهيه قبل مسيح) مهاتما ٻڌ جي زماني

[5] Grierson: *linguistic Survey of India, vol.I. p.141*

سان شروع ٿئي ٿو. انهيءَ زماني ۾، توڙي ان کان گهڻو پوءِ آشوڪ جي حڪمرانيءَ (تقريبا 250 ورهيه قبل مسيح) سوڌو سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جي پرچار جو تاريخي ثبوت ڪونه ٿو ملي. آشوڪ جي مذهبي پرچار جي ڪابه لکيت سنڌ ۾ موجود ڪانهي. سنڌ کي ويجهي ۾ ويجهو آشوڪ جون لکيتون شايد شهباز ڳڙهي ۽ مانسهره واريون آهن، جيڪي پالي ٻوليءَ جي مقامي محاوري (dialect) ۾ اُڪريل آهن. گند ٿيل محاوري مان سمجهجي ٿو ته اشوڪ جي ڏينهن ۾ خود پالي پراڪرت اتر-اولهه هندستان جي مقامي محاورن جي قالب ۾ بند ٿي چڪي هئي. سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو اثرائتو پرچار ان کان چار سؤ ورهيه پوءِ، ٻي صدي عيسويءَ ۾، ڪوشان گهراڻي جي دور ۾ شروع ٿيو.

عيسوي سن 50 ڌاري، ڪوشان شاهه 'ڪنشڪ' جي ڏينهن ۾ اشوڪ جي خالص ٻڌ مت 'هِنايَن' تي 'مَهاين' پنٿ غالب پيو، جنهن موجب ظاهري ڪرياڪرم ۽ پاٺ پوڄائن زور ورتو. مهاتما ٻڌ جي ذاتي وسلن ۽ ٽڳن، توڙي سندس آستانن ۽ ٽڪين تي پُوڄا واسطي ٿُل ۽ دَقل (Stupa)، منارا ۽ مندر بنيا. اهي ٿُل ۽ دقل مهاين پنٿ جا نروار نشان هئا. سنڌ ۾ ٻڌڪا ٽڪر، مير رُڪن جو ٿُل، ڏيپر گهانگهري جو ٿُل، ڪاهوءَ جي دڙي ۽ موئن جي دڙي جا ٻڌڪا مندر، انهيءَ مهاين پنٿ جا پڪا ثبوت آهن. سنڌ جي مهاين پنٿ جو پرچار شايد ڪنشڪ جي ڏينهن ۾ شروع ٿيو هجي، مگر گمان غالب آهي ته هن پنٿ سنڌ ۾ ڪنشڪ جي ٽين پيڙهيءَ جي حاڪم واسو ديو جي ڏينهن ۾ اٽڪل ٻيءَ صديءَ ڌاري زور ورتو[6] واسو ديو جا جيڪي سڪا 'موئن جي دڙي' جي مٿئين سطح واري ٻڌ کنڊرات مان لڌا آهن، تن موجب سنڌ ۾ ڪوشاني سياسي اقتدار (جنهن تي مذهبي پرچار جو گهڻو دارومدار رهيو) جو زمانو 'ٻي صدي عيسوي' قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن مهاين پنٿ جو پرچار پالي پراڪرت ۾ تسليم ڪجي، ته چئي

[6] واسو ديو جي حڪمرانيءَ جو عرصو مبهم آهي: ڪن سندس حڪمرانيءَ جو دور پهرين صدي عيسوي ڄاڻايو آهي، ته ڪن وري ڏيڍ سؤ سال کان پوءِ.

سگهجي ٿو تہ پالي پراڪرت جو اثر سنڌجي ٻوليءَ تي اٽڪل ٻي صدي عيسويءَ کان شروع ٿيو. مگر سوال آهي تہ جنهن پالي محاوري ۾ اهو پرچار ٿيو، ان جي لساني ڪيفيت ڪهڙي هئي؟ اسان مٿي بيان ڪيو آهي تہ اشوڪ جي شهباز ڳڙهي- مانسهره واريءَ لکيت مان معلوم ٿئي ٿو تہ 250 ورهيہ قبل مسيح ڌاري پالي پراڪرت مقامي محاورن جي قالب ۾ تبديل ٿي هئي. ان کان چار سؤ ورهيہ پوءِ تہ انهن پالي محاورن ۾ ويتر وڌيڪ تبديل آئي هوندي. گويا، جڏهن پالي ٻولي خود پنهنجي آخري پراڪرتي دور مان لنگهي رهي هئي ۽ ان جا محاورا (dialects) مڪاني ٻولين سان خلط ملط ٿي پنهنجي اصليت وڃائي رهيا هئا. ان وقت جي ڪنهن 'مخلوط پالي محاوري'[7] ۾ مهاين پنٿ جو پرچار سنڌ ۾ ٿيو. هن قياس جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو تہ سنسڪرت جو اثر جيڪو هن پاليءَ محاوري جي واسطي سان سنڌي ٻوليءَ تي پيو هوندو سو اڪثر 'دخيل لفظن' جي صورت ۾، ڇو تہ پاليءَ جو مخلوط پراڪرتي محاورو صرف-نحو جي لحاظ سان بذات خود سنسڪرت کان گهڻو پري هٽي چڪو هوندو. البت سنسڪرت مان مشتق (derived) الفاظ جنهن بہ صورت ۾ سنڌ جي ٻوليءَ ۾ جذب ٿيا، سي سرزمين سنڌ ۾ ساڳيءَ صورت ۾ باقي رهيا، ۽ اڄ تائين باقي آهن. جيئن تہ مهاين پنٿ سنڌ ۾ ٻي صدي عيسويءَ کان وٺي ستين صديءَ جي آخر تائين جاري ساري رهيو، انهيءَ ڪري سمجهجي ٿو تہ هن عرصي ۾ ئي سنڌ جي ٻوليءَ کي سنسڪرت مان مشتق لفظن جو وڏو ذخيرو مليو. (پالي پراڪرت جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي خاص طرح مذهبي پرچار رستي پيو، ڇو تہ ڪوشان گهراڻي جو سياسي اقتدار سنڌ تي ڪو ٿورڙوئي وقت رهيو. سياسي اقتدار ذريعي حڪمرانن جي ٻوليءَ جو رعايا جي ٻوليءَ تي

---

[7] بهاولپور کان 16 ميل ڏکڻ _ اولهہ طرف ٻڌ جي قديم مندر "سئي وهار" مان هٿ آيل ٽالهيءَ تي عبارت 'پالي جي بختي محاوري" (Bacterian pali) ۾ لکيل آهي، حالانڪ ڪنشڪ جي ڏينهن جي آهي (ڏسو "بهاولپور رياست جو گزيٽيئر" جلد XXXVI_A پنجاب گزيٽيئر سلسلو)

گھڻو ڪجھہ اثر پيو، تنهن هوندي به سياسي تاريخ ڏيکاري ٿي ته پاليءَ کان وٺي ايراني، يوناني، ترڪي ۽ درادي ڳالهائيندڙ قومن جو سنڌ تي سياسي غلبو رهيو. هيٺ انهن ٻولين جو عرصيوار خاڪو ڏجي ٿو جن جي ڳالهائيندڙن جو سنڌ تي سياسي غلبو رهيو.

<u>ٻولين جو عرصيوار خاڪو</u>

| | |
|---|---|
| آڳاٽي ايراني ٻوليءَ جو اثر | 520_515 قبل مسيح، فتح دارا اول<br>5_ صدي ق.م<br>4_صدي ق. م |
| يوناني ٻوليءَ جو اثر | 326_325 قبل مسيح، فتح سڪندر<br>3_صدي ق.م<br>2_صدي ق.م<br>195_150 قبل مسيح، بلخ جي يوناني حاڪمن جي فتح |
| ترڪي ۽ داردي ٻولين جو اثر | 150_120 قبل مسيح، ساڪا ۽ سٿين جون ڪاهون<br>1_ صدي ق.م |
| پالي پراڪرت جو اثر | 40_50 مسيحي، ڪوشان شاهہ ڪنشڪ |
| ترڪي ۽ داردي جو اثر | 120/160 _200 م، پارٿين جون ڪاهون<br>2 – صدي م. |
| پوئين ايراني ٻوليءَ جو اثر<br>ترڪي ۽ ايرانيءَ جو اثر | ساساني تسلط<br>3_ صدي م.<br>4_ صدي م. هياطله<br>470_480 م. سفيد هَن<br>5_ صدي م.<br>531 م. خسرو نوشيروان |
| ملڪي ٻوليون | 6_صدي م. راءِ گھراڻو<br>7_ صدي م. برهمڻ گھراڻو |

مٿئين تاريخي خاڪي جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته پاليءَ کان سواءِ هن عرصي ۾ ايراني، يوناني، ترڪي ۽ داردي ٻولين به سنڌ جي ٻوليءَ تي پنهنجو اثر وڌو هوندو ۽ ان جي سِٽا ۽ ساخت ۾ تبديل آندي هوندي.

هاڻي سوال آهي ته هن سڄي قديم دور جي تاريخي ۽ لساني ماحول جو سنڌي ٻوليءَ تي ڪهڙو ۽ ڪيتري قدر اثر پيو؟

(سنڌ جي قديم تمدني زبان غالباً سامي- صفت هئي. ان تي جي اوائلي اثرات پيا، سي خاص طرح ايراني زبانن جا، ۽ بعد ۾ داردي زبانن جا؛ سنسڪرت جو اثر دير سان پالي محاوري جي واسطي سان پيو. مگر انهيءَ ساڳئي عرصي ۾ مغربي ۽ شمالي زبانن- جهڙوڪ ايراني، يوناني، ترڪي ۽ داردي- جو به اثر پيو. انهن اثرات جي علاوه سنڌ جي ٻوليءَ جي ذاتي اصليت خواه تاريخي حقيقت، سنسڪرت ۽ ان جي پراڪرت ٻولين کان بلڪل نياري هئي، انهيءَ ڪري ئي 'سنڌ جي ٻولي' ٻين پراڪرت ٻولين جي ڀيٽ ۾ هڪ نرالي نوعيت ورتي) ٻيون پراڪرت ٻوليون، جي پنهنجي ٺئي ارتقائي دور مان گذري وڌيڪ بگڙيون، انهن ٻولين کي آڳاٽن نحوين "اپڀرنش" سڏيو- يعني 'معيار کان ڪريل'. انهن نحوين جي پرک جو معيار هو 'سنسڪرت سان مناسبت'؛ مگر سنڌ جي ٻولي، جا پنهنجي اصلي سنجت ۽ سِٽاءَ ۾ نرالي هئي، ۽ جنهن تي هندستاني پراڪرتن جي ڀيٽ ۾ مغربي ۽ شمالي ٻولين جا اثر زياده پيا هئا، سا انهيءَ معياري پرک موجب ته گهڻو گهڻو بگڙيل هئي، انهيءَ ڪري ڪن محققن جي چوڻ موجب، جنهن ٻوليءَ کي انهن نحوين "وراچڊ اپڀرنش" يعني 'گهڻو گهڻو بگڙيل' سڏيو سا 'سنڌ جي ٻولي' هئي. منهنجي نظر ۾ 'وراچڊ اپڀرنش' جو اطلاق به سنڌ کان گهڻو مٿي اُتر واري خطي جي ڪنهن ٻوليءَ تي هئڻ گهرجي، نه سنڌ جي ٻوليءَ تي؛ ڇاڪاڻ ته 'وراچڊ اپڀرنش' جي اصطلاح ۾ به 'سنسڪرتي مناسبت' ملحوظ آهي. سنڌ جي ٻوليءَ جو ته معيار ئي انوکو هو. انهيءَ ڪري پراڪرت وياڪرڻ جي جوڙيندڙ 'مارڪنڊيه' جو

قول تہ "وراچڊ کان بہ سنڌ جي ٻولي گهڻو ڦريل آهي". زياده وزندار ۽ قابل غور آهي. انهيءَ قول جي تائيد لاءِ هڪ اهم ثبوت موجود آهي. مثلاً 'وراچڊ اَپڀرنش' ۾ 'س' جو اُچار ڦيرائي 'ش' ڪندا هئا. مگر سنڌ جي ٻوليءَ ۾ وري 'ش' جو اچار ڦيرائي 'س' ڪندا هئا. سنڌ جي ماڻهن جا اها انوکي لساني خصوصيت پوءِ بہ ڪافي دير تائين باقي رهي، جيئن اڳيان ابوعطا سنڌي شاعر جي ڏنل مثال مان ظاهر ٿيندو.

## 2 سنڌي ٻولي جو بنيادي دور (500_1100ع)

### (الف) فتح اسلام وقت ٻوليءَ جي صورت ۽ سٽا:

(سنڌي ٻوليءَ جو بنيادي دور تقريباً راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن ۽ عربي حڪومت جي عرصي وارو دور آهي، جو ٿُلهي ليکي عيسوي ڇهين صديءَ کان وٺي يارهين صديءَ جي آخر تائين سمجهڻ گهرجي. هن دور ۾ 'سنڌي ٻولي' جي تشڪيل ٿي. انهيءَ عرصي کان اڳ واري ٻوليءَ يا ٻولين، کي اسان "سنڌ جي ٻولي يا ٻوليون" سڏيو آهي. جو تہ اسان وٽ يقيني تہ خير، مگر ڪو ظني ۽ گماني دليل بہ موجود ناهي تہ عربي دور حڪومت کان اڳ موجوده سنڌي ٻولي ڪنهن بہ نوع ۽ نموني ۾ موجود هئي).

عربن جي حڪومت کان اڳي جا ٽي چار سؤ ورهيہ سنڌي ٻوليءَ جي اُسرڻ ۽ اُڀرڻ لاءِ هڪ چڱو پيش خيمو هئا. انهيءَ دور ۾ ٻہ ڏرم جو مهاين پنٿ سنڌ جي عوام ۾ پکڙيل هو ۽ ماڻهن جي انهيءَ ڌرمي ميلاپ جو نتيجو معاشرتي ميلاپ ۽ لساني يڪسانيت ٿي سگهي ٿو. (سياسي نڪتہ نظر سان ڇهين ۽ ستين صدي عيسويءَ ۾ راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي حڪمرانن بہ سنڌ ۾ سياسي مرڪزيت جو هڪ خاڪو پيدا ڪيو. انهيءَ ڌرمي ۽ سياسي يڪسانگي سنڌ جي ٻولين ۽ محاورن کي مرڪزيت ڏيڻ لاءِ رستو صاف ڪيو).

فتح اسلام کان اڳ. سنڌ جي ٻوليءَ يا ٻولين جو قلمبند ٿيل نمونو موجود ڪونهي، البتہ "فتحنامي" ۾ ڪي الفاظ ملن ٿا، جي هن ريت آهن:

(اَ) اول تہ ڪي اسم خاص ملن ٿا. مثلاً، ڪن ذاتين جا نالا _ لاکا، ٺَڪُر،

ترڪيب جا لازم ملزوم جز نہ بڻيا هئا.

(3) اسان جي هاڻوڪيءَ زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيئن اڳ تيئن الفاظ حروف صحيح سان ٺهيل هئا، يعني تہ منجهن حروف علت بلڪل ڪم هئا يا موريگو نہ هئا. هاڻوڪا ٻنا حروف علت (ا،و،ي، کان سواءِ) الفاظ – جهڙوڪ ٻہ، تہ، نہ مک، نٺ، ڪڪڙ، مڪڙ، گدڙ – شايد انهيءَ حقيقت طرف اشارو ڪن ٿا. لفظن جي اهڙي بيهڪ ۽ بناوت جي ماضيءَ جي مطالعي مان پائنجي ٿو تہ عربيءَ جي اثر کان اڳ سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪبات هئا. 'واڻڪي الف-بي' جي سِنا جڻ انهيءَ قديم زماني جي يادگار آهي، جڏهن ٻوليءَ ۾ حروف صحيح تي ٻڌل سنڌي لفظن جي وڏي اڪثريت هئي.

(4) ساڳيءَ طرح، اسان جي موجوده سنڌي ٻولين ۽ ان جي محاورن جو اڀياس، ٻوليءَ جي ماضيءَ جي تاريخ جي قدري رهنمائي ڪري ٿو. لاڙي، ٿري، اتراڌي ۽ ڪاڇي جي محاورن ۾ جو فرق آهي، سو اسان سڀني کي معلوم آهي. پر، انهيءَ کان سواءِ، قبائلي ٻولين ۾ تہ اڃا بہ گهڻو فرق آهي- مثلاً ماڇين، مهاڻن، سامين ۽ جتن جي ٻولين ۾ نہ صرف لب لهجي ۾ اچار مگر لغت توڙي محاوري جو بہ وڏو فرق آهي. جنهن صورت ۾ هينئر بہ ايترو تفاوت آهي، تہ جيئن اڳ ماضيءَ ۾ تيئن اهو فرق گهڻو هوندو. لاکن، سمن، سهتن ۽ چنن ۾، گهڻو گهڻو اڳ، نہ صرف ريتين رسمن جو مگر ٻوليءَ جو بہ فرق هوندو. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي انهن اصلي قبيلن جا راڄ جدا جدا اراضين ۾ آباد هئا. سنڌي نسبنامي جي هڪ جهوني ڪهاوت آهي تہ "سنڌ سمو، ڪاڇي چنو پاٽي جيسلمير". فتح اسلام وقت انهن قبيلن جا راڄ محمد بن قاسم بلڪل انهيءَ ڪهاوت موجب آباد ٿيل ڏٺا. انهيءَ وقت انهن قومن مان هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي ٻولين ۽ پنهنجي پنهنجي آداب و اطوار هئڻ ۾ ڪو شڪ نٿو نظر اچي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ فتح اسلام کان اڳ نہ صرف

ملڪ جي هر خطي جي زبان جدا هئي، مگر مختلف راڄن جون پنهنجون پنهنجون ٻوليون هيون. هن حقيقت جي تائيد مشهور عربي عالم ابن نديم، جي تقريباً هڪ هزار ورهيه اڳ جي ڪيل تحقيق مان بہ ٿئي ٿي، جا اڳتي بيان ڪئي ويندي.

**(ب) عربن جي دور حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل ۽ ترقي:**

عربي دور حڪومت ۾ سنڌ جي ٻولي يا ٻولين تي جي اثرات پيا، سي هي هئا:

**ٻوليءَ ۾ مرڪزيت پيدا ٿي:** عربن جي دور حڪومت ۾ جا وڏي ۾ وڏي ترقي ٿي سا هيءَ هئي تہ سنڌ جي ٻولين ۽ محاورن ۾ هڪ مرڪزيت پيدا ٿي، جنهنڪري هڪ جامع 'سنڌي ٻوليءَ' جي تشڪيل وجود ۾ آئي ۽ ان جو بنياد مضبوط ٿيو. هن مرڪزيت جا مکيہ ڪارڻ هي هئا:

(1) سڄي سنڌ هڪ پختي نظامِ حڪومت جي ماتحت آئي. سنڌجي تاريخ ۾ هيءَ پهرين منظم حڪومت هئي، جنهن سنڌ جي گوشي گوشي ۾ پنهنجي قضا (انصاف) ۽ خَراج (زرعي ڍل) جي نظام ذريعي رعايا جي زندگيءَ تي گهرو اثر وڌو. تقريباً ٽي سؤ سال، يا اڃا بہ مٿي، سنڌ عربي سياست ۽ ان جي اثر هيٺ رهي.(2) سياست سان گڏ رعايا دينِ اسلام اختيار ڪيو. اسلامي عقائد ۽ اسلامي زندگيءَ هن سياسي مرڪزيت کي اڃا بہ زياده مضبوط ڪيو. قبائلي فرق گهٽيا، ۽ اسلامي شريعت مختلف ريتين رسمن کي هموار ڪيو. (3) هن دور ۾ نوان نوان شهر ٻڌا، ۽ واپار لاءِ خشڪي خواهہ درياهي رستا کليا. واپار جي ترقيءَ ۽ قافلن جي اچ وڃ سبب ملڪ جا مختلف حصا پاڻ ۾ ڳنڍجي ويا، ۽ سڄي ملڪ جي ماڻهن ۾ گهري لهہ وچڙ پيدا ٿي. انهيءَ لهہ وچڙ ۽ لڳ لاڳاپي ملڪ جي مختلف ٻولين ۽ محاورن ۾ هڪ لساني ربط پيدا ڪيو ۽ عام سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ اوسر کي ترقي ڏني.

(2) **ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت بدلي:** عربي دور ۾ نہ صرف سنڌ جي ٻولين ۽ محاورن ۾ مرڪزيت پيد اٿي ۽ هڪ عام سنڌي ٻولي اُسري،

مگر اُن سان گڏ ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت بہ بدلي. ان جا مکيہ ڪارڻ بہ هئا: پهريون تہ سنڌ جي عوام جا، عرب ملازمن، ڪاريگرن ۽ مهاجرن سان گهرا معاشرتي تعلقات پيدا ٿيا، عربن سنڌ کي پنهنجو وطن بنايو ۽ محمد بن قاسم سنڌ جي گوشي گوشي ۾ عربن جون آباديون قائم ڪيون[9]. محمد بن قاسم بعد ڪن ماڻهن پوئتي موٽڻ ٿي چاهيو مگر خليفي سليمان جو فرمان آيو تہ "اتي رهي کيتي ڪريو ۽ هَرُ ڪاهيو تہ سکيا هجو"[10]. مرڪزي حڪومت جي انهيءَ پاليسيءَ عربن کي سنڌي ڪڙمين ۽ آبادگارن جو همسايہ ۽ همدوش بنايو انهيءَ ڪري عرب جڻ سنڌي بنجي ويا. ۽ عربن ۽ سنڌين جي وچ ۾ قريب تر معاشرتي رستو پيدا ٿيو. سر زمين سنڌ ۾ تہ عربن ۽ سنڌين جي وچ ۾ متعدد شاديون مُرادين ۽ مائٽين جو امڪان نظر اچي ٿو مگر اهل سنڌ جي شرافت ۽ مروت کان وڏا وڏا عرب خاندان بہ متاثر ٿيا ۽ انهن سنڌ مان شاديون ڪيون. هڪ قديم عرب مؤرخ ۽ محقق جي بيان موجب حضرت عليءَ جي فرزند محمد، امام زين العابدين ۽ امام زيد بن الحسين جون مائرون سنڌي هيون[11]. اهڙيءَ طرح، علي الاصغر بن زين العابدين علي بن الحسين جي امڙ بہ سنڌي هئي[12]. بنو اميہ جي مشهور جرنيل مُهلّب جي ٻن بهادر پٽن، مُفَضّل ۽ عبدالملڪ جي ماءُ بہ سنڌي هئي، ۽ سندس نالو مائي 'يَلِي' هو[13]. بنو اميہ جي آخري ڪمانڊر- اِن چيف يزيد بن عمر بن هبيرة الفزاري جي ماءُ، جا نهايت حسين عورتن مان هڪ هئي، سا بہ سنڌي هئي[14]. ۽ هن سنڌي رشتي

---

[9] ڏسو، لتحنامہ سنڌ

[10] 'تاريخ طبري'، ليڊن (lieden) ڇاپو جلد 2، صفحو 1275.

[11] 'ڪتاب المعارف' (ابن قتيبہ)، ص 110.

[12] عمدة الطالب، ص 304

[13] ديوان فرزدق، پئرس ڇاپو ص 77، مصري ڇاپو ص 16.

[14] 'ڪتاف المعارف' (ابن قتيبہ)، ص 208.

جي ڪري ٿي ابو عطا سنڌي شاعر سندس ظالمانہ قتل تي هڪ بي نظير مرثيو لکيو جو ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويو. عربي ادب جي فن مرثيہ جو نڪ بنيو ۽ متعدد عربي ادب جي ڪتابن ۾ نقل ٿيو[15] خود ابو عطا انهن مشهور سنڌي النسل ماڻهن مان هو جن جون مائرون عرب هيون.

عربن ۽ سنڌين جي مائٽين جا متعدد مثال موجود آهن، مگر مٿيان مثال بلڪل اوائلي ۽ اهم آهن. عرب ۽ سنڌي پاڻ ۾ جو ايتريقدر سڳيڙا ٿيا، تنهن سنڌ وارن جي گهرو زندگيءَ، پاڙي ۽ ڳوٺ جي زندگيءَ، راڄ جي زندگيءَ ۽ ملڪ جي معاشرتي زندگيءَ تي وڏو اثر وڌو. عرب اخلاقيات واريون وصفون – مثلاً مروت، ضيافت، سخاوت، شجاعت، عصبيت، حميت، بدويت، سادگي ۽ مردانگي_ سنڌين جي شخصيت جو لازم ملزوم نفسياتي جز بنجي ويون.

ٻيو وڏو ڪارڻ جنهن ماڻهن جي شخصي توڙي اجتماعي زندگيءَ ۾ وڏي نفسياتي تبديل آندي، سو هو اسلام جو دلين تي اثر. خداي عزوجل جو خوف، ڪفر ۽ ايمان ۾ فرق، دنيا ۽ آخرت جو تصور، دوزخ ۽ بهشت (عذاب ۽ انعام) جو فڪر، حق تي سر ڏيڻ ۽ شهادت جي دلپذيري، وغيره اسلامي اعتقادن ماڻهن جي سوچ ويچار توڙي ارادن ۾ نئين ڪيفيت پيدا ڪئي، جنهنڪري شخصي توڙي اجتماعي نفسيات جو رُخ بدليو. اهڙيءَ طرح اسلامي عملن – شريعت اسلام جي پابندي، نماز روزا، صدقات ۽ خيرات_ شخصي توڙي اجتماعي زندگيءَ جي عملي طرز ۽ طريقي کي ڦيرايو ۽ ماڻهن جي عادات ۽ اطوار، افعال ۽ اعمال کي هڪ نئين نهج ۽ نئين نوعيت تي آندو.

---

[15] 'المعارف' 1208 'الطبري'، 70/3؛ 'الشعراء'، 484؛ 'الامالي'، 271/1؛ 'العقد'، 31/2؛ 'الخزانة' 167/4؛ 'الحماسة 52/2_151؛ 'الاغاني'، 81/16؛ 'الوفيات'، 91/3_290؛ 'المرتضي'، 161/1؛ 'المقطعات'، 102؛ الحصري 213/3؛ 'الاقتضاب'، 292؛ 'الاضداد'، 67؛ 'ادب الكاتب' 24، وشرح 124؛ 'مراة الجنان' 278/1؛ ل (عهد) (اتم).

مطلب تہ معاشرتي ۽ ديني عوامل ۽ اثرن اهل سنڌ جي شخصي توڙي اجتماعي نفسيات ۾ وڏي تبديلي آندي. انهيءَ شخصي ۽ اجتماعي نفسيات جو ٻوليءَ جي نفسيات تي اثر پيو. جڏهن ماڻهن جي خيالات، احساسات ۽ جذبات جي نوعيت بدلجي ويئي، تڏهن سندن نفس ڪلام جي هيئت بدلجڻ ضروري هئي، نہ صرف اسلام، ايمان، شريعت، دين، توحيد، سنت، نماز، روزا، حج زڪوات، صدقات ۽ خيرات جا الفاظ ٻوليءَ ۾ رائج ٿيا، مگر مروت، ضيافت، سخاوت، شجاعت، عصبيت، حميت، بدويت، سادگي ۽ مردانگي – اهي اهڙا تخيلات (concepts)هئا، جن جو اثر خيال ۽ ويچار جي ڪيفيت (thought process)، عمل جي نوعيت (behaviour)، ۽ اجا بہ زياده نفس ڪلام جي هيئت ۽ ٻوليءَ جي سٽا تي پيو جنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جي نفسيات اصلاً توڙي اصولاً بدلجي ويئي.

3. **ٻوليءَ جي تمدن ۾ واڌارو ٿيو:** عربي دور حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لغات جي تمدني سرمايي ۾ وڏو واڌارو آيو. عرب حڪومت ملڪ جي اقتصادي حالت کي بهتر بنائڻ لاءِ ملڪ جي زراعت ۽ ڌنڌن کي زور ونارايو. زراعت توڙي ڌنڌن ۾ ڪم ڪندڙن، ڪم جي اصطلاحن ۽ ڪم جي اوزارن کي عربي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ نالا مليا. (1) زراعت ۾ "هاري" ۽ "مجيري" جا بنيادي نالا، عربي لغت ۽ ان جي اثر سان سنڌي ٻوليءَ جو جز بنيا. 'هاري' جيڪڏهن 'هر' مان اسم فاعل آهي، تہ بہ عربيءَ جي اثر هيٺ، ۽ جيڪڏهن "حارث" مان نڪتل آهي، تہ بہ عربي اثر هيٺ. 'مجيري' ' اجار-يجير' فعل مان نڪتل آهي، ۽ ان جي معنيٰ آهي 'محافظ' يا 'سنڀال ڪندڙ'. هاڻوڪي سکر براج وانگر، شايد محمد بن قاسم جي ڏينهن ۾ ٿي ملڪ جي زراعت لاءِ ڪو بئريج يا بند ٻڌو ويو هو جنهن جو نالو رکيو ويو هو "سڪرالميد". يعني 'ميد يا مهاڻن وارو بند'. عربيءَ ۾ 'سڪر' جي معنيٰ ئي آهي بند، ۽ 'سکر' شهر جو نالو انهيءَ آڳاٽي بند جو يادگار آهي. اهڙيءَ طرح، انَ جي ماڻ جو نالو "ڪاسو" ڪنهن عربي ماپي "ڪاسه" (برتن) جو يادگار آهي. 'چوٿائي'

عربي لفظ "ربع" جو ترجمو آهي، ۽ "خرار" لفظ عربن جي ذريعي آيل فارسي ماڻ جو نالو آهي. (2) لوهارڪي ڌنڌي ۾ مطرقو (ع. مِطرقَة) ۽ سنداڻ (ع.سندان) عربي اثر جا يادگار آهن. (3) جهاز رانيءَ ۾ ملاح، ميربحر، زورق، ونجهه (فارسيءَ مان عربي ذريعي)، سُڪاڻ (ع.سُڪان)، ڦُڙ يا ڦُڙدو (ع. فُرضَة)؛ (4) ڪاسائڪي ڌنڌي ۾ ڪاسائي (ع. قصاب)، ڪاتي (ع. قاطع)، حُلوان (ننڍو ٻڪر)، ذبح، حلال، حرام ۽ تڪبير؛ (5) واپار ۾ دڪان (فارسيءَ مان عربي ذريعي)، ساهمي، دلال، ڪاباڙو (ع.قباله)، ڪَڙيو يا ڪُرجين (ع.خرج)، ٻقر يا ٻاقري (ع.بقال)، ٻجاج (ع.بزار)، حلوه (ع.حلوه)، ڦُرص، ثوم بصر، وغيره.

عربن ۽ سنڌين جي گهري معاشرتي زندگيءَ سبب، سنڌي ماڻهن جي نالن جي نوعيت ۾ به ڦير گهير آئي، عرب پنهنجن ماڻهن ۽ قبيلن جا نالا ڳڙن پٽن ۽ خطرناڪ جانورن جي نالن جهڙا، دشمنن تي رعب ويهارڻ لاءِ، رکندا هئا- مثلاً ماڻهوءَ جو نالو 'حَنظَـــله' (= ڦُوهه)، قبيلي جو نالو 'بنو اسد' (= شينهن جا ٻچا)، وغيره. ساڳيو عڪس سنڌي نالن تي پيو: سنڌيءَ ۾ ماڻهن جا نالا (مثلاً ڦوهه، ڪوڙو اڪ، نم، شينهڙو گدڙ ٻگهڙ، سڱهو سهر، ڏڱاڻو لوهه-مروڙ وغيره) ۽ ذاتين جا نالا (ناهر، ٻگهياڙ شيهڙا، واسينگ، وغيره) عربي نهج تي مگر خالص سنڌي لغت ۾ بنيا. گهرو زندگيءَ ۾ ابو اما، رئو (رداءِ)، پوتي (فوط)، ڱج (قز)، دبڪي، تباڪ (طبق-طباق)، عربي لغت جا الفاظ سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا.

عربن جي مال متاع ۽ وهٽن جي شوق، سنڌ جي چوپائي مال جي پرورش ۽ اٺن گهوڙن ڌارڻ جي ذوق ۽ ڌنڌي کي وڌايو. سنڌ ۾ عربي گهوڙن ۽ اٺن جا نسل پالجڻ شروع ٿيا. يمن جي قبيلي 'مهرة بن حيدان' جي اٺن جي ٻڄ مان سنڌ ۾ مهري اُٺن جو نسل آيو ۽ پلن اُٺن تي نالو ئي 'مهري' پئجي ويو. گهوڙن مان ابلق ۽ ڪُميت جا ٻڄ عربن آندا. ازان سواءِ، جيئن تہ عربي ٻوليءَ ۾ اُٺ ۽ گهوڙي جي قسمن، رنگن، پنڌن، مرضن ۽ علاجن جا عجيب غريب نالا هئا، تيئن ساڳئي نموني تي سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ نالا نروار ٿيا. اُٺ جا، چم ڪان وٺي

بدوي عرب شاعرن پنهنجي محبوبن جي سونهن کي اُنن ڏاچين جي سهڻين وصفن (مثلاً ڊگهي ڳچي) سان مشابهت ڏني آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي شاعر به چوي ٿو ته:

> نبي سر جون نار-ڪنيون، سي ننگ پريون ڪن ناٿ،
> هڪڙي لوڏ لوهاٽين کي، ۽ ٻيءَ جا سونهن سماٿ،
> جوبون جيسلمير جون، اٺئي ڪُل ڪنوات. (سانوڻ)

مطلب ته سنڌ جي دهقاني خيال ۽ تمدن تي عربي تمدن جو نهايت گهرو اثر پيو. ٻهراڙيءَ ۾ هر شي ۽ شي جي هر ذري پرزي کي نالو مليو: ٽر ٻر، جهنگ جهر، مال، ٻوڪ، گاهه ڏٿ، گهر ٺڙ، ٺنهن ڇپر جي هر جز تي خاص نالو پيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي تمدني سرمايي ۾ وڏو واڌارو ٿيو.

4. **ٻوليءَ جي علم ادب جو بنياد پيو:** سنڌ ۾ عربي حڪومت جي دور ۾ اسلامي سلطنت واري اراضي، علم ادب ۽ سائنس ۾ سڄيءَ دنيا ۾ ممتاز هئي. جتي جتي اسلام پهتو اتي علمي ترقي ٿي. سنڌ ۾ به فتح اسلام بعد نئون علمي دور شروع ٿيو. سنڌ ۾ عربي حڪومت شروع ٿيڻ کان اٽڪل هڪ سؤ ورهين اندر سنڌ جي علمي درسگاهن، عربي خواهه سنڌي ۽ هندي ٻولين جا ڄاڻو پيدا ڪيا. عباسي دور حڪومت ۾ - خصوصاً مامون جي وقت ۾- جي علمي ۽ فني ڪتاب سنسڪرت مان ترجمو ٿيا. سي گهڻو ڪري سنڌ جي گورنرن جي معرفت ۽ سنڌ جي درسگاهن مان نڪتل عالمن جي مدد سان ٿيا. ڪنهن عربي عالم جو بيان آهي ته هن طبرستان طرف ڪنهن ڪتبخاني ۾ هڪ 'هندي' ڪتاب عربيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڏٺو، جنهن ۾ ڄاڻايل هو ته هيءَ ترجمو ساونديءَ جي امير جي سرپرستيءَ هيٺ ٿيو[16] 'ساوندي'، جيئن فتحنامي مان ظاهر آهي، سنڌ جو شهر هو جنهن جا والي سما هئا. خاص سنڌ وارن مان ڪيترائي محدث، مصنف، مؤرخ ۽ شاعر پيدا

[16] سردست اصل حوالو دستياب نه ٿي سگهيو ۽ حافظي جي آڌار تي مطلب ادا ڪيو ويو آهي.

ٿيا. ابو عطا سنڌي، عربيءَ جو بلند پايه شاعر، ۽ ابو معشر سنڌي، تاريخ جو مشهور راوي، انهن اوائلي شخصن مان هئا. سنڌ جي گاديءَ 'منصوره' جي قاضي، احمد بن محمد، عراق ۽ فارس ۾ شهرت حاصل ڪئي. "انساب سمعاني"، "مُعجَمُ البُلدان" ۽ ٻين عربي ڪتابن مان ڪيترن ئي سنڌي محدثن، خصوصاً شهر ديبل جي عالمن، جا نالا ملن ٿا. سنڌي مصنفن مان فَرخ السندي، ابوالفَرج السندي ۽ خَلادالسندي (جو ڪوفي ۾ ٻجاج هو) جا نالا قابل ذڪر آهن[17].

هڪ طرف سنڌي نسل جي عالمن عربي علوم ۾ شهرت حاصل ڪئي، ته ٻئي طرف وري عربي نسل جي عالمن سنڌ ۾ سنڌي ۽ هندي ٻولين جي مطالعي ۾ گوءِ کنئي. سنڌ ۾ 'منصوره' علم جو مرڪز هو. سن 288 هجريءَ ۾ ابو محمدالحسين نالي هڪ عالم منصوره ۾ هو. اتي هن هڪ معتبر شخص کان ٻڌو ته ڪشمير طرف جي هڪ راجا- جنهن جو لقب "راءِ" ۽ نالو "مهروڪ بن رايق" هو ۽ جو هندستان جو نامي نهاد راجائن مان هو- 270 هجريءَ ۾ سنڌ جي حاڪم عبدالله هَبّاريءَ ڏي لکيو ته سندس واسطي اسلامي احڪام جو هندستاني ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي. عبدالله، منصوره جي هڪ عالم کي گهرايو جو اصل عراقي خاندان مان هو شاعر به هو ۽ هندستان جي مکيه ٻولين بلڪ محاورن جو به ماهر هو. ان عالم، راجا جي ضرورت موافق، اسلامي احڪام کي ڏيهي ٻوليءَ ۾ قصيدي جي صورت ۾ نظم ڪيو جو راجا ڏي موڪليو ويو. راجا کي اهو نظم نهايت پسند آيو ۽ امير عبدالله کان مصنف جي گهر ڪيائين. هي عالمُ راجا جي دربار ۾ ويو ۽ ٽن سالن بعد موٽيو [۽ خبر ڪيائين ته] راجا قلب توڙي زبان سان اسلام قبول ڪري چڪو آهي، مگر سياست جي مصلحت سببان عام اعلان ڪونه ٿو ڪري، [۽ چيائين ته اتي] راجا کيس ملڪي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف جي

[17] فهارس النجاشي والطوسي.

ترجمي ڪرڻ لاءِ چيو جو پورو ڪيو ويو. [راجا جي انعام متعلق چيائين تہ] راجا ٽن ڀيرن ۾ ڪيس ڇهہ سؤ مڻ سون بخشش طور ڏنو[18]. مڻ انهيءَ وقت هڪ ننڍيو وزن هو.

هنن حقيقتن مان ظاهر آهي تہ سر زمين سنڌ ۾ نہ صرف عربيءَ جي اڀياس لاءِ درسگاهون هيون، مگر سنڌي بلڪ هندي زبانن جي مطالعي لاءِ بہ جوڳو بندوبست ٿيل هو. سنڌ ۾ سنڌي توڙي عربي ٻنهي ٻولين کي وڏي اهميت هئي، ڇو تہ عربن ۽ سنڌين جي گڏيل رهڻي ڪهڻيءَ سبب، ٻئي هڪٻئي جي ٻولي سمجهندا ۽ ڳالهائيندا هئا. جملي عرب سياحن جو بيان آهي تہ سنڌ ۾ سنڌي توڙي عربي ٻولي ٻئي رائج هيون- جنهن مان ثابت آهي تہ عرب حڪومت سنڌي ٻوليءَ کي وڏي اهميت ڏني، ۽ ان جي ترقيءَ ۽ واڌاري جو باقاعدي انتظام ڪيو.

سنڌ ۾ سنڌيءَ سان گڏ عربيءَ جي عام فهم هجڻ مان هڪ وڏو فائدو هيءُ ٿيو جو سنڌ وارن پنهنجا تعلقات بغداد توڙي اسلامي سلطنت جي ٻين پاڳن سان قائم ڪيا، ۽ اتي جي علمي، ادبي ۽ فني ترقيءَ کان براهِراست بهرور ٿي سگهيا. ۽ سنڌ ۽ بغداد جي درميان تمدني تعلقات وڌيا. سنڌ جا عرب گورنر جي مرڪزي حڪومت طرفان ايندا هئا، سي اڪثر ٿي علم ادب جا ڪوڏيا هئا. اول ۾ انهن سان گڏ مرڪز مان ڪاسبي، ڪاريگر، منتظم ۽ فوجي آفيسر آيا، مگر بعد ۾ مرڪزي عرب ملڪن مان وڏا عالم، سياح ۽ سياسي ليڊر بہ سنڌ ۾ ايندا رهيا. شايد ابو جعفر منصور جي ڏينهن ۾ امام ابراهيم- جنهن کي پوءِ شهيد ڪيو ويو- سنڌ ۾ آيو ۽ ان سنڌ جي تاريخ تي تحقيق ڪئي. منهنجي راءِ ۾ 'فتحنامي' جو هڪ باب، جو محمد بن قاسم جي درياءَ اڪرڻ بابت آهي، سو امام ابراهيم جي تحقيق جو نتيجو آهي[19]. سنڌ مان وري ڪپڙي جا واپاري (بزاز)، پيلبان، صراف، سڪي سز ۽

[18] 'عجائب الهند'، لکيل بزرگ بن شهريار ڇپيل ليڊن، ص 44

[19] ڏسو 'فتحنامہ سنڌ' ڇپيل 'سنڌي ادبي بورڊ'، حيدرآباد 1954ع، ص ص 215، 480-482

بورچي، بغداد ۽ بصري، ڪوفي ۽ ٻين مرڪزي شهرن ۾ ويا. سنڌ جي بورچين ئي شايد بغداد ۾ سنڌي پلاءُ جا ٻہ قسم، "ليموني" (ليمائي) ۽ "مُهَلّبِيہ" (سنڌ جي مهلبي گورنرن جي نالي پٺيان) جنهن کي "ٻهطہ" (ڀت) بہ سڏيندا هئا، رائج ڪيا[20]. سنڌ جي سرازن جا ٺهيل مرزا ۽ سليپر بغداد جون شوقين بيگمون نهايت پسند ڪنديون هيون[21] سنڌ جي انهن ڪاريگر سرازن، پنهنجي عربي دانيءَ مان فائدو وٺي، انهن سليپرن تي دلچسپ عربي شعر ڪُنڊي دوز ڪيا. هڪ سنڌي سليپر تي هي اشعار لکيل هئا:

جَعلَتُ خدّي له ارضا فَقلتُ طَأَمن فَوقَها وارضاً،

فقال 'لا'، قلت 'بليٰ سيدي'! صبراً عليٰ الحُب وان قضيٰ[22]

(بنايم پنهنجي ڳل کي فرش ان لاءِ چيم خوش ٿي قدم رک، ڪر تون دلجاءِ

چيائين 'نہ'، چيو مون 'سائين، ها ها محبت جا نِباهيو ڏينهن جي ويا')

سنڌ ۽ مرڪز جي درميان هنن آزادنہ ۽ باهمي تعلقات ڪان سواءِ سنڌ جي عرب گورنرن بہ ادبي ذوق کي زور وٺرايو. انهن گورنرن جي معرفت ڪي مشهور عرب شاعر (مثلاً مُطيع بن اياس ۽ الصِمة بن عبدالله القُشيري) سنڌ ۾ آيا. سنڌي نسل جا شاعر – مثلاً ابو عطا سنڌي، عياض سنڌي ۽ ابو الضلع سنڌي – سندن اعليٰ عربي شاعريءَ سبب اسلامي ملڪن ۾ مشهور ٿيا. جنهن صورت ۾ سنڌ ۾ سنڌي زبان کي بہ عربي سان گڏوگڏ زور وٺايو ويو هو، انهيءَ ڪري سنڌي زبان جا بہ ڪيترائي شاعر سنڌ ۾ پيدا ٿيا هوندا، ۽ ممڪن آهي تہ منجهائن ڪي ٻاهر بہ ويا هجن. سنڌ ۾ انهن شاعرن جي ڪارنامن بابت ڪوبہ احوال ڪونہ ٿو ملي. البت، سنڌيءَ ٻوليءَ جي تاريخ

---

[20] 'ڪتاب الطبيخ' (تصنيف 263هہ) لکيل محمد ابن الڪاتب البغدادي، ڇپيل موصل، سن 1353هہ (1934ع)، ص ص 150، 19، 31_32

[21] 'ڪتاب التربيع' والتد وير من رسائل الجاحظ (طبع ساسي)، ص ص 134 _ 135

[22] 'ڪتاب الظروف والظرفاء' لابي الطيب الوشاء، ص 148.

جي خوش قسمتي چئبي، جو خاص سنڌي زبان جو هڪ شاعر جنهن سنڌي زبان ۾ بغداد جي برمڪي وزيرن جي تعريف ۾ هڪ قصيدو ٺاهيو ۽ جو سنڌ جي عرب گورنر جي معرفت ۽ معاونت سان بغداد پهتو تنهن جو ذڪر هڪ عرب عالم جي تصنيف ۾ محفوظ رهيو. امام حافظ ابو حاتم محمد بن حبان البستي، جنهن سن 354هه ۾ وفات ڪئي، سو پنهنجي ڪتاب "روضة العقلاءِ و نُزهَة الفُضلاء" ۾ لکي ٿو ته "مون ابراهيم کان ٻڌو جنهن کي ابن ابي القعقاع چيو ته مون سان ابو هُذيل ڳالهه ڪئي، ۽ چيائين ته آءٌ يحيٰ بن خالد برمڪيءَ وٽ روبرو ويٺو هوس، جو هڪ هندي شخص، سنهنجي مترجم سان گڏ، ڪچهريءَ ۾ آيو. مترجم يحيٰ کي چيو ته 'هي شخص شاعر آهي، ۽ توهان جي مدح ڪئي اٿس'. يحيٰ چيو ته 'پلي پڙهائي'. انهيءَ تي هن شخص چيو:

آرَه اَصرَهِ ککرا، کي کِرَهِ مَندَره،

يحيٰ مترجم کان پڇيو ته 'ڇا ٿو چوي'، چائين ته چوي ٿو ته:

'اذا المكارم في آفاقنا ذُكِرتْ'

فَانما بِکَ فِيها يُضرَبُ المَثَلُ،

(جڏهن اسان جي طرف چڱاين ۽ نيڪين جو ذڪر نڪرندو آهي، تڏهين تنهنجو مثال ڏيندا آهن.

پوءِ يحيٰ ان کي هڪ هزار دينار انعام ڏيڻ لاءِ حڪم فرمايو[23]

مٿئين روايت ۾ هن شاعر کي 'هندي شخص' (رَجلُ هندي) ڪري ڄاڻايو ويو آهي، مگر ان مان مراد 'سنڌي' آهي. انهي آڳاٽي عرب دؤر ۾ 'سنڌي' کي 'هندي' به ڪري لکندا هئا، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۽ هند سا ڳئي ملڪ جا ٻه ڀاڱا هئا. اهڙا ڪيئي مثال آهن، جن ۾ ڪن مصنفن جڏهين 'هندي' لکيو آهي، تڏهين ٻين دليلن مان ان جي مراد 'سنڌي' ثابت ٿئي ٿي. خوش

[23] ڪتاب 'روضة العقلاء و نزهة الفضلاء، مطبع (كردستان العلمية) مصر، سن 1328هه، ص 215

قسمتيءَ سان، هن ڳالهه جو ذڪر "مجمل التواريخ والقصص" جي مصنف به ڪيو آهي، جنهن ۾ صاف طور "سر زمين سنڌ جو شاعر" ڄاڻايو اٿس، البت، هن مصنف جي قول موجب، هن شاعر اهو بيت يحيٰ جي پٽ فضل جي تعريف ۾ چيو. هن مصنف جو بيان هن طرح آهي ته "سر زمين سنڌ جو هڪ شخص سندس (فضل) آڏو آيو ۽ پنهنجي زبان ۾ هڪ بيت پڙهي ٻڌايائين جو هيءُ هو:

'اره بره کنکره، کرا کري مندره'

فضل پڇيو ته 'ڇا ٿو چوي؟' ترجمان جواب ڏنو ته چوي ٿو ته:

اِذا المكارِمُ فِي آفاقِنا ذُكِرَتْ،

فَأنَما بِكَ فيها يُضرَبُ المثَلُ،

انهيءَ تي فضل خوش ٿيو ۽ کيس هڪ هزار دينار هڪ قيمتي وڳو اُٺ، ۽ ٻيون سوکڙيون ڏنائين، ترجمان کي پنج سؤ دينار ڏنائين، ۽ چيائين ته 'اسان هن زبان ۾ اهڙو ڪونه ڏٺو'.[24]

بعد ۾ ٻارهين صديءَ جي هڪ لکندڙ ابن نورالدين المڪي، پنهنجي ڪتاب "نزهة الجليس" ۾، اهو بيت حضرت بلال ڏانهن منسوب ڪندي لکيو آهي ته حضرت بلال اهو بيت حبشي ٻوليءَ ۾ نبي ڪريم جي تعريف ۾ چيو.[25] ابن نورالدين، سن 1133هه ڌاري، هندستان جي سفر تي آيو هو ۽ هو بلڪل پوءِ جو مصنف آهي، جنهن ڪري اڳاڻن عربي مصنفن جي بيت ۾ سندس راءِ کي ڪا خاص اهميت نٿي ڏيئي سگهجي.

افسوس جو هن تاريخي بيت جي لفظن جي هاڻوڪي صورت اهڙي آهي، جو

[24] مُجمل التواريخ والقِصَص، ڇپيل ايران، ص 343

[25] ابن نورالدين المڪي: "نزهة الجليس"، جلد اول، ص 359. سندس راءِ جو بنياد غالباً انهيءَ سطحي خيال تي آهي ته ڇاڪاڻ جو ادي الفاظ حضرت بلال جي مرقد تي لکيل آهن. انهيءَ ڪري اهو بيت سندس چيل هوندو. حالانڪ حضرت بلال جو مقبرو (دمشق ۾) نسبتاً پوئين دور جو ٺهيل آهي، جنهن تي اها عبارت پوءِ لکي ويئي.

ان مان ڪوبہ مطلب نڪري نٿو سگهي. هي بيت بہ مکي اُمراء جي تعريف ۾ چيو ويو. جيئن تہ سن 187هہ ۾ هارون الرشيد جعفر بن يحيٰ برمڪيءَ کي ماريو ۽ برمکي خاندان جو خاتمو ڪري ڇڏيو انهيءَ صورت ۾ ظاهر آهي تہ هي بيت سن 187هہ کان اڳ پڙهيو ويو ۽ قلمبند ڪيو ويو. ايتري آڳاٽيءَ لکيت جي اصلي صورت منجهي وڃڻ جو هر امڪان آهي. اول تہ جنهن اهو بيت قلمبند ڪيو تنهن ڪيتري قدر اچار صحيح لکيا، سو معلوم ڪونهي: تنهن کان پوءِ مٿين ٻن مصنفن جنهن صورتخطيءَ ۾ اهو بيت پنهنجي ڪتابن جي اصلي نسخن ۾ نوٽ ڪيو سو معلوم ڪونهي: اسان وٽ هن بيت جي اها صورتخطي موجود آهي، جا ڪاتبن جي سَهَوَن ۽ ڇاپي جي غلطين بعدوبہ باقي بچي آهي: انهيءَ ڪري جيستائين اصل الفاظ ڪٿي اسان جي سمجهڻ جهڙا هجن، تہ بہ هينئر اسين انهن کي نٿا سمجهي سگهون.

انهيءَ هوندي بہ هيءَ حوالو اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لاءِ هڪ قيمتي وٿ آهي. سڀ کان اول تہ هيءَ سنڌي ٻوليءَ جو عربي صورتخطيءَ ۾ سڀ کان پهريون نمونو آهي: ٻيو تہ هيءَ حوالو ثابت ٿو ڪري تہ سن 187 هجري تائين- يعني تہ سنڌ ۾ عربي دور حڪومت جي شروع (93هہ) کان تقريباً هڪ سؤ سالن اندر – سنڌي ٻوليءَ ۾ ايتري ادبي صلاحيت پيدا ٿي چڪي هئي، جو ان ۾ اهڙي بهترين شاعري ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ مرڪزي سلطنت جي وزير جي تعريف ۾ قصيدو منظوم ٿيو. ٽيون تہ هيءَ حوالو ان وقت جي سنڌي ادبي ذوق جو شاهد آهي: جيستائين هيءَ شاعر ڪنهن سنڌ جي گورنر جي مدد ۽ معاونت سان بغداد پهتو. تہ ان مان عرب حاڪمن جي سنڌي ادب سان دلچسپيءَ جو ثبوت ملي ٿو. شاعر کي جو انعام مليو سو برمڪين جي مثالي سخاوت جي علاوه، سندن سنڌي زبان جي شاعر جي قدر دانيءَ جي ساک ڀري ٿو ۽ پڻ هيءَ حوالو ان وقت جي عرب عالمن ۽ اديبن جي سنڌي ٻوليءَ سان علمي دلچسپي ثابت ڪري ٿو جو انهن هن

بيت کي اصلي زبان ۾ قلمبند ڪري محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.
ان وقت جي عرب عالمن جي سنڌي ٻوليءَ متعلق تحقيق جو بهترين مثال ابن نديم جي قيمتي تصنيف "ڪتاب الفهرست" مان ملي ٿو جو هن سن 377 هجريءَ ۾ لکيو. هو سنڌ وارن جي ٻوليءَ ۽ صورتخطيءَ بابت لکي ٿو ته "سنڌ وارن کي مختلف ٻوليون (لغات) ۽ مختلف مذهب آهن، ڪين ڪيترن ئي قسمن جا رسم الخط آهن. هڪ شخص جو سنڌن ملڪ گهمي آيو آهي، تنهن مون کي ٻڌايو ته 'ڪين تقريباً هڪ سؤ رسم الخط آهن'؛ پڻ چيائين ته 'سنڌ وارا نوَن (9) تائين جدا جدا انگ لکندا آهن. ڏهاڪا هر انگ جي هيٺان هڪ ٻڙي ڏيئي لکندا آهن ('هڪ' جي هيٺان ٻڙي= ١٠؛ 'ٻن' جي هيٺان ٻڙي = ٢٠؛ وغيره.) سؤ هر انگ جي هيٺان ٻه ٻڙيون ('هڪ' جي هيٺان ٻه ٻڙيون = ١٠٠؛ 'ٻن' جي هيٺان ٻه ٻڙيون = ٢٠٠ وغيره) ڏيئي، ۽ اهڙيءَ طرح هزار هر انگ جي هيٺان ٽي ٻڙيون ڏيئي لکندا آهن."[26]
ابن النديم جو قول ته سنڌ ۾ ڪيئي رسم الخط مروج آهن، سو قابل غور آهي. غالباً آڳاٽي وقت کان سنڌ جي هر هڪ پاڱي يا وڏي شهر ۾ جدا جدا صورتخطيون ۽ انگ اکر استعمال ٿيندا هئا. شايد عربي دور حڪومت ۾ غير مسلمن پنهنجون آڳاٽيون صورتخطيون ۽ انگ اکر ڪم آندا هجن. ويندي اميرن جي ڏينهن تائين، سنڌجي جدا جدا شهرن ۾ مختلف طريقي جا رسم الخط هئا، جن کي ڪيپٽن اسٽئڪ (Stack) سن 1850ع ۾ پنهنجي ناهيل گرامر ۾ جمع ڪيو آهي.
مٿي ڏنل سڄي بيان ۽ جملي حوالن مان معلوم ٿيندو ته عربي دور حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ علمي ترقي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي اديب ۽ عالم پيدا ٿيا. سنڌي ٻولي اهڙي ادبي پايي تي پهتي، جو منجهس بهترين شاعري ٿي سگهي. عربي عالمن سنڌي ٻولي، ادب توڙي صورتخطيءَ ۾ دلچسپي

[26] 'ڪتاب الفهرست'، مصري ڇاپو 1348، ص 27.

ورتي، ۽ پنهنجا معلومات پنهنجين تصنيفن ۾ قلمبند ڪيا. سنڌي ٻولي عربي صورتخطيءَ ۾ لکجڻ ۾ آئي، جنهن جو اوائلي ۽ نادر مثال انهيءَ سنڌي شاعر جو بيت آهي، جو هن يحيٰ يا اُن جي پٽ فضل برمڪيءَ جي تعريف ۾ چيو:

5. ٻوليءَ جي ميتا ۽ صرف – نحو تي اثر پيو: عربي دور حڪومت جي مٿين پيدا ڪيل اثرن – سنڌي ٻوليءَ جي مرڪزيت، ٻوليءَ جي نفسياتي تبديلي، ٻوليءَ جي تمدني واڌاري ۽ ٻولي جي ادبي ترقيءَ- مڙني ٻوليءَ جي ميتا ۽ صرف-نحو تي بہ دائمي اثر وڌو.

1. اول تہ سنڌي الف-ب جي حروف صحيح ۾ واڌارو ٿيو. عربي الف-ب جا حرف – مثلاً ث، ح، خ، ص، ض، ط ظ، ع، غ، ف، ق- سنڌي الف-ب ۾ داخل ٿيا.
2. ٻيو تہ عربي زبان جي زبر اثر حروف علت –ا، و ۽ ي- جو زياده استعمال ٿيو. انهيءَ ڪري اهڙا الفاظ، جي گهڻو ڪري ان وقت حروف صحيح جو مجموعو هئا، تن جي اچارن ۾ ا، و ي جي هلڪن اچارن سهولت ۽ سلاست پيدا ڪئي. مثلاً، سنڌي لفظ "ٻت" کي عربن "بهطه" يا "بهطا" ڪري لکيو. جو لفظ پنجابيءَ ۾ اجا تائين "ڳَلِ" آهي، سو سنڌيءَ ۾ حروف علت جي واڌاري سان "ڳالهہ" ٿيو. شايد ٻ، ڳ ۽ ڍ جي ڇٽن ۽ ڳرن اچارن مان ب، ڏ ۽ گ جا نرم ۽ هلڪا اچار نمودار ٿيا: مطلب تہ عربن ۽ سنڌين جي مسلسل ميل جول ۽ عرب عالمن جي سنڌي دانيءَ سببان سنڌي لفظن ۾ حروف علت جو زياده استعمال ٿيو جنهن سنڌي اچارن کي سهل ۽ سليس بنائڻ ۾ گهڻي مدد ڪئي.
3. ٽيو تہ سنڌي لفظن جا اچار درست ٿيا. سنڌ ۾ ئي سنسڪرت ۽ هندي ڪتابن جا ترجما ٿيا. منصوره ۾ جي قابل عالم ۽ اديب موجود هئا ۽ جي سنڌي سان گڏ هنديءَ جا پڻ ڄاڻو هئا، تن

يقيني طور ترجمن وقت لفظن جي صحت ۽ صحيح تلفظ تي ڌيان ڏنو هوندو. غالباً هن علمي ماحول ۾ ئي سنڌي ٻوليءَ جي لفظن کي سندن اصلوڪيءَ صورت مطابق لکيو ويو جنهنڪري اڄ بہ سنڌي لفظن جي ذريعي اصلي پراڪرت لفظن جو پتو لڳائي سگهجي ٿو. عربي ٻوليءَ جي زير، زبر، پيش، جزم ۽ مدّ وارين نشانين لفظن جي صحيح اچارن قائم ڪرڻ ۾ وڌيڪ واهر ڪئي.

سنڌ وارا جڏهين عرب شاعرن، عالمن ۽ اديبن جي صحبت ۾ آيا، تڏهين سندن اچار جي خامين تي نڪتي چيني ٿيڻ لڳي. ڀانئجي ٿو تہ سنڌي ٻولين ۾ ان وقت يا تہ 'ج' ۽ 'ش' جا حرف هئائي ڪين ۽ انهي ڪري سنڌي 'ج' ۽ 'ش' اچار نہ ڪري سگهندا هئا، ۽ جيڪڏهين اهي حرف هئا، تہ بہ سنڌي محاورن ۾ 'ز' ۽ 'ج'، 'س' ۽ 'ش' جي اچارن ۾ ڪا تميز ڪانہ هئي. عربي ٻوليءَ جي لفظن ۾ بہ سنڌ وارا 'ج' ۽ 'ش' جي اچارن کي ڦيرائي 'ز' ۽ 'س' اچارڻ لڳا. مشهور اديب جاحظ پنهنجي تصنيف "ڪتاب البيان والتبيين" ۾ هن حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو آهي، ۽ تنقيد ڪندي لکي ٿو تہ "سنڌ جو رهاڪو لا محالہ 'ج' جو اچار 'ز' ڪري ٿو، پوءِ ڀل تہ هو عرب جي فصيح ۽ بليغ قبلين بنو قيس ۽ بنو هوازن ۾ پنجاهہ سال رهيو هجي"[27]. هن سلسلي ۾ جاحظ پنهنجي ٻي تصنيف "ڪتاب الحيوان" ۾ سنڌ جي هڪ پوڙهي مائي (جنهن جي مادري زبان سنڌي هئي) جو سنڌيس سواري جي اٺ بابت عربيءَ ۾ ادا ڪيل هڪ فقرو نقل ڪيو آهي، جنهن ۾ مائي "جمل" (اٺ) کي 'زمل' ڪري اُچاريو[28].

---

[27] 'ڪتاب البيان والتبيين'، جلد 1، ص 66 (2)

[28] "لقد رَكبت عجوزة سندية ظهر بعير فلما اقبل به البعير وادبر وطمر نخضها مرة مخض السقاء وجعلها مرة كانها ترهز فقالت بلسانها. و هي سنديه عجمية اخزي الله هذا الزمل، فانه يذكر بالشر" (ڪتاب الحيوان، جلد 3 ص 9)

ابن لي اِن سئلتُ، ابا عطاءٍ — يقينا کيف عِلمکَ بِالمَعاني

ابي ابو عطا! مون کي سمجهاءِ، جيڪڏهن آءٌ پڇان، تہ يقيني طور توکي معنيٰ جي فن ۾ ڪيتري مهارت آهي.

ابو عطا چيو:

خَبِيرٌ عالِمٌ، فَاسأل تزدني (تجدني) — بها ثَبَاً (طبيًا) و آياتِ المثانِي

(آءٌ چاڻو ۽ ماهر آهيان، پڇ تہ خبر پوئي، تہ آءٌ انهي فن ۾ يگانہء روزگار آهيان

اتي پڇيو مانس تہ:

فَمَاَ اسمُ حَدِيدَةٍ فِي راسِ رُمْحٍ، — دُوَينَ الكَعبِ لَيست بِالسنانِ؟

انهيءَ لوهہ جو نڪر جو نالو ڇا آهي، جو نيزي جي چوٽيءَ ۾ ٽِڪيءَ جي نزديڪ آهي، مگر اهو نيزو بہ ناهي؟)

چيائين:

هُوَ الزَّزّ (الزج) الذي ان بات ذيفاً (ضيفا) — لِصَدرِکَ، لَم تَزل لَکَ آولَتانِ (عولتان)

(اهو زُزّ (صحيح 'زج' يعني ڀالو) آهي، جو جيڪڏهن رات جو تنهنجي ڇاتيءَ جو مهمان بنجي تہ توکي هميشہ لاءِ سُور ڏيئي ڇڏي)

مون چيومانس تہ "ڏٺي توکي نيڪي ڏئي، شايد تنهنجي مراد 'زج' آهي!" وري پڇيو مانس:

فَماَ صُفراء تُدعيٰ اُمَّ عوفٍ — کانَ رِجَيلَتَيها مِنجَلانِ؟

(ڀلا اها کهڙي پيلي شيءِ آهي، جا 'اُم عوف' سڏجي ٿي ۽ جنهن جا پيرڙا ڄڻ ڏاٽي جهڙا آهن؟

جواب ڏنائين:

اَرَدتَ زَرَادَةَ (جرادة) و آَزُنَ زَنّا (آظن ظنًا) — بانکَ ما ارَدت سِوىٰ لِسانِي!

ڪين ٿيون هيون، ۽ انهن حرفن جا اُچار سنڌ جي ٻولين ۽ محاورن ۾ داخل ڪين ٿا ٿيا. هيءَ حڪايت اهو به ظاهر ڪري ٿي ته، ڪيئن سنڌ وارن جي خام اچارن تي عربن طرفان تنقيد ٿيندي رهي. انهن علمي تنقيدن توڙي سنڌين ۽ عربن جي وچ ۾ عام ميل جول جو اهو نتيجو نڪتو جو سنڌي لفظن جي اچارن ۾ 'ج'، 'ز'، 'س' ۽ 'ش' جي جداگانه ۽ مستقل اچارن جو اضافو ٿيو. اڄڪلهه سنڌ جا اصل باشندا- يعني لاڪا، سهتا، سما، چنا وغيره- جي ٻهراڙيءَ ۾ رهن ٿا، تن مان اٿيڙهيل به اهي اچار بلڪل صحيح صاف ڪن ٿا. صرف سنڌ جا اهي هندو جي گهڻو پوءِ پنجاب ۽ ٻين ٻاهرين علائقن کان سنڌ ۾ لڏي آيا، انهن ۾ اڄا تائين انهن اچارن جي خامي موجود آهي.

4. چوٿون ته سنڌي ٻوليءَ جي سٽاء تي عربي ٻولي جي اعراب جو اثر پيو. 'اعراب' جمله ۾ بيهڪ جي لحاظ سان لفظ جي آخري حرف واريءَ حرڪت (زير، زبر، پيش) جو نالو آهي. هندوستان جي ٻين موجوده ٻولين مان سنڌي ٻولي ئي آهي، جنهن ۾ اعراب جو سلسلو مڪمل طريقي سان موجود آهي. سنڌيءَ جا مذڪر اسم پنهنجي اصلوڪيءَ صورت ۾ اڪثر پيش سان هوندا آهن، ۽ مؤنث اسم گهڻو ڪري زير يا زبر سان (سواءِ ڪن جزوي مستثنات exceptions جي – مثلاً مس، ڪڻ، وغيره) حالت فاعلي (۽ فعل لازمي) ۾ البت اسمن جي اعراب ساڳي اصلوڪي حرڪت رهندي (مثلاً 'گهر' ڪشادو آهي')؛ مگر اضافي ۽ جري حالتن ۾ 'ر' جو پيش بدلجي زبر ٿيندو (جيئن ته حالت اضافي ۾ 'گهر جو ڌڻي'، ۽ حالت جري ۾ 'گهر ۾'، 'گهرَ کي'، 'گهر ڏانهن'؛ پر جيڪڏهن حرف جر حذف ڪبو (ڪيرائبو)، ته آخري حرف کي زير ڏبي – مثلاً 'فلاڻي جي گهرِ وڃي'، (جو دراصل 'فلاڻي جي گهر ۾ وڃي' جي برابر آهي). جن مردن جي نالن پنيان 'و' آهي، اهو حالت ندا ۾ متجي 'الف' ٿيندو ۽ حالت اضافي ۽ جري ۾ 'ي' - مثلاً 'اي الهڏنا!'، 'الهڏني جو پٽ'، 'الهڏني کي چيم'. مگر عربيءَ وانگر، سنڌيءَ ۾ ڀڻ زالن جا نالا "مبني" آهن، يعني ته انهن جي اعراب ڪين ڦرندي-جيئن ته 'بانو جو پٽ'،

'بانو کي چيم'، وغيره. اسين چونداسين تہ 'احمدُ آيو'، ۽ 'احمد، چيو': اتي ٻنهي صورتن ۾ حالت فاعلي آهي، مگر پهريون فعل لازمي آهي، ۽ ٻيون فعل متعدي. سنڌي اعراب جي قاعدي موجب، متعدي فعل جي فاعل جي اعراب زير ٿيندي- يعني تہ پيش ڦري زير ٿيندو ۽ 'و' مٽجي 'ي' ٿيندو- جيئن تہ 'الله ڏنو آيو' ۽ 'الله ڏني چيو'. وري، سنڌيءَ ۾ بلڪل عربيءَ وانگر، ضمير سڀ 'مبني' آهن، يعني تہ انهن ۾ اعراب جي ڦير گهير ڪانہ ٿيندي.'هُو'، 'تون'، وغيره سڀ ضمير، هر حالت ۾ پنهنجيءَ اصلوڪي صورت ۾ رهندا مطلب تہ سنڌي ٻوليءَ جو هيءَ فنِ اعراب، عربي ٻوليءَ جي گهري اثر جو نتيجو آهي.

### 5. گرامر جي جزن ۽ پاڳن تي عربيءَ جو اثر پيو:

(الف) اسم: عربيءَ مان اسم، ڏينهن ۽ مهينن جا نالا، ۽ ٻيا ڪيئي اسم سنڌي ٻوليءَ جو جز بڻيا – مثلاً بصر، جبل، ٿوم، دٻڪي (طبق)، دلو رسو وغيره؛ ڪيئي اسم روزمره جي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا. ازانسواءِ نار (ع.ناعوره) مجيري، جريب، ڪاسو وغيره الفاظ کيتيءَ جي ڌنڌي ۾ داخل ٿيا. سنداڻ ۽ متر ڪو (مِطرقة) لوهارڪي ڌنڌي جا اسم بڻيا؛ ڪڙيو ڪرجين، ساهمي، وغيره واپارين ذريعي رائج ٿيا؛ ۽ زورق، سڙهہ (شراع)، سُکاڻ (سڪان)، وغيره اسم ملاحن ۽ ناکئن جي استعمال ۾ آيا. انهن 'عربي الاصل' اسمن کان سواءِ، خود سنسڪرت يا پراڪرت مان جي اسم سنڌ ۾ رائج هئا، تن مان بہ ڪن تي عربي اثر پيو جيئن تہ 'سُوريہ' ۽ 'آشچريہ' شايد عربي اثر سببان ڦري 'سورج' ۽ 'اچرج' ٿيا.

(ب) ضمير: ضمير 'هُو' ۽ 'آءٌ' غالباً عربي الاصل آهن. 'آءٌ' خاص طرح سنڌ جي هيٺئين پاڱي ۾ رائج آهي؛ ۽ جيئن تہ انهيءَ پاڱي ۾ ديبل ۽ منصوره جي مرڪزي شهرن سبب سنڌيءَ تي عربيءَ جو گهرو اثر پيو تہ اُتي غالباً عربي 'آنا' جو سنڌي نمونو 'آءٌ' هميشہ لاءِ استعمال ۾ اچي ويو. سنڌجي اُترئين حصي ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي پارسيءَ جو زياده اثر رهيو انهيءَ ڪري غالباً

پارسي لفظ 'مَن' منجهان ٿي 'مان' مروج ٿي ويو.

ٻيو تہ جهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل جون ضميري پڇاڙيون – مثلاً چيم (مون چيو)، چيو مانس (مون هن کي چيو) – رائج آهن، اهڙيءَ طرح اهي ٻي ڪنهن بہ هِند-آريائي ٻوليءَ ۾ نٿيون ملن: گمان غالب آهي تہ اهي پڇاڙيون عربي ۽ فارسي ٻولين جي اثر هيٺ مروج ٿيون.

(ج) فعل: اصل عربي لفظن مان سنڌيءَ ۾ فعل بنيا- جيئن تہ دفنائڻ، نظرڻ، نيتڻ، مرهڻ، ضربڻ، طلبڻ، ترڪڻ، وغيره.

(د) حرف جر: 'لاءِ' (=عربي 'ل') ۽ 'واسطي'- اهي ٻئي حرف دراصل عربي آهن، مگر سنڌيءَ ۾ عام طرح استعمال ٿين ٿا. ازان سواءِ 'طرف' (=ڏانهن)، "في" (= ۾: 'في ماه'، في سيڪڙو' وغيره) ۽ "ب" (= سان: 'بالله'، 'بالاخر' وغيره) پڻ رائج آهن.

(هہ) حرف ندا: 'يا'، 'آلا' (يا الله) ۽ 'شال' (=ان شاء الله) – ٽيئي حرف ندا عربي الاصل آهن. ازان سواءِ، خوف وقت 'نانگ-نانگ' يا 'چور-چور' بہ عربيءَ جي ندائي سِٽاءَ، "تحذير"، جو نتيجو آهي.

مطلب تہ سنڌي ٻوليءَ جي صرف- نحو واريءَ سٽاءَ خواه لغت تي عربي ٻوليءَ جو وڏو اثر پيل آهي.

## 3. تعميري دور (1100 _1850ع)

(عربن جي حڪومت کان وٺي مغل شهنشاهيت جي آخر تائين، يعني تقريباً 1100ع کان 1750ع تائين، سنڌي ٻوليءَ پنهنجي تعميري دور مان گذري. انهيءَ عرصي ۾ سنڌي پنهنجي لساني ۽ بياني سرمايي کي وڌايو ۽ ويجهايو) اسان جي موجوده تحقيق موجب، قاضي قاذن جا بيت هن تعميري دور جي سنڌي ٻوليءَ جو جهوني ۾ جهونو نمونو نہ آهن. مگر، عربي دور حڪومت کان وٺي قاضي قاذن تائين هڪ ادبي خال نظر اچي ٿو، جنهن تي هيٺ قدري روشني وڌي ويندي.

(الف) سومرن جي حڪومت وارو روماني دور:

اسين مٿي بحث ڪري آيا آهيون ته عربن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي مرڪزيت ملي، ۽ ان جي ڪيترا ادبي پايي تي پهتي. تقريباً عربي حڪومت جي خاتمي وقت ۽ يارهين صديءَ جي شروعات ۾ محقق ابو ريحان بيروني هندستان ۾ آيو ۽ اچي هندن جي تهذيب ۽ تمدن جي تحقيق ڪيائين. هن پنهنجي ڪتاب "الهند" ۾ ڪن جاين تي سنسڪرت جا الفاظ ۽ اصطلاح، توڙي عام مروج مڪاني الفاظ ۽ اصطلاح ڏنا آهن: اهي مڪاني الفاظ ۽ اصطلاح، بقول پروفيسر سخاؤ لڳ ڀڳ سنڌي ٻوليءَ جا آهن[30]. بيرونيءَ پنهنجي تحقيق ملتان ۽ ان کان مٿي لاڳيتي پاڳي ۾ ڪئي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جا الفاظ، پنهنجي لغوي ۽ ادبي فوقيت سبب، ملتان کان مٿي واريءَ اراضيءَ تائين پکڙجي ۽ ڇانئجي ويا هئا. درحقيقت سنڌي ٻوليءَ جي اهائي لغوي ۽ ادبي صلاحيت هئي، جنهن سومرن واري رومانوي دور جون ضرورتون پوريون ڪيون.

(سومرن جو دور سنڌ جي تاريخ توڙي سنڌي ادب جو رومانوي دور آهي. هن دور ۾ ئي سنڌ جي انهن قصن ۽ ڪهاڻين جو بنياد پيو جن جي ٽاڪي پيڙهي ۾ سنڌيءَ جو موجوده ادب اُڀيل آهي. مگر انهن قصن جي شهرت صرف انهيءَ ڪري ٿي، جو سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن قصن کي بيان ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿي چڪي هئي).

(انهن قصن ۾ اوائلي قصو "سسئي-پنهون" جو آهي، جنهن جو بنياد سنڌ ۽ بلوچستان جي درميان گهري واپار ۽ تعلقات جي حقيقت تي ٻڌل آهي) اهو واپار عربن جي بنايل انهيءَ خشڪي شاهراهه سان هلندو هو جيڪا لس ٻيلي، ڪيچ، مڪران، ڪرمان ۽ اهواز کان وٺندي بصري تائين هئي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته اهو قصو عربن جي ڏينهن جو آهي. مگر هن قصي ۾ سنڌ ۾ بلوچن جي آمد جو جز شامل آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان بلوچن جي

[30] ڏسو "ڪتاب الهند" (عربي متن، تصحيح پروفيسر سخاؤ) جو مقدمو ص 25

ڪن قبيلن جي سنڌ ۾ اوائلي آمد تقريباً '5' صدي ۽ ان بعد سومرن جي ڏينهن ۾ ٿي تصور ڪري سگهجي ٿي (ٻيو قصو "سيف الملوڪ" جو آهي، جنهن ۾ اروڙ وٽان درياءَ جي رخ بدلائڻ جو ذڪر آهي. اهو واقعو بہ سومرن جي حڪومت ۾ ٿيو) جو هنن وڳهہ ڪوٽ، رُوپاهہ ۽ پُراڻ جا پٽ ڇڏي اچي لاڙ ۾ موجوده شاهہ ڪپور لڳ "محمد طور" وسايو. روهڙيءَ لڳ ٻيٽ تي خواجہ خضر واريءَ درگاهہ ۾ هڪ سر تي لڳل ڪتبي مان گمان نڪري ٿو تہ اهو پنجين صدي هجريءَ جي شروعات جو آهي، ۽ ان ۾ درياءَ جي رخ مٽائڻ ڏانهن اشارو آهي. پنجين صديءَ جو اوائلي زمانو سومرن جي عروج جو زمانو آهي، ۽ ان وقت ٿي غالباً اروڙ وٽان درياءَ ريٽ ڪري ڦري روهڙيءَ وٽان وڙهو. (ٽيون قصو "سورٺ ۽ راءِ ڏياچ" جو آهي، جو پڻ سومرن جي ڏينهن جو آهي.) ڪئپٽن ولبر فورس جي بيان موجب، همير سومري 1020ع ڌاري "جاسل" نالي ڪنوار ڪنئي، جنهن سبب راءِ ڏياچ سنڌ تي ڪاهہ ڪئي[31]. (چوٿون قصو "مومل-راڻو" آهي، جنهن ۾ سنئون سڌو همير سومري جو نالو آيل آهي. پنجون قصو "عمر-مارئي" جو آهي، جنهن ۾ عمر سومري جو نالو پڌرو آهي. ڇهون قصو "ليلان – چنيسر" جو آهي، جو پڻ شايد سومرن جي ڏينهن جو آهي) ڇاڪاڻ تہ چنيسر جو نالو سومرن جي پُري پيڙهيءَ مان پڌرو ٿيو ۽ ٻين راڻن ۽ راجائن غالباً انهيءَ نالي کي اتان اختيار ڪيو. چنيسر داسڙو هو ۽ هيٺ لاڙ جي هڪ ڀاڱي جو راڄ هو. (ستون قصو "سهڻي –ميهار" جو آهي) سنڌ جي قديم روايت موجب، سهڻي ۽ ميهار جون قبرون شهدادپور ۾ قتل درياءَ جي ڪنڌيءَ تي آهن، جنهن کي "سهڻيءَ جو ڊورو" چئجي ٿو. اهو ڊورو عربن جي دور جي آخر ۾ ۽ سومرن جي اوائلي دور ۾ وهندو هو جنهنڪري گمان غالب آهي تہ اهو قصو بہ سومرن جي ڏينهن جو آهي). خود "سهڻي – ميهار" جي اصلي قصي ۾ پڻ ميهار کي ترڪستان جو واپاري ڪري ڄاڻايل

[31] ڏسو ڪئپٽن ولبر فورس جي "ڪاٺياواڙ جي تاريخ"، همير سومري 1020 ۾ 'جاسل' ڪنئي، جنهن تي راءِ ڏياچ جو ، راءِ نوگهن گجرات مان سنڌ تي چڙهي آيو.

آهي. ترڪستان طرفان واپارين ۽ شهزادن جي هندستان ۾ آمد محمود غزنويءَ (پنجين صديءَ جي شروعات) جي فتوحات بعد ٿي- ۽ اهو دور سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت جو دور آهي.

(غور طلب ڳالهه هيءَ آهي ته اٽڪل روءِ عربن جي دور جي خاتمي ۽ سومرن جي اوائل کان اهي قصا ڳائجڻ لڳا، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته غالباً ان زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان ۽ ادائگيءَ جي پوري صلاحيت پيدا ٿي چڪي هئي. انهيءَ وقت جا اشعار به ڀڏل ڀيڙيءَ جي هريڻن جهڙا ۽ جيترا ملن ٿا.) سومرن جي دور جي آخر ۾ سلطان محمد بن تغلق ۽ سلطان فيروز شاهه سنڌ تي ڪاهون ڪيون. سلطان محمد سومرن سان لڙايون ڪندي ٺٽي جي ويجهو وفات ڪئي. ان بعد، سلطان فيروز شاهه وڏي ڪٽڪ سان حملا ڪيا. هڪ دفعي سنڌجي لشڪر سلطان فيروز کي اهڙي ته شهه ڏني، جو کيس گجرات ڏانهن واپس وڃڻو پيو.

سنڌ وارن جون دهليءَ جي سلطانن سان شايد اهي ئي جنگيون هيون، جي عوام ۾ پوءِ "علاء الدين ۽ دودي-چنيسر" جي جنگين جي نالن سان مشهور ٿيون. (تاريخي واقعات جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو ته "علاءالدين ۽ دودي— چنيسر" جو قصو غالباً-سومرن جي حڪومت جي آخري دور کان وٺي ڳائجڻ لڳو) ڇاڪاڻ ته سلطان علاءالدين جي سپهه سالار ظفر خان جو سن 697هه ڌاري سنڌ تي چڙهي اچڻ ثابت ٿئي ٿو[32]؛ ۽ سنڌ جي هڪ روايت موجب ان وقت 'اسدالملة' دودو سومرو حڪمران هو جنهن سن 700 هه ۾ وفات ڪئي[33]. (جيڪڏهين 697 کان 700 هه واري عرصي ۾ سلطان علاء الدين جي سپهه سالار ۽ سومرن جي وچ ۾ جنگيون فرض ڪجن، ته پوءِ اهي

---

[32] تاريخ فيروز شاهي، (تصنيف ضياء برني، سن 758هه)، مطبوعه ڪلڪته، 1862. ص ص 253_254. ۽ طبقات اڪبريءَ (تصنيف نظام الدين بخشي، سن 1002هه)، مطبوعه ڪلڪته 1927_1935ع، جلد 1، ص 142

[33] 'دولت علويه يا سومرن جي حڪومت' (تاليف مولوي عبيدالله شائق')، مطبوعه 1929ع.

مقابلا سومرن جي خاتمي (تقريباً 750هـ) کان چڱ پنجاهہ سال ڪن اڳ ٿيا. انهيءَ لحاظ سان چئبو تہ علاء الدين ۽ دودي_چنيسر جو قصو سن 700هجريءَ بعد. يعني اٺين صديءَ جي شروعات کان وٺي اڄ ڏينهن تائين پيو ڳائجي. (انهيءَ قصي جي مختلف روايتن ۾ جيڪي ڳاهُون (بيت) آهن، تن مان گهڻيون نسبتاً پوئين دور جي سگهڙن ۽ قصہ خوان چارڻن ۽ ڀٽن جون چيل ٿيون ڏسجن. البتہ ڪي ڳاهن وارا بيت اهڙا بہ آهن جن بابت گمان ٿئي ٿو تہ شايد اهي انهيءَ آڳاٽي دور يعني اٺين صديءَ جي پوئين نصف واري دور جي شاعرن ۽ سگهڙن جا چيل هجن_ مثلاً:

جَرَ نہ ڪُتَن ڪِنگرين، راوَ نہ ڳَنئين وِيڻَ،

گولي وِيئي گُجرين، توءِ چُندا دودي پيڻ

هن بيت جي ٻولي قدري ان جي قدامت جي ساک ڀري ٿي، سومرن توڙي سمن جي ڏينهن ۾ خود مسلمان حاڪمن کي بہ "راءَ" جي خطاب سان سڏيندا هئا. ڀٽائي صاحب خود ڄام تماچيءَ جو مثال ڏيندي چيو آهي تہ "تون تماچي تڙ ڏٽي، تون تماچي تڙ راءِ". 'گجر' لفظ جو استعمال 'راڻين' لاءِ هو). قصي ۾ هي بيت چڱ دودي جي زباني جواب آهي، جڏهين سندس ڪن صلاحڪارن کيس چيو تہ 'سلطان علاءالدين لاءِ ٻاگهيءَ (دودي جي ڀيڻ) جو سڱ ڏيڻ ٿو گهرن، تون ٻاگهيءَ جي ٻانهن ٻلي نہ ڏي پر پنهنجيءَ ڪنهن ٻانهيءَ کي ٻاگهيءَ جو نالو ڏيئي ڪٽي ڏياري موڪل'. انهيءَ تي دودو جواب ٿو ڏئي تہ 'ٻانهي ڪٽي موڪليان بہ، چئو تہ (هڪ ٻانهي ڏيڻ سان هن وڏيءَ حرمسراءِ ۾ ڪمي ڪانہ ٿيندي_جئن) ڪِنگرين ڀرڻ سان کوهہ جو جر ڪونہ ڪُٽندو، پيو تہ ٻاگهيءَ جي ٻانهن وٺي خود سلطان بہ طعنا ۽ ويڻ ڏيئي وڙ ڪونہ وڃائيندو. پر سوال عام شهرت جو آهي، جو ماڻهن جا وات بند ڪين ٿيندا. هتان ڪٽي ٻانهي گولي ويچي گُجرن (راڻين) سان گڏ ويهي، پر چوندو هرڪوئي اهين تہ دودوي جي ڀيڻ آهي'.

(انهن ڳاهن وارن بيتن کان جدا پيو هڪ بيت اسان کي سنڌ جي راوين وٽان

مليو آهي، جو ڪدري وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته سومرن جي وقت جو آهي. بدقسمتيءَ سان سومرن جي هجوَ ۽ شڪايت ۾ چيل آهي) ۽ محض علمي تحقيق خاطر هت معذرت سان پيش ڪجي ٿو. حقيقت هيءَ آهي ته عرب سخي هئا، ۽ سخاوت عربي زندگيءَ جو اهم جز هئي. سانجهيءَ ٽاڻي قافلن جي جهوڪ وقت ٻاهين جا مچ ڪري ڇڏيندا هئا ته من مسافر لڙي اچن. عربن بعد سومرا حڪمران ٿيا. سومرا، هڪ دليل موجب، اسماعيلي عرب هئا يا اسماعيلي عربن جي تبليغ سان راجپوتن مان نو مسلم ٿيل هئا. اسماعيلي عرب مبلغ، پورهيا ۽ ڌنڌا اختيار ڪري، ڪاسبين جي معرفت پنهنجي تبليغ ڪندا هئا. انهيءَ حالت ۾ سومرا جيڪڏهن اسماعيلي عرب هئا ته به ڪاسبي هئا، جا خصوصيت اڃا تائين منجهن موجود آهي. ڪاسبي پنهنجي پگهر جي پورهئي مان ڪمائين، انهيءَ ڪري سخاوت ڪرڻ لاءِ وٽن پيسو ڪو ٻورو پنو هوندو آهي. ٻئي دليل موجب، جيڪڏهين سومرا هندو هئا ۽ پوءِ مسلمان ٿيا، ته انهيءَ حالت ۾ به هندن واري ٻڪائي سندن نسل ۾ هئي. بهرحال، سنڌ ۾ عربن جي حڪومت واري سخاوت سومرن جي دور ۾ ڪانه رهي. اهي ٻاهين جا مچ، جي جهوڪ ويلي عربن جي ڏينهن ۾ جڻ جبل چوٽين لاٽون ڪري ٻرندا هئا، سي سومرن جي ڏينهن ۾ نه رهيا. سومرن جي ڳوٺن ۽ بستين جون ٻاهيون ۽ دونهيون سانجهيءَ ٽاڻي، جهوڪ ويلي، جهڪيون ۽ جهيڻيون ٻريون، ۽ انهيءَ ڪري عربي دور جي مهمان نوازيءَ واريون روايتون باقي نه رهيون. انهيءَ حال کي ڏسي اُن وقت جي ڪنهن سنڌي شاعر سومرن جي هجوَ ڪئي:

سڄو ڦَسيءَ پيا سومرا، اَڌ ڦَسيءَ پيو لوڪ،

جهيڻي ٻارڻ جهوڪ، نه ته ٻئي ليڙيائي لاٽون ڪري

-- يعني ته جيڪڏهن اڌ ڦِٽ ٻئي ساري لوڪ تي، ته سڄي ڦِٽ سومرن تي (جو ته باوجود انهيءَ جي جو حڪمران قوم آهن، سندن ڳوٺن ۽ بستين جي ٻاهه) جهوڪ ويلي جهڪي ۽ جهيڻي ٿيو وڃي، باقي هونءَ ته ٻئي وقت لاٽون

چورائجي ويا. انهيءَ تي هن چارڻ، پٽ طور هيءُ بيت چيو ته:

ڏوري ڏوري راءِ، جَنهين چارڻ سان ڪاهُه
پَٽڻ پِٽي جو ٿيو سيجَ وِتايو ساهُه
هميرا پوراهه، راج نه ڪندا سومرا.

- يعني ته ڏوري راءِ، جنهن جي چارڻ سان دشمني آهي، سو ڏُرڪي ضعيف ٿي ڇُڙي مريو. سندس شهر "پٽڻ" ڦٽي پوئو (پٽي) ٿيو ۽ هاڪڙي (سيج) درياءَ سُڪي ساهه ڇڏيو. همير سومري پڇاڙي (سندن حڪومت جو خاتمو ٿيندو ۽) سومرا راڄ ئي ڪين ڪندا.

هن بيت جي معنيٰ ۽ مراد قرين قياس آهي. بقول 'تحفة الڪرام'، سومرن جو آخري حاڪم همير هو جنهن کان سمن حڪومت کسي. انهيءَ جي تصديق سلطان فيروز شاهه طرفان ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو جي خطن مان ٿئي ٿي، جيڪي هن سنه 1352ع کان 1365ع واري عرصي ۾ لکيا. هو لکي ٿو ته 'هن وقت سومري حاڪم همير پٽ دودي جي حڪومت جو سلو سُڪي رهيو آهي؛ محض سلطان جي مدد سان ئي قدري سائو ٿيو بينو آهي. ٻئي طرف، سمو ڄام ٻانڀڻيو پٽ اُنڙ سندس سرڪشيءَ ۽ طاقت سان اُڀري رهيو آهي[35]. چئي نٿو سگهجي ته همير سومري ڪان ڪهڙي سال ۾ حڪومت کسي ويئي، يا ڪڏهين وفات ڪيائين؛ پر جيئن ته سلطان فيروز شاهه 66-1365ع ڌاري ٺٽي تي حملو ڪيو انهيءَ مان گمان نڪري ٿو ته لڳ ڀڳ 1365ع ڌاري همير سومري جي حڪومت جو خاتمو ٿيو. انهيءَ لحاظ سان، مٿئين بيت جو زمانو به اندازاً 1352ع کان 1365ع وارو عرصو قرار ڏيئي سگهجي ٿو. بقول 'تاريخ طاهري'، سومرن جو خاتمو به سمن زميندارن جي وڌندڙ طاقت سبيان ٿيو. مٿين روايت مان پڻ ظاهر آهي ته

[35] "منشات ماهرو" قلمي نسخو نقل ڪيل ڊاڪٽر رياض الاسلام ڏسو سندس مضمون "The Rise of Sammas in Sind" مطبوعه رساله "اسلامڪ ڪلچر" حيدرآباد دکن، آڪٽوبر سن 1948ع

سمن چامن، پنهنجي خوشحاليءَ سببان، سخاوت ڪري ڀٽي چارڻن کي نوازيو جن سڄي ملڪ ۾ وڃي تي سندن ڳڻ ڳايا. چارڻ جون اهي ڪيرتون جڻ سمن لاءِ هڪ قسم جي پروپئگنڊا هيون، انهيءَ ڪري سومرن کي ڏکيون ٿي لڳيون، تنهنڪري ڪن سومرن زميندارن وري چارڻن کي هيسڻ ٿي چاهيو. ڊوري راءِ سومري جي اشاري تي چارڻ جا گهوڙا چورائجڻ هڪ قرين قياس امر آهي. انهن دليلن جي بناء تي چٽي سگهجي ٿو ته غالباً هيءُ بيت سومرن جي آخري دور جو آهي.

جيڪڏهين مٿيان بيت سومرن جي ڏينهن جا آهن ته پوءِ چئبو ته سومرن واري دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي ايتري صلاحيت پيدا ٿي چڪي هئي جو نه صرف نثر ۾ رومانوي داستان ۽ قصا رائج ٿيا، پر سنڌي شعر به ڳاهن واريءَ صورت ۾ نمودار ٿيو.

[مهراڻ 1_ 1959ع]

سراج الحق ايم. اي

# "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ"

## [هڪ تنقيدي جائزو]

'مهراڻ' جي 1 _ 1959 پرچي ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مضمون "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" ڇپيو آهي. ڊاڪٽر صاحب سنڌ جو هڪ مڃيل عالم آهي، ۽ سندس ادبي لياقتن ۽ علمي صلاحيتن کان انڪار ڪفر آهي. سنڌي عالمن ۾ ڊاڪٽر صاحب انهن ڳاڻ ڳڻين اديبن مان آهي، جن جو فڪر بامقصد مطالعي، سوچ ۽ محنت جو نتيجو آهي. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جون خدمتون جيڪي ڊاڪٽر صاحب ڪيون آهن، انهن جهڙو مثال سنڌ جي هن قحط الرجال واري ماحول ۾ گهٽ ملندو. هيءُ مضمون پڻ ڊاڪٽر صاحب جي وسيع مطالعي ۽ سخت محنت جي شاهدي ڏئي ٿو. ڊاڪٽر صاحب وڏيءَ سوچ ۽ محنت ڪرڻ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي اصليت، بنياد ۽ تاريخي حيثيت لاءِ ڪي نتيجا قائم ڪيا آهن، ۽ انهن کي پنهنجن نظرين طور پيش ڪيو آهي. هيءُ مضمون سنڌي ٻوليءَ سان محبت رکندڙن لاءِ فڪر ۽ تحقيق ڪرڻ جي دعوت جِي حيثيت رکي ٿو - ۽ ضروري آهي ته سنڌي اديب پنهنجي اڀياس ۽ کوجنائن، تاريخي ڇنڊڇاڻ، ۽ عالمي ادب ۽ تاريخ جي پس منظر ۾ انهيءَ تحقيق کي ڪنهن بار آور نتيجي تي پهچائين، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بنياد ۽ تاريخي اهميت جي تعين ڪرڻ ۾ حصو وٺن.

ڊاڪٽر صاحب جي هن مضمون ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي مون کي نه آئڙيون، ان ڪري انهن متعلق آءٌ پنهنجا خيال 'مهراڻ' جي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪريان ٿو. مضمون متعلق ڪجهه چوان، ان کان اڳ آءٌ هڪ گذارش هيءَ ڪرڻ گهران ٿو ته ڊاڪٽر صاحب جي ذات سان مون کي شخصي توڙي ادبي عقيدت آهي. پر، هڪ لکندڙ جي حيثيت ۾ سنڌي

ٻوليءَ بنسبت مون کي ڊاڪٽر صاحب سان مؤدبانه اختلاف راءِ آهي، ۽ يقين اٿم ته ڊاڪٽر صاحب جي مضمون متعلق جيڪي ڪجهه ايندڙ صفحن ۾ عرض ڪندس، ان کي ڊاڪٽر صاحب محض ادبي بحث ۽ ادبي اختلاف راءِ جي نظر سان ڏسندو. منهنجو مقصد محض هڪ ادبي بحث آهي، تنهنڪري اميد ته پڙهندڙ پڻ ان کي ان رنگ ۾ ئي قبول ڪندا.

منهنجي لکڻ جو هڪ اهم سبب هيءَ آهي ته هن مضمون ۾ ڪي نظريا اهڙا ۽ اهڙن لفظن ۾ پيش ڪيا ويا آهن، جن سنڌ ۽ سنڌي تمدن سان محبت رکندڙن جي دلين کي البت ڏکوئيو آهي. ڪن ماڻهن ته انهن مان غلط نتيجا وبهي ڪڍيا آهن: ايتريقدر جو هن مضمون کي هندستان ۾ ناگري لپيءَ خلاف هڪ دليل طور استعمال ڪيو پيو وڃي. حشو ڪيولراماڻي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي صاحبن جهڙا سمجهدار اديب به هڪ وڏيڪ دليل هٿ ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي سامي سٽ جي ٻولي سڏڻ لاءِ تيار ٿي ويا! لپيءَ جو مسئلو هڪ الڳ بحث آهي، ناگري لپيءَ جا حمايتي هوندڻ ئي ڏڏڙ ۾ پير هنيو بيٺا آهن، ۽ انهن وٽ ڪو نوس دليل ته آهي ئي ڪو نه جنهن جي بنياد تي هو پنهنجي نظريي کي بچائي سگهن. هنن اهو پوت ته محض سياسي ۽ سماجي ان داتائن کي خوش ڪرڻ لاءِ کڙو ڪيو آهي، جنهن کي منهن ڏيڻ جو ميدان ته وري به سياسي ۽ سماجي آهي: ٻوليءَ ۽ ان جي بنياد کي ان ۾ ڪو به دخل نه آهي. ان ڪري، هندستان جي سنڌي اديبن کي "دروغ مصلحت آميز به از راستيءِ فتنه انگيز" واري مقولي تي عمل ڪرڻ جو ته ڪو ضرور ئي ڪونهي!

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مضمون کي ڇهن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي، جن مان هو صاحب ٻه حصا مڪمل ڪري چڪو آهي، ۽ ٽيون حصو اڌ ۾ ڇڏيل آهي. افسوس آهي ته مضمون جو باقي حصو 'مهراڻ' جي اڳئين پرچي ۾ نه ڇپيو آهي، ۽ اسان جهڙا طالبعلم اجايل رهجي ويا آهن. مضمون جي پهرئين ڀاڱي کي پڙهڻ مان اندازو ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب کي به اها ئي دقت پيش

ڪرڻ بدران، ان جي مفروضن جي بنهه ابتڙ آهن. انهيءَ نظريي لاءِ ڪجهه اهڙا مفروضا قائم ڪيا ويا آهن، جيڪي علم اللغات ۽ علم اللسان جي تسليم ٿيل اصولن تي بہ پورا ڪين ٿا بيهن. پنهنجي هن خيال جي وضاحت آءُ مضمون جي جزن تي بحث ڪرڻ وقت ڪندس، ان کان اڳ آءُ علم اللسان جا ڪجهه اصول مختصر طرح هت بيان ڪرڻ گهران ٿو تہ جيئن پڙهندڙ انهن جي روشنيءَ ۾ اڳيان ايندڙ بحث کي چڱيءَ پر سمجهي سگهن.

علم الحيوان جا ڄاڻو ارتقائي نقطہ نظر کان جانورن جي گروه بندي (classification) ڪرڻ وقت هي مفروضو قائم ڪندا آهن تہ اهي خصوصيتون، جيڪي ڪنهن گروهہ جي سمورن – يا تقريباً سمورن – جانورن ۾ هڪجهڙيون ۽ ساڳيون آهن، سي سندن ساڳئي ۽ مشترڪ ابي ڏاڏي جو اهڃاڻ آهن. ٻولين جي اڀياس ڪرڻ وقت، ٻولين جي پيٽ ڪري، سندن گروه بنديءَ ۾ پڻ مٿيون اصولُ ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو. پاڻ جيڪي عالم ٻولين جي ارتقا جو اڀياس ڪن ٿا، تن کي علم الحيوان جي ماهرن جي پيٽ ۾ هڪ وڏيڪ فائدو حاصل آهي: لکيل تاريخ جي زماني ۾ حيواني زندگيءَ اندر وڏي پيماني تي ڪي تبديليون ڪو نہ آيون آهن، پر، ان جي پيٽ ۾، وبجهن زمانن ۾ ئي ڪي بنهه انفرادي ٻوليون وجود ۾ اچي چڪيون آهن، ان ڪري اسين ٻولين جي ساڳئي ۽ عام بنياد ۽ اصل ڏانهن اشارو ڪندڙ اهڃاڻن جي اهميت ۽ ملهہ، تاريخ جي هڪ سلسليوار رڪارڊ جي پس منظر ۾ سمجهي ۽ سڃاڻي سگهون ٿا.

انهن اهڃاڻن مان پهريون ۽ اهم اهڃاڻ آهي– "لفظن جي هڪجهڙائي (word similarity). عقل اها ڳالهہ آسانيءَ سان تسليم ڪري ٿو تہ ٻن هڪٻئي سان لاڳاپيل زبانن ۾ سڃاڻڻ جهڙا ساڳيا لفظ گهڻي تعداد ۾ موجود هوندا. 'رومانس گروهہ' ٻوليون (فرينچ، انگريزي، اسپيني، اٽالين ۽ لئٽن) جي پيٽ انهيءَ اصول جي تائيد ڪري ٿي. ٻولين جي انهيءَ پيٽ مان مراد هرويرو لفظن جي هوبهو يڪسانيت نہ آهي. لفظن جي يڪسانيت هڪٻئي

ڪان لفظ اڌارا وٺڻ ڪارڻ بہ پيدا ٿئي ٿي — جيئن عربيءَ ۽ سنڌيءَ جا هڪجهڙا لفظ ٻولين جي هڪٻئي سان جڳري ناتي ۽ مائٽيءَ جو اهو ثبوت مضبوط ترين ان وقت ٿئي ٿو جڏهن اهي هڪجهڙا لفظ اهڙي قسم جا هجن، جيڪي هڪڙيءَ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ داخل نہ ٿيا هجن، ۽ نڪي ٻنهي ٻولين ۾ وچان ئي ڪنهن ٽينءَ ٻوليءَ مان داخل ٿيا هجن. اهڙن اصلوڪن يا بنيادي لفظن ۾ شخصي ضمير (متڪلم، حاضر ۽ غائب)، اهڙا فعل جيڪي بنيادي ڪمن ڪارين يا حالتن جو مفهوم ادا ڪن — مثلاً اچڻ ۽ وڃڻ، ڏيڻ ۽ وٺڻ، پيئڻ ۽ کائڻ، جيئڻ ۽ مرڻ، وغيره؛ صفتون، جيڪي عام خصوصيتن لاءِ ڪم اينديون هجن — مثلاً چڱو ۽ مٺو ننڍو ۽ وڏو ٿورو ۽ گهڻو اوچو ۽ اونهو وغيره، ۽ اهڙا نالا، جيڪي ڪائنات ۽ عام طرح ملندڙ چيزن لاءِ ڪم اچن- مثلاً ڌرتي، سج، چنڊ،ڪتو ٻلو پٽر، پاڻي، مٽي، باهہ، وغيره؛ ۽ بدن جي لڱن ۽ ڀاڱن جا نالا — اک، ڪن، نڪ، وات، ٽنگ، ٻانهن، وغيره؛ ۽ رت جي سڱن جا نالا — مثلاً پيءُ، ماءُ، ڀيڻ، ڀاءُ، ماسي، پڦي، وغيره — انهيءَ اصول جي مڪيہ نمائندگي ڪن ٿا. پر جيڪڏهن ڪن بہ ٻن زبانن ۾ هڪجهڙن لفظن جو تعداد ٿورو آهي، ۽ اهي لفظ محض تمدني زندگيءَ جي ڪنهن خاص پهلوءَ سان لاڳاپيل آهن، تہ يقيني طرح اهو چئي سگهجي ٿو تہ هڪڙيءَ ٻيءَ کان اهي لفظ محض اڌارا ورتا آهن. هن سلسلي ۾ عربيءَ ۽ سنڌيءَ جو مثال ڏيئي سگهجي ٿو ۽ يقيناً سنڌي ٻولي ڪن ٿورن اهڙن خاص تمدني لفظن لاءِ عربيءَ جي ٿورائتي آهي. ٻولين جي اها ڏي - وٺ ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي، ۽ دنيا جي هر ٻوليءَ اهڙيءَ طرح ٻين ٻولين جا لفظ پنهنجا ڪيا آهن.

ٻيو اهڃاڻ آهي 'نحوي اسلوب يا گرامر جي نوعيت'. هندستان جي ٻولين، ۽ خاص طور سنسڪرت ۽ ان جي پراڪرتن، جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهن ۾ ڪيترين ئي گرامر جون خصوصيتون سنڌيءَ ۾ عام آهن. جملي ۾ اسم، فعل ۽ ضمير جي ٻيهڪ، زمانن مطابق فعلن جي ورهاست، ظرفن ۽

حرف جملن جو استعمال — اهي ۽ ٻيون ڪيتريون ڳالهيون انهن ٻولين جي هڪجهڙي نحوي بناوت ثابت ڪن ٿيون. هنن ٻولين جي باهمي لاڳاپي جي انهن خصوصيتن جو اشارو مضمون اندر انهيءَ نڪتي تي بحث ڪرڻ وقت ڪندس. نحوي خصوصيتون به لفظن وانگر ثوريون يا گهٽيون اصل پسند (conservative) هونديون آهن. گرامر جي نوعيت جي مشترڪ هجڻ مان هت منهنجو مقصد اصطلاحن ۽ جملن جي جوڙجڪ جو مشترڪ هجڻ آهي، جيئن آءٌ مٿي چئي آيو آهيان. پر هت هڪ چتاءُ ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو ته محض گرامر جي خصوصيتن جي هڪجهڙائيءَ نظر نه اچڻ مان اهو نتيجو ڪڍڻ نه گهرجي ته ٻوليون هڪٻئي سان لاڳاپيل نه آهن. دراصل جڏهن هڪ مڪ ٻولي يا ڀاشا مختلف اپڀاشائن ۾ ورهجي وڃي ٿي، تڏهن انهن مان ڪي اپڀاشائون ساڳيو ۽ هڪجهڙو رستو وٺي اسرڻ لڳن ٿيون ۽ ڪي ٻنهه مختلف نمونن ۽ رستي سان ارتقا ڪرڻ لڳن. يورپي زبانن مان، مثال طور، فرينچ زبان لئٽن فعل جي پيچيده ۽ اندازي کان ٻاهر ڦيرين گهيرين کان، پنهنجي همزاد ٻولين جي ڀيٽ ۾، گهڻو آجي ٿي چڪي آهي. ساڳيءَ طرح، انگريزي زبان مان پڻ 'ٽيوٽانڪ' (Teutonic) لفظي گردان ايترا ته گهٽجي ويا آهن، جو سندس گرامر سنسڪرت کان وڌيڪ چيني ٻوليءَ جهڙو ٿي پيو آهي.

ٿيون اشارو يا اهڃاڻ آهي — 'هڪجهڙيءَ معنيٰ وارن لفظن ۾ هڪجهڙو ۽ باقاعده فرق' (Consistent difference). سنسڪرت جي پراڪرتن ۽ سنڌيءَ ۾ هڪ باقاعده فرق لفظن جي ڀيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو. سنڌيءَ ۾ اچارن جي سوس گهڻي انداز ۾ اچي چڪي آهي، ۽ ٻيو ته ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ جو جيئن ته سنسڪرت سان سڌو سنئون لاڳاپو نهايت قديم آهي، ان ڪري سنڌي ڪيترا نرم اچار ٻنهه پنهنجا پيدا ڪري چڪي آهي. ان جا ڪيترائي مثال آهن. هت صرف اِن نُڪتي کي واضح ڪرڻ لاءِ آءٌ ڪجهه مثال ڏيندس. پهريون ته اچارن جي سوس جو مثال آهي 'آ' اچار

ڪي ڪائي فقط 'آ' ڪري ڇڏڻ. 'آ' جو اچار دراصل آهي آ + آ، جنهن ڪي سُمائي اسان 'آ' ڪيو آهي. ان جو سبب سنڌي ٻوليءَ جي قدامت آهي، جا ان ڪي سنسڪرت جي سمورين پراڪرتن تي حاصل آهي. مثال:

| سنسڪرت | سنڌي | هندي | گجراتي | مرهٽي | بنگالي |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| ناشڪا | نَڪُ | ناڪ | ناڪ | ناڪ | ناڪ |
| آمرفل | انب | آمر | آمر | آنبا | آمر |

اسان ڪي ايترا ڪيترائي مثال ملن ٿا. جيڪي سنڌي لفظن جي، ٻين پراڪرتن جي ڀيٽ ۾ سنسڪرت لفظن سان قديمي تعلق ۽ هڪجهڙائيءَ ڪي ثابت ڪن ٿا ـ اهڙا مثال هيٺ ڏيان ٿو. انهن مان نہ رڳو مٿي بيان ڪيل باقاعده فرق جو پتو پوي ٿو بلڪہ سنڌيءَ جي سنسڪرت سان ويجهي تعلق جو اهڃاڻ پڻ ملي ٿو:

| سنسڪرت | سنڌي | هندي | گجراتي | مرهٽي | بنگالي |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| هست | هَٿُ | هاٿ | هات | هات | هاته |
| اڪش | اَک | آنک | آنک | (ڊولا) | (چوک) |
| سڪنڌ | ڪنڌ | ڪانڌا | ڪانڌو | ڪاندا | ڪاندا |

بنگاليءَ ۾ 'اک' جي لاءِ 'چوک' لفظ سنسڪرت 'چوڪشش' مان نڪتل آهي، ان ڪري ڀيٽ ۾ نٿو اچي سگهي. باقي مثالن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻين پراڪرتن جي ڀيٽ ۾ سنسڪرت ڪي گهڻو ويجهي آهي.

اچارن جي سوس جا ٻيا مثال آهن 'اِي' جي اچار ڪي 'اِ' ڪري ڇڏڻ، يا 'آو' ڪي 'آ' ڪري ڇڏڻ. جيڪي ٻڙهندڙ هندستان جي ڪن هڪ ٻن پراڪرتن مان واقف هوندا، انهن ڪي ڪيترائي اهڙا مثال ملي ويندا — مثلاً 'ريچ' يا 'رچ'، 'بيج' ۽ سنڌي 'ٻج'، وغيره. باقاعده فرق جو ٻيو مثال آهي ڪن لفظن جي اکرن جي ڦير گهير — مثلاً، سنڌيءَ ۾ سنسڪرت جي 'ل' جو 'ر' ۾ بدلجڻ، يا 'ب' جو 'و' ۾ بدلجڻ، يا 'د' جو 'ڏ' ۾ بدلجڻ. سنسڪرت جي ٻين

پراڪرتن اهي اچار قائم رکيا. سنڌيءَ انهن کي پنهنجو ويس پارائي ڇڏيو — مثلاً. بيگن = واڱڻ. بال = وار. دنت = ڏند. چال = چار وغيره. اهي فرق ڪجهه اهڙي باقاعدگي رکن ٿا. جو انهن جي اونهي اڀياس ڪرڻ سان انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو تہ اهي فرق لفظن جي اهڙن گروهن ۾ پيدا ٿيا آهن. جن کي لساني اعتبار کان علحده ۽ الڳ گروهن ۾ ورهائي سگهجي ٿو — مثلاً 'ٻالڪ' کي اسين 'ٻالڪ' ئي رکون ٿا، پر 'ڍال' کي 'ڏارُ' ڪري ٿا ڇڏيون. اهي تبديليون هڪ مقرر ٿيل قاعدي هيٺ ٿين ٿيون، ۽ انهن قاعدن جو اڀياس ئي آهي، جو ٻولين جي پاڙ ۾ لاڳاپي ۽ سندن اصليت جي تعين ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

ٻولين جي بنياد ۽ اصليت بابت انهن لساني اصولن کانسواءِ ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڳالهيون خيال ۾ رکڻيون پون ٿيون — مثال طور، ٻولين جي ڪنهن گروهہ جو تمدني پس منظر ٻولين جي ساڳئي بنياد جو ڪافي پختو ثبوت مهيا ڪري ٿو.

انهن اصولن جي ڪسوٽيءَ تي جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ کي پرکبو تہ گهڻي ڀاڱي اهو ثابت ٿي سگهندو تہ سنڌي ٻوليءَ جو لاڳاپو دنيا جي ٻولين جي ڪهڙي گروهہ سان وڌيڪ گهرو آهي، ۽ سنڌيءَ جي بنياد ۽ منبع تي بہ اهي اصول چڱي روشني وجهي سگهندا.

ڊاڪٽر صاحب جي مضمون تي تفصيلي بحث ڪرڻ کان اڳ، سنڌيءَ جي ممڪن ارتقائي تشڪيل بابت بہ اکر چوڻ گهران ٿو. جيڪا ٿوري گهڻي تاريخ اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي، انهيءَ مان مٿين اصولن جي بنياد تي ڪي نتيجا قائم ڪري سگهجن ٿا. ۽ انهن نتيجن کي تنقيد جي ڪسوٽيءَ تي پرکي، انهن جي علمي وقعت پڻ معلوم ڪري سگهجي ٿي. ان سلسلي ۾ ئي آءٌ ڊاڪٽر صاحب جي پيش ڪيل هڪ نُڪتي تي زور ڏيڻ گهران ٿو: ڊاڪٽر صاحب، ٻوليءَ جي بنياد متعين ڪرڻ کان اڳ، بنهہ شروع ۾ فرمايو آهي تہ سنڌيءَ جي تاريخ تي ٿيل

تحقيق جا مختلف گروهه آهن ۽ انهن سمورن گروهن کي پنهنجو پنهنجو اڳ رٿيل لاڙو يا پسند (bias) آهي. هڪ گروهه هندو عالمن جو آهي، جن سنڌيءَ کي سنسڪرت مان نڪتل ٻولي ثابت ڪرڻ کي هڪ ڌرمي فرض سمجهيو آهي. ٻيو گروهه يورپي عالمن جو آهي، جن جي تحقيق، بقول ڊاڪٽر صاحب، اجا تنقيد طلب آهي. ٽيون گروهه مسلمان محققن جو آهي، جيڪي سنڌيءَ کي عربيءَ مان نڪتل سمجهن ٿا، ۽ چوٿون گروهه ڊاڪٽر صاحب جي ذات جو (۽ ساڻس هم خيال عالمن جو) آهي، جيڪي سنڌيءَ کي سامي سٽ جي زبان، ۽ عربي ٻوليءَ ۽ عربي نحو جي بنياد تي قائم ٿيل ڪا ٻولي سمجهن ٿا. انهن سمورن گروهن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته پهرين ٻن گروهن جون تحقيقون، تنقيد طلب سهي، وزندار دليلن ۽ لساني اصولن جي بنياد تي ٻيٺل آهن. ٻئي طرف پوين ٻنهي گروهن جي عالمن جون لکيتون محض حسنِ ظَن، ذاتي پسند ۽ شخصي لاڙن جي بنياد تي مبني آهن، ۽ هنن سنڌيءَ کي عربي يا سامي تمدن جي مرهون منت ثابت ڪرڻ ۽ وس آهر سنسڪرت کان علحده ۽ نرالي ٻولي ثابت ڪرڻ کي بنهه ديني فرض ويهي تصور ڪيو آهي. اها اسان جي بدقسمتي آهي جو تحقيق ۽ علم ۾ به ڌرم ۽ مذهب، شخصي پسند ۽ ذاتي لاڙن کي دخل انداز ٿيڻ ڏنو وڃي ٿو. اسان جي ڪن مسلمان مؤرخن ۽ محققن ۾ ته هڪ وڏيڪ ڪمزوري هيءَ به آهي ته هو پنهنجن شخصي لاڙن جي ڪري، ڪنهن هندوءَ جي لکيل ڪنهن ڪتاب کي، ڪافي وزندار ۽ مستند هوندي به، ڪو وزن ڏيڻ ۽ سند سمجهڻ کان ڪيٻائيندا رهيا آهن. مثال طور هت جيڪڏهن آءٌ ائين چوان ته شايد صحيح ٿيندو ته ڊاڪٽر صاحب پنهنجيءَ هن تحقيق ۾ ڪاڪي ڀيرو مل جي ڪتابن — 'قديم سنڌ' ۽ 'سنڌيءَ ٻوليءَ جي تاريخ' — مان ڪنهن به قسم جي فائدي وٺڻ جي زحمت گوارا نه ڪئي آهي. مون کي يقين آهي ته ڊاڪٽر صاحب جيڪڏهن انهن ڪتابن کي پنهنجي پيش نظر رکي ها ته پاڻ اهي ظاهر ظهور غلطيون ڪين ڪري ها، جيڪي هن مضمون

۾ جابجا ملن ٿيون. ڪنهن مؤرخ يا محقق سان اختلاف راءِ رکڻ هڪ صحتمند نشاني آهي، پر ان محقق کي بنهه نظر انداز ڪري ڇڏڻ — پوءِ چاهي هو ڪنهن به فرقي سان تعلق رکندو هجي — تحقيق جي دائري کي گويا خواهه مخواهه تنگ ڪري ڇڏڻو آهي.

سنڌي ٻوليءَ بابت جيڪو ڪجهه تاريخي مواد اسان وٽ انگريزيءَ، سنڌيءَ ۽ ٻين زبانن ۾ موجود آهي، ان منجهان ڪو هڪڙو به دليل ڪو نه ٿو ملي، جنهن مان سنڌ جي زبان يا زبانن کي سامي سٽ جي زبانن سان ڳنڍي سگهجي. محض موهن جي دڙي جي ڪنهن تمدني پهلوءَ جي، فرات ۽ دجله دريائن جي تمدنن جي ڪنهن پهلوءَ سان هڪجهڙائيءَ کي ٻولين جي بنيادي طرح همزاد هجڻ تائين ڇڪڻ، منهنجي خيال ۾ هڪ غلط گمان ۽ بي معنيٰ اندازو آهي. دريائي تمدنن جا ڪي ڪي پهلو لازمي طرح هڪجهڙا ٿيندا آهن، ڇاڪاڻ ته قدرتي ماحول ۽ ان جو تمدني جزئيات تي اثر هڪجهڙو ٿي سگهي ٿو. پر ان مان ٻولين جي هڪجهڙائي يا قريبي نسبت ثابت ڪرڻ، حقيقتن کان نهايت بعيد ٿيندو. جيسين تائين موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي پڙهيو نه ويو آهي، تيسين ان قسم جا گمان ۽ نظريا قائم ڪرڻ، صحيح نه آهي.

آرين جو سنڌ تي تسلط تاريخي طرح ثابت ٿي چڪو آهي. آريا چاهي ڏکڻ کان آيا، سمنڊ رستي آيا، يا 'ميرو' پربت کان هماليه لتاڙي هندستان ۾ آيا، اهو ته چڱيءَ طرح ثابت ٿي چڪو آهي ته هنن پنهنجون بنيادون سنڌو واديءَ ۾ به قائم ڪيون هيون - ۽ اتان ئي ان خطي کي 'سنڌو' ۽ 'سپت سنڌو' نالا مليا، بلڪ 'سنڌو' ('سنڌ') تان ئي "هند" (هندستان) کي اهو نالو مليو. هن سلسلي ۾ آءٌ پڙهندڙن کي سرڳواسي ڪاڪي ڀيرو مل جي "قديم سنڌ" پڙهڻ جي ضرور گذارش ڪندس. هن صاحب جيءَ ڪتاب نهايت ئي تحقيقي دليلن سان، جنهن محنت ۽ سنڌ لاءِ جنهن عقيدت سان ويهي لکيو آهي، سا پنهنجو مثال پاڻ آهي.

سنڌو واديءَ ۾ جڏهن آريا پنهنجون پڪيون پختيون بينڪون ڄمائي ويٺا، تڏهن هن خطي ۾ جيڪي ٻوليون رائج هيون — مثلاً ڪولن، سنٿالن ۽ دراوڙن جون ٻوليون، يا ٻيون اهڙيون ٻوليون، وغيره — سي رفتي رفتي سنسڪرت يعني آرين جي ٻوليءَ ۾ سمائجي ويون. ان جو وڏي ۾ وڏو سبب سنسڪرت جي ترقي يافته صورت هئي. ازان سواءِ، آرين جو تسلط ڪجهه اهڙي قسم جو رهيو ـ ۽ ان زماني جي حالتن موجب (اڄڪلهه جي حالتن وانگر) ڏاڍي کي ئي زنده رهڻ جو حق هو (The principle of Survival of the Fittest) جو ڪمزور مقامي آباد ٿيل قبيلا آرين ۾ سمائجندا ويا، ۽ سندن ٻوليون سنسڪرت ۾ گم ٿينديون ويون. ان ڪارگذاريءَ کي ڪيترو عرصو لڳو، ان لاءِ يقين سان ته ڪجهه چئي نٿو سگهجي، البته اهو سمجهي سگهجي ٿو ته ان لاءِ ڪافي عرصو لڳي ويو هوندو. ان بعد آريا اوڀر طرف پکڙڻ لڳا، ۽ سندن مکيه ڪُلَ يا ٽکون آئوڌ، ڪاشي، بنارس، پاٽنا وغيره ڏانهن پکڙجي ويون. ميرو پربت کان پهتل اصل آرين سان گڏجي، هنن آرين اتي پنهنجيءَ زبان کي صرف — نحو وياڪرڻ، ڌرمي ڪتابن ۽ ساهت ۾ پلٽڻ شروع ڪيو. سنسڪرت جيڪا سنڌ ۾ رهين سا محض 'ٻولي' يعني ڳالهائڻ جو وسيلو' رهجي ويئي، ۽ اوڀر طرف اها ڳالهائڻ ۽ لکڻ جو وسيلو بڻجي ويئي. آهستي آهستي، اوڀر واري سنسڪرت برهمڻي وياڪرڻن ۽ مذهبي قيدن ۾ جڪڙجي ويئي. اتي ٻوليءَ کي ايتريقدر شُڌ رکڻ جي ٻوپان لڳي ويا، جو ڪن طبقن کي سنسڪرت ڳالهائڻ کان منع ڪئي ويندي هئي، ۽ غلط ڳالهائڻ وارن تي سزائون مقرر ڪيون وينديون هيون. نتيجو اهو نڪتو جو 'لکيت واري سنسڪرت'، يعني نحوي پابندين ۾ جڪڙيل زبان، 'ڳالهائڻ واريءَ سنسڪرت' تي غالب پئجي، مٿس بندڻ وجهڻ ۽ قيد عائد ڪرڻ لڳي. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته جنهن به ٻوليءَ کي هٺرادو بندڻن ۽ قيدن ۾ جڪڙيو ويو آهي، سا مري ويئي آهي. سنسڪرت کان پوءِ لئٽن جو مثال به انهيءَ اصول جي تائيد ڪري ٿو. جهڙيءَ طرح لکيل لئٽن

لکيل ئي رهجي ويئي، ۽ ڳالهائجڻ واري لئٽن بندشن کري چند اپڀاشائن — فرينچ، انگريزي، اٽالين، پورچوگيز ۽ اسپينيءَ — کي جنم ڏيئي پاڻ مري ويئي. تيئن ان کان گهڻو اڳ لئٽن جي بہ ماءُ سنسڪرت پڻ ساڳئي قسم جي بنڌڻن ۽ بندشن ۾ قيد ٿي، ڪن اپڀاشائن کي جنم ڏيئي، مري چڪي هئي. اهڙين زبانن کي سڏين ٿي 'مئل يا سُڪي ويل زبانون' (Fossil languages). ويدن، پراڻن ۽ سوترن ۾ بند ٿيل سنسڪرت نہ جاڳي سا نہ جاڳي، پر ان جون ڌيئرون — پراڪرتون — پنهنجي پنهنجي طبعي ماحول جو اثر قبول ڪنديون اڳتي وڌنديون ويون. انهن مان سڀ کان وڌيڪ ترقي 'پاليءَ' ڪئي، جو جلد ئي ان کي هڪ نئينءَ قوت — ٻڌ ڌرم جي تبليغ ۽ پرچار — جو سهارو ملي ويو.

ٻئي طرف سنڌ ۾ جيڪي آريا رهجي ويا، انهن جي ٻولي ڪنهن بہ قسم جي بندشن کان سواءِ قدرتي اصولن تي ارتقا ڪندي ويئي. منهنجي خيال ۾، ڪن سببن جي ڪري ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي سنسڪرت هڪ ڊگهي عرصي تائين محض ڳالهائڻ جي ٻولي ئي رهي، ان ڪري ان جي اوسر ۽ ارتقا بنهہ الڳ نموني تي ٿي. ٻولين جي ارتقا ۾ لفظن جي اچارن ۽ نحوي بناوتن جي سوس ۽ ڪفايت جو اصول عالمگير آهي. انهيءَ اصول تي سنسڪرت جون ڪيتريون ئي اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون، نحوي ڦيريون گهيريون، اچارن جي اٽانگائي ۽ ٻيگهہ ۽ ٻيون ڪي خصوصيتون، وقت جي راهہ تي ڇڻنديون، ڪرنديون، گم ٿينديون ويون. سنڌ جي مخصوص جغرافيائي ماحول، هڪ مخصوص فضا، ۽ پيداوار جي ذريعن جي ورهاست، وغيره ۾ اها زبان هڪ خاص مقامي ڍنگ رنگ اختيار ڪندي ويئي. ان دوران ۾ وڻج واپار، راڄنيتي ۽ ٻين ميدانن ۾ ٻين تمدنن ۽ زبانن سان جيڪو واهپو سنڌي ماڻهن جو رهيو اهي اثر بہ سنڌ جي ٻولي قبول ڪندي ويئي، ۽ لفظن، نحوي بناوتن ۽ اچارن ۾ پنهنجي شڪل شبيهہ اختيار ڪندي ويئي، ۽ ڪو اهڙو وقت آيو جو اصل سنسڪرت ۽ هن ٻوليءَ ۾ ساڳيءَ ٻوليءَ هوندي بہ هڪ وڏو

ويچو پئجي ويو - ۽ اهو ويچو ايترو ته هو جو جڏهن ڪن ماڻهن ٻنهي ٻولين کي پيڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان کي سنسڪرت جي لحاظ کان نه رڳو اپڀرمش يا اپڀرنش يعني بگڙيل ٻولي، بلڪ 'وراچڊ اپڀرنش' يعني 'ٻنهه بگڙيل ٻولي' سڏڻ لڳا، پر، ساڳئي وقت، تمدني پهلوئن ۾ ۽ ڪن نحوي بناوتن ۾ اسان جي ٻولي ٻين سنسڪرتي پراڪرتن جي ڀيٽ ۾ سنسڪرت کي گهڻو وڌيڪ ويجهي پڻ نظر آئين. هت آءٌ سنڌيءَ جي هڪ ڄاڻو محقق ڊاڪٽر ٽرمپ، جو حوالو لفظ بلفظ لکڻ کان رهي نٿو سگهان. هو چوي ٿو:

"For, While all the modern vernaculars of India are already in a state of decomposition, the old venerable mother – tongue being hardly recognizable in her degenerate daughters, the Sindhi has, on the contrary, presented most important fragments of it, and created for itself a grammatical structure, which surpasses in beauty of oxecution and internal harmony by far the loose and levelling construction of its sisters."

ڊاڪٽر ٽرمپ جي هن حوالي ۾ هڪ ڄاڻوءَ جو تاثر سمايل آهي — پر اهڙو ڄاڻو جيڪو سنڌ ۽ هند جي تمدني پس منظر ۽ سيپتائي فوقيت کان ايترو واقف نه هو. جيڪڏهن ڏيهي تحقيق جو مطالعو ڪجي ٿو ته وري هڪ ٻيءَ ڳالهه جو خيال رکڻو پوي ٿو. علم اللسان ۽ علم لغات اسان جي برصغير لاءِ نوان علم آهن. انهن علمن جي وسيع اصولن کان اڻڄاڻائيءَ ڪري ئي خود مارڪنڊيه جهڙن ڄاڻن به سنڌيءَ کي 'بگڙيل' بلڪ 'ٻنهه بگڙيل' زبان سڏيو. هو سنڌيءَ ۾ اهڙين حقيقتون ڏسڻ لڳا، جيڪي اصل سنسڪرت سان گهري واسطي ۽ لاڳاپي رکندي به، سنسڪرت جي اسلوب ۽ مزاج کان ٻنهه جداگانه هيون. اهو اسلوب ۽ مزاج خالص سنڌي ماحول ۽ خالص سنڌي تمدن جي پيداوار هو ان ڪري ارتقا جون اهي چيزون جيڪي مقامي اثر ۽ مقامي ماحول جو نتيجو هيون، اهڙن عالمن جي راءِ ۾ ڪو به رد عمل پيدا

ڪري نہ سگهيون. ان ڪري جا چيز دراصل ارتقا ۽ اوسر جي نشانبر هئي، ان کي هو ٻوليءَ جو بگاڙو سمجهڻ لڳا. ٻولين جي ارتقا ۽ هڪٻئي سان ڳانڍاپي جي اصول کي پنهنجي اڳيان رکڻ کانسواءِ، محض ڪن لفظن جي مشابهت ۽ هڪجهڙائيءَ مان ڪي نتيجا ڪيڻ صحيح نہ آهي. مون اڳي ئي ذڪر ڪيو آهي تہ لساني مشابهت جي اصولن سان گڏوگڏ ٻولين جو تمدني، طبعي ۽ عوامي پس منظر وسارڻ نہ گهرجي. انهيءَ نڪتي کي وسارڻ ڪري، ڪي محقق صاحب ڪڏهن ڪڏهن اهڙا نتيجا ڪڍي ٿا ويهن، جيڪي نہ فقط غلط ۽ گمراهڪن آهن، پر ايذائيندڙ پڻ آهن. اهڙا ئي ڪجهہ نتيجا ڊاڪٽر صاحب جن بہ ويهي ڪڍيا آهن، جن جو پنهنجيءَ سمجهہ آهر رد ڪد اڳتي هلي ڏيندس. هتي آءٌ اي. بي. جانسن جو هڪ قول ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو. هو صاحب پنهنجي ڪتاب "ٽريٽز آف لئنگئيج" (ٻوليءَ جو اپياس) ۾ چوي ٿو تہ 'ٻوليءَ جي فطري اصليت متعلق غلط فهميءَ، انسانيت جي ٻين سمورين غلطين جي ڀيٽ ۾، انسان جو وڌيڪ وقت خراب ڪيو آهي، ۽ سندس ڪوشش ۽ قابليت کي اجايو ۽ بيسود ضايع ڪيو آهي.'*

ان ڪري، ضروري آهي تہ ٻولين جا ماهر ۽ محقق ڪنهن ٻوليءَ جي تحقيق ڪرڻ وقت ٻوليءَ ۽ ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي فطري مزاج، طبعي ماحول، تمدني اصليت — موسيقي، مصوري ۽ ٻين لطيف فنن، عادتن، رسمن ۽ ريتن وغيره جو اڳواٽ اپياس ڪن، ۽ انهيءَ ئي پس منظر ۾ ڪنهن ذاتي لاڙي يا اڳ قائم ڪيل مفروضن بغير، پنهنجي تحقيق ڪن. نظريا ۽ رايا قائم ڪرڻ — غلط يا صحيح — هڪ ڳالهہ آهي، پر اهي ئي نظريا ڪنهن خاص رنگ ۾

* "our misapprehension of the nature of language has occasioned a greater waste of time, effort and genius than all the other mistakes and delusions with which humanity has been afflicted." (Quoted by Clyde Kluckbohn, in "Mirror for Man", Page-113.)

مڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ منهنجي خيال ۾ هڪ انتهائي نقصانڪار لاڙو آهي. هت منهنجو اشارو ڪنهن به خاص شخص ڏانهن نه آهي. بدنصيباً، اسان جي سنڌ جي مؤرخن ۽ محققن جو اڪثر اهو ئي لاڙو رهيو آهي. سواءِ ڪنهن دليل ۽ لائل جي، ڪو مؤرخ سنڌ جي نالي کي هڪدم حضرت نوح عليه السلام جي اولاد سان پيچ ٻڌي مهري ٻڌائڻ ٿو گهري، ته ڪو ان کي شري رامچندر جي ڀاءُ ڀرت جي اولاد سان منسوب ڪرڻ ٿو لڳي. هيءُ هڪ اهڙو رجحان آهي، جو تنقيد ۽ تحقيق جا غلط طريقا ٿو رائج ڪري ۽ صحيح تاريخ ۽ تنقيد انهيءَ گند ۾ ئي دٻجي رهجي ٿي وڃي، اسان جهڙن طالبعلمن کي پوءِ رڳو اوندهه ۾ هٿوراڙيون ڏيڻيون ٿيون پون.

مضمون تي تفصيلي بحث ڪرڻ کان اڳ، هت هڪ ٻيءَ ڳالهه ڏانهن پڻ پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائڻ گهران ٿو. سرڳواسي ڀيرومل کي سنڌ سان والهانه عقيدت ۽ پيار هو ۽ انهيءَ پيار جي ڪري منهنجي ساڻس عقيدت آهي. پر هن ۽ ڪن ٻين عالمن هي نظريو پيش ڪيو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي موجوده شڪل ٻارهين – ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ نهڻ لڳي هئي؛ يعني ته سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورت عربن جي اچڻ کان به ٻه سو ورهيه پوءِ نهي راس ٿي، ان کان اڳ هت محض هڪ ڇچريل يا بگڙيل پراڪرت هئي. هنن صاحبن وٽ ڪو دليل ڪو نه آهي. تعجب آهي ته آخر ڀيرومل جهڙي جاٺوءَ اها راءِ ڪهڙي بنياد تي لکي آهي. شايد اهو نتيجو هن اسان جي سنڌي ساهت ۽ شعر جي دير سان وجود ۾ اچڻ جي مفروضي تي قائم ڪيو آهي. بهرحال، ان نتيجي لاءِ ڪو به مطمئن ڪندڙ جواز پيش نه ڪيو اٿس. عربن جي اچڻ وقت ٻوليءَ جي ڪهڙي شڪل صورت هئي، ان لاءِ جيڪڏهن ڪا نحوي بناوت اسان کي نه ملي آهي، تڏهن به ڪن جزئيات جا جيڪي لفظ ڇچنامي ۾ ملن ٿا، انهن مان ظاهر آهي ته ٻوليءَ جي تشڪيل ان وقت به ساڳي هئي، جهڙي هاڻي آهي. جڏهن اهي هڪ به نه پر ڪيترائي لفظ – مثلاً 'ڍنڍ'، 'ٻيٽ'، 'مهراڻ'، وغيره وغيره – ۽ ذاتين ۽ ڪٽنبن، ڳوٺن ۽ ديهن،

شهرن ۽ ضلعن جا نالا ٻارهن سو ورهين کان — يعني عربن جي فتح کان اڄ تائين — ساڳيا رهيا آهن. تڏهن اسين ڪنهن به صورت ۾ ايترو عرصو ته انهن کي عربن جي ڪاهه کان اڳ ۾ به ڏيئي سگهون ٿا. لفظن جي پويان هڪ تاريخ هوندي آهي: ۽ انهن لفظن کي اونهيءَ طرح اڀياس ڪرڻ مان اهو ئي نتيجو ٿو نڪري ته اسان جي ٻوليءَ جي تشڪيل عربن کان گهٽ گهٽ اڳ ٿي چڪي هئي. جيئن مون اڳي ئي عرض ڪيو آهي ته منهنجيءَ راءِ ۾ سنڌي سنسڪرت مان نڪتل ٿي نه. پر سنڌيءَ طرح ان جي هڪ تدريجي بدليل صورت آهي - ۽ اها بدليل صورت ان وقت کان تشڪيل وٺڻ لڳي، جڏهن آرين جو ڪجهه حصو پورب طرف لڏي چڪو هو ۽ چاڪاڻ ته اسان جي ٻولي هٿرادو ويا ڪرڻن ۽ ڌرمي قيدين ۾ بند نه ٿي ويئي، ان ڪري اسان جي ٻوليءَ جي ارتقا آوازي ڦير گهير ۽ سماجي ضرورتن جي قاعدن پٽاندر بلڪل قدرتي طور ٿيندي ويئي. ان جا ڪجهه نشان اسان کي پوءِ جي تاريخ مان به ملن ٿا. ابن نديم (سن 377هه) جو اهو بيان ته سنڌ ۾ اٽڪل سؤ کن 'رسم الخط' (؟)* آهن، ڪافي غور طلب آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ بيان ۾ حد کان وڌيڪ مبالغو ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر ان بيان مان اهو ئي ظاهر آهي ته ٻوليءَ جي لکڻ جي صورت محض مقامي ضرورتن جو نتيجو هئي، ۽ ڪن پابندين کان سواءِ محض لکپڙهه جي سهوليت لاءِ ماڻهو اها پنهنجي لاءِ مختلف طرح پيدا ڪندا ٿي ويا. اسان جي ٻولي بنيادي طرح فقط ڳالهائڻ جي ٻولي ٿي رهي، ۽ لکڻ جون صورتون ماڻهو ضرورت آهر واپار ۽ ڏيتيءَ ليتيءَ لاءِ ٺاهيندا ۽ ڪم آڻيندا ٿي رهيا — ايتريقدر جو مختلف واپار طبقن جا پنهنجا پنهنجا رسم الخط پيدا ٿي چڪا هئا. اهو ئي سبب آهي جو سنسڪرت جي برعڪس، سنڌي قيد بند جي ٻوسات کان آزاد رهي، کليءَ فضا ۾ ساهه کڻندي، زنده رهندي ٿي آئي. سنڌيءَ ۾ سنسڪرت وانگر ڪو هڪ گير رسم الخط پيدا نه ٿيو ۽ ان ڪري

* هن مان شايد مروج لپيءَ يا رسم الخط جا سؤ کن اکر مراد هجي.

سنسڪرت وانگر سنڌيءَ ۾ لکيل ادب جي ڪا به صورت — ناٽڪ، راڄنيتي، سماجي ۽ آرٽڪ مضمون آڪاڻيون ۽ ناول — پيدا نه ٿي. هڪ طرح اها اسان جي بدنصيبي هئي جو اسين پنهنجو ڪو لکيل ادب پيدا نه ڪري سگهياسون؛ ٻئي طرف خوش قسمتي اها ٿي ته اسان جي ٻولي محض ڳالهائڻ جي ٻولي هجڻ ڪري سنسڪرت وانگر مري ڪين ويئي، پر زنده رهي. پهرينءَ بدنصيبيءَ جي تلافي وري ٻئي طرف ٿي ويئي: اها تلافي آهي اسان جو لوڪ ادب. اسان جي ٻولي پنهنجي لوڪ ادب جي ڪري ئي زنده آهي. اسان جو لوڪ ساهت اسان جي ٻوليءَ جي جيئري هجڻ جي نشاني آهي — ۽ اسان کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي تمدن جي ماضيءَ لاءِ پنهنجي لوڪ ساهت جي آئيني ۾ نهارڻ گهرجي. مون کي ان ۾ ڪو به گمان نه آهي ته اسان جو لوڪ ادب ۽ لوڪ فن نهايت قديم آهن، ۽ اسان جي قديم سنڌين جي آرزوئن ۽ آدرشن، ريتن ۽ رسمن، اٿڻ ۽ ويهڻ — مطلب ته زندگيءَ جي هر پهلوءَ جو مظهر آهن. انهيءَ آخري گذارش ڪان پوءِ، آءٌ ڊاڪٽر صاحب جي مضمون جو جائزو پيش ڪريان ٿو.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجو مضمون قديم دور جي بيان سان شروع ڪيو آهي. هن حصي جي شروع ۾ ئي هڪ اهڙي ڳالهه بيان ڪئي ويئي آهي، جنهن ڪافي غلط فهمي پيدا ڪئي آهي، ۽ جنهن لاءِ خود ڊاڪٽر صاحب کي به وضاحت ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي. منهنجي سمجهه آهر، انهيءَ وضاحت کانپوءِ به اها غلط فهمي دور نه ٿي سگهي آهي. ڊاڪٽر صاحب مضمون جي شروع ۾ ئي هڪ غيريقيني، يا ائين کڻي چئجي ته هڪ انتهائي انوماني خيال پيش ڪيو آهي ته "سنڌ جي قديم ٻولي غالباً ڪا 'سامي' زبانن جي سٽ مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو." سنڌ جي قديم ٻولي سامي زبانن جي سٽ مان هئي، تنهن مان ظاهر آهي ته اهو ئي مقصد نڪري ٿو ته سنڌ جي قديم ٻولي سامي زبانن مان هڪڙي زبان هئي. ڊاڪٽر صاحب ان لاءِ جيڪو جواز پيش ڪيو آهي، سو به محض

ظني يا انوماني آهي، جيئن اڳتي هلي عرض ڪندس.
ان بعد ڊاڪٽر صاحب هيءُ خيال ظاهر ڪيو آهي ته جيئن ته ان (قديم) دور ۾ سنڌ جو ڏاکڻو حصو — ٺٽو ۽ لاڙ — سمنڊ هيٺ آيل هو ان ڪري آرين جون بينڪون سنڌوءَ جي مٿئين ڪناري يعني پنجاب جي آسپاس قائم ٿيون - ۽ دريا جي انهيءَ ئي خطي کي "سنڌو" نالو ڏنائون. آءٌ سمجهان ٿو ته يقيناً هتي 'پنجاب' جي خطي ۾ ڊاڪٽر صاحب اتر سنڌ ۽ وچولي سنڌ کي شامل ڪو نه ٿو ڪري. فرض ڪجي ته لاڙ ۽ ٺٽو وارا پاسا سمنڊ هيٺ هئا ته ڪٿي، ته موجوده سنڌ جي باقي حصي ۾ آرين بينڪون ڇو ڪين قائم ڪيون؟ دراصل، سنڌ جي 'ڌرتي و گيان' (Geology) جي ڄاڻن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته سنڌ جي موجوده طبعي تشڪيل (Topography) لکين ورهيه پراڻي آهي. لڪيءَ جا جبل ۽ ان جي آسپاس وارا زمين جا ٽڪرا اڄ کان ڇهه ڪروڙ ورهيه اڳ سمنڊ منجهان پيدا ٿي چڪا هئا، ۽ جڏهن 'زندگيءَ' جي ارتقا ۾ "ڏارائيندڙ جانور" جو دور (age of mammals) پهتو تڏهن ئي سنڌ مان سمنڊ هٽي موجوده طبعي حالت تي پهچي چڪو هو — يا ان ۾ ڪٿي موجوده سمنڊ جي پاسي ڏانهن چند ميلن جو فرق تصور ڪجي. طبعي تبديلين ٿيڻ ۾ لکين ورهيه لڳي وڃن ٿا، ۽ اهو تقريباً ثابت ٿي چڪو آهي ته سنڌ جي موجوده ڌرتيءَ جي پڪيڙ جو دور لکها ورهيه پراڻو آهي* آرين کان گهڻو گهڻو اڳ، جڏهن پهريون انسان سنڌ ۾ پيدا ٿيو يا وارد ٿيو تڏهن سنڌ لکين ورهين کان موجوده صورت ۾ موجود هئي؛ ان ڪري ڊاڪٽر صاحب جيڪو دورن جي ورهاست ۾ اولين قديم دور بيان ڪيو آهي، تنهن مان سندس مقصد شايد آرين کان چند هزار ورهيه اڳ جو دور آهي. درحقيقت دنيا ۾ انسان جي وجود کان اڳ، سنڌ جي ايراضي- مان سمنڊ هٽي چڪو هو. انهيءَ کان انڪار ڪرڻ لاءِ ڪو به سبب ڪونهي ته زندگي سنڌ ۾ به دنيا جي ٻين خطن وانگر پيدا ٿي، ۽ ارتقا ڪندي انساني

---

* Cf. Dr. Pithawala: "A Physical and Economic Geography of Sind", pp.60-61

جامي ۾ آئي.

تاريخ جو ٿورو گهڻو اشارو اسان کي جيڪو ملي ٿو ان منجهان به ڊاڪٽر صاحب جو اهو جواز غلط ثابت ٿئي ٿو. آرين کان گهڻو گهڻو اڳ سنڌ ۾ 'نئين پٿر واري دور' جا نشان ملن ٿا. ڪزنس جي احوال موجب، مسٽر ڪارٽر، ڪراچيءَ کان فقط ويهن ميلن جي مفاصلي تي، جهرڪن جي آسپاس ۽ ٺرڙيءَ جي ويجهو نئين پٿر واري زماني جي بيٺڪن جا ڪيترا نشان ڏنا هئا. خود آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جون رپورٽون پڻ انهن بيانن جي تصديق ڪن ٿيون. مٿين حقيقتن کي تفصيلي بيان ڪرڻ مان منهنجو مقصد صرف اهو آهي ته جڏهن آريا سنڌ ۾ آيا، تڏهن سنڌ جيئن اڄ آهي تيئن موجود هئي، ۽ ڪو سبب نه آهي ته آريا فقط پنجاب جي خطي ۾ ويجهي رهيا هجن. آرين جي هندستان اچڻ لاءِ هڪ نظريو اهو به آهي ته هو سمنڊ ذريعي پڻ آيا هئا، ۽ ائين به ٿي سگهي ٿو ته هو سمنڊ رستي ئي سنڌ پهتا، ۽ اڳتي وڌندا سموريءَ سنڌو واديءَ ۾ ڦهلجي ويا. ڪجهه عرصي کان پوءِ انهن جا ڪجهه ڪٽنب اوپر ڏي وڌندا ويا. هنن جنهن خطي کي 'سنڌو' نالو ڏنو ان ۾ سنڌ جو هيٺيون سمورو دوآبو شامل هو ۽ انهيءَ ئي خطي تي پوءِ اهو نالو خصوصي طور قائم رهجي ويو. جيڪڏهن رگو پنجاب ۽ ان جي ڪناري وارن خطن کي 'سنڌو' نالو ڏنو ويو هو ته اهو نالو موجوده سنڌ تي ڪيئن پيو ۽ پنجاب تي اهو نالو قائم ڇو نه رهيو؟ پنجاب جي مٿئين علائقي — اٽڪ ۽ غازيپور طرف — مون ماڻهن کي ائين چوندو ٻڌو آهي ته "هي سنڌ درياءُ آهي، ۽ سنڌ طرف ٿي وڃي ٿو." اهي لفظ اٽپڙهيل ڳوٺاڻن جا آهن. ان منجهان به اشارو اهو ٿي ملي ٿو ته آرين 'سنڌو' نالو درياءَ کي ڏنو ۽ جنهن علائقي ۾ بيٺڪون ڪري ويهي رهيا، انهيءَ کي 'سنڌو' يا 'سنڌ' ئي سڏڻ لڳا. ڪو وقت آيو جڏهن ملتان کان مٿي وارن علائقن مان ڪافي آريا لڏيندا پورب طرف وڌندا ويا. هيٺئين علائقي مان به ڪجهه ماڻهن جي لڏي وڃڻ جا مثال ملن ٿا. بهرحال، ملتان کان هيٺئين علائقي ۾ آريا گهڻي تعداد

۾ رهجي ويا، جي پنهنجي علائقي کي 'سنڌ' يا 'سنڌو' ئي سڏيندا رهيا. ٻوليءَ ۾ مقامي اثرن جي ڪري، ٻولي بہ 'سنڌ' سڏجڻ ۾ آئي.

ڊاڪٽر صاحب جي اها راءِ تہ "سرزمين سنڌ کي جن ماڻهن اول اول اچي آباد ڪيو سي الهندي وارن ملڪن مان آيا، ۽ انهن سنڌ دريا جي الهندي ڪناري واري ايراضيءَ ۾ پنهنجون بينڪون قائم ڪيون. - سا بہ تنقيد ۽ تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پوري نٿي اچي، ۽ غلط ثابت ٿي ٿئي: خصوصاً تڏهن، جڏهن انهيءَ راءِ مان ڊاڪٽر صاحب جو مقصد 'موهن جي دڙي' واريءَ تهذيب وارن ماڻهن بابت آهي — جيئن اڳتي هلي پاڻ وضاحت ڪئي اٿن. سنڌ کي اول اول جن ماڻهن اچي آباد ڪيو انهن جي تاريخي طرح ڪا چاڻ ڪا نہ ٿي ملي: البت تمدني ثبوت جي بنا تي ائين چئي سگهجي ٿو تہ جيئن تہ موهن جي دڙي کان اڳ ڪنهن سڀيتا جا پختا ثبوت ڪو نہ ٿا ملن، ان ڪري موهن جي دڙي کي 'اولين تاريخي سڀيتا' سڏي سگهجي ٿو. ان لاءِ سبب هي آهي تہ انهيءَ سڀيتا کان اڳ، يعني دراوڙن جي سڀيتا کان اڳ، ڪولن ۽ سنٿالن جا بہ ڪجهہ ڪجهہ نشان ملن ٿا. موهن جي دڙي واري تهذيب دراوڙ تهذيب آهي، جيئن ڪوجنائن ڪندڙن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي: البت اتي دراوڙن سان گڏ ڪولن ۽ سنٿالن جون ڪوبڙيون ۽ هڏن جا پڃرا پڻ لڌا آهن. پر، خصوصي طرح سر جان مارشل ۽ ٻين ڄاڻن جي راءِ موجب، اها دراوڙ سڀيتا آهي. جيڪڏهن انهيءَ راءِ کي صحيح مڃجي— جنهن کي نہ مڃڻ لاءِ ڪو بہ وزندار دليل موجود ڪونهي۔ تہ پوءِ اسان کي موهن جي دڙي جي تمدن ۽ ٻين تمدنن سان سنڌس لاڳاپي ڳولڻ لاءِ انهيءَ راءِ کي پيش نظر رکڻو پوندو. اهو خيال رکنديءَ گهڙيءَ لاءِ ائين چئجي بہ ڪٿي تہ "سنڌ جو هي قديم تمدن 'مغربي دريائي تمدنن' يعني دجلہ ۽ فرات دريائن جي سمير ۽ بابلي تمدنن جو ساٿياري آهي"; پر ائين چوڻ لاءِ يقيناً ڪو سبب ڪونهي تہ "۔ ازان سواءِ اهو سنڌ جو قديم تمدن 'هڪ قسم جو' سامي تمدن آهي، ۽ نہ آريائي"، ۽ "انهيءَ قديم سنڌي تمدن جي ٻولي بہ ڪا

'سامي — صفت' زبان هئي" — چاڪاڻ تہ هڪ تہ خود سمير ۽ بابلي تمدن جو سامي تمدن هئڻ مشڪوڪ آهي، ۽ ٻيو تہ "ساٿياري" لفظ جي معنيٰ شايد 'همعصر' آهي ۽ نہ 'همجنس'.

ڊاڪٽر صاحب مٿين چند جملن ۾ ڪجهہ اهڙا لفظ ۽ فقرا ڪم آندا آهن، جن جي معنيٰ جي ڪين بہ پڪ ڪا نہ ٿي ڏسجي، جو مختلف جملن ۾ اهي مختلف مفهوم ادا ڪن ٿا. "ساٿياري" لفظ منجهان ڊاڪٽر صاحب درحقيقت الائي ڪهڙي مراد ورتي آهي! ان جي هڪ صورت تہ اها آهي تہ ڊاڪٽر صاحب 'ساٿياري' لفظ انگريزي لفظن contemporary يا contemporaneous جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي - يعني تہ اهي تمدن هڪ ئي تاريخي دور جي پيداوار آهن، ۽ همعصر آهن. جيڪڏهن اها ئي صورت صحيح آهي تہ پوءِ انهيءَ مان اهو نتيجو ڪنهن بہ صورت ۾ ڪو نہ ٿو نڪري تہ اهو تمدن "هڪ قسم جو سامي تمدن" آهي. "هڪ قسم جو" صفتي اصطلاح ڪم آڻي، ڊاڪٽر صاحب انهيءَ نتيجي کي نهايت منجهائيندڙ ۽ مبهم بنائي وڌو آهي. پر جيڪڏهن ان جو اهو ئي مقصد ونجي تہ قديم سنڌي تمدن "سامي تمدن" جي ئي هڪ صورت آهي، تہ پوءِ ڊاڪٽر صاحب جو ڪڍيل نتيجو نہ فقط حقيقتن جي بنا تي، بلڪ جيئن مٿي چيو ويو منطقي طرح بہ غلط ٿيندو. ان طرح جيڪڏهن چئجي تہ آميريڪي 'ريڊ انڊين' ماڻهن جو "سو" تمدن بہ موهن جي دڙي جي تهذيب جو ساٿياري آهي، ۽ ان ڪري سنڌ جو قديم تمدن بہ هڪ قسم جو 'سُو' تمدن آهي. يا 'سُو' تمدن هڪ قسم جو سنڌي تمدن آهي، تہ اها بلڪل بي معنيٰ ڳالهہ ٿيندي، همعصر تمدنن کي محض ان ڪري تہ اهي همعصر يا ساٿياري تمدن آهن. هڪجهڙا يا هڪٻئي جي صورت جا تمدن سڏڻ منهنجي راءِ ۾ صحيح نہ آهي. پر جيڪڏهن 'ساٿياري' مان مقصد اهو آهي تہ هڪ ئي ٽولي ۽ ساٿ جا تمدن آهن، تہ پوءِ اهو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ دراصل انهيءَ تمدنن جي ٽولي جو بنياد ڪهڙو ۽ انهن تمدنن کي اسين

ساٿياري چوَ ٿا سڏيون؟ منهنجي خيال ۾، ڊاڪٽر صاحب جي پيش نظر هڪ ته انهن تمدنن جو هممعصر هجڻ آهي، ٻيو ڪن طبعي خصوصيتن جي هڪجهڙائي، ۽ ٽيون موهن جي دڙي مان لڌل مهرن جي دجله ۽ فرات جي تمدنن وارين مهرن سان ڪجهه ظاهري هڪجهڙائي. تاريخي مواد ۾ ڪن ٺوس ثبوتن جي غير موجودگيءَ ۾ اهي ٽيئي ڳالهيون ڪيترين ئي قياس آرائين کي جنم ڏيئي سگهن ٿيون، ۽ ڊاڪٽر صاحب جي قياس آرائي به ڪن مثبت حقيقتن جي انهيءَ غير موجودگيءَ جي سهاري تي بيٺل آهي. جيڪي ٿوريون گهڻيون حقيقتون موجود آهن، سي ته پاڻ اهو سوال پيدا ٿيون ڪن ته ڇا، بابل ۽ سمير جي تمدنن جو مکُ موهن جي دڙي جي تهذيب به ڪانهي؟ اچو ته ان رخ کي به جاچيون.

موهن جي دڙي جي تهذيب کي آريائي تهذيب سمجهڻ جو نظريو ته اڄڻ سان ئي ختم ٿي ويو هو_ ۽ ڪوجنائن ۾ اهڙا ثبوت گهڻائي ملن ٿا، جيڪي ان تمدن کي غير آريائي تمدن ثابت ڪن ٿا. اڪثر محقق متفق طرح ان کي دراوڙ تمدن سمجهن ٿا. ڇاڪاڻ ته ان ۾ دراوڙن جي جسماني ساخت ۽ تمدني جزئيات جا بيشمار نمونا ملن ٿا. فرات ۽ دجله جي تمدنن لاءِ پڻ اهو ئي رايو قائم ٿيل آهي ته اهي به دراوڙ تهذيب جا نشان آهن. هاڻ سوال اهو ٿو اٿي ته دراوڙ ڪير هئا ۽ ڪٿان آيا؟ ڪي محقق سمجهن ٿا ته هندستان ۾ اهي يونوچ سمنڊ واري علائقي يا وچ ايشيا کان الهندي واري واٽ ڏيئي پهتا. انهن جي برعڪس، ٻيا چون ٿا ته دراوڙ اصل هندستان جا رهاڪو هئا، جي پوءِ يونوچ سمنڊ وارن علائقن ۽ ٻين مغربي ملڪن ڏانهن ويا هئا. هن گروهه وٽ نسبتاً تاريخي توڙي تمدني ثبوت گهڻا ميسر آهن، جن جي بنياد تي هو اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري چڪا آهن. 1937ع ۾ علم اللسان جي هڪ ڄاڻو ۽ محقق ”فادر هيئرس“، موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي ڪن مهرن جي زبان پڙهي، ثبوتن سان اها راءِ قائم ڪئي آهي ته دراوڙ اصل هندستان جا رهاڪو هئا، جي پوءِ اولهه طرف وڌي ويا. هو صاحب چوي ٿو ته ”اٽڪل

هڪ هزار آٺ سؤ لکيتن (inscriptions) جي پڙهڻ کان پوءِ، جيڪي مون هيستائين حل ڪيون آهن، اهو ثابت ڪرڻ نهايت آسان آهي تہ يونوچ واريءَ قوم جي لڏ پلاڻ متعلق جو اهو خيال آهي تہ اها لڏپلاڻ اولهہ کان اوڀر طرف ٿي، سو غلط آهي، ۽ اهو بلڪل ثابت ٿي چڪو آهي تہ اها لڏپلاڻ ان جي برعڪس، يعني اوڀر کان اولهہ طرف، ٿي هئي. سميري رسم الخط جي بنسبت موهن جي دڙي جي رسم الخط جي اوسر، انهن ٻنهي ملڪن ۽ مصر جي مذهبن، بادشاهن جي لقبن، اصل هندي ماڻهن جي راس منڊلن يا نکٽن جي تعداد ۽ انهن نکٽن جي نسبتي ڀيٽ، اصلي هندي ماڻهن جي نکٽ 'هارپ' (يعني، 'چنگ') جو 'توروس' (يعني، 'ڍڳو') ۾ تبديل ٿيڻ — جا تبديلي يقيناً سمير ۾ ٿي آئي هوندي ۔ 'بيروسس' جي لکيل ميسو پوٽيميا جي ماڻهن جي قديم روايت، ۽ انجيل جي 'پيدائش جي باب' نمبر 2، 1 ۔5 ۾ ساڳئي قسم جي روايت: اهي سموريون ڳالهيون اهو نتيجو ظاهر ڪن ٿيون تہ يونوچ واريءَ قوم جي لڏپلاڻ هندستان مان شروع ٿي، ۽ ڏکڻ ميسوپوٽيميا ۽ اتر آفريڪا مان هلندي ڪريٽ، سائپرس، يونان، اٽليءَ ۽ اسپين ۾ پکڙندي، ۽ پائرينس جبل کي پار ڪندي، وچ يورپ ۽ برطانيہ تائين پهتي، سلون کان شروع ٿيندي آئرلينڊ تائين ۔ انهيءَ واٽ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي اپن پٿرن جي گهيرن ۽ ٿلن جي سلسلي جا نشان ملن ٿا، ۽ اهي نشان شايد انهيءَ نهايت ئي تهذيب يافتہ ۽ جوشيليءَ قوم جا آهن، جن کي علم الانسان جا ماهر 'ميڊيٽرينين قوم' يا يونوچ واري قوم سڏين ٿا، ۽ جنهن کي هندستان ۾ هرويرو 'دراوڙ' نالو ڏيئي ڌڪار جي نظر سان ڏٺو ويو آهي."*

---

* "قديم سنڌ"، ص 105

"After the study of above one thousand eight hundred inscriptions, which upto now have been deciphered by the present writer, it is easy to realize that the wave of migration of the Mediterranean race which was supposed to have been from West to East, must now be finally settled as having taken place in the opposite direction, i. e. from East to West. The development of the script of Mohen - Jo- Daro in relation with the Sumerian script, the religion of these two countries and that of Egypt the

هن سلسلي ۾ مٿين راءِ ڪافي وزن رکي ٿي. ان سان گڏ، جڏهن اسين ٻيون حقيقتون جاچيون ٿا ته انهيءَ راءِ جي وڌيڪ پختگي ۽ صداقت معلوم ٿئي ٿي. سرجان مارشل جهڙو مستند ۽ مڃيل ڄاڻو به مختلف تمدنن جي ڀيٽ ڪندي موهن جي دڙي لاءِ چوي ٿو:

"...... a marvelous culture, surpassing in many respects the splendour of Egypt and Mesopotamia...."

موهن جي دڙي جي هيءَ تمدني برتري ٻڌائي ٿي ته سمير ۽ بابل وارا تمدن سنڌ جي هن قديم تمدن جي ڀيٽ ۾ ڪيترا ئي درجا پوئتي آهن - ۽ اهو شايد ان ڪري آهي جو اهي تمدن سنڌ جي قديم تمدن جي ئي هڪ صورت آهي، جا لڏ پلاڻ ڪري اوڏانهن پهتي، ۽ انهيءَ منتقليءَ ۾ ان جون ڪيتريون ئي خوبيون، سمير ۽ ميسو پوٽيميا پهچندي پهچندي، جهڪيون ٿي ويون. ان زماني ۾ تمدن جي لڏ پلاڻ تاريخ جو هڪ رنگ هو ۽ انهيءَ رنگ بدلجڻ ۾ هزارين ورهيه لڳي ويندا هئا. ڪي عالم ته اهو به ثابت ڪري چڪا آهن ته موهن جي دڙي وارو تمدن سمير ۽ بابل جي تمدنن کان گهڻو جهونو آهي. موهن جي دڙي مان لڌل مهرن جي ميسو پوٽيميا جي لڌل مهرن سان ظاهري

---

titles of kings the number of Zodiacal Constellations among the proto – Indian people and the relative positions of these constellations, the changing of the proto – Indian constellation of Harp (yal) for Taurus (the bull) which must have taken place in summer, the tradition of the ancient people of Mesopotamia recorded by Berosus, the parralel biblical account in Genesis II, 1-5, - all point to the same conclusion that the migration of the Mediterranean race commenced from India and extended through Southern Mesopotamia and Northern Africa, spread through Crete, Cyprus, Greece, Italy and Spain. and crossing the Pyrenes reached Central Europe and the British Isles. This route starting from Ceylon upto Ireland is marked by and interrupted chain of dolmens and other megaliths, that seem to be relics of this enterprising and highly civilized race which is termed 'Mediterranean' by the anthropologists and which in India has been quite unreasonably despised under the name 'Dravidian – Rev. H. Heras, S. J.: Journal of Indian History. Vol. XVI, Part I. April 1937, Serial No. 46.

(Quoted by Bherumal in "Qadeem Sindh". pp. 66-67)

هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي، موهن جي دڙي جي قدامت به اهائي قائم ڪئي وئي آهي جا ميسوپوٽيميا جي تهذيب جي آهي، يعني اٽڪل پنج هزار ورهيه ق . م. هيءَ تخمينو جنهن بنياد تي لڳايو ويو آهي، سو نهايت ئي ڪمزور ۽ هڪ طرفو آهي. ڪيترن ئي ڏيهي عالمن، علم جوتش ۽ ويدن مان سوڌيل حقيقتن جي بنياد تي، موهن جي دڙي جي قدامت پنجن هزارن سالن کان گهڻي جهوني ۽ آڳاٽي ثابت ڪئي آهي. انهيءَ حقيقت کي خيال ۾ رکندي هيڪاري يقين پختو ٿو ٿئي ته سمير ۽ بابل جا تمدن موهن جي دڙي جي تمدن جا مرهون منت آهن.

باقي رهي ڪن خصوصيتن جي هڪجهڙائي، سو سڀ کان اول ته اهي تمدن دريائي تمدن هئا. پاڻيءَ جو سنئو انساني تمدن جو هميشه آماجگاهه رهيو آهي، ۽ دريائي وادين جون ڪجهه خصوصيتون مختلف ملڪن ۾ به ساڳيون ٿين ٿيون، ان ڪري تمدنن جا اهي جزا جيڪي طبعي اثرن جو نتيجو ٿين ٿا، سي به هڪجهڙا ٿي سگهن ٿا.

هاڻي جيڪڏهن مٿين سمورين حقيقتن کي خيال ۾ رکبو ته اهو ئي چئي سگهبو ته موهن جو دڙو دراوڙ تهذيب جو نشانبر آهي، ۽ اهي دراوڙ هندستان ۽ سنڌ مان لڏي يونوچ سمنڊ وارن علائقن ۽ بين مغربي ملڪن ۾ وڃي آباد ٿيا، ۽ اتي پنهنجون بيٺڪون قائم ڪيائون، ان ڪري ان طرف جا تمدن به موهن جي دڙي جو تمدن جي هڪ صورت آهن، ۽ موهن جي دڙي جي تمدن بهرحال انهن تمدنن کان وڌيڪ جهونو ۽ وڌيڪ بهتر تمدن آهي: چه جائيڪ ائين چيو وڃي ته سنڌ جو قديم تمدن 'هڪ قسم جو سامي تمدن' آهي، جنهن ڳالهه جو نه آهي منهن نه سر، نه پير نه ڪُرا

انهيءَ ساڳئي نظريي جي بنياد تي ڊاڪٽر صاحب هڪ ٻيو نتيجو هي ڪڍيو آهي ته "انهيءَ قديم سنڌي تمدن جي ٻولي به ڪا 'سامي — صفت' زبان هئي، جا سنڌ جي اوائلي زبان هئي." هن نتيجي ۾ به ڊاڪٽر صاحب هڪ ذو معنيٰ ۽ منجهائيندڙ فقرو "سامي — صفت" ڪم آندو آهي. غالباً

'سامي – صفت' مان مراد سامي زبانن جهڙي، يا سامي زبانن جون خصوصيتون رکندڙ ڪا زبان آهي. ان لاءِ جواز هڪ مزيدار پيش ڪيو اٿن ـ ۽ اهو اشارو هي آهي ته انهيءَ جا مسخ ٿيل نشان موهن جي دڙي مان لڌل مهرن تي موجود آهن! ڊاڪٽر صاحب اهو نتيجو ان بنياد تي ڪڍيو آهي ته (سندن چوڻ موجب) ڇاڪاڻ ته قديم سنڌي تمدن 'هڪ قسم جو سامي تمدن' هو ان ڪري ان جي ٻولي به سامي – صفت آهي. ان جي بدران ڊاڪٽر صاحب لاءِ بهتر ٿئي ها جو سڌو پاڌو هيئن چون ها ته 'سنڌ جي قديم زبان "هڪ قسم جي سامي زبان" هئي'. ۽ بس. ۽ پوءِ ڇاڪاڻ ته ان ٻوليءَ جو ڪو ذرو پرزو به اسان وٽ سجاڳيءَ لاءِ موجود ڪونهي، انهيءَ ڪري ان جي رد ڪد جي ڪٿي ڪا گنجائش ئي ڪا نه رهي ها.

آءٌ مٿي اڳي ئي عرض ڪري آيو آهيان ته ڪنهن به بنياد تي قديم سنڌي تمدن کي هڪ قسم جو سامي تمدن سڏڻ صحيح نه آهي. هاڻي اچو ته ٻوليءَ تي به نظر وجهون، گرامر ۽ محاورن جون تنقيدون ننڍيون تبديليون ۽ خصوصيتون نظر انداز ڪندي، آءٌ هت فقط سامي زبانن جون بنيادي خصوصيتون بيان ڪندس، جيڪي علم اللسان جي ماهرن بيان ڪيون آهن. مري ويل يا زنده سامي زبانن جي گروهه جي سڀ کان اهم خصوصيت آهي "ٽِه اکرائي" (Triliteralism)، يعني سامي زبانن جا سمورا ڌاتو ٽن صحيح حرفن جو مجموعو آهن. دراصل انهيءَ ٽه – اکري ڌاتو هجڻ جي خصوصيت ئي سامي زبانن جي رسم الخط ٺهڻ جو وڏو سبب سمجهي وڃي ٿي. سامي زبانن جي ٻي خصوصيت آهي حرف علت جو اندروني ڦيرو (internal vowel change)، جيڪو ڌاتوءَ جي مٽجڻ وقت (root inflexion) ظاهر ٿئي ٿو. ڌاتوءَ جو مٽجڻ آريائي زبانن ۾ به آهي، پر سامي زبانن ۾ ان جو هڪ مخصوص نظام آهي. انهيءَ ڦيري سان ڪجهه اڳياڙين ۽ پڇاڙين (prefixes and suffixes) جو ڳانڍاپو سامي زبانن جي نحوي بناوت جو مرڪزي نڪتو آهي. مون کي ياد آهي ته ننڍي هوندي

جڏهن پنهنجي والد کان عربي لفظن جا اشتقاق ٿي سکيم، تڏهن اهو ڏسڻ ۾ آيو ته ڏنائون ته عربي لفظن جا اشتقاق ناهڻ لاءِ ڪنهن به لفظ متجهان "يتسمنوا" جا ست اکر موقعي آهر ڪيئي ڇڏيا آهن، پر ان ۾ اهو خيال رکيو آهي ته اشتقاق ۾ ٽي اکر ضرور رهن. اهو قاعدو مون کي اڄ تائين ڪو نه وسريو آهي: مثال طور مصرف، منصرف، مستصرف، مصروف، مصارف، وغيره جهڙن لفظن تي اهو 'يستمنوا' وارو قاعدو لڳائيندو ته اشتقاق يا ڌاتو 'صرف' ملي پوندو. ته — اِڪري ڌاتوءَ واري خصوصيت نه صرف زنده سامي زبانن جي خصوصيت آهي، بلڪ مري ويل سامي زبانن — جهڙوڪ عبراني وغيره — ۾ پڻ اها خصوصيت قائم آهي. ان جي ابتڙ سنڌيءَ جا اڪثر ڌاتو به — اکرا آهن. جيڪڏهن سنڌ جي قديم ٻولي سامي سٽ مان هئي، يا سامي — صفت هئي، ته پوءِ ان خصوصيت جو ڪو جهڪو اهڃاڻ به اسان کي موجوده سنڌي زبان ۾ ڇو نٿو ملي؟ هيءَ هڪ اهڙو فرق آهي، جو سنڌي — قديم يا جديد — ٻوليءَ کي ڪڏهن به سامي زبانن جي قطار ۾ شمار ڪري نٿو سگهجي. سنڌيءَ جا ڌاتو ظاهر ظهور سنسڪرت جي ڌاتن سان لاڳاپيل آهن، بلڪ اڪثر حالتن ۾ بنهه ساڳيا آهن. اڳياڙين ۽ پڇاڙين ۾ به سنڌي خالص سنسڪرت جا اصول ونيو بيٺي آهي، ۽ نه ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جا. ان سلسلي ۾ آءٌ ڊاڪٽر صاحب توڙي پڙهندڙن کي ڀيرو مل جي "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" صفحي 332 کان 334 تائين پڙهڻ جي ضرور گذارش ڪندس. انهن صفحن مان چڱيءَ پر ثابت ٿي ويجي ٿو ته اسان جا اسم، اسان جون صفتون، اسان جا فعل ۽ اسان جون ضميري صورتون هوبهو سنسڪرت وارين اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي نحوي صورت جو نتيجو آهن.

جيتريقدر ٻين ٻولين جي اثر جو تعلق آهي، اها ته مڃيل حقيقت آهي ته سنڌي ٻوليءَ تي، تاريخي سببن جي ڪري، قومن جي ڏاڍ مڙسيءَ جي ڪري، وڻج واپار جي ڪري ٻين ٻولين جو ڪجهه اثر ضرور پيو آهي. پر، اهو اثر محض چند لفظن کي پنهنجو ڪري ڇڏڻ تائين محدود آهي. اها ته اسان

جي ٻوليءَ جي خوبي آهي جو ٻين زبانن جي لفظن کي اڌارو وٺي، انهن کي ٿيرائي گهيرائي، ٻنهه پنهنجو بڻايو ڇڏي. دنيا ۾ ٻي هڪ اهڙي ٻولي انگريزي آهي، جنهن ۾ تقريباً دنيا جي هر ٻوليءَ جا لفظ رائج ٿي چڪا آهن. انگريزيءَ تي انهن ٻولين جي اثر ڪري ڪو به ماڻهو انهيءَ کي 'بربر' يا 'ٻانٽو' ٻولين مان نڪتل يا ويجهيءَ طرح لاڳاپيل ڪو نه ٿو سمجهي. ٻولين تي علائقائي اثر به ٿئي ٿو — يعني هڪ ٻئي سان ويجهن ۽ ڳنڍيل علائقن ۾ اڪثر ٻولين جون ڪي ڪي خصوصيتون عام ملنديون آهن — جيئن ڊاڪٽر صاحب 'پِيتو'، 'لاتو'، 'ڪِيتا'، وغيره جا مثال ڏنا آهن. دارِدي ٻولين جو ڪٿي اثر ڪجهه سنڌي ٻوليءَ تي پيو به هجي، پر خود انهن ئي مثالن مان ٻولين جي انفراديت ظاهر ٿي پوي ٿي. مٿيان ماضي ٻي قاعدي ٺهيل آهن، ۽ سنسڪرت ۾ ماضيءَ جي ڪن صورتن ۾ 'ت' اکر وچ ۾ اچي ٿو: مثال طور ڪرت = ڪيو پينا = پيتو سپتہ = سُتو وغيره. سرائڪيءَ ۽ پنجابيءَ 'ڪرت' کي 'ڪيتا' جي صورت ڏني، پر سنڌيءَ ۾ اهو ماضي 'ڪريو' ۽ 'ڪيو' بڻجي ويو. 'پيتو' ماضيءَ جي صورت ۾ سنڌيءَ، سرائڪيءَ، پنجابيءَ ۽ لهندا 'ت' واري صورت قائم رکي. 'سپتہ' کي سنڌيءَ ۾ 'ستو'، پنجابيءَ ۾ 'ستا'، سرائڪيءَ ۾ 'سُتو' ئي قائم رکيو وڃي ٿو. 'لاتو' واري صورت فقط سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ قائم رهي: پنجابي (لهندا) ۾ اها صورت به 'لايا' بڻجي وئي. هند — آريائي ٻولين لاءِ 'لايا' جو جيڪو مثال ڊاڪٽر صاحب ڏنو آهي، سو شايد ڪنهن غلط فهميءَ ڪان. اهو 'لايا' لفظ 'لاتا' جو ماضي آهي، يعني آڻڻ: 'لاتو' سرائڪي ۽ سنڌيءَ جو ۽ 'لايا' پنجابي 'لائڻ' يا لڳائڻ جي معنيٰ ۾ آهي. ازان سواءِ اهي مثال سنڌيءَ کي ڪنهن به طرح ڪنهن مخصوص اثر جي پابند ثابت نٿا ڪن. سنڌيءَ ۾ ڪيترا ئي ماضي ٻي قاعدي ٺهن ٿا — ڪن ۾ 'ت' آندي وڃي ٿي، ڪن ۾ 'ڏ'، ته ڪن ۾ 'ن' اهي ٻوليءَ جون پنهنجون خصوصيتون آهن، جي هر ٻوليءَ ۾ علحديون علحديون ملن ٿيون. جيڪڏهن ڪو هم گير دارِدي اثر هجي ها ته ان جا مثال هر انهيءَ ماضي ۾ ملن ها، جيڪي هم وزن ۽ هڪجهڙن فعلن جي صورت ۾ موجود ملن ٿا. مثلاً 'ڏيڻ' فعل کي ئي وٺو: سنڌيءَ ۾ ماضي 'ڏنو'، سرائڪيءَ ۾ 'ڏتو'، پنجابيءَ ۾ 'دتا'، ۽ هنديءَ ۾ ان

سان لاڳاپيل هند – آريائي ٻولين ۾ 'ديا' آهي. اثر جي اها ورچ هر ٻوليءَ جي پنهنجي آهي. ڪنهن مخصوص اثر کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر صاحب ڪي اهڙا مثال ڏيڻ گهربا هئا. جن ۾ ڪو اصول نمايان هجي، جن کي نسبتي اهميت (relative importance) هجي، ۽ جن کي علمِ لغت جي دائري ۾ ڪا حيثيت هجي.

اهي مثال ڏيندي ڊاڪٽر صاحب هڪ مثال ضمير متڪلم جي جمع واريءَ صورت 'اسين'، 'اسان' ۽ 'آسي' کي (سنسڪرت جي) 'اسمي' لفظ (يا فقري؟) مان نڪتل ڏيکاريو آهي، ۽ ان لفظ کي سنسڪرت کان اڳ يا سنسڪرت جي زماني جي ڪنهن پراڪرت جو سڏيو اٿس، جنهن کي پروٽو – پراڪرت (Proto_prakrit) جو نالو ڏنو اٿس. پروٽو – پراڪرت مان ڊاڪٽر صاحب جو مقصد ته الائجي ڪهڙو آهي. 'پروٽو' جي معنيٰ آهي اصلي، بنيادي يا ابتدائي. جيڪڏهن پاڻ به اهو لفظ انهيءَ معنيٰ ۾ ورتو اٿس، ته پروٽو – پراڪرت. يعني بنيادي يا اصلي پراڪرت. مان سندس ڪهڙي مراد آهي؟ سنسڪرت جي زماني کان اڳ ڪهڙيءَ پراڪرت کي پاڻ پروٽو – پراڪرت سڏڻ ٿو گهري؟ خير. انهيءَ نئين نالي سموريءَ انڪشاف کي منجهائي وڌو آهي. دراصل 'اسمي' سنسڪرت کان اڳ يا ان جي زماني جي ڪنهن پراڪرت جو لفظ نه، پر خالص سنسڪرت جي هڪ مرڪب ترڪيب آهي، جنهنجي معنيٰ آهي "(آءٌ) آهيان". انهيءَ لفظ جو ڌاتو آهي 'آس' (=ٿيڻ. جنهن ۾ 'مي' متڪلم واحد جي پڇاڙي ڳنڍيل آهي. اها 'مي' پڇاڙي 'هم' (= آءٌ) ضمير جي هڪ شاخ يا ڌاتوي (stem) 'م'. يا 'مي' آهي، ۽ انهيءَ ئي ڌاتوءَ مان "آءٌ" جون لاڳاپيل صورتون (oblique cases). "مون' وغيره' نڪتل آهن. انهيءَ ساڳئي مرڪب لفظ "اسمي" سان هند – يورپي ٻولين جو جيڪو سبنڌ آهي، ان جو ذڪر ڪرڻ دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو. هن سلسلي ۾ لائق پڙهندڙن جو ڌيان هيٺئين خاڪي ڏانهن ڇڪائڻ مناسب ٿو سمجهان.

| Lithuanian لٿونين | Sanskrit سنسڪرت | Old Irish پراڻي آئرش | | Biblical English انجيل واري انگريزي | Sindhi سنڌي |
|---|---|---|---|---|---|
| 1.csmi | asmi | as me | am | (I) am | (آءٌ) |
| | (اَسمي) | (آس مي) | (آيم) | ([آئي] ايم) | آهيان |
| 2.essi | asi | as tu | at | art | (تون) |
| | (اَسي) | (آس تو) | (آت) | (آرٽ) | آهين |
| 3.esti | asti | as 'e' | as or is | is | (هو) |
| | (آستي) | (آس اِ) | (آئزيا اِز) | (اِز) | آهي |

مٿئين خاڪي ۾ لٿونين، سنسڪرت ۽ پراڻي آئرش زبانن جو لاڳاپو ڪافي دلچسپ آهي، پر هت منهنجو مقصد فقط اهو ڏيکارڻ آهي ته 'آس' سنسڪرت ڌاتوءَ سان ضيمري پڇاڙيون 'مي' يا 'مِ'،'اِي' يا 'اِ'، وغيره گڏڻ سان 'هئڻ' يا 'ٿيڻ' (to be) فعل جون ضميري صورتون نهن ٿيون. اسين اڄا تائين سنڌيءَ ۾ پهريون به ضميري پڇاڙيون هوبهو ساڳيون حرف جر، فعل ۽ اسم ۾ گڏيندا آهيون: مثلاً وٽ + ۾ = وٽم = مون وٽ، وٽ +اِ يا اِي= وٽئہ يا وٽئي= تو وٽ، پٽ + م = پٽم = منهنجو پٽ، پٽ+اِ يا اي= پٽئہ يا پٽئي = تنهنجو پٽ، ٻڌم= مون ٻڌو ٻڌءِ يا ٻڌئي= تو ٻڌو، وغيره. فقط ضمير غائب جو پڇاڙيون اسان وٽ مختلف آهن، ۽ ان جو سبب اهو آهي ته ضمير غائب لاءِ اسين اڪثر ضمير اشارو ڪتب آڻيندا آهيون، پر غالب جي پڇاڙي 'س' به خالص سنسڪرت بنياد منجهان آهي.

مٿينءَ وضاحت مان اهو پڻ ظاهر ٿي ويو هوندو ته 'اسين' يا 'اسان' ضميرَ "آسمي" مان نڪتل نہ آهن، جيئن ڊاڪٽر صاحب فرمايو آهي، پر انهن جو ڌاتو ڪو ٻيو آهي. اهو ڌاتو آهي "آس ۽ "اسمان" يا اسمايي"، سنسڪرت ۾ 'ويولم' سان گڏ اهي ٻہ لفظ بہ 'اسين' يا 'اسان' لاءِ ڪم اچن ٿا. پر هي 'آس' مٿئين "آس" (=ٿيڻ) کان مختلف آهي. اهو لفظ 'آس' بہ سنسڪرت

جي ضمير متڪلم جمع جي پڇاڙي آهي، جيئن هيٺئين مثال منجهان ظاهر ٿيندو.

| سنڌي | لئٽن | يوناني | پراڻي پارسي | سنسڪرت |
|---|---|---|---|---|
| ڏيون اسين | Dam+us | didom+es | dadem+ahi | dadm+us |
| =اسين ڏيون | دام+اس | ديدوم+اس | دادم-آهي | دادم+اس |

انهن مثالن ۾ 'آس' پڇاڙيءَ جون مختلف صورتون ڪم آيل آهن، ۽ ضمير متڪلم جمع جي نمائندگي ڪن ٿيون. سنسڪرت 'آسمان' جي هڪ ڏانديءَ (stem) 'اَنس' (ـنُس) مان متڪلم جمع جون ٻيون صورتون (oblique cases) نڪتل آهن. مثلاً، انگريزي us_ آس، سويڊش oss_ اَس، ڊئنش os_ اَس، ڊچ ons_ اُنس، جرمن uns_ انس، وغيره. اهي سمورا مثال ضمير متڪلم جمع جون مفعولي صورتون (dative) آهن. انهيءَ 'آس' پڇاڙيءَ مان ئي سنڌيءَ جو لفظ 'اسين' نهيو جو پوءِ فاعلي صورت ۾ به استعمال ٿيڻ لڳو. سنڌيءَ ۾ 'اسين' محض فاعلي صورت آهي، ۽ 'اسان' ان جي مفعولي صورت آهي — مثلاً "تو اسين کي چيو" جي بدران چئبو "تو اسان کي چيو". نحوي ترڪيب جي لحاظ کان رفتي رفتي "اسين" جو استعمال به محدود ٿي ويو ۽ "اسين" فاعلي صورت جو استعمال فقط لازمي زمان ماضيءَ مان وڃي وابسته ٿيو. فعل متعدي زمان ماءِ مان بنهه خارج ٿي ويو ۽ باقي سيني حالتن ۾ ضيغن لاءِ 'اسين' ۽ 'اسان' ٻئي ڪتب اچڻ لڳا. مثال طور "اسين چيو" بدران "اسان چيو" صحيح آهي. 'چوڻ' فعل متعدي آهي. فعل لازمي ۾ 'اسين ۽ 'اسان ٻئي ڪم اچن ٿا. مثلاً "اسين آياسون" يا "اسان آياسون". سنڌيءَ جي وياڪرڻ جي اها خصوصيت به صرف زمان ماضيءَ تائين محدود آهي. ياد رکڻ گهرجي ته ٻين وصفن ۾ لازمي توڙ متعدي فعلن ۾ 'اسين' ۽ 'اسان' جو اهو فرص مٽجي وڃي ٿو. انهن مثالن ڏيڻ مان منهنجو مقصد نه فقط "اسين" ۽ "اسان" جو بنياد ڏيکارڻو هو بلڪ انهن جو فرق پڻ ظاهر ڪرڻو هو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ نحوي ارتقا کي اسان جي ٻولي

جي انفراديت قائم ڪرڻ ۾ وڏو دخل آهي. اهي ئي جزئياتي فرق آهن، جي سنڌيءَ جي انفراديت ۽ ٻين ٻولين جي اثرن کان آزاديءَ جا نشان آهن.

ڊاڪٽر صاحب ان بعد سنڌ جي ٻوليءَ ۽ پالي پراڪرت جي مٿس اثر جي تاريخ ويهي بيان ڪئي آهي. انهيءَ تاريخ کان ته ڪو انڪاري نه ٿو ٿئي، پر ڊاڪٽر صاحب انهن منجهان جيڪي نتيجا ويهي ڪڍيا آهن، انهن مان مون کي اختلاف آهي. لاشڪ پاليءَ جو اثر سنڌيءَ تي ضرور ٿيو هوندو ۽ اهڙا لفظ به ڳولي سگهجن ٿا، جيڪي پاليءَ جو اثر ظاهر ڪن ٿا. اهو اثر بلڪل اهڙو ٿيو جهڙو پوءِ ڪن ٻولين جو- يعني ته سنڌي انهن ٻولين مان جيڪي ٿورا لفظ پاڻ ۾ سهوليت سان سمائي (assimilate) سگهي سي ڪٺي ورتائين، ۽ باقي اثرات نين تبديلين جي ڪري زائل ٿيندا ويا. اٿين چوڻ صحيح نه آهي ته سنڌيءَ (سنڌي جي ٻوليءَ؟) تي سنسڪرت جو اثر پهريائين (؟) پاليءَ جي ذريعي ٿيو ڇاڪاڻ ته پاليءَ کان گهڻو اڳي آريا هت آباد ٿي چڪا هئا، ۽ سندن ٻولي سنسڪرت سنڌ ۾ رائج ٿي چڪي هئي.

ٻڌ ڌرم جي پرچار جو اهو به هڪ خصوصي امتياز رهيو آهي ته ٻڌ ڌرم جي پرچار ڪندڙن پاليءَ سان گڏ مقامي زبانن ۾ پڻ پنهنجا خيال ٿي ظاهر ڪيا. آسوڪا يا اشوڪ راجا جي ٿنڀن تي پاليءَ کان سواءِ اتر- اولهه جي پراڪرت، ڏکڻ- اولهه واريءَ پراڪرت، هماليه پرديش جي پراڪرت ۽ گنگا ماٿريءَ واريءَ پراڪرت يعني اوڀر واريءَ پراڪرت جا ليک لکيل ملن ٿا. ٻوڌين جي مذهبي تبليغ جو اهو هڪ بنيادي اصول رهيو هو ته مختلف علائقن جي پراڪرتن ۾ ئي تبليغ ڪئي ويندي هئي: ان ڪري سنڌ ۾ به هنن ضرور پاليءَ سان گڏوگڏ سنڌيءَ ۾ پرچار ڪيو هوندو. اسان وٽ پاليءَ يا ٻيءَ ڪنهن پراڪرت جو ثبوت ڪو نه ٿو ملي، ان منجهان ته هيڪاري پڪ ٿي ٿئي ته ڇاڪاڻ ته سنڌي ان وقت به ڪافي ترقي يافته زبان هئي، ٻوڌين جي تبليغ گهڻو ڪري سنڌي ۾ ئي ڪئي ويئي هوندي. حڪمران طبقي جي اشاري تي مثلا پنڊت ۽ پروهت ته هوندئن ئي ڏيرن جا

ڊير ميسر ٿي پوندا آهن: ۽ ڌرمي پرچار اثرائتو بہ مقامي ٻوليءَ ۽ ماحول ۾ ٿئي ٿو. ان جو هڪ مثال عيسائيت جي تبليغ جي تاريخ بہ مهيا ڪري ٿي. ان ڪري، منهنجيءَ راءِ ۾، سنڌيءَ جي تشڪيل اڳي ئي اهڙي مڪمل پايي تي پهتل هئي، جنهن ۾ ٻوڌين پنهنجي تبليغ ڪئي، ۽ ان دوران ۾ ڪجهہ اکر پاليءَ جا بہ سنڌيءَ ۾ اچي ويا هوندا. ٻوليءَ جي سنسڪرتي ماهيت اڳي ئي ساڳي هئي، ۽ ان تي پاليءَ جوا ثر ٻين ٻولين وانگر فقط چند مخصوص لفظن تائين محدود رهيو.

ڊاڪٽر صاحب جي مضمون جو ٻيو حصو سڀ کان زياده توجهہ طلب آهي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي تمدن سان نهايت بي انصافيءَ واري هلت ڪئي ويئي آهي. مضمون جي انهيءَ حصي ئي مون کي ذهني اذيت پهچائي آهي: هڪ تہ ان ڪري جو ڊاڪٽر صاحب جهڙي ماڻهوءَ جي قلم مان اهي چيزون نڪتل آهن، ۽ ڊاڪٽر صاحب مان مون کي اها هر گز اميد ڪا نہ هئي تہ پاڻ علمي تحقيق ۾ پنهنجيءَ ذاتي پسند ۽ هڪ طرفي ذهني لاڙي کي ايترو داخل ٿيڻ ڏيندو. ٻيو تہ هن حصي ۾ چندا اهڙا مفروضا قائم ڪيا ويا آهن، جن کي ڪو بہ تمدني يا منطقي بنياد ڪونهي: ازنسواءِ دانستہ يا نادانستہ، هن حصي ۾ ڪجهہ اهڙا جملا پڻ آيل آهن، جيڪي سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي تمدن لاءِ نازيبا ۽ ناروا سمجهيا ويندا. مون کي يقين آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جو پنهنجو مقصد اهو هر گز نہ هوندو جيڪو اهي جملا ادا ڪن ٿا. پر، پنهنجن خيالن ظاهر ڪندي، ڊاڪٽر صاحب انهيءَ رنگ ۾ رنگجي ويو آهي، جيڪو سنڌ جي فارسي مؤرخن يا سندن سنڌي مترجمن اختيار ڪيو آهي. اهي تاريخون ۽ ترجما، چچ نامو(فتح نامو) تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام، هڪ اهڙي يڪطرفي رنگ جا حامل آهن، جيڪو انهن جي سموريءَ علمي ۽ تاريخي حيثيت کي ڪاپاري ڌڪ ٿو هڻي. انهن تاريخن ۽ سندن سنڌي ترجمن ۾ سنڌ جي قديم باشندن کي ڪافر هجڻ ڪري ملعون، لعين، ۽ خدا ڄاڻي ڪهڙن ڪهڙن اڻ سهائيندڙ

لفظن سان ياد ڪيو ويو آهي. انهن تاريخن جي مترجم صاحب بہ ترجمي ڪندي، (شايد ترجمي جي ديانتداريءَ ڪي خيال ۾ رکنديءَ) سنڌين لاءِ اهي لقب القاب قائم رکيا آهن. ائين بہ نہ آهي تہ ڪو ترجمي ڪي اصل سان متفق رکڻ لاءِ ائين ڪيو ويو آهي. ڪيترن ئي هنڌن تي ڪن فقرن ۽ جملن جو رعايتاً آزاد ترجمو بہ ڪيو ويو آهي، ڇا اهو ممڪن نہ هو تہ مترجم صاحب اهڙن ڏکوئيندڙ لفظن ڪي ترجمي ڪندي حذف ڪري ڇڏي ها، ۽ وڌ ۾ وڌ ڪٿي اهڙو فٽ نوٽ ڏيئي ڇڏي ها؟ ڪاش، اسان جا صاحبِ علم حضرات ٿورڙو تعصبي رنگ کان هٽي، بير يا عالمانہ انداز سان، مذهبي ڇوٽ ڇات کي علمي تحقيق کان ٻاهر رکندي، سنڌ جي تاريخ تي محنت ڪن ها! ممڪن آهي تہ انهن ڳالهين لاءِ اهو جواز پيش ڪيو وڃي تہ پراڻين تاريخن جو اسلوب ئي اهڙو هو ان ڪري ان کي قائم رکڻ ۾ ڪا اربع خطا ڪانهي. پر اهي تہ ٿيا پراڻا مثال، جيڪڏهن ويهين صديءَ ۾ لکيل ڪن مغربي مستند مؤرخن جون اهڙيون تاريخون (مثلاً ايچ. جي. ويلس جو 'آئوٽ لائين آف ورلڊ هسٽري') جن ۾ اسان مسلمانن ۽ اسان جي مذهبي اڳواڻن لاءِ ڪي دل آزاريندڙ لفظ استعمال ڪيل آهن. جيڪڏهن ڪو شخص ويهي سنڌيءَ ۾ لفظ بلفظ ترجمو ڪري، تہ اهي ئي ساڳيا عالم يقين اٿم تہ انهيءَ مترجم تي ڳارين جو ڏوڙيو لائي ڏيندا!

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي دور کي ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايو آهي. انهن مان ڇهريون حصو آهي "فتح اسلام وقت ٻوليءَ جي صورت ۾ سنڌ". انهيءَ حصي ۾ مکيہ نظريو اهو پيش ڪيو ويو آهي تہ ڇهين صديءَ کان ٻارهين صديءَ واري عرصي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل ٿي. ان لاءِ بنياد انهيءَ مفروضي تي قائم ڪيو ويو آهي تہ 'عربي دور حڪومت کان اڳ موجوده سنڌي ٻوليءَ جي موجود هجڻ جو ظني ۽ گماني دليل بہ موجود ڪونهي'. ساڳئي وقت ڊاڪٽر صاحب ٿورو ئي اڳتي سنڌ تي لکيل اولين تاريخ چچنامي ۾ ڏنل ڪجھ سنڌي لفظن_ شهرن جي نالن، طبعي چيزن

جي اسمن، اضافي ترڪيبن، وغيره. جا مثال ڏنا آهن. ڇا، اهي مثال موجوده سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل جو ڏس ڪو نہ ٿا ڏين؟ انهن چند لفظن جي مطالعي مان ٿي ڏسجي ٿو تہ سنڌي ٻولي ڪم از ڪم پنهنجي آوازن ۽ اارن جي تشڪيل ان کان گهڻو اڳي ڪري چڪي هئي. انهن مثالن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اسان جي ٻوليءَ جا انوکا آواز — يعني ڻ، ڄ، ٻ، ڏ، وغيره، عربن جي ڪاهہ وقت ٻوليءَ جي آوازن جي ترتيب (phonetics) ۾ موجود هئا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ عرب ۽ فارسي مؤرخ، انهن نرم ۽ لطيف آوازن کان بيعلميءَ جي ڪري، انهن کي پنهنجين ٻولين جي محدود صورتخطيءَ ۾ ادا ڪري نہ سگهيا. جيڪڏهن اهو مڃيو وڃي ٿو تہ اهي آواز ان وقت موجود هئا تہ پوءِ تاريخي طرح انهن جي پيدا ٿيڻ جو سنڌو بہ عربن کان گهڻو اڳ مقرر ڪرڻو پوندو ڇو تہ اهي اچار اسان وٽ اڄ بہ اهڙين ٿي موجود آهن. علم اللسان ۽ انساني ٻولين جي آوازن (Phonetics) جي تاريخ موجب، اسين انهن کي ڪم از ڪم اوتري ڄمار تہ عربن کان اڳي بہ ڏيئي سگهون ٿا، جيتري عرب کان پوءِ. جيڪڏهن ٻوليءَ جي آوازن جي ررتيب کي اسين عربن کان اڳي جو پيدا ٿيل مڃون، تہ پوءِ لامحالہ اهو بہ مڃڻو پوندو تہ ٻوليءَ جي 'تشڪيل' بہ عربن کان اڳي، بلڪ گهڻو عرصو اڳي، ٿي چڪي هئي. انهيءَ لاءِ علم اللسان جا ڪيترائي اصول ڏيئي سگهجن ٿا. ان سلسلي ۾ پنهنجي مضمون جي منڍ ۾ آءٌ اڳي ئي ڪجهہ عرض ڪري آيو آهيان. طوالت جي ڊپ کان، هت فقط آءٌ هڪ وڏيڪ سبب ڄاڻائيندس. آوازن جي ترتيب هر ڪنهن ٻوليءَ جي شڪيل جي اولين ڏاڪن مان آهي. هر نئين آواز پيدا ڪرڻ لاءِ انسان کي هزارين ورهيہ لڳي ٿا وڃن. دنيا جي سمورين ٻولين جي آوازن جي ترتيب جي تاريخ اهو ئي ٻڌائي ٿي تہ بنيادي آوازن (primary sounds) جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ جيڪي مرڪب آواز يا اختراعي آواز نهندا آيا آهن، اهي انساني گفتگو ۽ ٻوليءَ جي تاريخ جو پتو پڻ ڏين ٿا، ۽ هر نئين اختراعي آواز نهڻ ۽ استعمال ٿيڻ ۾ هڪ ڊگهو عرصو لڳي ٿو وڃي. مثال

طور عربي اسان جي مذهب جي زبان آهي، ۽ سنڌ جا مسلمان گذريل ٻارهن سون ورهين کان قرآن مجيد پڙهندا آيا آهن. ان هوندي به اڄ سنڌ ۾ سواءِ ڪن مولوين جي، اوهان کي ڏهن هزارن ۾ به هڪ ماڻهو نه ملندو جو عربي ث، ص، ح، ق ۽ ع جهڙا آواز صحيح عربي لهجي ۾ اچاري سگهي. (پڙهندڙ خود به پنهنجي نڙيءَ کي هن مضمون پڙهندي اها مشق ڏيئي سگهن ٿا.) عربيءَ جا اهي اچار به اختراعي آواز آهن، ۽ عرب دنيا ۾ انهن کي وجود ۾ آئي هزارين ورهيه گذري چڪا آهن. ساڳيءَ طرح، سنڌيءَ جي انهن خاص پنهنجن آوازن ٺهڻ ۾ به ايترو ئي ڊگهو عرصو لڳي ويو هوندو. انسان آوازن ٺاهڻ سان لفظ گهڙڻ شروع ڪندو آهي، اسان جي آوازن ٻ، ڄ، ڃ، ڻ، ڱ، ڙ، وغيره. وارا لفظ ٻوليءَ جي تشڪيل جي انفرادي خصوصيت بنجي ويا ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي موجوده تشڪيل انهن آوازن جيتري ئي پراڻي آهي.

جيڪي مثال ڇڇنامي ۾ لفظن جا ڏنا وڃن ٿا آهن، انهن جي ساخت ۽ ڏاتن معلوم ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ طبعي جزئيات جا اسم اڄ به بلڪل انهيءَ ئي شڪل ۾ موجود آهن، جيڪا شڪل عربن جي ڪاهه وقت هئي. اهي لفظ ان وقت بنيا هوندا، جڏهن سنڌ جا ماڻهو انهن چيزن سان روشناس ٿيڻ لڳا هوندا. نه رڳو ايترو پر انهن لفظن جي نحوي بناوت ۽ اضافي ترڪيبن جا اهڃاڻ به ملن ٿا. جيڪڏهن سنڌ جي ماڻهن 'ڍنڍ'، 'ٻيٽ' يا 'ندي' فقط ڇهين صديءَ کان پوءِ ئي ڏٺيون، ته پوءِ شايد ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ درست معلوم ٿئي ها، پر اهي چيزون سنڌ جي جاگرافيءَ جو نمايان ۽ لازم- ملزوم حصو آهن، ۽ اهي نالا سنڌ جي انهن ماڻهن قائم ڪيا هوندا، جن جو انهن سان رابطو رهيو ۽ انهن ئي سنڌي ٻوليءَ کي تشڪيل ڏني. سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل کان محض ان ڪري انڪار ڪرڻ تي عربن کان اڳ جي تاريخ اسان وٽ نه آهي، اهو ڪو علمي دليل ڪونهي، بلڪ ان کي ته مفروضو (hypothesis) به سڏي نٿو سگهجي. اهو ته محض غير منطقي ڌڪو (illogical conjective) ئي سمجهيو ويندو.

سنڌي ٻوليءَ جي وجوده تشڪيل جي قدامت جو هڪ مثال تہ خود ڊاڪٽر صاحب ڏنو آهي، حالانڪہ ان مان پڻ نتيجو نهايت ئي غير منطقي ڪڍيو اٿس، ۽ ان سان مون کي ڪو بہ اتفاق ڪونهي. ڏاهر جي چيل لفظن 'نسي من، نسي من' کي ڊاڪٽر صاحب "هتي مون، هتي مون" جو جامو پهرايو آهي؛ ان منجهان سنڌيءَ جي ضمير ۽ ظرف جو استعمال ثابت ٿئي ٿو. جيڪڏهن ان وقت سنڌيءَ جي ضميرن ۽ ظرفن جي اها صورت موجود هئي، تہ پوءِ ٻوليءَ جي نحوي تشڪيل جي قدامت کي ڪيئن ٿو شڪ ۾ آندو وڃي. سا ڳالهہ منهنجي سمجهہ ۾ ڪا نہ آئي! ڊاڪٽر صاحب انهيءَ منجهان اهو نتيجو ويهي ڪڍيو آهي تہ سنڌيءَ ۾ ان وقت حرفن ۽ زمانن موجب فعل اچا جملي جي ربط جو لازم ملزوم جز نہ بڻيا هئا! هڪ مشڪوڪ روايت تي مبني، ٻن اڻ سڃاتل ۽ غلط سلط صورتخطيءَ ۾ لکيل ندائي لفظن کي جملو سڏڻ ۽ ان ۾ معنائون وجهي، ان کي سنڌيءَ جي ٻي ربط ترتيب جي نشاني سڏڻ کي افسوسناڪ نہ بہ سڏجي، پر سچ پچ اها ڪيڏي نہ کل جهڙي ڳالهہ آهي!اهڙو هڪ ٻيو کل جهڙو "سنڌي جملو" (!) 'اره ڪره مندره' وارو آهي. تعجب آهي تہ اسان جي عالمن انهيءَ جملي مان پڻ سنڌيءَ جي گونا گون ٻي ترتيبن کي ڳولي ڪڍڻ تي طبع آزمائي ڇو نہ ڪئي آهي!_ شايد ان ڪري جو ان مان مفهوم ڪنهن عرب حاڪم جي تعريف جو ورتو ويو آهي! اهو جملو راجا ڏا ر کان گهڻو پوءِ جو آهي، ان کي تہ عربي ۽ فارسي مؤرخ سمجهي ڪين سگهيا. باقي 'لسي من، نسي من' جي مطلب لاءِ مڙئي مغذ ماري ڪئي ويئي، ڇاڪاڻ تہ ان مان سنڌي ٻوليءَ جي قديم ناقص ترڪيب جو ثبوت ٿي مليو يا ڏاهر جي موت متعلق مفروضي کي ٽيڪ ٿي ملي!

ان بعد، ڊاڪٽر صاحب سنڌي لفظن جي بناوت ۽ جوڙجڪ جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ جيئن اڳ ٽيئن هي لفظ حروف صحيح سان بنيل هئا، ۽ منجهن حرف علت يا تہ گهٽ هئا، يا بنهہ هئا ئي ڪو نہ. اهو اصول انسان جي ڳالهائڻ سکڻ تي بحث ڪرڻ وقت تہ بيان ڪيو ويندو آهي تہ جڏهن

انسان ڳالهائڻ سکيو تڏهن اول اول هن حرف صحيح اچارڻ شروع ڪيا ۽ حرف علت رفتي رفتي انسان جي زبان ۾ لفظن جي نهڻ جي سلسلي ۾ داخل ٿيندا رهيا. پر سنڌيءَ متعلق جنهن نتيجي لاءِ اهو صول بيان ڪيو ويو آهي، اهو ڪافي دلچسپ آهي. شايد ڊاڪٽر صاحب جو اهو ئي خيال ٿو ڏسجي تہ سنڌي ماڻهو ڳالهائڻ ئي عربن جي ڪاهہ وقت پئي سکيا. ۽ عربن ئي هنن کي صحيح طرح ڳالهائڻ سيکاريو آءٌ وري بہ ڊاڪٽر صاحب جو ڌيان چچنامي ۾ آيل سنڌي لفظن ڏانهن ڇڪائيندس: سنڌ جي تاريخي رڪارڊ ۾ جيڪي قديم ترين لفظ ملن ٿا، انهن ۾ پاڻ حروف علت جي ترتيب ڏسي تہ شايد کين پنهنجي نتيجي کي پاڻ ئي ريٽٺو پوندو. جيڪڏهن ڊاڪٽر صاحب انهن فظن لاءِ بہ ائين چوي تہ انهن ۾ ڪم آيل حروف علت بہ عربي اثر جو نتيجو آهن. تہ پوءِ پنهنجي ”تُو ڪَنا“!... آڻ مجي، جهڳڙو ئي پُتو! ڊاڪٽر صاحب سنڌي لغت جو مهتمم اعليٰ آهي: جيڪي لفظ پاڻ مثال طور ڏنا اٿن، انهن جي ڏاتن ۽ سندن ارتقا تي ڪجهہ ڌيان ڏيڻ لاءِ پڻ آءٌ کين عرض ڪندس، ۽ اميد اٿم تہ کين پنهنجي راءِ ضرور بدلائجهي پوندي. سنڌيءَ سنسڪرت جي سورهن حرف علت مان ڏهہ اجا تائين پاڻ وٽ قائم رکيا آهن. جن کي ا، و ي کان سواءِ اعرابن ذريعي بہ استعمال ڪجي ٿو. دراصل لفظي بناوت ۾ سنڌيءَ ۾ اعرابن جو استعمال اُڙيا ۽ ڪشميريءَ وانگر هر لفظ جي آخري اکر تي ڪيو وڃي ٿو ۽ هر لفظ جو پوين اکر بہ متحرڪ ٿئي ٿو. حرف علت جي استعمال جو اهو طريقو سنسڪرت ۽ عربيءَ ۾ بہ نظر ڪو نہ ٿو اچي.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي نظريي جي جواز ۾ ”واڻڪي سنڌيءَ“ جو مثال ڏنو آهي. واڻڪو سنڌي رسم الخط سنڌ جي واپاري طبقي، فقط وڻج واپار جي لکپڙهہ لاءِ ناگري لپيءَ جي اکرن مان ناهيو. انهن اکرن ۾ ڪجهہ تبديلي آڻي، ماترائن کي حذف ڪيو ويو. اهو محض وقت بچائڻ ۽ لفظن جي نحوي بناوتن جي موشگافين کان بچڻ لاءِ ڪيو ويو. هندستان ۾ اهڙو ٻيو مثال

ماروا ڙي الف- ٻي جو آهي، جنهن ۾ هنديءَ جا اڪثر اکر ماترائن کان سواءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا. مارواڙين جو اهو دستور به ساڳئي اصول تي محض واپاري لکپڙهه جي سهوليت لاءِ ڪيو ويو آهي. انهيءَ الف- ٻي مان لکيل جملن کي فقط واپاري طبقو ئي پڙهي سگهي ٿو. جو انهن کي انهيءَ جو استعمال ٿي وڃي ٿو. واڻڪي سنڌي الف - ٻي تاريخي طرح ٿالپرن جي ڏينهن جي آهي، ۽ ان جو ڪارڊ به محض واپاري لکپڙهه آهي. نه رڳو انهيءَ ۾ ماترائن کي حذف ڪيو وڃي ٿو پر فعلن کي به مخفف صورت ۾ لکيو ويندو آهي. مثلاً 'ميوارامُ' کي मेवारामु جي بدران मवरम لکيو ويندو جو هوندن پڙهڻ ۾ ايندو 'مـ-و-ر-مُ' انهيءَ نالي جي مثال مان بظاهر ٿيندو ته سٽن اکرن مان ٽي اکر (حرف علت) حذف ٿي ويا آهن ليڪن سمجهڻ وارو پڙهڻ مهل ان ۾ حرف عللت دليئون گڏي، ان کي 'ميوا رامُ' ئي پڙهندو. ان ڪري، واڻڪي الف- ٻي اهو ثابت ڪا نه ٿي ڪري ته سنڌيءَ ۾ لفظ رڳو حرف صحيح مان ٺهيل هئا، بلڪ هيءَ محض هڪ خاص طبقي جي لکپڙهه جو طريقو هو. جو محنت ۽ وقت بچائڻ جي اصول تي ٺاهيو ويو هو. انهيءَ مان اهو مفهوم وٺڻ ته اها هڪ قديم الف- ٻي آهي، ۽ ان ڪري قديم سنڌي لفظ حرف علت کان سواءِ هئا. ۽ ان ڪري عربي ٻوليءَ سنڌيءَ کي حرف علت مهيا ڪيا، ڪيتري نه سطحي ڳالهه ٿي معلوم ٿئي!

ان بعد ڊاڪٽر صاحب عربي دور حڪومت ۾ سنڌيءَ تي ٿيل اثرن کي وضاحت سان بيان ڪيو آهي. تعجب آهي ته ڊاڪٽر صاحب هن حصي کي بيان ڪرڻ ۾ هڪ اهڙو ڍنگ اختيار ڪيو آهي. جنهن مان اهو ٿو محسوس ٿئي ته عربن جي ڪاهه کان اڳ سنڌ ۾ ڪو سماج، ڪو معاشرو ڪو نظام ٺهيل هو ئي ڪو نه. ۽ اهو عربن اچي سنڌ کي ميسر ڪري ڏنو! انهيءَ کان ڪو به شخص انڪار ڪو نه ڪندو ته حملو آور قوم جڏهن فاتح بڻجي حڪومت ڪرڻ لڳي ٿي، تڏهن ان جي ٻوليءَ جو اثر مقامي ٻوليءَ تي ضرور ٿئي ٿو. مگر هڪ محدود دائري اندر. ٻوليءَ کي مرڪزيت ڏيءَ تشڪيل ڏيڻ

ڪنهن حملہ آور قوم جي دائره اثر کان بلڪل ٻاهر آهي. ان لاءِ ڪيترا نفسياتي سبب بہ آهن. سڀ کان اول تہ ٻولي ماڻهن جي هڪ ٻئي سان گهرن تمدني، سماجي ۽ راڄنيتي ناتن جو هڪ وسيلو آهي. حملہ آور قوم جي ٻوليءَ جو اثر صدين کان پوءِ ٿيڻ لڳي ٿو. ڇاڪاڻ تہ محڪوم قوم پنهنجي حاڪم قوم سان پختا تمدني ۽ سماجي لاڳاپا تڏهن ٿي پيدا ڪري ٿي، جڏهن حملہ آور قوم لاءِ سندس نفرت ۽ غير اطميناني وقت جي مرهم سام ميٽجڻ لڳي ٿي، ۽ اهو وقت جو مرهم ڌاريڻءَ قوم جي اڳرائيءَ ۽ زيادتيءَ جي زخمن کي ڇٽائڻ لاءِ صدين جي عرصي ۾ پنهنجو ڪم رفتي رفتي ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو شخص ائين چوي تہ عربن لاءِ سنڌين جي دل ۾ پيدا ٿيل نفرت جلد ئي ختم ٿي ويئي هوندي، تہ اهو شخص قومن جي تاريخ ۽ نفسيات کان بلڪل بيعلم آهي. اسان وٽ تازو انگريزن جو مثال آهي. انگريزن تقريباً سو ورهيہ سنڌ تي راڄ ڪيو انهيءَ سو سالن جي رعصي ۾ انگريزي ٻوليءَ سنڌيءَ تي جيڪو اثر ڪيو آهي، سو عالم آشڪار آهي. ٻہ اڍائي ويهون لفظن جون بہ مشڪل ملنديون، جي سنڌيءَ ۾ داخل ٿيا. قومن جي تاريخ ۾ اهو بہ هڪ مثالي نشان آهي تہ شروع شروع ۾ حملہ آور قوم جي ٻوليءَ لاءِ ماڻهن ۾ نفرت هوندي آهي. سواءِ واپاري طبقي جي ڪن گروهن ۽ حڪومت جي چاپلوس ماڻهن جي، عوام انهيءَ ٻوليءَ کي ڳالهائڻ هڪ غداري ۽ قومي بيغيرتي تصور ڪندو آهي. اهي احساس رفتي رفتي ماٺا ٿيندا آهن، ۽ ان ۾ ڪافي عرصو لڳي ويندو آهي. ان ڪري عربيءَ جوا ثر سنڌيءَ تي تمام د سان ٿيو هوندو. عربيءَ جي اثر ۾ اسلام جي درجي بدرجي رائج ٿيڻ جوئي سڀ کان وڏو هٿ آهي، پر انهيءَ اثر بہ شري ۾ سنڌي ماڻهن ۾، سواءِ ڪن علمي طبقي جي ماڻهن يا سرڪاري نوڪرن جي، ڪو بہ نمايان ڦهلاءُ ڪو نہ ڪيو. تاريخي ثبوت بہ اهو آهي تہ عربيءَ جو ماڻهن ۾ نمايان اثر مس مس ڏهين ۽ يارهين صديءَ ۾ ٿيڻ لڳو. ان جو مکيہ سبب هڪ نئين مذهب جو ولولو هو ۽ ٻئي طرف حاڪم قوم کي خوش

ڪرڻ جو درجي بدر جي اپريل جڏهو. ان ئي عرصي ۾ اسين ڪي عربيءَ جا سنڌي شاعر ۽ اديب به ڏسون ٿا. اهي تاريخي حقيقتون آهن، جن کان انڪاري ٿي نہ ٿو سگهجي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ائين ٿو سمجهي تہ سنڌي ماڻهن هڪدم عربي اثر کي قبول ڪرڻ شروع ڪيو تہ اهو محض هڪ اڳ سٺيل رجحان جي ماتحت ۽ دنيا جي قومن جي تاريخ کان لاعلميءَ جي باعث.

جيسين سنڌي ماڻهو عربيءَ جو ٿورڙو اثر قبول ڪرڻ لڳا. تيسين عربي حڪومت جو بہ خاتمو ٿي ويو ۽ سنڌ مقامي ماڻهن وٽ موٽي آئي. ان بعد عربيءَ جو اثر فقط مذهب جي ذريعي ٿيڻ لڳو ۽ هڪ محدود دائري اندر اهو اثر اڄ تائين بہ قائم آهي.

ڊاڪٽر صاحب جي ڳالهين کي ٻوليءَ ۾ مرڪزيت پيدا ٿيڻ جا سبب ڄاڻايو آهي، تن کي پڙهي ائين ٿو معلوم ٿئي تہ عربن کان اڳ سنڌ هڪ بيابان ۽ جهنگ هو جنهن ۾ نہ ماڻهن ني ڪي نالا رکيل هئا. نہ شهر هئا. نہ ڪو زرعي نظام هو نہ پنهنجي معاشرو هو. نہ سياسي مرڪزيت هئي، نہ ڪا سماجي لهہ وچڙ هئي، نہ ڪو وڻج واپار هو ۽ نہ ئي نوان شهر ۽ ڳوٺ ٻڌبا هئا! خود مسلمان مورخن جون لکيل تاريخون ڊاڪٽر صاحب جي بيان خلاف شاهدي ڏين ٿيون. برهمڻ ۽ راءِ گهراڻي جي حڪومت، چچنامي جي مؤرخ جي بيان منجهان، هڪ جامع سياسي ۽ معاشرتي تنظيم ثابت ٿئي ٿي. سندن زرعي نظام، راءِ سهاسيءَ جي سخاوت، عدل انصاف ۽ حڪومتي سرشتو ۽ چچ جي همہ گير سنياسي تنظيم جون جهلڪيون انهن تاريخن ۾ بہ موجود آهن. ڇا، اهي سموريون ڳالهيون هڪ پختي سياسي ۽ سماجي نظام جي شاهدي ڪو نہ ٿيون ڏين؟

ان بعد ڊاڪٽر صاحب ٻوليءَ جي "نفسياتي ڪيفيت" تي وبهي بحث ڪيو آهي. بهتر ٿئي ها تہ ڊاڪٽر صاحب "ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت" جي ڪا تشريح ڪري ها. ڇاڪاڻ تہ ان بيان کي پڙهي ائين ٿو معلوم ٿئي تہ عربن جي تعريف ڪندي ڪندي ۽ سنڌي تمدن کي لوئيندي لوئيندي،

ٻوليءَ جي ’نفسياتي ڪيفيت‘ بنهه سنڌن ذهن تان ئي لهي ويئي آهي. هن ئي بيان ۾ ڊاڪٽر صاحب عربن ۽ سنڌين جي سڱابنديءَ جي ذڪر ڪندي هي لفظ ڪم آندا آهن، ۽ مضمون جي آخر ۾ وري به ڏهرايا آهن: ”عرب اخلاقيات وارين وصفون- مثلاً مروت، ضيافت، سخاوت، شجاعت، عصبيت، حميت، بدويت، سادگي ۽ مردانگي- سنڌين جي شخصيت جو لازم ملزوم نفسياتي جز بنجي ويون!“ جيڪڏهن هڪ ڪم علم ۽ سطحي ذهن جو ماڻهو اهڙيون ڳالهيون ڪري ها، ته ان کي هڪ سطحي ذهن جون سطحي ڳالهيون چئي در گذر ڪري ڇڏجي ها، پر ڊاڪٽر صاحب جي قلم مان اهي لفظ پڙهي مون کي سخت ذهني ايذاءُ پهتو آهي ۽ هر سنڌيءَ کي پهتو هوندو. آءٌ سمجهان ٿو ته ڊاڪٽر صاحب انهن لفظن مان ادا ٿيندڙ مقصد تي پوريءَ طرح غور نه ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته ڪجهه سوچڻ بعد هو جيڪر اهي لفظ هر گز استعمال نه ڪري ها!

اهي وصفون جيڪي ڊاڪٽر صاحب بيان ڪيون آهن، تن کي اول ته ڊاڪٽر صاحب عربن جي ملڪيت ٺهرائي ڇڏيو آهي، يعني ته دنيا ۾ فقط عرب ئي انهن اخلاقن جا مالڪ هئا، ۽ جيڪڏهن ٻيءَ ڪنهن قوم ۾ اهي وصفون موجود آهن ته اهي عربن کان ئي اڌاريون ورتيون اٿن! انسان جي سماجي ارتقا ۽ سنڌن اخلاقي ۽ سامجي قدرن جي ارتقا ته ڊاڪٽر صاحب لاءِ ڪا شيءِ ئي ڪا نه ٿي ڀانئجي، جيڪي ڪجهه اخلاقي ۽ سماجي قدر اسين انسان ۾ ڏسون ٿا، سي سمورا عربن جي ملڪيت ۽ ورثو آهن.

ڊاڪٽر صاحب علم الانسان (anthropology) ۽ سماجي علم (sociology) جو پڻ ڪافي مطالعو ڪيو آهي، ۽ انهن وصفن کي ”عرب“ سڏي ڊاڪٽر صاحب انيءَ سموري مطالعي جي نفي ڪئي آهي! اهي عرب اخلاقيات جون وصفون سنڌ جي نفسياتي ڪيفيت ۾ عربن جي ڪري پيدا ٿيون، انهن جوڻ بدران جيڪڏهن ائين چئجي ها ته عربن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ کان اڳ ۾ سنڌي ماڻهو بي مروت، بي ضيافت، ڪانئر ۽ ڪنجوس هئا،

۽ منجهن مردانگي ڪا نہ هئي، تہ ائين لکڻ سان ڪم از ڪم عصبيت ڪي تہ ذهني سڪون ميسر ٿئي ها! ڪيڏي نہ افسوسناڪ ڳالهہ آهي جو جذبات جي وهہ ۾ وهي اهڙيون ڳالهيون لکيون ويون آهن! نہ رڳو ايترو پر جذبات جو اهو وهہ بہ ڪو اهڙو تکو ٿي ڏٺو جو ڊاڪٽر صاحب کان اهو بہ وسري ويو تہ پاڻ اڳيان ڇا ڇئي آيو آهي. عربن ۽ سنڌين جي سڳن جون ڳالهيون ڪندي، ڊاڪٽر صاحب هي لفظ بہ لکيا آهن تہ "اهل سنڌ جي شرافت ۽ مروت کان وڏا وڏا عرب خاندان بہ متاثر ٿيا"... ڪيڏو نہ تضاد آهي ڊاڪٽر صاحب جي لفظن ۾، پر هتي بہ "اهل سنڌ" مان ڊاڪٽر صاحب جي مراد شايد صرف اهي اهل سنڌ هئا، جي عربن کان شرافت ۽ مروت سکي، شريف ۽ بامروت بنجي چڪا هئا!

اڳتي هلي ڊاڪٽر صاحب فرمائي ٿو تہ "(اهي اخلاقي وصفون) اهڙا تخيلات (concept) هئا، جن جو اثر، خيال ۽ ويچار جي ڪيفيت thought) (process، عمل جي نوعيت (behaviours)، ۽ اڃا بہ زياده نفس ڪلام جي هيئت ۽ ٻوليءَ جي سٽا تي پيو، جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي نفسيات اصلاً تورڙي اصولاً بدلجي ويئي" ان لاءِ آءٌ سنڌو سنڌئون اهو عرض ڪندس تہ قبلا، اهي اخلاقي وصفون سنڌين جي خيال ۽ ويچار جي ڪيفيت ۾ اڳي ئي بدرجہ اُتم موجود هيون. ان ڪري انهن وصفن جو جيڪو اثر سنڌي ٻوليءَ جي هيئت ۽ سٽا تي پيو سو اصلاً ۽ اصولاً عربن کان ڪئين صديون اڳ سنڌي ٻوليءَ جي مزاجج ۾ موجود هو.

ڊاڪٽر صاحب عربيءَ مان آيل لفظن تي ويهي بحث ڪيو آهي، او ايترو تہ اڃاترو آهي جو ان تي جيڪر ڪجهہ نہ چئجي تہ بهتر. عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ لفظ داخل ٿ يا آهن. تنهن کان ڪنهن کي بہ انڪار ٿي نٿو سگهي، پر انهن لفظن جي ڪري سنڌي تمدن کي ڪُلي طور عرب. تمدن جو مرهون منت سمجهڻ يقيناً زيادتي آهي. ٻن ٻولين جي هڪ ٻئي سان واهپي رهڻ ڪري ٻوليون هڪ ٻئي سان لفظن جي ڏي وٺ ڪنديون آهن. تعجب آهي تہ اسان

جا عالم سنڌيءَ ۾ آيل عربي لفظن لاءِ تہ ايترو بغاغو مچائڻ جا عادي ٿي ويا آهن، پر ڪنهن بہ عالم اڄ تائين انهيءَ امڪان تي غور ڪو نہ ڪيو آهي تہ سنڌيءَ مان پڻ ڪي لفظ عربيءَ ۾ داخل ٿيا، ۽ ڪي پنهنجي اصليت عربيءَ ۾ وڃائي چڪا آهن. شايد ان جو اهو ئي سبب آهي تہ هو سمجهن ٿا تہ عربيءَ کي امتيازي درجو' (privilege) حاصل آهي، ۽ اهو ڀلا ڪيئن ممڪن آهي تہ عربيءَ ۾ سنڌي لفظ آيا هجن؟ پر جيڪي ماڻهو سمورين ٻولين کي- پوءِ سنڌي هجي يا عربي، تامل هجي يا تيليگو- انسان جي ڳالهائڻ جو هڪجهڙو وسيلو سمجهن ٿا، سي ٻولين جي هڪ ٻئي سان ڏي — وٺ کي ڪنهن بہ تمدني عصبيت جي نگاهہ سان ڪو نہ ٿا ڏسن. عربيءَ ۾ سنسڪرت لفظن جو نشان "ڪافور" وغيره جهڙن لفظن ۾ ملي ٿو. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ جا بہ ڪي لفظ عربيءَ ۾ آيا آهن. بلڪ انهن مان ڪن کي ابتو ڪري عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ آيل ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، ۽ ڪن لفظن کي زوريءَ عربيءَ جو پيچ ڳنڍيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جيڪي ليفظ مثال طور ڏنا آهن، انهن ۾ بہ اها دانستہ ڪوشش نمايان آهي. يقيناً، لفظن جي اصليت کي ڳولي ڪيڻ جي ٻيريا ڪوشش کي ان ۾ ڪو دخل ڪونهي.

مثال طور، 'هاري' لفظ وٺو. اول تہ ڊاڪٽر صاحب ان کي 'حارث' مان ثابت ڪرڻ تو گهري، پر خود کيس ئي شڪ ٿو ٿيو، ۽ ان کي 'هر' مان نڪتل تہ چوي ٿو پر عربي اسم فاعل جي قاعدي سان! 'هَرُ' لفظ سڌو سنئون سنسڪرت ڌاتوءَ جو آهي، جو هنديءَ ۾ 'هل' آهي، ۽ گجراتيءَ ۾ 'هڙ' آهي. گجراتيءَ ۾ تہ ان سان لاڳاپيل فعل بہ آهي 'هڙوون'، معنيٰ ڇُرڻ يا چورڻ، جو کيڙڻ جي معنيٰ ۾ بہ ڪم اچي ٿو. جيتوڻيڪ کيڙڻ يا هر ڏيڻ لاءِ گجراتيءَ ۾ عام استعمال ٿيندڙ فعل 'کيڙوون' آهي، ۽ ان مان 'کيڙوت' لفظ هاريءَ جي معنيٰ ۾ نهيو آهي. ڊاڪٽر صاحب تہ عربيءَ جو ڄاڻو آهي، ان هوندي بہ فرمائي ٿو تہ 'هاري' لفظ اسم فاعل آهي، عربي اثر هيٺ 'هر' منجهان 'هر' اسم آهي، ۽ اسم فاعل اسم مان نہ پر فعل مان ٺهندو آهي. جيڪڏهن 'هاري' کي اسم فاعل سمجهجي تہ

۽ عربي گرامر جو اثر ته ظاهر ڪو نه ٿو ٿئي، ڇو ته اسم مان اسم فاعل ناهڻ جو ته عربيءَ ۾ ڪوئي قاعدو ڪونهي! دراصل 'هاري' لفظ اسم صفت آهي، جنهن مان تمليڪي اضافت جي معنيٰ ٿي نڪري 'هاري' معنيٰ 'هر وارو'. اهڙن اضافتي اسمن ناهڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ لفظ جي پوپان "ي" گڏڻ جو عام قاعدو آهي. ڪن ۾ اکرن لفظن ۾ وري پهرئين اکر جي زبر کي ڀنو ڪري، "آ" جو اچار پيدا ڪيو ويندو آهي: مثلاً، هر- هاري، مٽ- ماٽي = مٽ وارو، مڇ- ماڇي= مڇي وارو وغيره.

جيڪڏهن 'هاري' کي اسم فاعل ۾ تسليم ڪجي، ته پوءِ ۾ اهو سنڌيءَ ۾ عام قاعدو آهي ته امر جي پوپان "ي" ۽ "و" گڏڻ سان اسم فعل ٺهندو اهي: جيئن مارڻ- مار- ماري، تياڳڻ- تياڳ- تياڳي، چاڙهڻ- چاڙ- چاڙهو ترڻ- تر- تارُو وغيره. 'تارو' لفظ ۾ 'ت' جي زبر کي ڊگهو ڪري 'تا' ڪيو ويو آهي. بلڪل اهڙيءَ طرح، 'هر' مان جيڪڏهن 'هاري' اسم فاعل آهي، ته خالص سنڌي قاعدن پٽاندر "هر" جي ڪنهن فعل منجهان. جيئن ته گجراتيءَ ۾ 'هڙوون' لفظ اسان کي ملي ٿو تيئن سنڌيءَ ۾ ۾ ممڪن آهي ته ڪو فعل هجي، جنهن جي موجوده صورت ڪاڏ مٽجي ويل ٿي پانئجي. قديم سنڌيءَ جا ڪيترائي لفظ ائين صورت مٽائي چڪا آهن، يا استعمال مان نڪري ويا آهن. "هلڻ" لفظ ۾ غالباً انهيءَ لفظن سان لاڳاپيل آهي، 'هر' سان بنهه لاڳاپيل لفظ "هوڙ" يا "اوڙ" ۾ اهو ٿي پتو ڏئي ٿو ته ڪو فعل "هوڙڻ" يا "اوڙڻ" جي لڳ ڀڳ هو جنهن مان اهي اسم نڪتا آهن. "اُلوڙڻ" لفظ ۾ معنوي لحاظ کان انهن لفظن سان لاڳاپيل پانئجي ٿو. انهيءَ سڄيءَ اپٽار مان منهنجو مقصد صرف هيءَ آهي ته اسان جا عالم سڀ‍ُورا پنهنجي ٻوليءَ جي هر لفظ جي اصليت کي ڪنهن ڌارينءَ ٻوليءَ سان منسوب ڪرڻ بدران جيڪڏهن اول پنهنجيءَ ڏيهي ٻوليءَ جي سرمايي ۾ تلاس ڪن، ته هوند کين زياده سونهي.

شهر'سکر' لاءِ ۾ ڊاڪٽر صاحب عجيب نظريو پيش ڪيو آهي. سکر سان ملندڙ جلندڙ نالو ساڳئي وزن تي، بکر ٻڌڻ آهي. تعجب آهي ته ان لاءِ ائين

چو نہ ڇيو ويو آهي تہ 'بکر' تي حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ جنهن کي سنڌيءَ ۾ ابوبڪر رضہ جي بدران 'ڪَ' تي زَبر سان 'ابوبَڪرَ' رضہ چيو ويندو آهي- جي ياد ۾ اهو نالو پيو ۽ 'بڪر' ڦري 'بکر' ٿيو آهي! عربي اثر تہ ائين ٿي ظاهر ٿئي ٿو! اهڙا نظريا تہ بلڪ ان مثال وانگر آهن، جيئن شيڪسپيئر کي بہ ڪي ماڻهو خالص مسلمان ثابت ڪري 'شيخ پير بخش' سڏڻ لڳن ٿا! سنڌيءَ ۾ 'سکر' لفظ 'چگّو' جي معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو: ان ڏانهن شايد ڊاڪٽر صاحب جو ڌيان نہ ويو تہ متان انهيءَ معنيٰ سان اهو نالو شهر تي پئجي ويو هجي.

توراڙن ۽ ماڻن جي نالن ۾ ڊاڪٽر صاحب کي "چوٿائيءَ" کي "عربي 'ربع' جو ترجمو" چوڻ جو مقوعو ملي ويو آهي. جيڪڏهن 'ڪاسو' ۽ 'خرار' فارسيءَ مان اسان وٺ استعمال ٿيا، تہ اهو ڇو ضروري آهي تہ 'چوٿائيءَ' لاءِ اسان 'ربع' جو ترجمو ڪيو؟ 'پاتي'، 'توبو'، 'ڏڙي'، وغيره بہ اسان جا ماڻ آهن، - انهن لاءِ شايد ڊاڪٽر صاحب کي عربي ۽ فارسي لفظ خيال ۾ نہ آيو آهي، نہ تہ تہ اهي سڀئي جدول عربن جي ثابت ٿي سگهن ها!

لفظن جي باري ۾ آءٌ هي چئي بحث ختم ڪرڻ ٿو گهران تہ اها حقيقت آهي تہ عربيءَ جا ڪي لفظ سنڌيءَ ۾ مروج آهن، پر اهڙا بہ ڪي لفظ آهن، جيڪي سنڌيءَ منجهان عربيءَ ۾ داخل ٿيا آهن، جن لاءِ ڊاڪٽر صاحب الٽو فرمائي ٿو تہ اهي عربيءَ مان آهن.

تمدن جي ميدان ۾ ڊاڪٽر صاحب جا نظريا تہ گهڙيءَ لاءِ اهو سوچڻ تي مجبور ٿا ڪن تہ ڊاڪٽر صاحب واقعي اهي ڳالهيون خود بہ مڃي ٿو يا محض عربن جي برتري ثابت ڪرڻ لاءِ اهي مثال ويهي گهڙيا اٿس؟ مثال طور سنڌ جي ماڻهن جي نالن تي عربي تمدن جو اثر وٺو. ان لاءِ ڏيکهڻ ۾ وڃن جي ڪا ضرورت ڪا نہ ٿو سمجهان، ڇو تہ برسر خود اها ڳالهہ ايڏي غلط آهي جو ڪجهہ لکڻ فضول آهي. عربن کان اڳ سنڌ جي ماڻهن جي نالن ۾ ڏاهر جي پٽ جو نالو "جئسينہ" ملي ٿو جنهن لاءِ ڇچنامي ۾ ايترو بہ

وضاحت سان لکيل آهي تہ ڏاهر اهو نالو "شينهن کي اڪيلي سر وڙهي مارڻ" جي يادگار طور پٽ تي رکيو هو ۽ ان جي معنيٰ آهي "شينهن جهڙو" ان منجهان نہ صرف ڏاهر جي شجاعت ۽ دليري ثابت ٿي ٿئي (جا ڳالهہ شايد ڊاڪٽر صاحب جي نظريي موجب فقط عربن جو ورثو آهي)، پر ٻئي طرف سنڌي ماڻهن جي نالن 'شينهن' وغيره جهڙن امتيازي نالن_ جو پتو پڻ پوي ٿو. دنيا جي ڪيترين ئي قومن ۾ جانورن، پکين ۽ وڻن ٽڻن جا نالا ماڻهن تي رکيا ويندا. مثلاً انگريزن، فرينچن ۽ ٻين يورپي ملڪن ۾ 'فاڪس' (لومڙ)، 'وولف' (بگهڙ)، 'ليو بٽنل' (ننڍين لڙائي)، 'نائيٽنگيل' (بلبل)، 'گولڊ سمٿ' (لوهار)، وُڊ (ڪاٺ) وغيره، ماڻهن جا نالا آهن. ڇا اهي نالا بہ عربي نالن جو عڪس ۽ اثر آهن.

ان بعد ڊاڪٽر صاحب چوپائي مال ۽ وهٽن جي شوق ۽ انهن جي نالن جو وبهي ذڪر ڪيو آهي. ان لاءِ بہ آءٌ ايترو ئي چوندس تہ سنڌ زرعي ۽ چراگاهي ملڪ هو ۽ آهي، جنهن ۾ چوپائي مال ۽ اُٺن گهوڙن کي عوام جي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت آهي، ۽ چوپائي مال لاءِ سنڌين پيار ۽ شوق عربن کان گهڻو پراڻو آهي. رڳو ڊاڪٽر صاحب "ڳوٺ" لفظ جي تاريخ ۾ اونهو وڃي ها، تہ کيس سنڌ جي ماڻهن جي چوپائي مال ڌارڻ جي مڪمل تاريخ ملي پوي ها. ويدن ۾ اسان کي سموري سنڌو واديءَ جي تعريف ۾ هي تذڪرو ملي ٿو:

"The Sindhu is rich in horses, rich in gold ornaments well_ made, rich in wood ever fresh abounding in Silama plants ard the auspicious river wears honey_growing flowers." Reg Veda, x75, Prof Wilson's translation.

جنهن ملڪ جي تهذيب ايتري قديم هجي، جنهن جي تهذيب قديم زماني ۾ بہ ايتري شاهوڪار هجي، ان جي ٻوليءَ جي خزاني ۾ بہ يقيناً اوترائي قديم ۽ بيشمار تمدني لفظ هوندا. وهٽن جو پيار سنڌي قديم تمدن جي هڪ خاص نشاني آهي. شايد ئي ڪنهن ٻيءَ زبان ۾ وهٽن کي سڏڻ لاءِ اهڙا منا ۽ پاٻوهہ ڀريا لفظ ملندا_ ٻناري، سپاڳي، اما، پٽ، وغيره. اهو سڀ وهٽن جو پيار اسان

جو قديم تمدني ورثو آهي. تمدني طرح سنڌ عربن کان گهڻو اڳ ايتري بلنديءَ تي هئي، جو عرب اڄ تائين ان جي ڪا پڇي به حاصل نه ڪري سگهيا آهن. اهڙي شاهوڪار تمدن ۾ گهوڙن ۽ اُٺن جا مختلف نالا ۽ تمدني زندگيءَ جي جزئيات جا بيسمار نالا خود پنهنجي ئي ماحول جي پيداوار آهن. نه ڪ ڪنهن ڌارئين تمدن کان اڌارا ورتل. ڪا زبان ڪنهن ڌارئين تمدن جو اثر قبول ڪندي آهي، ته انهيءَ جي ئي زبان ۾. سنڌيءَ جي مينهين، ڍڳين، اٺن، گهوڙن، هاٿين وغيره جا بيشمار نالا آهن، ۽ انهن نالن مان اڪثر خالص سنڌيءَ ۽ سنسڪرت سان لاڳاپيل آهن. خود ڊاڪٽر صاحب به قبول ڪري ٿو ته "سنڌ پنهنجي طبعي بناوت جي لحاظ کان عرب جهڙي هئي". ان ڪري طبعي جزئيات به ساڳيا هئا. ان ڪري انهن جو تفصيل پنهي تمدنن ۾ موجود هو. عربن کان اڳ به اهو تفصيل ۽ ماحول موجود هو ۽ عربن کان پوءِ به موجود هو بلڪ سنڌ جو اهو ماحول عرب ماحول کان گهڻو گهڻو وسيع ۽ مختلف قسمن جو هو. ان ڪري جزئياتي نالا ۽ اسم عربي تمدن هيٺ نه، پر اصلوڪي طرح سنڌي تمدن جي پيداوار آهن. ساڳيءَ طرح، سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ جا اصطلاح - پير ڪڻڻ، نڪت نهارڻ، ڏٽ ڏورڻ، ڪوهيون ۽ ٽڙ ڪٽائڻ، جهوڪ جون ٻاهيون ٻارڻ وغيره- سنڌ جي زرعي، ڪوهستاني، سامونڊي، ريگستاني ۽ سرسبز وادين جي پيداوار واري ماحول جي عڪاسي ڪن ٿا.

ڊاڪٽر صاحب خواه مخواه جتني ڪئي اٿين ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌي ماڻهو هر سٺو اخلاق عربن کان سکيا. پر جيڪڏهن علم الانسان جي نظر سان ڏٺو وڃي ته مهمان نوازي وغيره قبائلي اوصاف آهن، جيڪي لڳ ڀڳ هر اهڙي تمدن ۾ پنهنجيءَ پنهنجيءَ صورت ۾ موجود هئا ۽ آهن. معاشي ارتقا ۽ معاشي ضرورتن جو وڌڻ، انهن وصفن جي ختم ٿيڻ جو ڪارڻ آهي، عربن يا ٻيءَ ڪنهن حملہ آور قوم جي اچڻ جو انهن جي پيدا ٿيڻ ۽ ختم ٿيڻ سان ڪو واسطو ڪونهي.

افسوس ته اهو آهي جو ڊاڪٽر صاحب اسان جي خالص سنڌي شاعريءَ ۾ به عربيءَ شاعريءَ جي تمثيلن ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مثال طور، ڊاڪٽر صاحب عربي شاعرن جي پنهنجي محبوب جي ڳچيءَ کي ڏاچيءَ جي ڳچيءَ سان مشابهت ڏيڻ جي تمثيل پيش ڪئي آهي. شڪر آهي ته سنڌي شاعرن مان ڪنهن به، ڪنهن سنڌي محبوب جي ڳچيءَ کي ڏاچيءَ جي ڳچيءَ سان تشبيهه نه ڏني آهي. ڇاڪاڻ ته انن جي ڳچين ۾ انساني سونهن صرف عربن کي ئي نظر اچي سگهي ٿي. ڊاڪٽر صاحب سانوڻ فقير جو مثال ڏنو آهي، تنهن ۾ هِن سٽ- "جوڀون جيسلمير جون، آئيون ڪل ڪنوات"- ۾ 'ڪنوات' منجهان مقصد ڪنوات جي ڳچي نه، پر ڪنوات انن جي چنچلتا ۽ مستاني چال ڏانهن اشارو آهي.

ڊاڪٽر صاحب اسان جي ٻوليءَ جي علم ادب جي ڏاڏاري جو جيڪو بيان ڏنو آهي. ان مان ته فقط ايترو ئي ثابت ٿي سگهيو آهي ته وچارن عرب ته سنڌيءَ لاءِ ڪجهه به ڪو نه ڪيو. البت ڪن سنڌي عالمن عربي علم ۾ واڌارو ضرور آندو. سنڌ حساب ڪتاب جي علم ۾ عربن کان اڳڀري هئي- جيئن ابن نديم جو حوالو ثابت ڪري ٿو. هونئن به تاريخي طرح اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته عرب تنهن زماني مطابق اعليٰ حسابي علم هندستان منجهان سکيا؛ ۽ جيئن ته هندستان ۾ سڀ کان اول سندن واسطو سنڌ سان ٿي رهيو ان ڪري هو اهو علم سنڌ منجهان سکيا. ان سلسلي ۾ آءٌ ائين ڪو نه چوندس ته ڪو سنڌين عربن جي علم ادب تي ڪو ٿورو يا احسان ڪيو، ڇاڪاڻ ته انساني ارتقا ۾ قومون هڪ ٻئي سان تمدني ۽ علمي ڏي- وٺ ڪنديون رهيون آهن، ۽ ان ۾ ڪا فخر جي ڳالهه آهي ته محض اها ته اهي چيزون انسانذات جي معموعي ترقيءَ ۽ تمدن جي واڌاري جو اهڃاڻ آهن.

سڀ کان عجيب ڳالهه سنڌ جي نام نهاد پهرئين شعر متعلق آهي، جنهن تي نه رڳو ڊاڪٽر صاحب پر ٻين ڪن عالمن به وڏي اجائي دماغ سوزي ڪئي

اهميت حاصل آهي. ڊاڪٽر صاحب کي آءٌ اها ئي گذارش ڪندس ته ان نقطه نگاهه کان جيڪڏهن پاڻ حبشي ٻوليءَ تي ڪا کوجنا ڪرڻ فرمائيندا ته لاشڪ سندن محنت بار آور ٿيندي!

ان شعر (يا چوڻ- چوڻ جي مربي؟) منجهان ڊاڪٽر صاحب جيڪي انومان ويهي ڪيا آهن، انهن جي منطقي يا علمي حيثيت ڪائي ڪا نه آهي. اول ته اهو سنڌي ٻوليءَ جو شعر آهي ئي ڪو نه. ان ڪري ٻيا سمورا نتيجا به ان جي بنياد تي بر خود غلط آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ شعر چوڻ جي صلاحيت عربن جي ڪري نه، پر جيئن دنيا جي ٻيءَ هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ ٿيو آهي تيئن، پنهنجي ملڪ ۾ ماحول جي سادن سڀاجهن انسانن، سندن هڪ ٻئي سان قرب ۽ پيار، سندن امن پسنديءَ، سندن گونا گون زندگيءَ جي سونهري پهلوئن ۽ سنڌي تمدن جي موسيقيءَ ۽ فن جي طفيل پيدا ٿي هئي، ۽ عربن کان صديون اڳ پيدا ٿي چڪي هئي. افسوس صرف اهو آهي ته ان جو تاريخي رڪارڊ ڪو نه ٿو ملي. آءٌ ته ائين به چوندس ته انهيءَ جو سبب به عرب ئي هئا. سنڌ ۾ اچڻ وقت عربن ۾ هڪ نئون جذبو ڪار فرما هو ۽ مذهبي روايتن جي ڪري، سنڌ جي تمدن جي فنون لطيف کي ڪا ترقي ڏيارڻ بدران يا انهن جي ڪا همت افزائي ڪرڻ بدران، انهن جو بنهه خاتمو ڪري ڇڏيائون. سنڌ موسيقيءَ، رقص ۽ شعر شعريت جي سر زمين آهي- ۽ اهي ڇارئي شيون ابتدائي عربن هٿان، شرعي نگاهه کان يقيناً عتاب هيٺ آيون هونديون. اهي لطيف فن وري به تڏهن اُڀرڻ سگهيا، جڏهن سنڌ تي وري مقامي ماڻهن جو راڄ قائم ٿيو. اهو ئي سبب آهي جو عربن جي زماني کان وٺي مقامي راڄ تائين شعر، موسيقيءَ ۽ رقص جو اسان وٽ ڪو به تاريخي رڪارڊ ڪو نه ٿو ملي، پر عربن کان پوءِ رفتي رفتي سنڌ جي تمدني زندگيءَ ۾ جان اچڻ جا نشان ملڻ لڳن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ لاءِ انگريزن جي زماني ۾ يا ان کان ڪجهه عرصو اڳ عربي رسم الخط محض حالتن جي بنا تي رائج ٿيو هڪ ته مسلمانن جي سنڌ ۾ اڪثريت

هئي، ۽ جيئن تہ سنڌن مذهبي تعليم عربيءَ ۾ ٿيندي هئي، ان ڪري عربي رسم الخط ٿي ڪارآمد ۽ بهتر سمجهيو ويو. ان کان سواءِ، ڪجهہ سنڌي ادب جيڪو مخطوطن ۾ بند ٿي پيو هو اهو بہ عربي رسم الخط ۾ هو ان ڪري عربي لپي وقت جي تقاضائن جي ڪري رائج ٿي ويئي. عربي رسم الخط جديد زماني جي تقاضائن موجب يقيناً هڪ غير ترقي يافتہ بلڪ تنزل ڏانهن مائل رسم الخط آهي۔ ساڳي حالت ناگري لپيءَ سان آهي. پر جيئن تہ اسان جو سمورو ادبي سرمايو عربي لپيءَ ۾ محفوظ ٿي چڪو آهي، ان ڪري ان کي ڇڏڻ ادبي آپگهات وارو مثال ٿيندو. البت ان ۾ جيڪي بہ ضرورت اکر ۽ لفظ آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ تي عربيءَ (۽ فارسيءَ) جي فوقيت قائم رکڻ کان سواءِ پيو ڪو خاص ڪارج پورو ڪو نہ ٿا ڪن، اهي يقيناً جديد دور جي تحريري ۽ طباعتي، علمي ۽ ادبي تقاضائن موجب ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ حائل آهن. ۽ انهن کان جيڪڏهن ڪنهن طرح ٻوليءَ جا پَلَوَ آجا ٿين تہ چڱو. ڪاش، سنڌيءَ جا اهل علم حضرات ان نُڪتي تي ڪجهہ سوچين!

ڊاڪٽر صاحب لاءِ لفظن جي تلفظ ۾ ڪن مائٽن جي ٻاتائيءَ ۽ زبان جي ڪمزوريءَ سبب، سمورن سنڌ وارن کي غلط اچار ڪندڙ چوڻ مناسب نہ هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ش' ۽ 'ج' ٻئي اکر عام هئا. ۽ جيڪڏهن ڪو ٻاٻهو زبان صحيح نہ اٿلڻ ڪري ڪي اچار نہ ڪري سگهيو تہ ان کي طعنو ڏيڻ انهن لاءِ ٿي زيب وارو هو جي هوندن ٿي ٻاڻ کان سواءِ دنيا کي 'گونگو' سڏڻ جا عادي هئا، حالانڪ اچارن ۽ آوازن جي لحاظ کان تہ هو ٻاڻ ٿي سڀ کان وڏيڪ گونگا هئا ۽ آهن. ايتريقدر جو اڄ تائين ڪافي عرب، اسان جا پنهنجا آواز اچارڻ تہ درڪنار، خود پنهنجي 'ج' جو صحيح اچار ڪري نٿا سگهن۔ مثلاً 'مسجد' کي 'مسگد' ۽ 'جمال' کي 'گمال' وغيره اچارين ٿا. ان ڪري ڇا، اٿين چوڻ صحيح ٿيندو تہ عربيءَ ۾ 'ج' شايد آهي ئي ڪو نہ' اها ساڳئي عربي الف۔ بي موجود رکندي، ۽ سنڌين سان بہ سو ورهين کان مٿي لاڳاپي هئڻ جي باوجود، عربن جي زبان صاف نہ ٿي سگهي آهي. اڄ تائين

ڪنهن عرب کي انگريزي يا ڪا ٻي زبان ڳالهائيندي ٻڌو ته اوهان کي ان جو يقين ٿي ويندو. تنهن ڪري ائين چوڻ ته عربن جي صحبت ۾ اچڻ يا عربي رسم الخط جي رائج ٿيڻ سبب سنڌ وارن جا اُچار صحيح ۽ صاف ٿيا، بلڪل غلط آهي.

جيتريقدر اعرابن جو تعلق آهي، سو محض عربي لپيءَ کي اختيار ڪري ائين ٿو چيو وڃي ته اهي اعراب سنڌيءَ کي عربيءَ کان مليا. رسم الخط جي حد تائين ته اهو صحيح آهي، باقي اُچارن تي عربيءَ جي اثر ثابت ڪرڻ لاءِ اهو ڪو دليل ڪونهي. سنڌيءَ جا اچار اصل کان اهي ئي آهن- ايتريقدر جو سنڌيءَ جي ڪنهن به اسم جو آخري حرف ساڪن ڪونهي. ان جي برعڪس، عربيءَ جي اڪثر اسمن جا آخري حرف ساڪن آهن. جي پڻ سنڌيءَ ۾ سمائجڻ سان متحرڪ ٿي پون ٿا. عربيءَ بدران جي ڪو ٻيو رسم الخط اختيار ڪجي ها ته انهيءَ ۾ به لازمي طرح اهڙيون ڪي ماترائون، لاڪنائون يا نشانيون قائم ڪجن ها. جيڪي لفظن جي متحرڪ اکرن کي چٽو ڪري ٻيهارين. ڊاڪٽر صاحب جيڪي مثال اعرابن جي ڦير گهير جا ڏنا آهن، انهن مان ته ڪو به مطلب ڪو نه ٿو نڪري، ۽ نه ئي ڪجهه ثابت ٿئي ٿو- سواءِ انهيءَ جي ته سنڌيءَ جي نحوي بناوت نرالي آهي. خود ڊاڪٽر صاحب جيڪي مثال ڏنا آهن. انهن جي نحوي بناوت جون صورتون به مختلف آهن. هت آءٌ فقط به مثال ٿي ڏيندس. ڊاڪٽر صاحب مردن جي نالن مثجڻ جو جيڪو مثال ڏنو آهي، ان ۾ مردن (۽ زالن) جي نالن جي ڪا خصوصيت ڪانهي، بلڪ لفظن جي خصوصيت آهي. سنڌيءَ جا لفظ مختلف نحوي بناوتن پٽاندر مبني يا غير مبني آهن. اهو اصول ماڻهن (مردن ۽ زالن) جي نالن سان به لاڳو آهي. انهن ڦيرين گهيرين کي لساني ماهرن انگريزيءَ ۾ "فليڪشن" (Flexion) سڏيو آهي، جيڪي ٻوليءَ جي مقرر اصولن موجب عمل ۾ ايندڙيون آهن. مثال طور، ڊاڪٽر صاحب مردن جي اهڙن نالن جو ذڪر ڪيو آهي، جن جو آخري اکر 'و'

آهي- جيئن 'الھڏنو'، 'الھڏنا' ۽ 'الھڏني' وغيره ۾ 'و' منجهي مختلف صورتون اختيار ڪري ٿو. پر ڪي. سنڌي نالا 'و' پڇاڙيءَ ۾ هوندي به مختلف 'فليڪشن' جو مثال پيش ڪن ٿا- ۽ انهن جي 'و' جي تبديلي 'آ' جي وڌاءَ سان ٿئي ٿي. مثلاً 'ڪُڏُو'، 'علو'، 'اِسُو' وغيره نالا ندائي صورت ۾ بلڪل ڪو نہ ڦرندا ۽ 'اي ڪُڏو'، 'اي علو'، 'اي اِسُو' وغيره ٿي رهندا. مفعولي صورت يا جريءَ ۾ 'آ' جو اضافو ڪرڻو پوندو: مثلاً ڪدوءَ جو پٽ، اِسوءَ جو پٽ'، 'علوءَ کي ڇيم'، وغيره- انهن ۾ 'ءَ' يعني 'آ' جو اضافو ڪرڻو پوي ٿو. ساڳيءَ طرح، زالن جا نالا بہ فقط صورت فاعلي ۾ مبني آهن- پر ٻين صورتن ۾ برعڪس عربيءَ جي، غير مبني آهن. مثلاً ڊاڪٽر صاحب جي ڏنل مثال ۾ 'بانو آئي': فاعلي حالت ۾ 'بانو' لفظ ڪو نہ ٿو مٽجي: پر 'بانوءَ کي ڇيم' يا 'بانوءَ جو پٽ' وغيره ۾ 'ءَ' يا 'آ' جو اضافو ٿئي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جا ان جي صورت 'بانو کي ڇيم' يا "بانو جو پٽ' ('ءَ کان سواءِ) ڏني آهي، سا غلط آهي. ان مثال ۾ بہ 'بانو' لفظ 'بانوءَ' بنجي وڃي ٿو. اها بہ اعرابن جي نحوي تبديل آهي، ان جو مردن ۽ زالن جي نالن (مذڪر ۽ مونث) سان ڪو بہ خاص واسطو نہ آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب جو ڏنل هڪڙو مثال پڙهندڙن جو ڌيان لهڻي: "احمدُ آيو" (فعل لازمي)، ۽ "احمدَ ڇيو" (فعل متعدي) سنڌيءَ ۾ تہ لفظ 'احمد' کي زير اعراب سان قبوليو ويو آهي، ۽ ڇاڪاڻ تہ زير اعراب وارا سڀ لفظ سنڌيءَ ۾ مبني آهن، تنهن ڪري هتي بہ چئبو "احمدِ آيو" ۽ "احمدِ ڇيو". هن سلسلي ۾ جو ڪجهہ ضميرن متعلق ڊاڪٽر صاحب هلندي هلندي انڪشاف ڪرڻ فرمايو آهي، تنهن جي تہ ڳالهہ ئي ڪهڙي! بهتر آهي تہ ڊاڪٽر صاحب پاڻ ان تي ٻيهر سوچين — پڪ آهي تہ قائم ڪيل نتيجي کان بنهہ ٻئي ڪنهن نتيجي تي سندن رسائي ٿيندي! مٿين مثالن مان ظاهر ٿي چڪو هوندو تہ ڊاڪٽر صاحب جا اهي لفظ تہ "سنڌي ٻولي جو هيءُ فن اعراب، عربي ٻوليءَ جي گهري اثر جو نتيجو آهي" — سنڌي گرامر متعلق غلط فهمين تي مبني آهي، ۽ انهن لاءِ وٽن ڪو بہ

علمي جواز ڪونهي.

گرامر جي جزن ۽ ڀاڱن تي عربي اثر ظاهر ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر صاحب ڪي ته ٻنهي هلڪي قسم جا مثال ڏنا آهن. ۽ سچ پچ ته ڊاڪٽر صاحب جهڙي عالم مان اها اميد ڪا نه هئي ته عربي اثر ڄمائڻ خاطر پاڻ علمي مناسبت کي به وساري ويهندا.

'نار' لفظ سڌو سنئون سنسڪرت جي لفظ 'نار' سان لاڳاپيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "زمين جي سوراخن مان نڪرندڙ پاڻيءَ جون ڌارون". پاڻيءَ سان انهيءَ تعلق جي بنياد تي سنڌي لفظ 'نار' نهيو آهي، نه ڪ 'ناعوره' منجهان نڪتو آهي. عربن شايد 'نار' پهريون پيرو ايران يا سنڌ ۾ ئي ڏٺو هوندو، پين مثالن منجهان ڪيترائي لفظ اهڙا آهن، جيڪي سنڌيءَ منجهان عربيءَ ۾ داخل ٿيا آهن، جن جي تحقيق متعلق آءٌ اڳي ئي عرض ڪري آيو آهيان.

حيرت آهي ته ڊاڪٽر صاحب 'سوريہ' ۽ 'آشچريہ' مان 'سورج' ۽ 'اچرج' لفظن کي عربي اثر جو نتيجو ظاهر ڪيو آهي! ان لاءِ دليل ڪو به ڪو نه ڏنو اٿن. ان ڪري آءٌ ڪين ايترو عرض ڪندس ته پاڻ لساني طرح حرفن جي مٽا سٽا جي تاريخ جو ملاحظو فرمائين. سنسڪرت جي 'يہ'، پراڪرتن ۾ 'ج' ۾ ڦرندي آهي. ۽ ان 'يہ' جو اچار ئي 'ي' ۽ 'ج' جي وچ جو آهي، جنهن کي ٻين ٻولين 'ج' ۾ تبديل ٿئي ڪيو آهي. انهيءَ ئي بنا تي 'سوريہ' لفظ 'سورج'، ۽ 'آشچريہ' 'اچرج' بنيو آهي. اها تبديلي عربن کان اڳ، صديون اڳ ٿي چڪي هئي. اهڙا سوين لفظ ڊڪشنرين ۾ (فقط سنڌيءَ ۾ نه، پر مرهٽي، گجراتي، بينگالي وغيره ۾) ڏاتن سوڌا موجود آهن. يڌ، جڌ. ينتر، جنتر، ياترا – جاترا، يم – جم، ڪاريہ – ڪارج، وغيره؛ اهي سمورا لفظ انهيءَ اصول تي مٽيا آهن، ۽ اها تبديلي سنڌيءَ کان سواءِ ٻين پراڪرتن ۾ پڻ عربن کان گهڻو اڳ ملي ٿي.

ضميرن متعلق ڊاڪٽر صاحب جن فرمائين ٿا ته 'هو' ۽ 'آءٌ' عربي الاصل آهن. وري به شڪر آهي جو "غالباً" لفظ ڪم آڻي، ڪجهه شڪ جي

گنجائش رکي ٿي. 'هو' جي لاءِ ته پاڻ ڪو دليل ٿي ڪو نه ڏنو اٿن. سنڌيءَ ۾ 'هو' ضمير غائب، ضمير اشاري ڏؤر جي صورت آهي، جنهن کي غائب طور استعمال ڪجي ٿو. 'آءٌ' لاءِ پاڻ فرمائين ٿا ته 'آءٌ' عربي "أنا" جو سنڌي نمونوي آهي، ۽ منصوره ۽ ديبل ۾ عربن جي موجودگيءَ ڪري ڪم اچي ويو! اهو خيال به سندن انهيءَ نظريي تي ٻڌل آهي ته عربن کان اڳ سنڌيءَ ۾ نه فعل هئا، نه ضمير- مطلب ته سنڌي گونگا هئا! رڳو حرف صحيح ۾ پنهنجو مطلب ادا ڪندا هئا، ۽ جيئن ته 'آءٌ' ۾ سمورا حرف علت آهن، ان ڪري يقيناً عربيءَ مان اصليت اٿس!

'آءٌ' لفظ سنسڪرت جي 'اهم' لفظ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'آءٌ'. انهيءَ 'اهم' منجهان انگريزي 'آئي' (I)، اٽالين 'آئيو'، گجراتي 'هون'، ماگڌي 'هنئون' ۽ سنڌي "آءٌ" نڪتل آهن. ان جي هڪ جُز 'م' منجهان سنڌي 'مون'، انگريزي 'مي' (Me) وغيره نڪتل آهي، جنهن جي نحوي صورت هوبهو ساڳي آهي، جيئن اڳتي مثالن منجهان ثابت ڪندس.

سنسڪرت 'اهم' لفظ مختلف پراڪرتن ۾ مختلف صورتون اختيار ڪيون آهن، پر انهن صورتن ۾ لساني اصولن موجب ڪو خاص فرق نه آهي. پراڻيءَ ماگڌي پراڪرت ۾ ان جي صورت آهي "هنئون" ڏهين صدي عيسويءَ جي هڪ ماڳڌي (بهار علائقي جي) شاعر "سدّ تلو پاد" جو هڪ شعر هيٺ مثال طور ڏجي ٿو:

"هنئون جُڳ، هنئون ٻُڌّ، هنئون نرنجن،
هنئون امڻس آريؤ پنجڻ!"

(آئون جُڳ، آئون ٻُڌ، آئون نرنجڻ، آئون امڻس ۽ پؤ- پجڻ!)

- يعني 'آءٌ ئي دنيا آهيان، آءٌ ئي ٻُڌ آهيان، آءٌ ئي نرنجن ايشور آهيان، آءٌ، آءٌ مانسڪ اڪرتا آهيان، آءٌ ئي پؤ پجندڙ يعني ڏک دور ڪندڙ آهيان'.

['ڪهاڻي'، بمبئي، ڏياري نمبر، 1959ع، ص 137]

گجراتيءَ ۾ ان جي صورت آهي'هون'، ۽ سنڌيءَ ۾ آنءُ يا آئون، انهن

صورتن جي نہ رڳو لساني صورت هڪجهڙي آهي (چاڪاڻ تہ سنڌيءَ ۾ ڪيترن سنسڪرت لفظن جي ’هہ‘ منجهي ’آ‘ ٿي ويندي آهي)، پر انهن جي نحوي صورت بہ ساڳي آهي. هت آءٌ فقط گجراتيءَ جو ٿي مثال ڏيندس، جو اهو ٿي هن وقت منهنجي سامهون آهي. سنڌيءَ توڙي گجراتيءَ ۾ ضمير واحد متڪلم جون ٻہ صورتون آهن: سنڌيءَ ۾ ’آءٌ‘ ۽ ’مون‘. ۽ گجراتيءَ ۾ ’هون‘ ۽ ’مَين‘. اهي ٻئي صورتون سنسڪرت جي ’اهم‘ ۽ ’م‘ مان نڪتل آهن. سنڌيءَ جو ’مان‘ سنسڪرت ’ميا‘مان نڪتو آهي، ۽ ان جي نحوي صورت فعلي حالتن کان آزاد آهي_ ۽ ’آءٌ‘ کان مختلف پر وسيع آهي. انهن جي باهمي فرق جو پتو چٽيءَ طرح فعلن جي حالتن ۽ زمانن منجهان پوي ٿو. هت آءٌ انهيءَ فرق کي واضح ڪرڻ لاءِ فقط هڪ ٿي مثال ڏيندس، ۽ اهو آهي زمان ماضيءَ جو مثال. ٻين زمانن ۾ جيئن تہ ’مون‘ جو استعمال ڪو نہ ٿو ٿئي، ان ڪري اهو هڪڙو ٿي مثال ڪافي سمجهان ٿو. جيڪڏهن فعل متعدي آهي تہ ان جي زمان ماضيءَ ۾ ضمير متڪلم واحد هميشہ ’مون‘ (يا ’مان‘) ڪم ايندو ۽ نہ ’آءٌ‘، پر جيڪڏهن فعل لازمي آهي تہ ’آءٌ‘ (يا ’مان‘) ڪم ايندو ۽ نہ ’مون‘ مثال طور، م’مُون رپيو ڏنو‘ يا ’مون ماني کاڌي‘ اتي ’مون‘ جي بدران ’مان‘ ڪم آڻي سگهجي ٿو(چاڪاڻ تہ اهو فعل جي حالت کان آزاد ۽ مبني آهي)، پر انهن جملن ۾ ’آءٌ‘ استعمال ڪرڻ غلط آهي. ’آءٌ رپيو ڏنو‘ يا ’آءٌ ماني کاڌي‘_ سنڌيءَ ۾ اهو استعمال غلط آهي. ٻئي طرف، فعل لازميءَ ۾ ان جو استعمال بلڪل ابتڙ آهي ’آءٌ آيس‘ يا ’آءٌ ويس‘ —اهي جملا صحيح آهن_اتي ’مون‘ ڪم آڻڻ غلط ٿيندو. (’مان‘ ضمير، ٻنهي قسمن جي فعل ۾ استعمال ٿي سگهي ٿو) هوبهو ساڳي نحوي ڪيفيت گجراتي ’هونءَ ۽ ’مين‘ ضميرن جي آهي. فعل متعديءَ ۾ سنڌيءَ جي ’مون‘ بدران ’مين‘ ڪم ايندو ۽ لازمي فعل ۾ سنڌي ’آءٌ‘ جي جاءِ تي ’مون‘ ڪم ايندو. ان جي ابتڙ استعمال، سنڌيءَ وانگر غلط ٿيندو.

مثال:

1) مين ريپيو آپيو.

(مون ريپيو ڏنو)________________ متعدي

2) هون آوبو.

(آءٌ آيس)______________________ لازمي

پهرئين مثال ۾ 'هون' استعمال ڪرڻ غلط آهي، ۽ ٻئي مثال ۾ 'مين' ڪم آڻڻ غلط ٿيندو. هنن مثالن ۽ وضاحت مان اميد ته پڙهندڙن توڙي ڊاڪٽر صاحب جن کي معلوم ٿي ويو هوندو ته اهي لفظ 'آءٌ' ۽ 'هون' نه صرف معنوي ۽ لساني اعتبار کان ساڳيا آهن، پر انهن جي سموري نحوي ڪيفيت پڻ اها ئي ساڳي آهي. ظاهر آهي ته انهن ٻنهي جو ماخذ ساڳيو آهي- ۽ اهو ماخذ آهي سنسڪرت 'اهم'، ۽ نه عربي 'انا'!

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ جي پڇاڙين متعلق جيڪي فرمايو آهي، سو به صحيح نه آهي. مون اڳي ئي سنسڪرت فعلن جي پويان ضميري پڇاڙين جا مثال ڏنا آهن، ۽ اهو ثابت ڪيو اٿم ته اسان جون سموريون پڇاڙيون هوبهو سنسڪرت واريون آهن- ۽ سنڌي انهن کي قائم رکندي آئي آهي. انڊو- يورپين ٻولين جي تاريخ مان پتو پوي ٿو ته شروع شروع ۾ سمورين ٻولين جي فعلن ۾ اهي پڇاڙيون ڳنڍيل هيون، ۽ ٻوليون ارتقا ڪنديون اهي پڇاڙيون ڇڏينديون آيون آهن، ۽ اڄ يورپي ٻولين ۾ ڪو ڇڏو مثال ملندو جنهن ۾ اهي پڇاڙيون قائم هجن. هندستان جي ٻولين ۾ سنڌي، ڪشميري ۽ سرائڪيءَ ۾ ئي اهي ئي پڇاڙيون قائم آهن. ڪشميريءَ جون پڇاڙيون به هڪ انوکي تاريخ رکن ٿيون- مثلاً 'مورم'='مون ماريو'، وغيره. انهن پڇاڙين جو استعمال ساڳيو آهي، پر نحوي صورت مختلف اٿن. محض ان ڪري ته عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ اهي پڇاڙيون ڪم اچن ٿيون، تنهن ڪري سنڌيءَ کي عربيءَ کان (يا فارسيءَ معرفت عربيءَ کان؟) مليون آهن- اهو ته ڪو دليل ڪونهي. عربيءَ جو فارسيءَ تي به اثر رهيو آهي، ۽ ڪيترا عربي لفظ فارسيءَ جو جز

ٻنهي ويا آهن، پر شايد خود ڊاڪٽر صاحب ﺑﻪ اها چوڻ جي جرات ڪو نہ ڪندو تہ فارسيءَ جون اهي پڇاڙيون عربي اثر جو نتيجو آهن. پوءِ سنڌيءَ جي پڇاڙين کي عربي يا فارسي اثر جو نتيجو ڇو تو قرار ڏنو وڃي؟

ڊاڪٽر صاحب کي سنڌيءَ جي انفرادي حيثيت کان ايتريقدر تہ انحراف آهي. جو سنڌيءَ جي ندائي سٽا "نانگ- نانگ!" يا "چور- چورا" وغيره کي بہ عربي ندائي سٽا 'تحذير' جو نتيجو سڏيو اٿن. دنيا جي تقريباً سمورين ٻولين ۾ ندائي سٽا انهيءَ نموني جي آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي ئي ترڪيبون انسان جي بنيادي احساسن ۽ انهن جي رد عمل جو اظهار آهن. خطري ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ انسان ڪوشش ڪندو آهي تہ مددگارن کي سڏڻ وقت ڪين خطري کان آگاهہ بہ ڪري. هو ان ڪري خطري واري لفظ کي دهرائڻ سان ئي هو پنهنجو اهو مقصد بهتر نموني سان ادا ڪري ٿو. ان کي فقط عربيءَ جو ورثو ثابت ڪرڻ عجيب منورتيءَ جو مظاهرو آهي، ۽ انساني نفسيات ۽ ٻولين جي نحوي ترڪيب کان اڻڄاڻائيءَ جو ثبوت. انگريز جيڪڏهن 'fire, fire!' ۽ 'help, help!','thief, thief!' چوي ٿو تہ انسان جي خطري جي احساس جي شدت کان، ڇاڪاڻ تہ خطري کان آگاهيءَ جو اهو ئي هڪ موزون طريقو هن وٽ آهي- ان ۾ عربيءَ يا ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جي اثر کي ڪو بہ دخل ڪونهي!

ڊاڪٽر صاحب 'تعميري دور' متعلق جيڪي ڪجهہ فرمايو آهي، ان لاءِ آءٌ صرف هي عرض ڪندس تہ جيڪي بيت يا ڏوهيڙا اسان جي قديم شاعريءَ ۾ ملن ٿا، انهن ۾ اسان کي عربيءَ جوا ثر ڇو ڪين ٿو ملي؟ ڊاڪٽر صاحب آڳاٽن شاعرن جا جيڪي بيت ڏنا آهن، انهن مان ڪنهن هڪڙي ۾ بہ ڪو هڪڙو بہ عربيءَ لفظ ڪو نہ ٿو ملي، انهيءَ کان پوءِ جي شاعريءَ ۾ پاڻ عربيءَ جا ڪجهہ لفظ ۽ مذهبي ترڪيبون ملن ٿيون. شاعر ۽ سگهڙ زبان جا صحيح نمائندا آهن، ۽ اسان جن شاعرن ۽ سگهڙن هميشہ عوام جي ٻوليءَ ۾ شعر چيو آهي؛ ۽ پراڻي شاعريءَ جي مطالعي مان اهو ئي ثابت ٿئي ٿو تہ

عوام جي زبان تي ۽ پراڻيءَ سنڌي شاعريءَ ۽ ان جي فن تي عربيءَ ۽ فارسيءَ کي قبول ڪيو ته فقط درباري شاعرن ۽ ٻولڙين. عوام جو ان سان ڪو تعلق ڪو نه رهيو. خود 'شاهه' اهڙن ماڻهن تي سخت طنز ڪئي آهي. عوام فقط اهي ٿورڙا عربي ۽ فارسي لفظ قبول ڪيا. جيڪي مذهبي تحريڪن ذريعي هنن جي ٻوليءَ ۾ سمائجندا ويا. عوام ئي زبان کي ناهيندو ڊاهيندو آهي. جيڪڏهن عربيءَ جو ڪو ايترو گهرو اثر عوام جي زبان تي ٿئي ها. ته اهو يقيناً قديم عوامي شاعرن جي ٻوليءَ ۽ شاعريءَ ۾ ظاهر ٿئي ها_ ڇاڪاڻ ته اهي عربي دور جي بنهه ويجهي زماني جا شاعر هئا.

ڊاڪٽر صاحب جيڪو مثال اٺين صديءَ جي شاعريءَ جو ڏنو آهي_

"جَرَ نه ڪٽن ڪنگرين، راوَ نه ڳنڊيين ويڙ،

گولي وٺي گجرين، توءِ چوندا دودي پيڙ!"

_ ان ۾ ته عربيءَ يا فارسيءَ جو اڻلڳو اثر به ڪو نه ٿو ملي، جيڪڏهن عربيءَ جو سنڌيءَ تي ڪو بنيادي اثر ٿئي ها ته يقيناً ان وقت جي ان شاعريءَ ۾ ظاهر ٿئي ها. مٿيون شعر ته سڄو سنئون خالص سنڌي شعر آهي، جنهن جي هر لفظ جو ڌاتو سنسڪرت آهي، جنهن جي شعري ترڪيب 'دوهي' جهڙي آهي، جنهن منجهان خالص سنڌي تمدن جهاتيون پائي رهيو آهي: ان هوندي به ڪو چوي ته سنڌيءَ تي عربيءَ جو ڪو بنيادي اثر ٿيو آهي، ته اها محض ڏاڍ مڙسي ٿيندي.

آخر ۾ آءٌ ڊاڪٽر صاحب کان معافي گهرندي، وري به هيءَ عرض ڪندس ته سنڌي ٻوليءَ ۽ سڀيتا جي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي ته اسين ڪنهن به ذاتي پسند ۽ رجحان کي پاسيرو رکي، خالص ادبي ۽ علمي نقطہ نگاهه کان ان جي تاريخ ۽ ارتقا کي جاچيون: اڳ قائم ڪيل مفروضن کي ڇڏي، حقيقت پسندانه رويي سان ان جي تحقيق ڪريون، ۽ ڪنهن ڌارينءَ قوم ۽ ڌارئين تمدن تي فخر ڪرڻ بدران پنهنجي ئي ملڪ، ٻوليءَ ۽ تمدن تي فخر ڪريون_ (تازو هڪ ڪتابڙو "ملتاني زبان ڪيا هي؟" سيد علي شاهه

ملتانيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ان جي پڙهڻ جو مشورو آءٌ ڊاڪٽر صاحب کي ضرور ڏيندس). سنسڪرت کان اسان جي ڪن عالمن کي هرو ڀرو چڙ آهي. ورنہ ڪو سبب نہ آهي تہ هو علمي تحقيق ۾ ٻاهرين ۽ اوپَرين ڳالهين کي چڪي آڻين. سنڌيءَ ۾ جيڪڏهن عربي ۽ فارسي امتزاج آهي، تہ ان يقيناً اسان جي ٻوليءَ جي لفظن کي شاهوڪار ڪيو آهي. اڄ اسان جي زبان ٻن رنگن ۾ رڱيل آهي: هڪ اهو جنهن ۾ سنسڪرت جي لفظن کي خواهہ مخواهہ آندو وڃي ٿو ۽ ٻيو اهو جنهن تي عربي ۽ فارسي لفظن جو مارو آهي. (منهنجو مضمون بہ انهيءَ ڪمزوريءَ جو بيمار آهي، جنهن لاءِ افسوس اٿم). اڃو تہ اهڙي سنڌي ٻولي پيدا ڪريون، جنهن ۾ ڪو رنگ سواءِ سنڌيءَ جي نہ هجي، جنهن تي اسين فخر ڪريون، ۽ جنهن جي تمدن تي اسين بجا طور ڳاٽ اوچي ڪرڻ جا مستحق ٿيون.

[مهراڻ - 1959/4ع]

پروفيسر واءِ. ايس. طاهر علي

# رسم الخط جي تاريخ

'الف ب' جي ايجاد بابت ڪيترين ئي غلط فهمين ٿي ويون آهن. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته موجوده ٻولين جي 'حرفن' جي ايجاد جو سهرو چين وارن جي سر تي آهي، ۽ اڪثر ماڻهن کي ان جو يقين آهي ته 'حرفن' جا موجد اهل 'فينيشيا' آهن. مگر دراصل ائين نه آهي؛ انهن جا موجود اهل مصر ئي آهن. پر ان کي چنڊي چاڙهي سڌي رستي تي آڻڻ وارا اهلِ فينيشيا آهن.

سڀ کان اول مصر وارن. حروف جي ضرورت کي محسوس ڪيو. ڇاڪاڻ ته اهي جانورن جي پوڄا ڪندا هئا؛ تنهن ڪري حيوانن جي تصويرن کي ئي اظهار جو ذريعو بڻايو ويو. ڪن هنڌن تي جتي جانورن سان ڪم نٿي هلي سگهيو. اتي اهڙين شين جي تصويرن کي اختيار ڪيو ويو. جي عام طرح سان ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. اهڙيءَ طرح انهن هڪ مڪمل 'الف ب' بڻائي ۽ ان جو نالو 'مقدس حروف' رکيو. انهن ئي 'مقدس حروف' کي يوناني زبان ۾ 'هيرا گلفڪ' سڏجي ٿو.

جيئن ته 'هيرا گلفڪ' خط ۾ تصويرون ئي تصويرون هيون، ۽ ان جو جلد ۽ سهولت سان لکڻ به ممڪن نه هو. تنهن ڪري ان جا ٻه قسم ڪيا ويا: هڪ "هيراٽڪ"، جو صرف مذهبي ڪمن لاءِ مخصوص هئي؛ ٻي "ڊيماٽڪ"، جا عام ڪمن لاءِ استعمال ڪئي ويندي هئي. جهڙوڪ اڄڪلهه 'موڙي' ۽ 'بالبوڌ' (مرهٽي)، پنجابي ۽ 'گورمکي' وغيره مذهبي ۽ دنيوي ڪمن لاءِ جدا جدا ڪم اچي رهيون آهن.

'هيراٽڪ' ۽ 'ڊيماٽڪ' حروف. معنيٰ جي لحاظ کان ٻن قسمن جون هيون. آئيڊوگرافڪ (Ideographic) يعني "ڪاشف الخيالات" ۽ فونڪ (Phonic) يعني "ڪاشف الصوت". اڳتي هلي انهن ۾ به هرهڪ کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو. يعني 'آئيڊوگرافڪ' ۾ هڪ حصو. اهڙي قسم جي تصويرن تي مشتمل هو. جي جنسي هوبهو اهي ئي شيون معلوم ٿي سگهيون ٿي: مثلاً ☼

مان 'ستارا' وغيره. ٻئي حصي ۾ اهڙي قسم جا نشان رکيا ويا، جن مان صرف مشابهت جو اظهار مقصود ٿي سگهيو ٿي. ☼ + نشان مان مطلب 'رات' ورتائون. يعني آسمان ۽ ان جي هيٺان ستارو، ڇاڪاڻ ته ستارو آسمان تي رات جو ئي نظر اچي ٿو.

'فونڪ' مان هڪ ته اهو حصو علحدو ڪيو ويو، جنهن مان صرف آواز معلوم ٿئي، مثلاً: 'آ- او- اي' وغيره ۽ ٻيو اهو حصو جنهن مان هرهڪ مرڪب آواز جا مختلف حصا معلوم ٿي سگهن، مثلاً 'هائي- ها- هو' وغيره. اهڙيءَ طرح پندرهن حروف تيار ٿي ويا. مگر مشڪل ڳالهه اها ٿي جو آواز ايڪيهه ٿي هئا، تنهن ڪري پندرهن شڪلين مان ايڪيهه حروف بڻايا ويا ۽ ان مان ڪي آواز اهڙا به هئا، جن لاءِ هڪ کان وڌيڪ حرف به موجود هئا.

جيئن تمدن ۽ تهذيب ۾ واڌارو ٿيندو ويو، تيئن لکڻ پڙهڻ جي ضرورت وڌڻ لڳي ۽ انهن حرفن جي لکڻ پڙهڻ ۾ تڪليف ٿيڻ شروع ٿي: تان جو جدت پسند طبيعت وارن انهن حرفن جي صورت ۽ شڪل ڪي ضايع ڪري، ماڳهين هڪ ٻيو نمونو پيدا ڪري ڇڏيو. مصر جي فرعونن، انهن حرفن ۾ ٻين ڏهن حرفن جو پڻ اضافو ڪري ڇڏيو. سيني کان اول، جن مصري حرفن کي سکيو ۽ ان ۾ ڦيرڦار ڪئي، اهي 'اهل فينيشيا' ئي هئا، ڇاڪاڻ ته هيءَ قوم مصرين سان تجارتي تعلقات رکندي هئي، تنهن ڪري هڪ ٻئي جي تمدن ۽ تهذيب کان واقف ٿي چڪيون هيون. فينيشيا وارن، حيوان پرست مصرين وٽ رسم الخط جهڙي هڪ ڪمائتي شيءِ ڏسي، ان کي اخذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ان کي ڪجهه ڦيرائي گهيرائي پاڻ سان ملائي ڇڏيائون. ان سلسلي کي، دنيا جي اڳيان پيش ڪندي، ائين ڪندي به ڪونه ڇيائون ته اسين ڪو ان جا موجد آهيون. جيئن ڪن ڪوتاهه- بين مصنفن 'اهل فينيشيا' جي سر تي ايجاد جو سهرو ٻڌو آهي. دراصل اهي موجد نه آهن، بلڪ مصري موجد آهن.

ڪن ماڻهن جو اهو خيال ته اهل فينيشيا، مصري حروف کان علاوه خود هڪ نئين طرز جي حروف جا موجد آهن. حقيقت ۾ اها دعويٰ به غلط آهي. البت اهلِ فينيشيا مصرين کان حرفن وٺڻ کان پوءِ، بهرين بهرين شڪليون اهي ئي

قائم رکيون، پر انهن جا نالا بدلائي ڇڏيائون. ڪجهه 'فونيشن' لکيتون دستياب ٿيون آهن. اهي خود ان ڳالهه جي شاهدي ٿيون ڏين ته انهن جي حروف جي شڪل بلڪل مصري 'هيرائٽڪ' سان ملي ٿي. انهن شڪلين جي لکڻ ۽ پڙهن کي ڪوتڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو هو. تنهن ڪري ان ۾ ڪجهه جدت ته فينيشيا وارن ڏيکاري، پر جيڪي باقي ڳالهيون انهن کان رهجي ويون هيون. انهن کي عبرانين پورو ڪري ڇڏيو.

خط 'حمير' جو مديني وارن بشير بن عبدالملڪ کان سکيو هو، سو خط 'ڪوفي' سڏجڻ لڳو. جڏهن ڪوفي جي نالي کان ڪوئي به واقف نه هو. اهلِ مديني مان جزم بن عمره، خط حمير يا خط ڪوفيءَ کي نئون لباس پهرايو ۽ اهو خط 'خطِ جزم' بنجي ويو. گويا مديني ۾ هاڻي 'حمير' جو خط باقي نه رهيو. ان جي جاءِ تي 'خط جزم' رائج هو. پر اهو به سن ٻي هجريءَ تائين بلڪل بيڪار رهيو، ڇاڪاڻ ته ان جي ضرورت ئي نه هئي. هجرت کان پوءِ ان جي ضرورت پوڻ لڳي ۽ اهو 'خط جزم' موجود عربي خط بنجي ويو. سيدنا علي بن ابي طالب عليه السلام انهيءَ 'خط جزم' کي ڏسي، هڪ خط ايجاد ڪيو، پر اهو شهرت حاصل ڪري نه سگهيو.

حضرت عيسيٰ عليه السلام کان تقريباً ڏيڍ سؤ سال اڳي، يونانين، فونيشن حروف کي سامهون رکي، هڪ ٻئي نموني جا حروف بنايا. اهي 'حروف'. اهلِ ارم کان عبرانين ورتا ۽ ان جو "مربع عبراني" نالو رکيائون. اڳتي هلي اهي 'حروف' فونيشن جي حرفن کان بلڪل ئي مختلف ٿي پيا هئا. ڇاڪاڻ ته قديم فونيشن ۾ پهريائين ته هنن ئي تبديليون ڪيون ۽ پوءِ عبرانين جدت طرازي ڪئي، ۽ انهن سيني کان وڌيڪ اهلِ ارم حرفن جي نئين وضع بنائي ڇڏي.

"مربع عبراني" خَطَ اڳتي هلي ٻه شاخون اختيار ڪيون. هڪ ته اها جا مشرق ڏي ويئي ۽ ٻيءَ مغرب ڏي. انهن ٻنهي شاخن مغربي ۽ مشرقي آب و هوا جي اثر هيٺ اهڙي صورت بدلائي، جو هڪ کي ٻئي سان ڪو لاڳاپو ئي نه رهيو. ڇاڪاڻ ته اسان کي مشرقي شاخ بنسبت گهڻو ڪجهه لکڻو آهي. تنهن ڪري اسين مغربي شاخ کي في الحال عنحدو ڪري، ان جي بيان کي مختصر طرح

سان لکون ٿا.

مغربي شاخ ”فونيشن يا مربع عبراني“. ايشيا مائنر جي اترئين حصي مان سنڌي يونان وڃي پهتي، جتي ان بلڪل ئي نرالي صورت اختيار ڪئي، جنهن جي يادگار ۾ اڄاتائين يورپين حروف باقي آهن. اڳتي هلي، قديم يوناني حرفن کي يورپ وارن نئين قالب ۾ وڌو جو اڄا تائين موجود آهي ۽ جن سان اسان کي رات ڏينهن ڪم پوي ٿو. ان هڪ شاخ کي يورپ کان سواءِ لاطيني ماڻهن به ورتو ۽ معمولي ڦيرقار کان پوءِ بلڪل پنهنجو ڪري ڇڏيائون. حقيقت ته هيءَ آهي ته اهي حروف انهن کي پنهنجي ضرورتن آهر موافق نظر آيا.

ان طرح 'مشرقي شاخ' مان به ٻه شاخون پيدا ٿيون. _ هڪ ته اها جا عرب ۾ پهتي، ۽ ٻي اها جا ايران سهڙي. مسلمان مؤرخ ۽ محقق اُن ۾ اختلاف راءِ رکن ٿا ته آيا سڀ کان پهرئين عربي خط ۾ ڪنهن ڪتابت ڪئي[1]؟ ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته سيدنا آدم عليہ السلام کان خط ورتو ويو، ۽ ڪن سيدنا اسماعيل عليہ السلام جي خط کان. خط عربي جي وضع ٿيڻ کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ ڪي ته اولاد اسماعيل کان نزار[2] بن عدنان جي خط مان. ان خط جو اخذ ڪرڻ ثابت ڪن ٿا. مگر اسان جي راءِ موجب اها فقط خوشفهمي آهي يا محض مذهبي تخيل آهي. ڇاڪاڻ ته اسان سيدنا آدم يا سيدنا اسماعيل يا نزار بن عدنان جي خط جو هڪ حرف به اڄ تائين ڏسي نه سگهيا آهيون. ۽ نڪو ڪنهن ٻئي عالم ۽ فاضل پنهنجي تحقيق جي دوران ان قسم جي دعوىٰ کي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي.

ابن خلدون، خاطريءَ سان لکيو آهي ته: ”حمير سڀ کان اڳ خط و ڪتابت ڪئي هئي.“ پر 'حمير' اهو خط ڪنهن کان سکيو. ان متعلق خود ابن خلدون به خاموش آهي. سمجهجي ائين ٿو ته 'مربع عبراني' يا 'فونيشين' کان حمير پنهنجو خط مرتب ڪيو هو. ڇاڪاڻ ته هن کان اڳي ڪنهن به خط جو موجود

[1] السيوطي: ڪتاب الاوائل ۽ المزهر نوع 43.

[2] سيرة حلبي.

هجڻ ئي ثابت نہ ٿيو آهي. ان کان سواءِ، حميري خط جي لکڻيءَ مان فني خيال کان اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ اها هڪ شاخ آهي. عبراني يا فونيشين جي. ان کان علاوه 'حمير' ايتريقدر احسان ضرور ڪيو آهي جو ان بدصورت خط کي ڪجهہ قدر صورت ڏنائين. هن خط کي خط حمير يا حمير جو 'طريق ڪتابت' چئجي ٿو. چاڪاڻ تہ حمير گهڻو نور نچوئي، وڏي تڪليف کان پوءِ هن خط ۾ هڪ قسم جي صلاحيت پيدا ڪئي هئي. تنهن ڪري ڪوبہ شخص سندس اجازت کان سواءِ خط 'حمير' نٽي سکي سگهيو. جيڪڏهن ڪنهن بہ ان خط کي سکڻ چاهيو ٿي تہ ان کي خاص شرطن جي پابندي بہ ڪرڻي پيئي ٿي.

ان کان پوءِ، حمير کان 'تبابع' انهن حرفن کي سکيو ۽ 'تبابع' کان 'حيره' ۽ اهلِ حيره کان 'اڪيد' بن عبدالملڪ (رئيس دومة الجندل) جي ڀاءُ بشير سکيو ۽ پوءِ بشير اهو خط مڪي وارن کي سيکاريو. خلافت واري زماني ۾، 'مصاحف عثماني' ۽ احاديث 'جزم'، 'خط ڪوفي' ۾ لکيا ويندا هئا. نبوت جي زماني کان پوءِ جڏهن عرب حڪومت بصري ۽ ڪوفي کي مرڪز اسلام قرار ڏنو. تڏهن لازمي طرح سان هڪ طرح جو تمدن بہ پيدا ٿيڻ لڳو، جنهن علم ۽ فن کي بہ متاثر ڪيو. اڳتي هلي اسلامي حڪومت عرب، آفريڪا ۽ اندلس تي محيط ٿي ويئي ۽ ٻئي طرف بني عباس بغداد جو بنياد وڌو ۽ ان کي ئي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيو.

اهل بغداد، خط ڪوفيءَ کي بدلائي تيرهن خط وضع ڪيا، جن جو تفصيل هيءَ آهي: (1) خط تومار، (2) خط سجلات، (3) خط عهود، (4) خط مومرات، (5)خط امانات، (6) خط ديباج، (7) خط مديح، (8) خط مرصع، (9) خط رياش، (10) خط غبار، (11) خط رخش، (12) خط بياض، ۽ (13) خط حواشي.

اهي سڀ خط 'ڪوفي رسم الخط' کان بلڪل جداگانہ نمونا جا هئا. ان سلسلي ۾ هر خط کي استعمال ڪرڻ لاءِ ڪي خاص موقعا مقرر ٿيل هئا. ۽ هرهڪ خط لاءِ 'قلم' بہ جدا جدا مقرر ڪيل هئا. مثلاً:

خط تومار مان جلي قلم سان ڪتبا لکيا ويندا آهن، جن جا آثار، عرب جي

عمارتن تي اڃا تائين باقي آهن.

خط عهود، خط مومرات ۽ خط امانات جو قلم وچترو هو، جن سان احڪام ۽ قبالا (ڪاٻاڙا) ۽ دستاويز وغيره لکيا ويندا هئا.

خط ديباج، خط مديح، خط مرصع ۽ خط رياش، اهي خط خوشنويسيءَ لاءِ هئا.

خط غبار، خط رخش، خط بياض ۽ خط حواشي_ اهي خط هئا، جن سان قرآن مجيد ۽ ٻيا ڪتاب لکيا ويندا هئا. اهي خطوط، ٽينءَ صديءَ هجريءَ تائين هليا، مگر جڏهن ابن مقلہ[3]، نوان ڇهہ خط ايجاد ڪيا، تڏهن اهي سڀ خط ميسارجي ويا، جن جو هڪ حرف بہ اڄ نظر نٿو اچي. ابن مقلہ، خطاطيءَ جي اصولن مقرر ڪرڻ سان گڏ، هيٺيان خط پڻ ايجاد ڪيا: (1) خط مداح، (2) خط محقق، (3) خط ريحان، (4) خط ثلث ريحاني، (5) خط نسخ، (6) خط توقع ۽ (7) خط رقاع.

ابن مقلہ جا اهي خطوط تقريباً پنجاهہ سالن تائين جاري رهيا، مگر ابن بواب[4] انهن کي بہ مٽائي ڇڏيو ۽ پنهنجا نوان خط رواج ۾ آندائين.

سن 700 هجريءَ ۾ عماد الدولہ ديلميءَ جي زماني ۾ حسن بن حسين بن علي فارسيءَ، 'خط ڪاتب'، 'خط نسخ'، 'خط رقاع' ۽ 'خط ثلث' کي سامهون رکي، خط 'تعليق' وضع ڪيو، جنهن جو خط 'ترسيل'، بہ مشهور هو.

اُن زماني ۾ خواجا مير علي تبريزيءَ، خطِ نسخ ۽ 'تعليق' کي ملائي هڪ نئون خط ايجاد ڪيو، جنهن جو نالو 'نسخ_ تعليق' رکيو ويو. جو رفتہ رفتہ

---

[3] محمد بن علي بن حسين بن مقلہ سن 272 هجريءَ ۾ ٻهرين شوال تي پيدا ٿيو. فقہ، تفسير، قرائت، ادب وغيره ۾ ممتاز هو ۽ وڏو خوشنويس پڻ هو. سن 316 هہ ۾ پنهنجي خداداد لياقت سان ترقي ڪري خليفہ مقتدر عباسيءَ جو وزيراعظم بڻجي ويو. مگر ٽي دفعا قيد ٿي، شهربدر ڪيو ويو ۽ وري وزارت ۾ واپس آيو. آخر سن 326 هہ ۾ خليفہ راضي بالله سندس ساڄو هٿ ڪٽائي، کيس قيد ڪيو ۽ سن 328 هہ ۾ ڀري مجلس ۾ کيس قتل ڪرايو ويو.

[4] ابوالحسن بن علي بن هلال (بواب) چوٿين صدي هجريءَ ۾ بغداد ۾ پيدا ٿيو. ابن بواب خوشنويسيءَ جي علاوه ادب، قرائت وغيره ۾ بہ ڪمال رکندو هو. مگر خوشنويس ٿي مشهور رهيو. ڇاڪاڻ تہ هن جو پيءُ علي بن هلال بارگاهہ خلافت ۾ 'بوابيءَ' جي خدمت تي مقرر هو. تنهن ڪري هو 'ابن بواب' مشهور ٿي ويو. ابن بواب 2_جمادي الاول، خميس 423 هہ ۾ بغداد ۾ وفات ڪري ويو ۽ امام احمد بن حنبل جي پاسي ۾ دفن ٿيو.

'نستعليق' جي نالي سان مشهور ٿي ويو. خواجا مير علي جي پٽن مير عبدالله ۽ مير عمان _ هن خط ۾ ڪجهه تصرفات ڪري، هن خط کي عمدي معيار تي قائم ڪيو آهي.

خط 'نستعليق' مان بہ، بہ خط اخذ ڪيا ويا. ڇاڪاڻ تہ 'نستعليق' خط کي تحرير ڪندي ڪافي وقت ٿي لڳو، تنهن ڪري سن 1100 هه مرتضيٰ قلي شاملو، هرات جي حاڪم، خط 'شڪستہ' وضع ڪيو، جو روزانو معمولي خط و ڪتابت لاءِ آسان ثابت ٿيو هو. انهيءَ زماني ۾ مرتضيٰ قلي خان جي منشيءَ شفيعا، خط شڪست ۾ ترميم ۽ اضافو آڻي، هڪ ٻئي قسم جو ڍانچو تيار ڪيو، جنهن جو نالو 'شفيعا' مشهور ٿي ويو. ان خط ۾ خط نستعليق جون ڪي ڪي ڳالهيون وڌايون ويون هيون. خط نستعليق سان گڏوگڏ خط شڪستہ ۽ 'شفيعا' جو بہ رواج ٿي ويو، جو اڄ تائين قائم آهي. هن وقت هند، پاڪستان، عرب ۽ ايران ۾، خطِ 'نسخ'، 'نستعليق'، خطِ 'شڪستہ' ۽ 'شفيعا' وغيره رائج آهن.

[مهراڻ 3_4/ 1966ع]

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# سنڌي زبان ۾ دراوڙي لفظ

سنڌي زبان عظيم بہ آهي، تہ قديم بہ آهي. هن ۾ جيتوڻيڪ منجهہ جهڙي وسعت ۽ هماليہ کان وڌ پختگي آهي، ان هوندي بہ هوءَ بيٺل پاڻيءَ مثل نہ آهي. جيڪڏهن هوءَ بيٺل پاڻيءَ وانگر هجي ها، تہ ڪڏهوڪو فنا ٿي وڃي ها، اهڙيءَ طرح جيئن بيٺل پاڻي ڪنو ٿي، سُڪي ويندو آهي. سنڌي زبان مهراڻ مثل آهي، جيڪا پنهنجي اصليت قائم رکندي، هلڪو اثر قبول ڪندي، روان ۽ دوان رهي آهي.

سنڌي زبان پنهنجي بنيادي سٽاءَ جي لحاظ کان هر دؤر ۾ ساڳي رهي آهي. هن پنهنجي پر ڪڏهن بہ نہ بدلائي آهي. جهڙيءَ طرح سنڌي سماجهڙن پنهنجي ثقافت جا اهڃاڻ سلامت رکيا آهن، اهڙيءَ طرح سنڌي زبان بہ پنهنجي ساخت کي ثابت رکيو آهي. چوڻ لطيف جي ارشاد موجب:

"ايءَ نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائين سون تي".

دراوڙ آيا تہ دراوڙي زبان جو آواز گونجيو. آرين جي اچڻ جي ڪري آريائي زبان جو هُل هنگامو ٿيو. عربن جي اچڻ کان پوءِ عربي زبان جو چوٻول ٿيو، پر سنڌي زبان ۾ زنده رهڻ جي ايڏي وڏي قوت هئي، جو دراوڙي توڙي آريائي، ايراني توڙي عربي زبانن کي ٽِڪڻ نہ ڏنائين. دراوڙ، آريا، ايراني ۽ عرب سڀ سنڌي ٿي ويا ۽ سنڌيءَ کي ئي مادري ٻوليءَ طور قبول ڪيائون. البت ايترو ٿيو جو دراوڙي توڙي آريائي، ايراني توڙي عربي زبانن، سنڌي زبان کي ڪي سوکڙيون ڏنيون، جيڪي هن ايتريقدر قبول ڪيون، جيئن سندس سونهن سرس ٿئي ۽ ساڳي وقت سنهن۔ مهانڊي ۾ بہ فرق نہ اچي، يعني ٿورڙا لفظ سنڌي زبان ٻين مهمان زبانن جا بہ قبول ڪيا. جيڪڏهن اها رعايت نہ رکي ها تہ منجهس جيئڻ جي ايڏي سگهہ نہ رهي ها. ۽ ايڏو وقت حياتي نہ ماڻي ها. هينئر اسين هام هڻي سگهون ٿا تہ دنيا جي تختي تي فقط هڪ سنڌي زبان ئي آهي، جيڪا قديم زماني کان قائم ۽ دائم آهي ۽ ساڳئي وقت زنده ۽ سدّريل زبان بہ آهي. اڪ

ورائي ڏسبو تہ ٻيون قديم زبانون ڪنڊرن ۾ پوريل نظر اينديون.

اصل آريائي زبان مٽجي ويئي، ان مان نڪتل ساخون بہ مرده ٿي چڪيون آهن، سنسڪرت ۽ قديم ايراني مرده زبانون آهن. اصل دراوڙي زبان بہ فنا ٿي چڪي آهي، هينئر ان جون ڪي شاخون ڪٿي ڪٿي موجود آهن. قديم عراق جي زبان "سميري" بہ دڙن ۾ دفن ٿي ويئي. يهودين جي زبان "هيبرو" بہ مرده ٿي چڪي آهي، جنهن کي هينئر نئين سر جياريو پيو وڃي. سنڌي زبان عمر ۾ انهن کان بہ گهڻو وڏي آهي، پر صحيح سلامت آهي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ ڪيس زنده، مالدار ۽ سڌريل زبان جي حيثيت حاصل آهي.

موهن جو دڙو اسان جي ثقافت ۽ زبان جي قدامت جو واضح ثبوت پيش ڪري ٿو. اهو وڏي واڪي ٻڌائي ٿو تہ اڄ کان پنج هزار سال اڳ سنڌي قوم جا ماڻهو بہ سڌريل هئا تہ سندن زبان بہ ترقي يافتہ زبان هئي، عام طرح چيو ويندو آهي تہ موهن جي دڙي جا ماڻهو دراوڙ هئا. پر حقيقت اها آهي تہ موهن جي دڙي جا سمورا ماڻهو دراوڙ ڪونہ هئا. البت ڪي اهڃاڻ ملن ٿا. جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٿورا دراوڙ نسل جا ماڻهو بہ رهندا هئا. جيڪي بلوچستان جي لڪن کان لنگهي سنڌ ۾ داخل ٿيا هئا.[1]

ان مان اهوئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ دراوڙ بہ ائين ئي اچي آباد ٿيا هئا، جيئن بعد ۾ آريا ۽ عرب اچي گهر ڪري ويٺا. باقي ائين چوڻ صحيح نہ ٿيندو تہ موهن جي دڙي جا سمورا ماڻهو دراوڙ هئا. آثار قديمہ جا ماهر بہ اڃا تائين فيصلو ڪري نہ سگهيا آهن، تہ موهن جي دڙي جا رهاڪو ڪهڙي نسل جا هئا؟[2] انهيءَ ڪري اسان جيڪڏهن ائين چئون تہ موهن جي دڙي واري زماني ۾ سنڌ ۾ بنيادي طرح اصلوڪا سنڌي رهندا هئا تہ غلط نہ ٿيندو. البت ڪجهہ قدر دراوڙ بہ پوءِ اچي رهيا.

دراوڙي زبان تہ سنڌ ۾ هلي ڪانہ سگهي، پر ايترو ٿيو جو دراوڙي زبان جا ڪجهہ لفظ سنڌي زبان ۾ رائج ٿي ويا. اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح آريائي ۽ عربي

[1] The Wandr That was India- by A. L. Basham. P. 24.
[2] The Gazetteer of Sind- Dr. H. T. Sorley. 1968. P. 114

زبانن جا لفظ بعد ۾ رائج ٿيا. ڳولها ـ ڦولها ڪان پوءِ دراوڙي زبان جا جيڪي اهڃاڻ ۽ آثار هٿ آيا آهن. انهن جي هت اپٽار ڪئي وڃي ٿي. اميد تہ ٻوليءَ جي کوجنا جي سلسلي ۾ هن ڪوشش کي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو.

**آوي:** سنڌيءَ ۾ ڪنڀر جي ٿانون پچائڻ جي ڀٺيءَ کي "آوي" چيو ويندو آهي. هي لفظ بہ دراوڙي زبان جو معلوم ٿئي ٿو. "ڪناري" زبان ۾ ڪنڀر جي ٿانون پچائڻ جي ڀٺيءَ کي "آوي" چيو ويندو آهي. ٻين دراوڙي زبانن جهڙوڪ: "تلنگو"، "آوامو" ۽ "تولو" ۾ ساڳي معنيٰ لاءِ "آوے" لفظ ملي ٿو. پنجابيءَ ۾ هن معنيٰ لاءِ "آوا" ۽ هنديءَ ۾ "آوهہ" آهي. سنڌيءَ ۾ "آوهہ" لفظ بہ ڪم ايندو آهي، ۽ ان جي اصطلاحي معنيٰ "مصيبت" ورتي ويندي آهي. چيو ويندو آهي: "ڪهڙيءَ آوهہ ۾ اچي ڦاٿو آهيان."

**آرس:** سنڌيءَ ۾ سستي، ڪاهلي ۽ ٿڪاوٽ کي چيو ويندو آهي. سست ۽ ڪاهل کي آرسي چيو ويندو آهي: هيءُ لفظ بہ دراوڙي زبان جو معلوم ٿئي ٿو. تامل زبان ۾ هن معنيٰ لاءِ "آلشو"، مليالم، الشال ۽ ڪناري ۾ "السڪا" آهي. سنسڪرت ۾ هن معنيٰ لاءِ لفظ "السا" ملي ٿو. ان مان پائنجي ٿو تہ هي لفظ مقامي زبانن جي ذريعي سنسڪرت ۾ داخل ٿيو هوندو.

**جم:** سنڌيءَ ۾ ڏاڍي ڏوَ کي "جَمُ" چئبو آهي. جڏهن ڏاڍو ڏڌُ ڪبو آهي، تہ چئبو آهي: "جَم" اچي ويو. دراوڙي ٻولين: گونڊي، ساسورا، سنٿالي ۽ منڊاري وغيرہ ۾ "جم" معنيٰ "ڪاڏو".

**چند:** هي سنڌي لفظ سنسڪرت "چندر" مان نڪتل ٻڌايو ويو آهي، پر ڪن محققن جو خيال آهي تہ اهو لفظ دراوڙي زبان مان سنسڪرت ۾ آيل آهي. ڇاڪاڻ جو دراوڙي زبان ۾ ساڳيءَ معنيٰ لاءِ "چندر" ۽ "چندرن" لفظ موجود آهن. انهيءَ ڪري سنڌي لفظ "چند" کي سنسڪرت لفظ "چندر" مان نہ، پر دراوڙي لفظ "چندرن" مان نڪتل سمجهڻ گهرجي.

**پڙهڻ:** سنڌي لفظ "پڙهڻ"، سنسڪرت لفظ "پٺ" مان نڪتل ڏيکاريو ويندو آهي. حالانڪ ٻين آريائي زبانن ۾ ان نموني جو لفظ ڪونہ ٿو ملي. فارسيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ "خواندن" يونانيءَ ۾ "مليٽو"، شيپ ٻسو ۽ لاطيني ۾ ليشو لفظ

ملن ٿا. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هيءُ لفظ يا ته نيٺ سنڌي آهي، يا وري دراوڙي لفظ مان ٺهيل آهي.

**ڪنيار:** سنڌي لفظ "ڪنيار"، سنسڪرت: ڪنڀ + ڪار مان جڙيل ڏيکاريو ويو آهي. دراوڙي ٻولين ۾ "ڪمبار" ساڳيءَ معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو. انهيءَ ڪري سنڌي لفظ "ڪنيار" کي دراوڙي "ڪمبار" سان ملائڻ گهرجي. ان جو اشتقاق ٿيندو: ڪمب+ آر.

**ناريل:** هيءُ لفظ سنسڪرت لفظ "نار گل" مان نڪتل نه آهي، پر دراوڙي "ناريڪ لا" مان نڪتل معلوم ٿئي ٿو. عربي زبان ۾ به هيءُ لفظ "نار جيل" ٿيو آهي.

**سالي:** دراوڙي زبانن ۾ "ساورا" ۽ "سيلو" معنيٰ عورت. انهيءَ ڪري ڀانئجي ٿو ته اسان جو لفظ "سالي" دراوڙي مان آيل آهي.

**پيٽ:** هن معنيٰ لاءِ سنسڪرت ۾ لفظ آهي "جٺر" ۽ دراوڙي زبان ۾ آهي "پوٽا". انهيءَ ڪري معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ لفظ به دراوڙي زبان مان آيل آهي.

**لوهه:** سنسڪرت ۾ هن معنيٰ لاءِ لفظ آهي "لوهيم". دراوڙيءَ ۾ آهي "لوها". ان مان ڀانئجي ٿو ته هيءُ لفظ به دراوڙيءَ مان آيو آهي.

**ڪُهڻ:** سنڌيءَ ۾ "چوڻ" لاءِ "ڪهڻ" به استعمال ٿيندو آهي. ان جو بنياد دراوڙي لفظ "ڪو" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: "چوڻ".

**آچر:** آچر لاءِ عام طرح چيو ويو آهي ته اهو سنسڪرت (آدتيه= سج + وار = ڏينهن) مان جڙيل آهي، حالانڪ "آدتيه" سج جي معنيٰ ۾، ۽ "وار" ڏينهن جي معنيٰ ۾ ڪنهن به آريائي ٻوليءَ ۾ ڪونهي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته يا ته هي لفظ نيٺ سنڌي آهي، يا دراوڙي لفظ جي بگڙيل بناوت آهي.

**گهوڙو:** هيءُ لفظ به سنسڪرت مان نڪتل ڏيکاريو ويندو آهي. حقيقت ۾ اهو دراوڙي لفظ "گورم" مان ٺهيو آهي.

اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترا لفظ دراوڙي نسل جا معلوم ٿين ٿا. انهن جو وچور هيٺ ڏنو وڃي ٿو.

| دراوڙي | سنڌي | دراوڙي | سنڌي |
|---|---|---|---|
| ڊير | ڍير | سونٽي | سينڊ |
| نيل، نير | نير= پاڻي | ونڪيالا | واڳڻ |
| انم | ان | گڊا = بصر | ڳنڊا (بصرن جا) |
| لون | لوڻ | روڪم | روڪڙ |
| نٽيا، تو = باهه | سنڌي لفظ ٽوءِ، ٽپڻ ۽ ٽپ – باهه سان يا گرميءَ سان تعلق رکن ٿا. | جهمر<br>پنجاري<br>نائينده<br>ودو= گهر<br><br>مچي | جهمر<br>پيجارو<br>نائي =حجم<br>ويڙهو= گهرن جو ميڙ<br>اڏو= جاءِ<br>موچي |
| ٻگ (بروهي) | وڳ | چوٽي = وار | سنڌي لفظ: چوٽي (وارن جي) |
| ڏاچي (") | ڏاچي | – | – |
| هور | ڏور | چاندني | چاندي |
| مثيل | مور | چونم | چونو |
| پٽو | پٽ = ريشم | منجم | منجي |
| اٽي | اٽي = سٽ جي | سل | سر |
| | ويڙهي | تاليڪا | تالهي |
| سپل | چپل | ڏادلا | ڏولي |
| ليجا | لير | چاٽي، شاٽي | چاڏي |
| ڪنڪم | ڪنگڻ | گجلا | گجري |
| موديرا | منڊي | ويٽي | وات |
| موتو | موتي | بيلا | ويلو |
| وهيڙا، وحيرا | هيرا | ڪاتو، ڪادو | ڪاتي |
| چلو (بروهڪيءَ ۾) | چلو | سل | سر |
| پيڊ، بوڏو | وڏو | ڏولا | ڏولي |

ان هوندي بہ سنڌي زبان جي سٽاءَ دراوڙي زبانن واري نہ آهي. سنڌي زبان جي سٽاءَ دراوڙي ٻولين جي مزاج کان مختلف آهي، ۽ ڏيکاري ٿي تہ سنڌي زبان دراوڙي ٻڻ_ بنياد مان نہ آهي. پيٽ لاءِ ٻنهي ٻولين جا ننڍا جملا ڏجن ٿا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| مان آهيان | نن ارو ڪڙڻ | اهي آهن | اوار گال ارو ڪڙير گال |
| تون آهين | نن ارو ڪڙائي | ڇا | ايتا، مدا، ائيا |
| هي آهي | اون ارو ڪڙاڻ | ڪير | يان يائو، آرو |
| اسين آهيون | نائيگال ارو ڪڙم | ڇو | اين تيڪا، متڪا |
| توهين آهيو | نائيگال ارو ڪڙير | ويجهو | يار، يائو، آرو |
| _ | گال | هيٺ | ڪير ڏيکي |
| _ | _ | مٿان | ميلي، ميني |

دراوڙي انگن جا ڪجهہ اهڃاڻ بہ ملن ٿا. ڏيتي ڏڪر راند ۾ پارجيڪر ٻڪٽ، لين، مون' وغيره چوندا آهن، اهي دراصل دراوڙي انگ آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ گهڻو گهڻو اڳ جڏهن دراوڙ اڃي سنڌ ۾ رهيا هئا، تڏهن اهي انگ ٻاراڻي راند ۾ رائج ٿيا. انهن انگن جي اُپتارَ اکيڙ هيٺ ڏجي ٿي:

1_ ٻڪٽ يا اڪٽ: دراوڙي ٻولي "ڪولامي" ۾ اوکوڊ = هڪ

= = = = "تلنگو" ۾ اوڪتي = هڪ

2_ لين: اندو(ملائي): ايندو (تلنگو) = ٻہ.

3_ مون: موندرو(تامل): منو (ملائي)؛ موندن (ڪولامي)؛ موندر (تلنگو)= ٽي.

4_ نار: نالو (تامل)؛ ننگو (تامل)؛ نال (تامل)؛ نالو (ملائي)؛ نالين (ڪولامي)؛ نلنگو (تلنگو)= چار.

5_ آر: آرو ارو(تامل)؛ ارو (ملائي)؛ آر (ڪولامي)؛ آرو (تلنگو)=ڇهہ.

6_ وهي (وئي): ايرو (تامل)؛ ٻيرو (ملائي)؛ ٻيدو (تلنگو) =ست.

7_ يڪ (ڄڱ): ايٺ (تامل)؛ ييٺ (ملائي)؛ نييدي (تلنگو) =اٺ.

[مهراڻ 1_2 / 1973ع]

ليلو رچنداڻي

# يوناني ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سٻنڌ

زماني جي ڊوڙ ۾، سنڌي قوم، دنيا جي ٻين ڪيترين قومن سان لهه وچڙ ۾ پئي آئي آهي. ڪي قومون، سنڌ کي هڪ سرسبز ملڪ سمجهي، مٿس ڪاهون ڪري پئي آيون؛ ته ڪن قومن وٽ وري اسان جا سنڌي وڻجارا، وڻج واپار جي لحاظ کان پئي ويا آهن. ان ڏس ۾، اتهاس مان ڪيترائي حوالا وقت بوقت پئي مليا آهن. انهيءَ لهه _ وچڙ جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي به گهرو پئي رهيو آهي. جڏهن به ڪي ٻه قومون، هڪٻئي جي سٻنڌ ۾ ايندڙيون آهن، تڏهن اهي هڪٻئي سان ڪجهه قدر پاڄيءَ وات به رکنديون آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا اکر مروج ٿي ويا آهن، جي اُصل ۾ سنڌس نٿا ڏسڻ ۾ اچن، اهي ڪن ٻين ٻولين جي ئي عنايت آهن.

يوناني ۽ سنڌي ٻولين جو به هڪٻئي سان چڱو سٻنڌ پئي رهيو آهي، هن وقت سنڌيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا اکر دخل ڄمائي چڪا آهن، جي يوناني ٻوليءَ سان واسطو رکن ٿا؛ جيتوڻيڪ اُهي يوناني قوم جي معرفت نه، پر انگريز قوم جي معرفت سنڌيءَ ۾ آيل آهن ۽ انهن اکرن مان ڪجهه اکر هي آهن:

1) **وگيان (سائنس) سان واسطو رکندڙ اکر:** ائلوپٿي، نيچروپٿي (قدرتي علاج)، آڪسيجن، آيوڊن، بئراميٽر (هوا ماپ)، ٿرماميٽر (گرمي ماپ)، ٿرماس، ٽانڪ، ٽيليگراف، ٽيلي پيٿي، ڪلورو فارم، ڪلورين، فون، فوٽو، مارفيا، ميگافون، مائڪروفون، مائڪرو اسڪوپ (خوردبيني)، نمونيا، هوميوپٿي، هئڊروجن، هپنوٽزم، هيلي ڪاپٽر.

2) **ڏنڌي سان واسطو رکندڙ اکر:** آٽورڪشا، آٽوميٽڪ، ٽيڪنيڪل، لٿوگرافي، گرام، گرامو فون، ڊائنامو، اسٽينو گرافر.

3) **ٻيا اکر:** لاگرٿم (حسابي ڪم جي هڪ شاخ)، ٽرگناميٽري، مونوگرام ۽ ائٽلس (نقشن جو ڪتاب) _ "ائٽلس" هڪ يوناني ديو جو نالو هو، جنهن کي زيوس ديوتا سان بغاوت ڪرڻ ڪري، سڄي دنيا ڪلهن تي کڻڻ جي

سڙا ڏني ويئي هئي. پهرين، نقشن جي ڪتاب جي سرورق تي ان ائٽلس ديوتا جي شڪل ڇپي ويندي هئي، ان ڪري وقت گذرڻ کان پوءِ نقشن جي ڪتاب تي نالو پئجي ويو "ائٽلس".

اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي لفظ، سڌا سنوان ڏاريا لڳن، پر انهن کان سواءِ ٻيا به ڪيترا لفظ آهن، جي يوناني لفظن سان ميل پيا کائين ۽ ان ڪري اهو ظاهر پيو لڳي ته يونانيءَ مان سنڌي ۾ آيل آهن، يا سنڌيءَ، يونانيءَ ڪي ڏنا آهن ۽ سو به هڪٻئي سان سڌي ميلاپ واري دؤر ۾.

**سنڌين جو يونانين سان سڌو ميلاپ**

اتهاس ته ائين ٿي پئي ٻڌايو ته يونانين ۽ سنڌين جو هڪٻئي سان سڌو ميلاپ ٿيو ٿي تڏهن هو، جڏهن سڪندراعظم، هندستان جي اتر_ اولهه سرحد تي ڪاهي آيو هو. سڪندر، عيسوي سن کان 327 ورهيه اڳ، هندستان تي خشڪيءَ رستي حملو ڪري آيو هو. ان ئي سال، هو سنڌونديءَ کي پار ڪري، پنجاب ۾ داخل ٿيو. پورس سان لڙائيءَ کان پوءِ هن ٻه شهر پنجاب ۾ اڏيا؛ هڪ جهلم نديءَ جي اولهه ۾ موجوده جلال پور شهر جي ويجهو؛ ۽ ٻيو اوپر طرف. جو هن وقت مونگ جي نالي سان سڏجي ٿو. هو، اوپر طرف وڌڻ وارو ٿي هو، جو سندس فوج، گرميءَ ، بيمارين ۽ سفر جي مصيبتن کان تنگ ٿي، کيس واپس ورڻ لاءِ مجبور ڪيو. عيسوي سن کان 325 ورهيه اڳ، هو ڏکڻ بلوچستان جي رستي ، يونان ڏانهن واپس وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. پر مهراڻ جي ڪناري تي بابل نالي هڪ شهر ۾ مري ويو. سندس موت جي ڪري، يوناني فوجن مان ڪجهه فوجون، وڏي مشڪلات سان يونان ۾ وڃي پهتيون، ۽ باقي سنڌ م جدا جدا ايراضين ۾ ئي ٽڙي پکڙي وييون ۽ آخر سنڌي قوم ۾ جذب ٿي وييون. انهن ٻن سالن جي عرصي ۾، سڪندر، پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪيترن سردارن سان فوجي ۽ راڄنيتي سبنڌ جوڙيا ۽ ڪن شهرن کي آڏايو. ڪن هنڌن تي هن پنهنجا فوجي اڏا به قائم ڪري ڇڏيا. اتر سنڌ جي مالو ۽ ڪيدرڪ جاتين سان سندس ياري ٽڪر لڳو. مڪران جي اريتي قوم ٻڻ سائنس واهه جو مهاڏو اٽڪايو. عيسوي سن کان 327 سال اڳ کان 325 سالن تائين ، اهو ٻن سالن جو عرصو

جيتوڻيڪ ننڍو هو، پر ڪافي اهم تاريخي عرصو هو. ان ئي عرصي اندر، ٻنهي قومن، ٻوليءَ جي لحاظ کان هڪٻئي کي گهڻو ڪجهه ڏنو ٿو ڏسجي.

**ڪافي پراڻا سٻنڌ.**

سنڌين جا يونانين سان سٻنڌ، سڪندر جي حملي کان پوءِ واري عرصي ۾ ٿي قائم ٿيا. اهو چوڻ انهاسڪ درشٽي کان ٺيڪ نه ٿيندو. ان کان به گهڻو اڳ، يونانين کي سنڌين جو پتو هو. عيسوي سن کان اٽڪل پنج سؤ ورهيه اڳ، يونان جو مشهور تاريخ نويس هيرودوتس ٿي گذريو آهي. هن کي پڻ برصغير جي اتر اولهه (جنهن ۾ سنڌ جو ٽڪرو پڻ اچي وڃي ٿو) ايراضيءَ جي چڱي چوکي ڄاڻ هئي. هڪ هنڌ هو لکي ٿو ته "هندستاني، ريتيءَ مان سون هٿ ڪندا هئا" سڪندر سان گڏ آيل يوناني اتهاسڪارن پڻ، سنڌ جي اندر سون جي کاڻين جو ذڪر ڪيو آهي (ڏسو مئڪ ڪرنڊيل جو "اڻشنٽ انڊيا") هيرودوتس، جيڪو دنيا جو نقشو ڏنو آهي، ان ۾ باسفورس سمنڊ (يونان ويجهو) وٽ هڪ ايراضي "سنڌيڪا" جي نالي سان ڏيکاري آهي، (ڏسو 'هسٽري آف هيرودوتس' جلد ٻيو). ان "سنڌيڪا ايراضيءَ لاءِ وري يونان جي پراڻي ڊڪشنري 'هيڪائيڪا'، يونان جي قديم تاريخ نويسن ۽ روس جي موجوده محققن جو رايو آهي ته "اتي 'سنڌي'" نالي هڪ قوم رهندي هئي، جا هندستان مان آيل هئي". ان سنڌيڪا ايراضيءَ ۽ يونان جي ملڪ جا هڪٻئي سان سٺا واپاري خواهه راجدوتي سٻنڌ به هئا. جي اها سنڌيڪا ايراضي واقعي قديم سنڌين جي هڪ بستي هئي، ته پوءِ سولائيءَ سان اهو گمان ڪري سگهجي ٿو ته سنڌين ۽ يونانين جا هڪٻئي سان ناتا، سڪندر کان گهڻو اڳ ئي پختا ٿيل هئا. ساڪ قوم به يونان جي ويجهو ئي رهندي هئي. ان ساڪ قوم ئي بعد ۾ سنڌ تي حملو ڪيو ۽ واپس وڃڻ بدران سنڌ ۾ پکڙجي، سنڌي قوم ۾ جذب ٿي ويئي. هيرودوتس (عيسوي سال کان 450 سال اڳ) کان سواءِ، يوناني مؤرخ هيڪاتياس (عيسوي سن کان 486 سال اڳ)، يوناني سفير عيتياس (عيسوي سن کان 401 سال اڳ) ۽ ٻين يوناني سفيرن ۽ طبيبن نه سنڌو ماتريءَ جي پيداوار، ڪن شهرن، جڙين ٻوٽين، جانورن وغيره جو ذڪر ڪيو آهي. عيسوي سن کان 195 سال اڳ کان وٺي، عيسوي سن کان 50 سال پوءِ

تائين: يعني يونان جي ڊيميٽريس جي حملي کان وٺي، هرميوس جي حڪومت جي پڄاڻيءَ تائين. اٽڪل اڍائي سؤ ورهين جي عرصي تائين سنڌو ماٿريءَ جي ٻوليءَ تي يونانين جو اثر رهيو. سڪندر کان پوءِ، سندس هٿ ڪيل ايراضيءَ جي واڳ_ڏور يوناني سردار، سيليوڪس (عيسوي سن کان 358 سال اڳ کان وٺي280 سال تائين) پنهنجن هٿن ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ هو پوريءَ طرح ڪامياب نہ ٿيو. سيليوڪس جو چندرگپت موريا سان ٽڪر لڳو، جنهن جي آخر ۾ ٻنهي کي ناهہ ٺي ڪرڻو پيو. سيليوڪس جي ڌيءَ سان شادي ڪئي، برصغير سان خوشگوار ناتن قائم ڪرڻ لاءِ، سيليوڪس، ميگسٿنيز کي چندرگپت جي درٻار ۾ پنهنجو ايلچي ڪري رکيو. هو عيسوي سن کان 306 ورهيہ اڳ کان وٺي، 298 ورهين تائين، ايلچيءَ جا فرض ادا ڪندو رهيو. هن پنهنجي اٺن سالن جي عرصي ۾، برصغير جي عوام کي ويجهو ڏٺو ۽ ان جو احوال پنهنجي هڪ ڪتابڙ قلمبند ڪيائين، جنهن کي 'انڊيڪا' چيو ويندو آهي.

سيليوڪس کان پوءِ، يونان، شام (سريا) ۽ بختر (موجوده بلخ جي بادشاهن جو 327 ق. م کان وٺي، 114 ق.م تائين)، پنجاب ۽ سنڌ جي ڪنهن نہ ڪنهن حصي سان سڌو تعلق پئي رهيو. ان ڳالهہ جو ثبوت انهن سڪن مان مليو آهي، جي وقت بوقت انهن ايراضين مان هٿ پئي آيا آهن. اُن کان سواءِ مهاراجا ڪنشڪ ۽ انهن جي جاءِ نشينن جي وقت جا (120ع کان وٺي 300ع تائين) جيڪي بہ سڪا هٿ آيا آهن، انهن تي کروشتي ۽ برهمي لپين کان سواءِ يوناني لپيءَ جا اکر بہ مليا آهن. ان قسم جا ڪيترائي سڪا، اتر اولهہ جي سرحدي ايراضين ۾ لڌا ويا آهن، ۽ هن وقت پشاور ۽ لاهور جي عجائب گهرن ۾ محفوظ آهن. عجب، جو ختن ۽ چيني ترڪستان ۾ بہ کن کنڊرن جي کوٽائي ڪندي، اهڙا سڪا هٿ آيا آهن، جنهن مان اهو پتو ٿو پوي تہ ڪنهن سمي سنڌوماتريءَ جا ماڻهو، انهن ايراضين ڏانهن بہ ويا هئا.

اهڙيءَ طرح، سنڌوماتريءَ ۾ يوناني ٻوليءَ جو دؤر، ساڍا پنج سؤ سال رهيو ۽ ان وڏي عرصي اندر، يوناني خواهہ سنڌي ٻولين جو هڪٻئي تي ڪيڏو نہ اثر پيو

هوندو؟ ٻنهي ٻولين جي ڪيترن ئي اکرن ۾ هڪجهڙائي ملي ٿي. اهي اکر ڪجهه سڌوسنئون يونانين سان ميلاپ ڪري مليا آهن؛ ڪجهه پوءِ يونانين جي عربن سان رشتي ڪري، عربن جي اچڻ ۽ رهڻ وقت مليا آهن؛ ته ڪجهه وري، انگريزن جي هند ۾ ڪونين وجهڻ واري وقت کان وٺي اڄ تائين ملي چڪا آهن. هڪ ٻوڏي ڪتاب ۾ صاف ڄاڻايل آهي ته منيندر جي وقت ۾. يونانين سان گڏ. عربي جهازران ۽ واپاري، سنڌوماتريءَ جي شهرن ۾ ڦرندا رهندا هئي. ان جي پنيرائي پيرپيلس نالي هڪ سفرنامي مان به ملي ٿي.

**ٻڌ ڌرم جو زور:**

يونانين جي ڪاهه وقت، ڪٿي ان کان اڳ سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو ڪافي زور هو. هڪ ٻوڌي راجا. ادين ، عيسوي سن کان 566 ورهيه اڳ سنڌ جو حاڪم هو. سندس گاديءَ جو هنڌ هو "وتيايه پٽڻ". جو ڪافي ميلن ۾ پکڙيل هو. چيو وڃي ٿو ته اهڙا وڏا شهر، سنڌ اندر اٽڪل 363 ڪن هئا. (ڏسو: ڀيرومل مهرچند آڏوائيءَ جو ڪتاب_"سنڌ جي هندن جي تاريخ"_جلد I ص 32). يونانين، پنهنجي حملي جي دؤر ۾ ڪيترن هنڌن تي ٻڌ جا پُتلا ڏٺا. انهن پُتلن جو نالو، سنڌواسين. يونانين کي "ٻڌ" ئي ٻڌايو. يونانين، 'ب' کي ڦيرائي 'ب' ۽ 'ڌ' کي ڦيرائي 'ت' ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح "ٻڌ" مان بدلجي، يوناني 'بوتا' ٿهي ويو، جنهن جو مطلب آهي پُتلو. ان 'بوتا' مان نهيو آهي 'بوتو' ۽ 'بُت'. اسين ائين پيا سمجهون ته 'بت' اکر اسان کي اسلامي دؤر جي ئي عنايت آهي؛ پر حقيقت اها آهي ته 'بُت' لفظ نهيو ئي 'ٻڌ' مان آهي، جو اوائلي طرح هند جو ئي اکر آهي. يوناني ٻوليءَ ۾ 'بوتا' کان سواءِ 'بُت' butta اکر به آهي، جنهن جي معنيٰ به پُتلو ئي آهي.

ان وقت سنڌي، جهازرانيءَ ۾ پڙ هئا. سڪندر جي ڪاهه وقت، ڪراچي ضلعي واري لاڙ ۾ ، 'پاتال' نالي هڪ عاليشان بندر هو. يوناني مورخن موجب اهو 'پاتال' بندر اتان هو. جتان سنڌوندي به وڏيون شاخون ٿِي، وهي ٿي. هن پاسي به درياهي اڄ به آهي. گهاري واري ڪاري، سڪندر جي وقت ۾ درياهه جي هڪ شاخ هئي. (ڏسو:ميجرجنرل هيگ جو "اندس ڊيلٽا ڪنٽري"). ڀيرومل جي لکڻ موجب، شاهبندر جو ڏاکڻيون پاڱو، سمنڊ تائين هڪ ڏار پرڳڻو هو ۽ 'ڪڪرالو

ڪونبو هو. يونانين، ڪراچيءَ ضلعي جي لاڙ واري پاڳي کي 'ڪروڪلا' ڪري سڏيو آهي. (ڀيرومل: "سنڌ جي هندن جي تاريخ" جلد 2 ص 42) هومر جي زماني ۾ يونان ۾، هڪ اکر 'تڪتان' مروج هو، جنهن جي معنيٰ هئي 'واڍو، جهازساز'. دراوڙي ٻوليءَ ۾ به ان معنيٰ وارو اکر آهي 'تڪان'. سنڌي اکر 'ڏڪڻ'، دراوڙي اکر 'تڪان' ۽ يوناني اکر 'تڪتان' هڪ سريکا ۽ هڪ معنيٰ وارا اکر آهن؛ جنهنڪري سولائيءَ سان چئي سگهجي ٿو ته انهن اکرن جو بنيادي اکر به هڪ ئي هوندو، پوءِ اهو ڏڪڻ هجي، تڪان هجي يا تڪتان هجي. تختو معنيٰ ڪاٺ جو ٽڪرو. ڪاٺ ۽ ڏکڻ جو هڪٻئي سان اٽوٽ ناتو آهي، ان ڪري 'تختي' اکر جو بنياد به ٿي سگهي ٿو ته 'ڏڪڻ' اکر يا 'تڪتان' اکر جو ڪو بنيادي اکر ٿي هجي. اهڙيءَ طرح 'تخت' معنيٰ 'سنگهاسڻ' اکر جو رشتو به ان ساڳئي بنيادي اکر سان جوڙي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته اوائل ۾ 'تخت' هميشه تختن (ڪاٺ جي ٽڪرن) جا جوڙيل هوندا هئا. ڪاٺ ڪان سواءِ ڏکڻ جو هڪ ٻيو ساٿي هوندو آهي 'گونيا' نالي هڪ اوزار، جنهن کي سولي سنڌيءَ ۾ 'ڪنڊ ماپ' به چئبو آهي. يوناني ٻوليءَ ۾ به اهڙي اوزار جو نالو آهي 'گونيا' (gonia) شايد ان اکر مان ئي سنڌي 'گوني ڪنڊ' يعني نوي درجن واري ڪُنڊ (Right angle) نڪتي آهي، ڇوته 'گونيا' اوزار به نهيل گوني ڪنڊ جي اصول تي هوندو آهي.

**ڇمڙي وڃي پر دمڙي نه وڃي:**

سنڌي، واپاري طبقي جا پئي رهيا آهن. وڻج ۽ واپار لاءِ هنن ڏيهه پئي ڀيٽيا آهن. واپاري قوم کي پئسي جو قدر جان تان گهڻو رهندو آهي، ان ڪري هو پئسو بچائڻ تي زور ڏيندا آهن. تڏهن ته اهو مثال مشهور ٿي ويو آهي ته "ڇمڙي وڃي، پر دمڙي نه وڃي!" پر اهو 'دمڙي' اکر سنڌي ٻوليءَ خواهه ڪن ٻين هندي ٻولين ۾ آيو ڪٿان؟ يوناني قوم لاءِ چيو وڃي ٿو ته هوءَ، سڪي کي درهم (Drachma) چوندي هئي. تقليب جي اصول موجب. 'درهم' ڦري 'دمره' ٿئي ٿو. جنهن مان 'دمڙ' جو روپ وٺڻ يقيني پيو لڳي، 'ڙ'، هوندئن ٿي 'ر ۽ ه' جو مليل لفظ آهي. ان ڪري 'درهم' مان ئي 'دمڙي' لفظ نهيل ٿو ڏسجي. ان لفظ مان هڪ ٻيو لفظ به جڙيل ٿو چيو وڃي، جو آهي 'درماهه'. جنهن کي اسين ماهيانو اُجورو

(پئسن ۾) به چوندا آهيون، "چمڙي وڃي، پر دمڙي نه وڃي" جو پهاڪو به شايد گهڻو جهونو ٿي ٿو لڳي.

اهڙيءَ طرح ڪيترائي يوناني ۽ سنڌي اکر آهن، جي روپ ۽ معنيٰ جي لحاظ کان هڪجهڙا آهن، جنهنڪري ائين نهرائي ٿو سگهجي ته ٻنهي جو بنياد ضرور هڪ ٿي هوندو، هت اهڙا ڪي ٿورا اکر مثال طور ڏجن ٿا.

(1) يوناني ٻوليءَ ۾ هڪ لفظ آهي 'دائنو' (deinos) . ان جي معنيٰ آهي 'ڀوائتي روپ واري شڪل'. ساڳي معنيٰ وارو سنڌي لفظ، 'ڏائڻ'، ان 'دائني' لفظ جي بلڪل ويجهو پيو لڳي.

(2) يوناني ٻوليءَ ۾ غير شادي شده ڇوڪريءَ کي چون 'ڪوربنا'. سنڌيءَ ۾ چون 'ڪنواري'. يوناني ۾ ان جو ٻيو اکر آهي ڪوري (Kore) ، جو پنجابي لفظ 'ڪڙيءَ' جي ويجهو پيو لڳي. سنڌيءَ ۾ 'ڪوري' لفظ، ٻيءَ معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي، 'ڪوري مٽڪي'، 'ڪوري دلي'، معنيٰ اڻ اماهيل يعني ڪم نه آندل مٽڪي يا دلي. ٻيءَ معنيٰ ۾ چئجي ته 'ڪنواري مٽڪي' يا 'ڪنواري دلي'، ان ڪري اهو سنڌي اکر 'ڪوري' (مذڪر:ڪورو)به ان يوناني 'ڪوري' اکر سان ميل ٿو کائي.

(3) سنڌيءَ ۾ 'ماني' کي 'روٽي' به چئون. يونانيءَ ۾ ان لاءِ لفظ آهي 'ار ٽو' (artos) . 'آرٽو' جي شروعاتي الف جي حذف ٿيڻ سان باقي وڃي ٿو 'رٽو' بچي، جو وري تقليبي صورت ۾ 'روٽ' ٿيو پوي. سنڌيءَ ۾ "روٽي" لفظ کان سواءِ "روٽ" لفظ به آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٿلهي روٽي، ڏِڳڙ. پر ڏِڳڙ ۽ روٽ ۾ تفاوت اهو آهي، جو روٽ لفظ، ڌرمي دائري اندر ڪتب ايندڙ آهي. ڪنهن شيءِ ڏينهن تي اهڙيون روٽيون پچائي، ورهايون انهن کي چئون 'روٽ'. مهاديو جا پوڄاري، 'مهاديو جا روٽ' پچائيندا آهن. اهڙيءَ طرح ديويءَ جا پوڄاري، 'ديويءَ جي روٽن' سان ڀوڳ لڳائيندا آهن.

دراوڙي ٻوليءَ ۾ 'روٽي' لفظ جو روپ آهي 'دوني'. جنهن مان پشتو ٻولي ڳالهائيندڙن پنهنجو لفظ 'ڊوڊئي' ناهي جڙيو آهي. ان 'ڊوڊئي' لفظ جي بنياد تي ٿي سنڌي لفظ 'ڊوڊو' نڪتو آهي. پيرومل مهرچند آڏواڻي، 'ڊوڊي' لفظ جو بنياد،

پشتو ٻولي ڄاڻايو آهي. (ڏسو "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"). پر حقيقت اها آهي جو 'ڏوڏي' جو بنياد بہ 'روٽي' لفظ ئي پيو ڏسجي.

(4) يوناني لفظ 'تتو' (Tito) معنيٰ 'ڏينهن'. سورج جي روشنيءَ ڪري، ڏينهن اڪثر گرم هوندو آهي. ان ڪري 'تتو' لفظ جي معنيٰ 'گرم' بہ آهي. سنڌيءَ ۾ چئون 'تَتو' ۽ 'تتل'. سنڌيءَ ۾ 'ڏينهن تتو' اصطلاح بہ آهي. يوناني ۽ سنڌيءَ ۾ فرق فقط اهو آهي، جو يوناني 'تتو' جي پهرين 'ت' زير سان آهي، تہ سنڌي 'تتو' جي پهرين 'ت' زبر سان آهي.

(5) سنڌي خواهہ هندي لوڪ ڪهاڻين ۾ 'نو لکي هار' جو ذڪر ايندو آهي. نو لکو هار معنيٰ تمام قيمتي هار. يوناني لفظ 'نشڪو' (Nishkos) جو مطلب بہ آهي تمام قيمتي هار.

(6) سنڌي، پاڻ کي 'آڪهہ' جي نالي سان سڏيندا آهن. يوناني ٻوليءَ جو 'اوئي ڪاس' (Oikas) لفظ بہ ساڳي 'آڪهہ' جهڙي معنيٰ ٿو رکي. 'س' ڦري 'هہ' ٿيندي آهي، جهڙيءَ طرح 'سنڌو' ڦري 'هندو' ۽ 'سنڌي' ڦري 'هندي' ٿيل آهي. ان ڪري 'آڪهہ' بہ شايد پهرين 'آڪس' ئي هجي، ۽ ان جو رشتو 'يوناني لفظ' 'اوئي ڪاس' سان هجي. سنسڪرت جو هڪ لفظ آهي 'اوڪس'، جنهن جي معنيٰ آهي 'گهر مڪان، اَجهو'. (ڏسو: سنسڪرت شبد ارٿ).

(7) سنڌين جي هڪ 'گوسائين' نالي ذاتي آهي، جا اڪثر پنن ۽ براهمڻن جي هوندي آهي. پهرين اهي تانترڪ سرشتي جا پيروڪار هئا. تانترڪ سرشتي وارا، ٽوڻن ڦيڻن ۾ وشواس رکندڙ آهن. بابا گورکنات ۽ بابا مڇندر نات، انهيءَ تانترڪ سرشتي جا ئي پرچارڪ ٿي گذريا آهن. سنڌ تي تانترڪ يوگين جو اثر گهڻي وقت کان وٺي پيئي رهيو آهي. يوناني ٻوليءَ ۾ بہ هڪ اکر آهي 'گوئس' (Geos) جنهن جي معنيٰ آهي 'هٺ يوگي'. 'گوئس' ۽ 'گوسائين' لفظ، هڪ ٻئي جي ويجهو آهن.

انهن لفظن کان سواءِ، ٻيا بہ ڪيترائي لفظ، ٻنهي ٻولين جا ملندا، جن مان ڪجهہ هي آهن:

| يوناني لفظ | سنڌي لفظ | معنىٰ |
|---|---|---|
| Cheia چيئہ | چير | سوراخ |
| Nanos ننو | ننڍو | (وڏي جو ضد) |
| (ڪوٽڙي زبان ۾ پار 'ننڍو' بدران 'ننو' چوندا آهن.) | | |
| Kanna ڪانا | ڪانو | ڳنو |
| Chora چور | چوڙ | جڳهہ، هنڌ، شهر |
| (ٿرپارڪر ضلعي ۾ 'چوڙ' نالي هڪ ڳوٺ بہ آهي.) | | |
| Oon اون | آنو | بيدو |
| Pessin پيسن | پيسڻ | پينهڻ |
| Geran گيرن | ڳورو | وڏي عمر وارو |
| (سنڌي استريون، وڏي ڏير کي 'ڳورو' بہ چونديون آهن. سهري کي بہ 'ڳورو' چوڻ جو رواج آهي.) | | |
| Methyo ميٿيو | ميٿيو | شراب جو قسم |
| Melas ميل | ميلو، ميرو | ڪارو، گندو |
| Deknynan ديڪنين | ڏيکارڻ | نمائش فرمائڻ |
| Naein نئن | نئن | ننڍڙي ندي |
| (يوناني 'نئين' اکر جو مطلب آهي پاڻيءَ جو وهڻ.) | | |
| Neros نيرو | نير | پاڻي، جل |
| Botane بوٽني | ٻوٽو، ٻوٽي | ننڍو وڻ |
| Gyros گيرو | گهيرو | چڪر |
| Kotyle ڪوٽيلي | ڪٽوري | برتڻ |
| Kylix ڪيلڪس | ڪولو | وڏو پيالو |
| Kaushtos ڪشتو | ڪُشتو | طبيبي ڪَڪ. |
| (يوناني 'ڪشتو' جو مطلب آهي جَليل. طبيبي ڪَڪ 'ڪُشتو' بہ ڪنهن ڌاتوءَ يا اڌاتوءَ کي جلائي، رک جي صورت ۾ آندو ويندو آهي.) | | |
| Kyklos ڪيڪلو | چيڪلو | ٻارن جي وندر جو قسم |
| Hygros pelos هائيگرو پيلو | گارو | پُسيل مٽي |

هڪ اهڙي معنيٰ واري مصدر آهي، جا سنڌي مصدر 'وڃڻ' سان لڳ ڀڳ پورو ميل ٿي کائي. اها آهي بينن Bainen ڌوني ڦير_گهير (Phonetic change) جي اصول موجب، 'ب' ۽ 'و'، هڪٻئي جي جڳهه وٺندا آهن. ان ڪري 'وڃڻ' ۽ 'بينن' جو بنيادي لفظ بہ هڪ ئي ٿي سگهي ٿو. ملتاني ٻوليءَ ۾ بہ چون 'ونج'، معنيٰ 'وڃ'. 'وڃڻ' مصدر جي اصلي صورت لاءِ دليل ڏيندي، سنڌ جي هڪ محقق، محترم سراج الحق، "نئين زندگي" رسالي جي مارچ 1965ع واري پرچي ۾ لکيو آهي تہ "ان جي اصلي صورت، ان جي ماضيءَ ۾، مستقبل مان ڳولي سگهجي ٿي." 'ويو' ۽ 'ويندو' لفظن مان تقابلي صورت ۾، حال ۽ امر ٿيندو 'ونءُ'، 'وانءُ' (يا وانئڻ) ۽ ان جي مصدر ٿيڻ گهرجي 'ونئڻ' 'واسڻ' سنڌيءَ 'ن' کي گهڻي قدر ۾ 'ڻ' بدلايو آهي. ان ڪري 'ونئڻ'، 'ونئن' بہ ٿي سگهي ٿو، ۽ ان حالت ۾ يوناني مصدر 'بينن' ۽ سنڌي مصدر 'ونئڻ' (ونئن) ۾ فرق گهٽ آهي.

**تازو آيل اکر:**

سنڌي ٻوليءَ ۾، عربن جي وقت کان پوءِ بہ ڪي اهڙا لفظ آيل آهن، جن جو آداسين عربي يا ترڪي ٻولين کي ئي پيا سمجهندا آهيون، پر حقيقت ۾ اهي لفظ يوناني ٻوليءَ مان پهرين عربيءَ يا ترڪي ٻولين م آيا ۽ پوءِ سنڌيءَ ۽ ٻين هندي ٻولين ۾ داخل ٿي ويا. اهڙن لفظن مان ڪجهہ لفظ هتي ڏجن ٿا.

(1) 'قانون' معنيٰ قاعدو. اهو عربي ٻوليءَ جو لفظ چيو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ اهو لفظ يوناني ٻوليءَ ۾ هو 'ڪانون' (Kanun) ۽ اتي اوائل ۾ ان جي معنيٰ هئي 'لَٺ'. چئبو آهي تہ 'جنهن جي لَٺ، تنهن جو حڪم' ۽ 'ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٿا!' اهڙيءَ طرح لٺ حڪم کي ۽ حڪم مڃتا کي، ۽ مڃتا وري قانون کي جنم ڏنو. جنهن جو مطلب ٿيو قاعدو.

(2) 'دفتر' معنيٰ آفيس، ڪم ڪرڻ جي جڳهہ. اهو بہ عربي لفظ ٺهرايل آهي. يونانيءَ ۾ ان جهڙو لفظ آهي 'دفترا' (Thephthera)، جنهن جو اوائل ۾ مطلب هو 'سنهو ڪاغذ جو لکڻ ۾ اچي'. دفتر يعني آفيس جو ڪاروبار پنن تي ئي هلندو آهي. آفيسن ۾ پنا ئي ڪارا ڪيا ويندا آهن. ان ڪري

دفتر ٻوءِ آفيس جي صورت ۾ ڪتب اچڻ لڳو. سنڌيءَ ۾ ان جي اوائلي معنيٰ به اڃا تائين قائم آهي. هڪ اصطلاح آهي 'دفتر ڏوبي وڃڻ'. معنيٰ ليکو چوکو ختم ٿي وڃڻ. ٻي چوڻي آهي 'دفترئي ڪتا کڻي ويس'. معنيٰ عقل هليو ويس.

(3) 'صوفي'. هڪ متو آهي، جنهن جا پيروڪار- سنڌ ۾ شاهه، سچل، روحل، بيدل، بيڪس هئا. هندن ۾ بيوس ۽ ڊاڪٽر روچلداس، صوفي مت وارا ليکيا ويندا هئا. اهو 'صوفي' لفظ به عربي ٻوليءَ جو چيو ويندو آهي، جنهن ۾ ان جون به ٽي معنائون ٻڌايون ويندون آهن. 'صوفي' معنيٰ 'گيڙو ڪپڙو (صوف) پهريندڙ' به هڪ اهڙي معنيٰ آهي، يعني 'پشمينه پوش'، پر يونانيءَ ۾ ان جهڙو لفظ آهي 'سوفو' (Sophos) ۽ مطلب اٿس 'سياڻو'.

(4) طلسم معنيٰ جادو. ان جو عربي روپ 'طلسم' ٿي نهرايل آهي، پر يونانيءَ ۾ ان جهڙو لفظ آهي 'تلسمو' (Telesmos) معنيٰ 'جادو'.

(5) تابوت. اسلامي روايت جي نشاني آهي، ۽ ان ڪري عربي بنياد وارو ٿي لفظ هجڻ گهرجي، پر ان معنيٰ جهڙو يونانيءَ ٻوليءَ ۾ لفظ آهي 'تاقو' (Tophos). اهڙيءَ طرح 'ڪفن'. جو عربي لفظ چيو ويندو آهي، ان جهڙي معنيٰ رکندڙ لفظ، يونانيءَ ۾ به آهي، 'ڪوفينو' (Kophinos). ڪن ڏرين وري اسلامي لفظ 'حج' جو رشتو به يوناني لفظ 'حاجيو' (Hagios) سان ڏيکاريو آهي، جنهن کي يوناني ٻوليءَ ۾ به ڌرمي حيثيت حاصل آهي.

(6) فانوس معنيٰ بتي، ان جو عربي روپ آهي 'فانوس'. عجب جو يوناني ٻوليءَ ۾ به 'فانوس' (Phanos) جو مطلب ڪڍيو ويو آهي 'بتي'.

[مهراڻ 4/1967ع]

علام ڪربلائي

# لساني وحدت جو نظريو

"واحد زبان هجڻ اسان لاءِ نهايت ضروري ۽ لازمي آهي. ۽ هڪ زبان کان سواءِ اسان جو هڪ قوم بڻجڻ ناممڪن آهي!" هي آهن اُهي زرين لفظ، جيڪي هڪ پروفيسر صاحب ميز تي زور سان مُڪ هڻندي، پنهنجيءَ زبان مبارڪ مان ڪڍيا.

صاحب موصوف جي زبان مان اهي لفظ ٻڌي مون کي سخت صدمو پهتو، ڇاڪاڻ تہ اهو خيال ڪنهن عام ماڻهوءَ جو نہ پر هڪ معزز ۽ مفڪر پروفيسر صاحب جو هو. ان جي باوجود، مون پروفيسر صاحب کي تنبيهہ ڪندي چيو تہ "اوهين جيڪو نظريو رکو ٿا، سو پاڪستان لاءِ نهايت خطرناڪ آهي." پروفيسر صاحب جڏهن پنهنجيءَ راءِ خلاف منهنجو رايو ٻڌو، تہ کيس سخت تعجب ٿيو، ڇوتہ جنهن شيءِ کي هو پاڪستان لاءِ مفيد سمجهي رهيو هو، تنهن کي آئون نهايت خطرناڪ ۽ نقصانڪار سمجهي رهيو هوس.

پروفيسر صاحب فرمايو تہ "اوهين مهرباني ڪري پنهنجي نظريي جي حمايت ۾ ڪي دليل دلائل ۽ سبب اسباب پيش ڪندا تہ آئون اوهان جو نهايت شڪرگذار رهندس." پر مون کيس عرض ڪيو تہ "براہ ڪرم اوهين پهرين پنهنجيءَ راءِ جي وڌيڪ وضاحت ڪريو تہ اوهين ڪهڙي سبب ائين سمجهي رهيا آهيو تہ واحد قوم بڻجڻ لاءِ هڪ زبان جو هئڻ ضروري آهي؟ ڇا، اوهان جو ائين چوڻ مان هيءَ مقصد آهي تہ اسين اڃا هڪ قوم نہ بڻيا آهيون، ۽ هاڻي واحد قوم بڻجڻ خاطر اسان کي اول مشترڪ زبان بڻائڻ گهرجي؟ جيڪڏهن اوهان جي راءِ درست آهي، تہ پوءِ پلا اوهين ٿي ٻڌايو تہ اسان کي (پاڪستان کي) 'انجمن اقوام متحده جو ميمبر ڇو بڻايو ويو آهي؟"

جڏهن مون هن کي ايترو سوڙهو گهٽيو، تڏهن هو هڪدم حواس باختہ ٿي پنهنجيءَ راءِ تان دستبردار ٿيڻ وارو هو، تہ مون کيس وري سوڙهو گهٽيندي چيو: "اسان کي هن اهم قومي مسئلي تي پنهنجو بحث اڌورو نہ ڇڏڻ گهرجي، پر

ڏسڻ گهرجي ته اوهين جيڪا راءِ رکندڙ آهيو سا صحيح آهي يا غلط. اوهين ان ڳالهه جي تشريح ته ڪريو: آخر اوهين ڪهڙي سبب اسان جي هڪ قوم بنجڻ لاءِ هڪ ٻوليءَ جو هئڻ ضروري ٿا سمجهو؟"

جڏهن صاحب ممدوح ڏٺو ته آءٌ سندس جند نه ڇڏيندس. تڏهن هن لڄون ڪڇڻ ۽ طوعاً ڪرهاً فرمايو. "جناب عالي، هڪ قوم بنجڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان جو مشترڪ ملڪ هجي، هڪ تاريخ هجي، ۽ واحد قومي زبان هجي، ۽ ان ڪانسواءِ به – چار ٻيون به هڪجهڙيون ۽ مشترڪ شيون هئڻ گهرجن. اسان جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪري ٻيون هڪجهڙيون شيون ته موجود آهن، پر واحد زبان جيڪا قوميت لاءِ نهايت ضروري آهي، سا اسان وٽ موجود نه آهي. تنهن ڪري منهنجو غور شده رايو آهي ته اسين اڃا تائين هڪ قوم نه بنجي سگهيا آهيون."

مون کيس جواب ڏنو. "فرض ڪريو ته اوهان جي اها ڳالهه صحيح آهي، ته پوءِ ان جي معنيٰ اها ٿي ته جيئن ته پاڪستان ۾ واحد مشترڪ زبان ڪانه هئي، تنهن ڪري اهو قائم ڪري وڏي غلطي ڪئي وئي آهي!" پروفيسر صاحب انهيءَ تي جواب ۾ فرمايو ته "جڏهن پاڪستان قائم ڪرڻ لاءِ جدوجهد پئي ڪئي وئي، تڏهن اسان جي ملڪ لاءِ واحد مشترڪ زبان وارو نظريو به قبول ڪيو ويو هو. هندستان جي مسلمانن جي واحد زبان اول ئي موجود هئي، تنهن ڪري اها ئي زبان پاڪستان جي زبان ٿيڻي هئي." پر افسوس جو پروفيسر صاحب کي هيءَ ڳالهه معلوم نه هئي ته پاڪستان قائم ٿيڻ کان اڳ هن ملڪ جي مختلف حصن ۽ علائقن جي باشندن جي زبان هڪ نه هئي. نه شهرن ۾، ۽ نه وري ڳوٺن ۾. ان جي باوجود پاڪستاني قوم وجود ۾ آئي. ان وقت هڪ مشترڪ زبان جي عدم موجودگي اسان جي قوميت کي وجود ۾ اچڻ کان نه روڪي سگهي؛ ۽ جيئن ئي اسان جي قوم وجود ۾ آئي، تيئن "اقوام متحده" کيس هڪ نئون ملڪ تسليم ڪري ان کي پنهنجو ميمبر بنايو. تنهن ڪري، ائين چوڻ ته جيستائين هيءَ ڳالهه يا هوءَ شيءِ نه ٿي آهي، تيستائين اسين هڪ قوم نه بنجي سگهنداسين، سو ائين آهي، گويا اسين خود پنهنجي قوميت جي

وجود کان انڪار ڪري رهيا آهيون. ۽ اها ڳالهه اهڙي ته خطرناڪ ۽ مجرمانه آهي، جنهن کي ڪاٻه عدالت هن ملڪ سان غداري ڪرڻ جي مترادف قرار ڏيئي سگهي ٿي.

حقيقت هيءَ آهي ته جيڪي حضرات پاڪستان جي واحد مشترڪ زبان جي ضرورت تي اصرار ڪري ۽ زور ڏيئي رهيا آهن. اهي شايد نئشنلزم (قوميت) جي هڪ ۽ فقط هڪ تشريح ۽ تعريف کان ئي باخبر آهن. جيڪا ڪين اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائي ۽ سيکاري ويئي آهي، جنهن کي عام طور تي 'لساني قوميت' جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، ۽ جيڪا زبان جي وحدت لاءِ نهايت ضروري سمجهي ويندي آهي، جنهن ڪري هڪ قوم کي ٻيءَ قوم کان الڳ سمجهيو ويندو آهي. اهڙيءَ قوميت جو بنياد 'هڪ قوم ۽ هڪ زبان' واري نظريي تي رکيل هوندو آهي. هن قسم جي قوميت يورپي ملڪن ۾ عام طرح ڏسڻ ۾ ايندي. جهڙوڪ جرمني، فرانس، انگلنڊ وغيره مختلف قومون سڏيون وينديون آهن. ڇاڪاڻ ته انهن ملڪن جون زبانون ۽ ڪي ٻيون شيون مختلف ۽ جداگانه آهن. ان جي باوجود، هڪ زبان هجڻ واري بندش هروڀرو ۽ هرحالت ۾ ضروري ڪانه آهي، جنهن لاءِ اسان کي ڪيترائي مثال ملي سگهندا. انگلنڊ ۽ آمريڪا جي هڪ ئي انگريزي زبان هجڻ جي باوجود، اهي ٻئي جدا جدا ۽ مختلف قومون سڏبيون رهيون آهن، سڏبيون رهن ٿيون، ۽ آئيندي ٻڻ سڏبيون ۽ سمجهبيون رهنديون. ساڳيءَ ريت، جيئن ته سعودي عرب، عراق، مصر، اردن، شام وغيره عرب ملڪن جي واحد قومي زبان عربي ئي آهي، پر تڏهن به اهي سيئي ملڪ جدا قومون ۽ جدا ملڪ ٿا سڏجن. جنهن مان هن ڳالهه جو ثبوت ٿو ملي ته جيتوڻيڪ مشترڪ زبان واحد قوميت لاءِ تمام ضروري آهي، پر تنهن هوندي به ان سموريءَ ڳالهه جو دارومدار ڪو هروڀرو انهيءَ هڪ شيءِ تي نه آهي. هڪ زبان هئڻ لاءِ هيءَ ڳالهه ضروري نه آهي ته ڪو ان زبان جا ڳالهائيندڙ بهرصورت هڪ قوم ٻڻ هئڻ گهرجن؛ پر حقيقت هيءَ آهي ته ٻه ـــ چار قومون به هڪ زبان ڳالهائينديون آهن. جيئن مٿي عرب ملڪن جو مثال آيو. حقيقت هيءَ آهي ته ڪاٻه وڏي قوم مشترڪ زبان ڳالهائڻ جي باوجود ٻن،

ٿن ۽ چئن قوميتن ۾ تقسيم ٿي سگهي ٿي؛ تنهن ڪري هيءَ ڳالهه ضروري نه آهي ته جيڪڏهن اسان جي فقط هڪ ٿي زبان هوندي، تڏهن اسين هڪ قوم ضرور بڻجي سگهنداسين، يا انهيءَ حالت ۾ پوءِ اسين چار قومون نه بڻجي سگهنداسين.

هن سلسلي ۾ جيڪڏهن اسين دنيا جي ڪن ٻين ملڪن مٿان نظر ڊوڙائينداسين، ته اسان کي معلوم ٿيندو ته جهان ۾ ڪيترا اهڙا ملڪ به آهن، جن جي جيتوڻيڪ هڪ مشترڪ زبان نه آهي، پر تنهن هوندي به هو واحد قومون ٿيون سڏجن ۽ ليکجن: جهڙوڪ سئزرليند (چار زبانون)، ڪئناڊا (ٻه زبانون)، فنلئنڊ (ٻه زبانون)، لبنان (ٻه زبانون)، فلپائين (ٻه زبانون)، ڏکڻ آفريڪا جي يونين (ٻه زبانون)، سلون (ٻه زبانون)، افغانستان (ٻه زبانون)؛ ۽ روس ۾ پارت ۾ ٻارهن کان به زياده مُکيه ٻوليون ٿيون ڳالهائيون وڃن. انهن سڀني ملڪن ۾ اهي ٻوليون سرڪاري طور تسليم ٿيل آهن. اهڙين قومن کي عربيءَ ۾ "متفرق اللسان"، يعني 'جدا جدا ٻوليون ڳالهائيندڙ' قومون سڏيو ويندو آهي. انهن چند مثالن مان هيءَ ڳالهه ثابت ٿي ته واحد زبان جو وجود ڪنهن به واحد قوميت لاءِ هرويرو ۽ هميشه لاءِ ضروري ۽ لازمي نه آهي. انهيءَ ڳالهه مان هيءُ نتيجو نڪتو ته جڏهن اسين ائين ٿا چئون ته 'اسين مشترڪ زبان کان سواءِ پاڻ کي واحد قوم نٿا سڏي سگهون'، تڏهن اها اسين عظيم غلطي ٿا ڪريون.

گفتگو ۽ بحث مباحثي جي دوران، پروفيسر موصوف کي جنهن ڳالهه جو سڀ کان گهڻو فڪر هو، سا هيءَ هئي ته جيڪڏهن اسان پاڪستانين جي ڪا مشترڪ زبان نه هوندي، ته اسين هڪٻئي جي جذبن، خيالن ۽ احساسن کان ڪهڙيءَ ريت باخبر ٿي سگهنداسين. انهيءَ نُڪتي تي زور ڏيندي ۽ اصرار ڪندي، هن چيو: "جيڪڏهن اسين هڪٻئي کي سمجهي ئي نه سگهنداسين، ته پوءِ اسين ڪهڙيءَ ريت هم خيال ٿي سگهنداسين. ۽ وري ان حالت ۾ اسان جي قومي وحدت ڪيئن قائم رهي سگهندي؟"

مون کيس عرض ڪيو، "آئون قبول ٿو ڪريان ته اها هڪ وڏي مشڪلات آهي، پر اسان جي راهه ۾ آهي به فقط اهائي هڪ رنڊڪ، جنهن کي دوُر ڪرڻ يا حل

ڪرڻ منهنجي خيال موجب، ڪا وڏي ڳالهه نہ آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ هن دنيا ۾ ڪابہ اهڙي مشڪل نہ آهي، جيڪا حل نہ ٿي سگهي.“ ان بعد مون پروفيسر صاحب کي عرض ڪيو تہ ”جناب من، هن مشڪل جو حل تلاش ڪرڻ کان اڳ اوهان کي هيءَ ڳالهہ ضرور ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن اوهين چئو ٿا تہ اسان جي مشترڪ زبان هئڻ گهرجي، تڏهن ان ڳالهہ مان اوهان جو مطلب ۽ مقصد ڪهڙو آهي؟“

پروفيسر صاحب منهنجي هن سوال جي جواب ۾ وري بہ ائين فرمايو تہ ”پاڪستان جي مختلف حصن ۽ علائقن جي باشندن جي هڪ، ۽ صرف هڪ ئي زبان هئڻ گهرجي.“ يعني سندس خيال موجب، سمورا پاڪستاني پنهنجون اهي جدا جدا زبانون ڳالهائڻ ۽ استعمال ڪرڻ ڇڏي ڏين، جيڪي هو هزارن ۽ لکن سالن کان ڳالهائيندا ۽ استعمال ڪندا آيا آهن، ۽ انهن جي عيوض هو هڪ نئين زبان سکڻ شروع ڪن. شايد پروفيسر صاحب ائين سمجهي رهيو هو تہ سندس اها تجويز يقيناً ڪامياب بہ ٿي سگهندي، ڇاڪاڻ تہ سندس خيال هو تہ اها ’نئين زبان‘ اسڪولن، ڪاليجن، اخبارن، ريڊين ۽ ٻين اهڙن طريقن وسيلي ڦهلجي سگهندي.

پروفيسر صاحب تہ پاڪستان ۾ هڪ نئين زبان کي رائج ڪرڻ جو حامي ۽ قائل آهي؛ پر سوال آهي تہ ”ڇا، پاڪستان ۾ هڪ نئين زبان مروج ڪري سگهجي ٿي؟“

اسانجين ڪچهرين، مجلسن ۽ محفلن ۾ زبان جي مسئلي تي اهڙيءَ طرح گفتگو ڪئي ويندي آهي، ڄڻ تہ زبان ڪا انجمن، جاءِ يا رانديڪو وغيره آهي، جنهن کي ختم ڪري، ڊاهي، يا ڀڃي ڀروڙي، نئين سر ناهي سگهجي ٿو! گهڻو ڪري اسان جا ڪيترا تعليم يافتہ شخص بہ ائين چوندا آهن تہ اسين زبان کي تمام آسانيءَ سان بدلائي سگهون ٿا. اهي صاحب وڏيڪ ائين بہ چوندا رهندا آهن تہ ’ڪهڙو نہ چڱو ٿئي جو اسين سڀئي پاڪستاني، عربي زبان يا ان کان بہ بهتر انگريزي زبان کي ڪٺي پنهنجي قومي زبان بنايون؛ ۽ پنهنجي موجوده ۽ آئينده نسلن کي نئين زبان سيکاري، قديم فرسوده زبانن کي ترڪ ڪري

ڇڏيون! اهڙي قسم جون غلط ۽ بي معنيٰ ڳالهيون صرف ان ڪري ڪيون وينديون آهن، ڇاڪاڻ ته اهڙي قسم جي ماڻهن هن مسئلي تي ڪڏهن به سنجيدگيءَ ۽ ٿڌي سيني سان غور ڪرڻ جي تڪليف نه گوارا ڪئي آهي، ۽ نه ان ڏس ۾ ڪا ڪوشش ئي ورتي اٿن. ٻيو سبب هي آهي ته اڄڪلهه جي تعليم يافته طبقي ۾ سنجيدگيءَ ۽ گهرائيءَ سان سوچڻ واري جوهر جي البت اڻاٺ آهي. اسانکي اهڙي قسم جون بيسود ۽ بيهوديون ڳالهيون ٻڌي نه فقط حيرت ٿيندي آهي، پر سخت ڏک به ٿيندو آهي، ڇو ته ڪن حالتن ۾ ڪيترو سارو قيمتي وقت اهڙي قسم جي بيڪار بحث مباحثي ۾ ٻيان وڃايو ويندو آهي، ۽ پوءِ به ڪوبه شخص هن مسئلي جي بنيادي نُڪتن کي سنجيدگيءَ سان سمجهڻ، پرجهڻ ۽ پرکڻ جي ذري ماتر به ڪوشش ڪونه ڪندو آهي. ڪڏهن ائين به سمجهيو ويندو آهي ته ان قسم جون ڳالهيون پوڳ چرچي ۾ ٿيون ڪيون وڃن؛ پر جڏهن ڏسبو آهي ته ڪيترا فهميدا ۽ عقلمند، عمر رسيدا ۽ معزز اڪابر به اهڙي قسم جي راءِ پيش ڪرڻ لڳن ٿا، تڏهن ان کي مسخري ۽ مذاق نه بلڪ سچ سمجهيو ويندو آهي. ايتريقدر جو هڪ دفعي 'پاڪستان پلاننگ ڪميشن' جي هڪ چيئرمن صاحب نهايت سنجيدگيءَ سان هيءَ تجويز پيش ڪئي هئي ته پاڪستان جي مشترڪ زبان عربيءَ کي بنائڻ گهرجي!

جيڪي ماڻهو پاڪستان ۾ هڪ نئين زبان رائج ڪرڻ جا حامي ۽ مؤيد آهن، سي ڪن ٻين ملڪن جا مثال پيش ڪندا آهن: مثلاً، انگلنڊ، جتي ويلس ۽ اسڪاٽلنڊ جون زبانون انگريزيءَ ۾ مدغم ٿي ويون. آخرڪار سموري ملڪ جي زبان انگريزي ٿي وئي، ان کان پوءِ هو آمريڪا جو مثال ڏيندا آهن، جتي مختلف زبانون، جهڙوڪ: جرمني، اطالوي، فرانسيسي، اسپيني، وغيره. آخرڪار انگريزي زبان ۾ جذب ٿي ويون، ۽ هينئر اتي فقط هڪ ئي زبان، يعني انگريزيءَ کي ئي قومي زبان جو درجو حاصل آهي. اهڙيءَ طرح، هو مصر جو پڻ مثال ڏيندا آهن، جتي عربي زبان قبطين (مصر جا اصلوڪا عيسائي باشندا) جي زبان کي ختم ڪيو، ۽ سموري ملڪ جي زبان عربي بنجي ويئي.

جيستوڻيڪ هن مضمون ۾ انهيءَ مسئلي تي تفصيلي بحث ڪرڻ البت ڏکيري ڳالهه آهي، تاهم هتي هيءَ ڳالهه ٻڌائڻ نهايت ضروري آهي ته انگريزي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو ويلس مٿان جيستوڻيڪ صدين ڪان تسلط پئي رهيو آهي، تنهن هوندي به هو 'ويلش' (ويلس جي زبان) کي اڃا تائين ختم ۽ نيست نابود ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا آهن. ۽ اها زبان اڃا تائين انگلنڊ ۾ سرڪاري طور هڪ 'قومي زبان' تسليم ٿيل آهي. حالانڪ ويلس جي پنجهتر فيصد ماڻهن جي گهرن ۾ انگريزي ٻولي پيئي ڳالهائي وڃي. نه رڳو ايترو، بلڪ اُتي جا وطن پرست اڃا تائين ويلش لاءِ خود حڪومت جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري ۽ لڙي رهيا آهن. جيڪڏهن ويلش زبان کي ٿورو گهڻو نقصان پهتو آهي، ته ان جو سبب انگريزي زبان جي هردلعزيزي ۽ مقبوليت نه، پر انگريزي زبان ڳالهائيندڙن جو ڪثير تعداد آهي، جيڪي ويلس جي باشندن سان گڏجي مسجي ويا آهن ۽ ڪافي عرصي کان مٿن غالب آهن. جيئن ته انگريزي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو تعداد شروع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ويلس ۽ اسڪاٽلنڊ جي باشندن جي تعداد کان ڪافي وڌيڪ پئي رهيو آهي، تنهن ڪري ڪثير تعداد سبب، انگريزي ٻولي به ويلش ۽ اِسڪاچ زبانن مٿان غالب پئي رهي آهي. ازانسواءِ، سياسي ۽ ثقافتي ميدانن ۾ پڻ انگريزي زبان ڳالهائيندر ماڻهو ڪانئن مٿانهان، برتر ۽ بالا پئي رهيا آهن.

ساڳيءَ طرح، انگلنڊ مان جيڪي انگريزي زبان ڳالهائيندڙ ماڻهو آمريڪا ڏانهن ٿي لڏي ويا، سي شروع ۾ آمريڪا جي اُيرندي ڪناري تي آباد ٿي اُتي جي سياسي ۽ اقتصادي زندگيءَ تي مسلط ٿيا ٿي، ۽ انهن جو تعداد يورپ جي ٻين حصن، جهڙوڪ: فرانس، اٽلي يا جرمنيءَ مان لڏي ويل ماڻهن جي تعداد کان ڪافي گهڻو هو. تنهن ڪري انگريزيءَ کان سواءِ جيڪي ٻيون يورپي قومون آمريڪا جي اُيرندي ڪناري تي پوءِ اچي آباد ٿيون، تن کي لاچار انهن ماڻهن (انگريزن) جي زبان سکڻي پيئي، جن جو اتي جي سياسي ۽ اقتصادي، صنعتي ۽ ڪاروباري زندگيءَ مٿان اول ئي تسلط ۽ غلبو هو. ان کان پوءِ جڏهن اُهي يورپي قومون (جرمن، فرينچ، اطالوي، وغيره) آمريڪا ۾ زياده تعداد ۾ اچڻ

لڳيون. تڏهن اهي اتي جي دور دراز هنڌن تي وڃي آباد ٿيون، جنهن ڪري انهن جو شيرازو منتشر ٿي ويو. ۽ آهستي آهستي اهي پنهنجي انفراديت وڃائي ويٺيون. انهيءَ وچ ۾ انگريزي زبان ڳالهائيندڙ ماڻهن جو وڏو تعداد اتي جي سياسي، اقتصادي ۽ معاشرتي ميدانن ۾ ڪافي وڌي چڪو هو، ۽ هر طرف ڇانئجي، زندگيءَ جي هر شعبي مٿان مسلط ٿي ويو. اهڙيءَ طرح انگريزي زبان ڳالهائيندڙ ماڻهن جي اها قوميت ۽ برتري، انگريزي زبان جي قائم هجڻ جو سبب بني، ۽ اهائي ٻولي سموري آمريڪا جي سرڪاري زبان تسليم ٿي وئي.

اهڙوئي مثال مصر ۾ رعبي ۽ قبطي زبان جو آهي. جيڪڏهن اتي قبطي ڀاشا جي جاءِ تي عربي زبان مروج ٿي، ته ان جي معنيٰ اها هرگز نه آهي ته ڪو عربيءَ جي فتح ان ڪري ٿي جو ان قبطي زبان کي شڪست ڏني؛ دراصل عربيءَ کي اتي فوقيت، مقبوليت ۽ برتري ان ڪري حاصل ٿي جو مصر ۾ آباد ٿيندڙ عربن قبطين کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ شڪست ڏني. اسلامي تاريخ جي ورق گرداني ڪندي معلوم ٿو ٿئي ته عربستان جا عرب اسلام جي ظهور کان گهڻو عرصو اڳ ڪيترين صدين کان واديءِ نيل ۾ اچي آباد ٿيا هئا، ۽ آخر ۾ جڏهن حضرت عمر رضہ جي خلافت واري دور ۾ مسلمان مصر فتح ڪيو، تڏهن نه عرب ويتر تمام وڏي تعداد ۾ اچي مصر ۾ آباد ٿيڻ لڳا. هو مصر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي ويا، ۽ اتي جي قبطي آبادگارن کان هرهنڌ زرعي زمينون خريد ڪري اتي جي اقتصادي زندگيءَ مٿان قابض ۽ مسلط ٿيڻ لڳا. آخرڪار مصر ۾ سندن تعداد ۽ زرعي ملڪيتون ايتريقدر ته وڌي ويون جو لاچار حضرت عمر رضہ عربن جي مصر ۾ وڏيڪ زرعي زمينن ۽ ٻين غير متحرڪ ملڪيتن خريد ڪرڻ تي بندش وجهڻ جو حڪم ڪيو؛ پر ٿوري عرصي بعد حضرت عمر شهيد ٿي ويو، جنهن ڪري اهو حڪم عمل ۾ نه اچي سگهيو. ان کان پوءِ عرب، مصر ۾ هر هنڌ پکڙجي، اتي جي سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي زندگيءَ تي حاوي ٿي ويا. ان بعد هو مصر جي اصلوڪن باشندن مان وڏي پيماني تي شاديون ڪرڻ لڳا، جنهن ڪري ڏينهون ڏينهن سندن تعداد ۽ آبادي وڌڻ لڳي، ۽ اٽڪل هڪ هزار سالن کان پوءِ مصر ۾ قبطي باشندن ۽ قبطي زبان جي جاءِ عرب باشندن ۽

عربي زبان ورتي. مصر ۾ موجوده وقت عربي زبان کي جيڪا ممتاز ۽ منفرد حيثيت حاصل آهي، سا ڪا سندس مقبوليت ۽ برتريءَ سبب نہ آهي، بلڪ ان جو سبب فقط اهو آهي تہ عرب تمام وڏي تعداد ۾ اتي اچي آباد ٿيا ۽ اتي جي زندگيءَ جي هر شعبي مٿان بتدريج غالب ٿيڻ لڳا ۽ ڪين مصر کي خالص عرب ملڪ بنائڻ ۾ هڪ هزار سالن لاءِ مسلسل ۽ متواتر جدوجهد ڪرڻي پيئي، جنهن لاءِ تاريخ جا ورق گواهہ آهن.

مٿئين بحث مان هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي تہ ڪابہ زبان يا ٻولي ڪنهن ٻيءَ زبان يا ٻوليءَ مٿان فتح نٿي حاصل ڪري، پر دراصل جڏهن ڪنهن زبان جا ڳالهائيندڙ اصلوڪن باشندن تي هر پهلوءَ کان مسلط ٿين ٿا، تڏهن مغلوب ماڻهن جي تهذيب، تمدن ۽ زبانون ختم ٿيڻ جو رخ ٿيون اختيار ڪن، ۽ انهن ۾ آهستي آهستي تبديليون ٿيون اچڻ لڳن؛ پر اهڙي قسم جي ڦيرگهير ۾ ڪافي عرصو ٿو لڳي وڃي، جيڪو ڪڏهن سوين سال ٿو ٿئي تہ ڪڏهن هزارين سال. تنهن ڪري، جيڪڏهن هينئر ائين چيو وڃي تہ پاڪستاني باشندا بہ هڪ زبان ترڪ ڪري ٻي زبان اختيار ڪن، ۽ اها ڳالهہ حڪومت جي فيصلي سان يا ڪن فاضل پروفيسرن، اخبار نويسن ۽ ريڊئي جي ناشرن جي ڪوشش سان ڪامياب ٿي سگهندي، سو ائين آهي، جيئن ڪنهن ناممڪن ڳالهہ کي ممڪن بنائڻ جي بيڪار ۽ بيسود ڪوشش ڪرڻ.

دنيا جي تاريخ ۾ ڪٿي بہ ڪو اهڙو مثال نٿو ملي جو ڪنهن بہ قوم پنهنجيءَ زبان، تهذيب ۽ تمدن کي پنهنجي سياسي آزاديءَ وڃائڻ کان سواءِ قربان ڪيو هجي؛ ۽ نہ وري عالم جي تاريخ ۾ اهڙو بہ مثال ملي سگهي ٿو جو ڪنهن بہ ملڪ پنهنجي سياسي آزاديءَ کي شڪست، غلاميءَ ۽ ظلم و تشدد کان سواءِ ترڪ ڪيو هجي. انهن حالتن جي مدنظر جيڪي ماڻهو ائين ٿا چون تہ اسان کي پنهنجي زبان هن يا هُن عام ٻوليءَ خاطر قربان ڪرڻ گهرجي، سي گويا ائين فرمائي رهيا آهن تہ چنڊ کي ڌرتيءَ تي آڻي رکجي ۽ ڌرتيءَ کي مريخ ڏانهن ڪٽي وڃڻ ڪپي! اها ڳالهہ بلڪل واضح آهي تہ ڪا نئين زبان ناهي نہ وٺندي آهي؛ تنهن ڪري اسان کي مختلف زبانن جي موجودگيءَ ۾ ئي هتي رهڻو آهي،

انهيءَ فرق يا اختلاف ۽ امتياز جي باوجود، اسين پاڪستاني، دنيا جي ٻين 'متفرق اللسان' قومن وانگر، هڪ قوم آهيون. هيءَ ڳالهه به اظهر من شمس آهي ته ڪا به هڪ زبان ٽيستائين ٻيءَ زبان جي جاءِ تي نه اچي سگهندي آهي، جيستائين ٻهرين زبان ڳالهائيندڙ ماڻهن کي تاريخي، معاشرتي ۽ اقتصادي قوتون مجبور نه ڪنديون آهن. جنهن ۾ ڪئين صديون لڳي وينديون آهن. انهن حالتن ۾، ۽ حقيقتن جي روشنيءَ ۾، هينئر اسان کي اهي بيڪار ۽ بيسود ڪوششون ترڪ ڪري ڇڏڻ گهرجن ته اسان کي فلاڻيءَ يا فلاڻيءَ زبان خاطر پنهنجيءَ زبان تان دستبردار ٿي وڃڻ کپي.

هيءَ ڳالهه ڪڏهن به نه وسارڻ گهرجي ته زبان بذات خود هڪ هنڌان ٻئي هنڌ نٽي وڃي سگهي. اهي ان زبان جا ڳالهائيندڙ ماڻهو ٿي آهن، جيڪي انهيءَ زبان کي سياسي، معاشرتي يا تمدني ۽ اقتصادي ذريعن سان ٻين ماڻهن تائين ٿا پهچائين؛ ۽ جيئن اهي هڪٻئي سان لهه وچڙ ۾ ٿا اچن، تيئن سندن زبانون ۽ تهذيبون به هڪ ٻئي سان دوچار ٿيون ٿين. مثال موجود آهن، هٿ جي ڪنگڻ کي آرسيءَ جي ڪهڙي ضرورت. هندستان ۾ پارسي زبان کي ست سؤ سال برتري ۽ فوقيت رهي، پر جڏهن اتان ايراني حاڪم هليا ويا، تڏهن پنهنجي پارسي ٻولي به پاڻ سان ڪٺي رمندا رهيا. ساڳيءَ طرح، فرينچ زبان جي حالت ڏسو، جيڪا ٿورو عرصو اڳ يورپ جي متمدن ۽ مهذب زبان سمجهي ويندي هئي، پر جڏهن فرانس جو سياسي اقتدار، عظمت ۽ برتري ختم ٿي، تڏهن سندن ٻوليءَ جي مقبوليت ۽ هردلعزيزي به ختم ٿي وئي. آئرلنڊ تي انگلنڊ اٽڪل هڪ هزار سالن تائين حڪومت ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو خود اتي جي گهرن ۾ به انگريزي ٻولي ڳالهائجڻ ۾ ايندي هئي، پر جڏهن آئرلينڊ آزادي حاصل ڪئي، تڏهن انگريزي زبان به اتان پنهنجا تپڙ سهيڙڻ شروع ڪيا. ۽ هينئر اتي انگريزيءَ کي ڪا خاص حيثيت حاصل ڪانه آهي. تنهن ڪري، اها ڳالهه ظاهر آهي ته جيئن ته اسين پاڪستاني 'هڪ قوم ۽ هڪ زبان' واري نظريي ماتحت هڪ قوم نه آهيون، تنهن ڪري اسان کي ڪنهن به هڪ عام زبان کي پنهنجي قومي ٻولي بنائڻو نه آهي: اسان کي حقيقت بين ٿي، حقيقتن

جي روشنيءَ ۾، صحيح حالتن ۽ حقيقتن جو اقرار ڪري ۽ انهن جو قائل بنجي، هڪ عام زبان جي قوميت واري تخيل تان دستبردار ٿي، ’مختلف اللسان قوم‘ بنجڻو پوندو.

وڏي افسوس ۽ ارمان جي ڳالهه آهي جو قيام پاڪستان کان پوءِ اسين هن بنيادي حقيقت کي پٺيءَ پنيان اڇلائيندا ۽ نظرانداز ڪندا رهيا آهيون، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ملڪ ۾ نهايت نازڪ ۽ خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي پئي، ۽ اسان اصل حقيقت کان منهن موڙي، قوميت جي بنيادي تخيل کي به نظرانداز ڪري، هڪ نئينءَ نوعيت واريءَ قوميت جي بنياد رکڻ جي بيسود ۽ ناڪام ڪوشش شروع ڪئي، ۽ انهيءَ خبط ۾ هيءَ بنيادي ڳالهه به وساري ڇڏيسين ته پاڪستان فقط هڪ عام ديني تمدن ۽ مشترڪ مذهبي بنياد تي قائم ٿيو آهي. يعني ’هڪ الله ۽ هڪ رسول‘. بس، اهائي هڪ مشترڪ ڳالهه هئي، جنهن سنڌين، بلوچن، پنجابين، پٺاڻ ۽ بنگالين کي، مختلف زبانن ۽ مختلف تهذيبن هوندي به، هڪ پليٽفارم تي جمع ڪيو، پر پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان فوراً پوءِ، اهي نام نهاد مغربي تعليم يافته عالم ۽ فاضل، جن فقط ’لساني قوميت‘ واريءَ قوميت بابت تعليم ورتي هئي، سي خود پنهنجيءَ قوميت تي شڪ شبهي جو اظهار ڪرڻ لڳا؛ جنهن ڪري هو پنهنجي ملڪ (پاڪستان) لاءِ به قوميت جي نئين بنياد رکڻ جا پُور پچائڻ لڳا؛ يعني سندن غور شده رايو هو ته پاڪستان جو بنياد به ’هڪ قوم هڪ زبان‘ واري تخيل تي رکڻ گهرجي. جنهن جو ظاهر ظهور ۽ عملي طور مطلب ۽ مقصد پاڪستان جي بنيادي نظريي جي انحرافي ڪرڻ جي مترادف هو. ان جي معنيٰ اها هئي ته پاڪستان هيتري ساري تاريخي دور ۾ جيڪي ڪجهه حاصل ڪيو آهي، ان کان منڪر ۽ منحرف ٿي وڃجي؛ ۽ ان جي تهه ۾ اها ڳالهه سمايل هئي ته پاڪستان لاءِ هڪ اهڙو نئون نظريو قائم ڪيو وڃي، جيڪو پاڪستان جي حفاظت جي راهه ۾ سڀ کان زياده مضر ۽ خطرناڪ هو. (ٿي سگهي ٿو ته ان تخيل جا محرڪ ۽ حامي ان جي خطرناڪ نتيجن کان باخبر نه هجن.)

انهن ۽ اهڙي قسم جي ٻين خطرن ۽ خدشن جي باوجود، هن نظريي کي معقول

۽ مقبول سمجهي، تجربي طور اوپر بنگال ۾ ان کي عمل ۾ آڻڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي، جتي ان جي شديد مخالفت ڪئي وئي، ڇاڪاڻ ته بنگالين سمجهيو ته انهيءَ تخيل تي عمل پيرا ٿيڻ سان اسان جي سياسي ۽ تعليمي ترقيءَ ۽ واڌاري جي راهه ۾ وڏيون رنڊڪون حائل ٿينديون. بنگالين طرفان سخت مخالفت ڪرڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو ڍاڪا ۾ شاگردن مٿان گوليون هلايون ويون، جنهن ڪري ساري ملڪ کي حد کان زياده صدمو پهتو. پر افسوس جو ملڪ جي ڪن چند ماڻهن ڪان سواءِ ٻين ان واقعي مان سبق حاصل ڪرڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي، ۽ نه وري ماڻهن ان ڳالهه جي سمجهڻ جي ئي تڪليف ورتي ته اهو واقعو ڪهڙيءَ موتمار ڪارروائيءَ سبب ٿي گذريو! ان هوندي به، انهيءَ حادثي جو هڪ احسن نتيجو هيءُ نڪتو جو اسان جي ملڪ مان 'هڪ قوم ۽ هڪ زبان' واري ان تخيل جون پاڙون هميشه لاءِ پٽجي ويون، جيڪو تخيل اسان جي ملڪ جي بنياد کي ڪمزور ڪري رهيو هو. اوپر بنگال جي انهيءَ واقعي آخرڪار اسان جي ڪوتاه بين ۽ ناعاقبت انديش سياسي فيلسوفن کي پنهنجي ان نظريي تان دستبردار ٿيڻ تي مجبور ڪيو، ۽ اهڙيءَ طرح انهن پاڪستان جي آئين ۾ ٻن سرڪاري ٻولين- بنگالي ۽ اردو- وارو نظريو قبول ڪيو.

پر افسوس جو اهڙي افسوسناڪ حادثي جو اثر اولهه پاڪستان اندر صحيح معنيٰ ۾ ۽ شدت سان محسوس نه ڪيو ويو، جتي ڪيترن نام نهاد مفڪرن وٽ 'مشترڪ زبان' واري نظريي جو قائل ۽ حامي هجڻ هڪ قسم جو فيشن بنجي چڪو هو. بنگال ۾ پيش آيل حادثي مان مليل سبق يڪلخت وساريو ويو، ۽ جيتوڻيڪ آئين ۾ 'هڪ ٻوليءَ' واري نظريي کي ترڪ ڪيو ويو هو. پر تنهن هوندي به ڪيترا نالي ۾ نهال قسم جا سياسي مفڪر ان جي تائيد ۽ حمايت ڪندا رهيا. 'ون يونٽ' سرڪار انهيءَ (هڪ زبان واري) نظريي جي سرڪاري طرح حمايت ڪرڻ شروع ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هن مسئلي تي ڪافي ڪشيدگي، ڪشمڪش ۽ تلخيءَ جي فضا پيدا ٿي. البت اها اوپر بنگال جهڙي شديد ۽ خطرناڪ نه هئي، تنهن ڪري 'ون يونٽ' سرڪار

کي اندروني اختلافن ۽ نااتفاقين سان دوچار ٿيڻو پيو.

اسان کي پنهنجي گذريل تيرهن سالن جي تازيءَ تاريخ مان ان ڳالهه جو ڪافي ثبوت ملي ٿو تہ ڪهڙيءَ طرح مختلف مرحلن ۽ منزلن تي ’هڪ زبان‘ واري تخيل اسان جي قومي وحدت کي ڪمزور بڻايو آهي، ۽ ڪيئن مشترڪ زبان ذريعي ملڪ کي مستحڪم ۽ مضبوط بڻائڻ وارين ڪوششن، عملي طرح، اٽلو اسان جي قومي وحدت جي شيرازي کي منتشر ۽ درهم برهم پئي ڪيو آهي. اسان جي ملڪ ۾ گذريل چند سالن ۾ جيڪي ڪجهہ ٿيو آهي، تنهن مان اسان کي شايد اڃا ڪافي سبق نہ مليو آهي!

’لساني وحدت‘ واري نظريي جي حمايت ڪرڻ سبب اسان جي ملڪ ۾ جيڪو مونجهارو ۽ ڪشيدگي پيدا ٿي، تنهن اسان جي سموريءَ قومي زندگيءَ تي خراب اثر وڌو آهي: تنهن ڪري هينئر ضروري آهي تہ اسين هن اهم مسئلي تي نئين سر غور ۽ ويچار ڪرڻ شروع ڪريون. اڄ تہ اسين سچائيءَ ۽ اخلاص سان اها ڳالهہ قبول ڪريون تہ پاڪستاني قوميت هڪ حقيقت آهي، پر ان ۾ ’مشترڪ زبان‘ لاءِ ڪابہ ضرورت ۽ گنجائش ڪانہ آهي. جيڪڏهن اسان کي اڃا بہ ڪي شڪ شڪوڪ نظر اچن، تہ اسان جو فرض آهي تہ ان حالت ۾ اسين ’نئشنلزم‘ (قوميت) جي مختلف قسمن، ان جي طبعي خصوصيتن، معنيٰ وغيره جو مطالعو شروع ڪريون، جنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو تہ اسان کي پنهنجي باري ۾ جيڪي شڪ شبها آهن، تن جي اصلاح ٿي ويندي.

اسان کي قوميت جي مختلف قسمن جي تعريف ۽ تشريح کان اڳ، ان جي صحيح معنيٰ ۽ مطلب سمجهڻ گهرجي. حقيقت هيءَ آهي تہ نئشنلزم هڪ ذهني ڪيفيت جو نالو آهي. جڏهن اسين هڪ قوم هجڻ جو فيصلو ٿا ڪريون، تڏهن اسين واقعي هڪ قوم ٿا بڻجي وڃون. اسان جي سماجي ۽ معاشرتي زندگيءَ ۾ ڪي اهڙيون طاقتون ۽ قوتون ظاهر ٿيڻ لڳن ٿيون، جيڪي اسان کي لازمي طور هڪ قوم بڻجڻ تي آماده ٿيون ڪن. ڪي مشترڪ رجحان، مشترڪ احساس، مشترڪ جذبا ۽ خيال، اسان کي هڪبئي جي وڌيڪ ويجهو ٿا آڻين، ۽ درجي بدرجي اسان کي ان ڳالهہ کان آگاهہ ٿا ڪن تہ اسان کي پاڻ ۾

هڪ ٿيڻ گهرجي. ڪڏهن اهڙي قسم جا مشترڪ رجحان ۽ احساس، ڪافي عوصي تائين ڳڻجي مصيبتن ۽ تڪليفن سهڻ سبب تا پيدا ٿين. جيئن ڳڏيل هندستان جي حالت ۾ ٿيو، جتي جا باشندا هڪ هزار سالن کان به وڌيڪ عرصي تائين سامراجي حاڪمن جي غلاميءَ هيٺ رهيا. ڪڏهن اهڙي قسم جا رجحان مشترڪ تمدني ورثي سبب پڻ پيدا ٿيندا آهن. جهڙيءَ طرح اسرائيل جي يهودين ۾ پيدا ٿيا. پاڪستان جي مسلمانن ۾ اڀريا. ۽ شهنشاهي نظام خلاف روس جي عوام ۾ پيدا ٿيا، جتي اهو نظام ختم ڪري، مزدورن جي حڪومت قائم ڪئي وئي، جنهن نظام موجب ڪوبه طبقو ٻئي طبقي کان ممتاز ۽ مٿانهون نٿو رهي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙي قسم جا احساس ۽ رجحان مشترڪ نسلي، مشترڪ علائقائي، ۽ مشترڪ لساني ڄُڙن سبب پڻ اڀرندا آهن. تنهن ڪري، 'نئشنلزم' جو احساس، رجحان ۽ جذبو، مختلف قسم جي اجزاءِ ۽ عوامل جي ڳڏجڻ سببان پيدا ٿيندو آهي: ۽ اهو ڪنهن هڪ گروهه ۾ 'هڪ قوم هجڻ' جو جذبو پيدا ڪري، ڪيس ڪنهن مخصوص ايراضيءَ تي سندن قومي حقن جي دعويدار بنجڻ تي آماده ڪندو آهي. انهن حالتن جي روشنيءَ ۾ هيءَ ڳالهه ثابت ٿي ته هڪ قسم جي نئشنلزم جي نوعيت ٻئي نوع جي نئشنلزم کان بلڪل مختلف ۽ جداگانه ٿئي ٿي. نئشنلزم جي تعريف ۽ تشريح لاءِ اهو بيان بلڪل مختصر آهي، ۽ انهن صاحبن لاءِ ڪافي نه ٿيندو، جيڪي هر مسئلي جي مختلف پهلوئن بابت وڌيڪ وضاحت ۽ صفائيءَ جا طالب هوندا آهن: اهڙي قسم جي ماڻهن کي اسان جو مشورو آهي ته ڪين هن موضوع جو نهايت ڳوڙهو مطالعو ڪرڻ گهرجي، ڇوته نئشنلزم جو موضوع تمام اهم ۽ وسيع آهي.

پاڪستان نئشنلزم جي صحيح قسم سمجهڻ ۽ معلوم ڪرڻ بعد، اسان کي پروفيسر صاحب جي ان بنيادي سوال بابت ڪو فيصلو ڏيڻو آهي، جنهن ۾ هن فرمايو هو ته 'جيڪڏهن اسان کي مشترڪ زبان نه هوندي، ته پوءِ پلا اسين پنهنجو قصو ڪيئن هلائي سگهنداسين؟' انهيءَ مان سندس مقصد اِهو هو ته جيڪڏهن اسان وٽ هڪ 'عام ٻولي' نه هوندي ته پوءِ اسين پنهنجي حڪومت،

فوج، تجارت، صنعت، وغيره سان تعلق رکندڙ ڪاروبار ڪهڙيءَ ريت هلائي سگهنداسين؛ ۽ جيڪڏهن اسان جي ملڪ جي مختلف حصن جون ٻوليون جدا جدا هونديون، ته پوءِ اسين هڪٻئي جي قريب ڪيئن اچي سگهنداسين؟ انهيءَ سلسلي ۾ اسان جي راهه ۾ جيڪي مشڪلاتون ۽ رنڊڪون پيش اچي سگهن ٿيون، تن جي اهميت کان ڪوبه انڪار نٿو ڪري سگهي؛ پر ان جو حل اسان کي جذباتي طور نه، بلڪ حقيقت پسندانه طور تلاش ڪرڻو پوندو.

هن سلسلي ۾ مون کان سئزرلنڊ جي هڪ پروفيسر صاحب جا اهي معقول ۽ منطقي گفتا اجا نٿا وسرن، جيڪي هن منهنجي هڪ سوال جي جواب ۾ چيا هئا. مون ڪانئس پڇيو هو ته "ڪهڙي سبب اوهان جي ملڪ ۾ چار زبانون، سرڪاري ۽ قومي زبانون تسليم ٿيل آهن؟ ڇا، ان ڪري اوهان جون قوتون زائل نٿيون ٿين؟ اوهان جي سرڪار کي چئن زبانن ۾ متو کپائڻو ٿو پوي، تنهن ڪري ڇو نٿا ڪنهن به هڪ زبان کي سڄي ملڪ لاءِ قومي ۽ سرڪاري زبان ٺهرايو؟" هن ڀلي مانس جواب ڏنو، "سرڪار جي معنىٰ آهي پنهنجيءَ رعيت جي خدمت ڪرڻ؛ جيڪڏهن سرڪار پنهنجي مفاد کي عوام جي مفاد کان بالا ۽ برتر سمجهي ته اها حڪومت نه پر عوام لاءِ ظلم، استبداد ۽ تشدد آهي! جيڪڏهن اسين پنهنجي ملڪ ۾ فقط هڪ زبان مروج ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين، ته گويا اسين پنهنجن هٿن سان پنهنجي قومي ۽ ملڪي وحدت کي ٽڪر ٽڪر ڪنداسين. ڇا، اها حقيقت نه آهي ته اسان وٽ چئن زبانن جي هڪجهڙيءَ حيثيت هوندي به اسان جو ملڪ گذريل ستن سون سالن کان نهايت امن امان ۽ صلح سانت سان برقرار رهندو ۽ ترقي ڪندو رهي ٿو؟"

مطلب ته جڏهن اسين چئون ٿا ته هن يا هُن زبان کي ملڪ جي قومي زبان بنائڻ گهرجي، تڏهن اسان جي ائين چوڻ جو مقصد ۽ مطلب دراصل هيءُ آهي ته ماڻهن جو هيءُ يا هو گروهه، ٻين ماڻهن مٿان ذهني ۽ فڪري، تعليمي ۽ سياسي، انتظامي ۽ ڪاروباري ميدانن ۾ حڪومت ڪري: ڇو ته انهن کي پنهنجيءَ زبان ذريعي فقط پنهنجن غرضن ۽ مفادن کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ لازمي ۽ قدرتي موقعا فراهم ٿي سگهندا، ۽ ٻئي طرف جن گروهن جي زبانن

کي نظرانداز ڪيو ويندو، تن کي زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ پهرئين گروهه جي معيار تي پهچڻ لاءِ صدين جون صديون لڳي وينديون: تنهن جي معنيٰ اِها ٿي ته جن گروهن جي زبانن کي ختم ڪيو ويندو، تن لاءِ ترقيءَ جون سموريون راهون ۽ رستا بند ڪيا ويندا؛ ۽ جنهن گروهه جي زبان کي سڄي ملڪ لاءِ 'قومي زبان' جو سرڪاري درجو ملندو، تنهن کي ٻين سڀني جو حاڪم ۽ ليڊر تسليم يا مقرر ڪيو ويندو!

ڪي صاحب وري هيءَ تجويز پيش ڪندا آهن ته نڪا 'هيءَ' نڪا 'هوءَ' پر وچان ئي ڪا 'ٽين' زبان، ڪا غيرملڪي زبان، قومي ۽ سرڪاري زبان بنائڻ گهرجي، ته جيئن ڪنهن به ڌر کي شڪايت جو موقعو نه ملي سگهي. اسان جو خيال آهي ته انهيءَ رٿ مان پوري پوري فيض حاصل ڪرڻ لاءِ، هتي جي ڪنهن به هن يا هُن گروهه کي ملڪ ۾ رهڻ ئي ڇو ڏجي، بلڪ ڇو نه انهن مڙني کي ملڪ مان نيڪالي ڏيئي، جلاوطن ڪري، پاڪستان جي سموري آبادي ئي ڪنهن اهڙي ٻاهرئين ملڪ مان گهرائي هتي رهائجي، جنهن جي زبان لازمي طرح مشترڪ هجي؟ ته جيئن 'نه رهي بانس ۽ نه وڄي بانسري'! جيتوڻيڪ اسان جي هيءَ تجويز واقعي عجيب غريب ڏسڻ ۾ ايندي، پر سچ پچ ته ڪنهن غيرملڪي زبان کي پنهنجي قومي ٻولي بنائڻ واريءَ رٿ کان اها صد بار وڌيڪ معقول، مناسب ۽ منطقي آهي. اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته ڪنهن به ٻوليءَ کي پير يا پَرَ ڪونه ٿيندا آهن جو اها سفر يا پرواز ڪري ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي پهچي، پر هرهڪ زبان جا ڳالهائيندڙ ئي ان کي ٻين ملڪن تائين نيندا آهن.

مطلب ته اسين هينئر هن نتيجي تي پهتاسين ته اسان جي مسئلي جي نوعيت نظرياتي نه، پر عمل هيٺ آڻي سگهڻ جهڙي آهي. اسان کي ڪو اهڙو مناسب ۽ موزون رستو ۽ طريقو ايجاد ڪرڻو پوندو جنهن کي عمل ۾ آڻڻ سان اسين هڪٻئي سان خيالن جي ڏي- وٺ ڪري سگهون: ٻين لفظن ۾، جيڪڏهن ڪو پنجاب جو رهواسي ملازمت يا تجارت وغيره جي سلسلي ۾ سنڌ ڏانهن وڃي ته سنڌين سان آسانيءَ سان تبادلهٔ خيال ڪري سگهي، ۽ ساڳيءَ طرح جيڪڏهن سنڌ جو رهواسي پنجاب ڏانهن وڃي ته هو به اُتي جي ماڻهن سان پنهنجن خيال

جي ڏي_ وٺ آسانيءَ سان ڪري سگهي. ان ريت، ڪو اهڙو ذريعو تلاش ڪرڻ گهرجي. جيئن ملڪ جي مختلف حصن سان تعلق رکندڙ مرڪزي سرڪار جا ملازم هڪٻئي کي آسانيءَ سان سمجهي پُرجهي سگهن. اسان جي هن مسئلي جي نوعيت مشڪل ۽ منجهيل نه. پر بلڪل آسان ۽ محدود آهي. حقيقت هيءَ آهي ته ان مسئلي جو تعلق فقط چند سؤ سرڪاري ملازمن ۽ ٻه ـ ٽي هزار تاجرن سان آهي؛ ڇا، ان جو حل هيڏي ساري قوم نتي تلاش ڪري سگهي؟

آءٌ پنهنجي بحث ختم ڪرڻ کان اڳ هيءُ مشورو ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان ته پاڪستان جي ٻين سڀني زبانن کي ختم ڪري فقط هڪ زبان کي قومي زبان ۽ سرڪاري زبان جي درجي ڏيڻ واري تخيل کي بعيد از قياس، غلط، بي معنيٰ، غيرمنطقي، ناممڪن، ۽ قوم ۽ ملڪ لاءِ هاڃيڪار ٺهرائي، ان تي پنهنجين مجلسن ۽ ميٽنگن ۾ بحث مباحثي ڪرڻ جو سلسلو هڪدم بند ڪرڻ گهرجي؛ بلڪ جيئن ته اهڙي قسم جو فضول پرچار اسان جي ثقافت ۽ قوميت لاءِ نهايت مهلڪ ۽ موتمار آهي، تنهن ڪري ان تي قانوني طرح بندش پوڻ گهرجي. هن مسئلي سبب انتظامي، تجارتي ۽ معاشرتي نقطہ نگاهه کان اسان جي راهه ۾ جيڪي ناهمواريون ۽ دشواريون حائل آهن، تن جي حل ڪرڻ لاءِ ان جو انهيءَ تائين مطالعو ڪرڻ گهرجي، جنهن حد تائين اهو قابل عمل هجي.

اسان جو فرض آهي ته اسين پنهنجيءَ روزمره جي گفتگو ۽ بحث مباحثي مان "پاڪستان جي قومي زبان" وارا لفظ هميشه هميشه لاءِ ترڪ ڪري ڇڏيون، ۽ انهن بدران اسان کي "پاڪستان جون قومي زبانون" جا لفظ استعمال ڪرڻ گهرجن، ان جو اهو نتيجو نڪرندو جو اسان جي روزاني گفتگوءَ مان 'پاڪستان جي قومي زبان' جي مقابلي ۾ 'علاقائي زبان' واري ترڪيب رفتي رفتي متروڪ ۽ مفقود ٿي ويندي؛ ڇو ته 'واحد قومي زبان' واري نظريي کي ناپسنديده ۽ ناقابلِ عمل قرار ڏنو ويندو، تڏهن سڀاويڪ طور پاڪستان جي سڀني 'علائقائي زبانن' کي 'پاڪستان جون قومي زبانون' سڏيو ويندو.

اڄو ته غلط قياس آرائيون ۽ مفروضا، بي معنيٰ تشريحون ۽ ترڪيبون، ۽ بي

بنياد مشابهتون ۽ تمثيلون ترڪ ڪريون، ۽ پنهنجي ذهني ۽ تعليمي، سياسي ۽ ثقافتي ترقيءَ کي روڪجڻ کان بچايون. اسان کي فقط پنهنجي سرڪاري ۽ قومي زبان، يا سرڪاري ۽ قومي زبان، کي مقرر ۽ مروج ڪرڻ، يا هڪبئي سان خيالن ۽ جذبن جي ڏي_ وٺ ڪرڻ لاءِ ڪي ذريعا جنهن سلسلي ۾ سوويت روس، سئٽزرلنڊ ۽ دنيا جي ٻين سيني 'متفرق اللسان' ملڪن جي حالتن جو مڪمل طور ۽ وسيع مطالعو اسان جي رهبري ڪندو.

**[ نوٽ: هن مقالي جو ليکڪ محمد مسعود کدر پوش آهي. جيئن ته پاڻ ان وقت ڪمشنر هو تنهنڪري هن پنهنجي اصل نالي بجاءِ علامه ڪربلائيءَ جي نالي سان هيءُ مقالو لکيو]**

[ مهراڻ 3_4 1964ع]

ڊاڪٽر مدد علي قادري

# سنڌي زبان تي عربيءَ جو اثر

هن کان پهريائين جو آئون پنهنجي مقالي ۾ ذڪر ڪريان ته عربيءَ جو سنڌي زبان تي ڪهڙو اثر پيو، آئون مختصراً اهو عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان ته هنن ٻنهي عظيم زبانن جي ڳالهائيندڙن جا هڪ ٻئي سان ڪهڙا لاڳاپا ۽ تعلقات رهيا آهن.

سنڌو ماٿري يا سرزمين سنڌ دنيا جي مهذب ۽ زرخيز علائقن مان هڪ علائقو آهي، هي اهو سرسبز ۽ شاداب علائقو آهي جنهن ۾ چين، مصر ۽ عراق جي عظيم تهذيبن سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائيندڙ موئن جي دڙي جي تهذيب جنم ورتو.

**تجارتي تعلقات:**

دنيا جا قديم مورخ لکن ٿا ته، اسلام جي ظهور کان هزارها ورهيه اڳ هن متمدن خطي جا عرب دنيا سان تجارتي ۽ ثقافتي تعلقات رهيا آهن. عدن، يمن، بحرين ۽ ايراني نارجي بندرن سان سنڌ جو واپار هلندڙ هو. عرب واپاري بحر احمر، يمن ۽ عمان جي بندرن کان مڪران ۽ سنڌ جي بندرن کي لتاڙي ڪنبات، ٿاڻه، ڪئليڪٽ، سرانديپ ۽ ڪارو منڊل ڪناري کان بنگال جي اپسمنڊ کي عبور ڪري هندستان جي مشرقي ٻيٽن کان ٿيندا چين تائين واپار ڪندا هئا.

(هتي اسان اهو به واضح ڪرڻ ٿا گهرون ته عرب، سنڌ ۽ هند (هندستان) کي الڳ الڳ ملڪ تصور ڪندا هئا ۽ ڪڏهن تغليبي طور سنڌ کي به هند ڪري چوندا هئا.)

هندوستان ۽ سنڌ سان سامونڊي آمد و رفت ۽ واپار جو هيءُ اثر ٿيو جو عربن جي سفرنامن ۽ جاگرافين ۾ جهازن ۽ جهازن سان تعلق رکندڙ شين جا هندوستاني ۽ سنڌي نالا سندن زبانن تي چڙهي ويا ۽ انهن جا لفظ هتان جي باشندن جي زبانن تي چڙهي ويا.[1] هندي ۽ سنڌي لفظن مان ڪن معرب لفظن جو ذڪر ڪجي ٿو:

---

سيد سليمان ندوي "عرب و هند ڪي تعلقات" ص 62

**1ـ بارجہ:**

بيرونيءَ جي راءِ آهي تہ هيءَ اصل ۾ هندستاني ۽ سنڌي لفظ ٻيڙو/ ٻيڙو آهي، جنهن کي عربن بارجہ سڏيو (ة' عربي ۾ 'ج' سان بدلجي ٿو) ۽ هن جو جمع بوارج آهي. ۽ چاڪاڻ جو هندستان جا بحري ڌاڙيل بندرن تي ڌاڙا هڻندا هئا. ان ڪري ڪجهہ عرصو هندستاني سامونڊي ڌاڙيلن لاءِ "بوارج" لفظ استعمال ڪرڻ لڳا. اڄ ڪلهہ عربي زبان ۾ "بارجہ" جنگي جهازن جي ٻيڙي (آرماڙ) کي چون ٿا.[2]

**2ـ دونيج:**

هيءُ لفظ "دونيج" آهي، جنهن جو جمع دوانيج آهي. هيءُ لفظ سنڌي لفظ "ڏنگي" جي عربي شڪل آهي.[3]

**3ـ بلنج:**

ٽيون لفظ آهي بلنج ـ جهاز جي ڇت يا ان جي مٿان جيڪو پلنگ پيو هوندو هو، ان کي سنڌ ۽ هندوستان جا جهازران 'پلنگ' چوندا هئا. عربن ساڳئي لفظ کي معرب بنائي بلنج سڏيو.[4]

**پيداوار:**

هاڻي اسان سنڌ ۽ هندوستان جي اهڙين پيداواري شين جو ذڪر ڪنداسون جي قديم زماني کان وٺي عرب ۾ واپارجي ويندي هيون، جن کي عربن يا تہ انهن جي اصلوڪي صورت ۾ قائم رکيو يا انهن ۾ ٿوري ڦيرگهير ڪري پنهنجو بنائي ڇڏيو آهي، جا ڳالهہ ٻولين جا ماهر چنڊڇاڻ ڪري سمجهائي سگهن ٿا.

ابن الفقيه همداني لکي ٿو، "هندوستان ۽ سنڌ کي الله تعاليٰ اها خصوصيت بخشي آهي تہ اتي هر قسم جي خوشبوءِ، جواهرات مثلاً ياقوت، الماس وغيره. گينڊا، هاٿي، مور، عمارتي ڪاٺ، مصالحا، عود ـ عنبر، لونگ، سنبل، دالچيني، ناريل، هريڙون، توتيو، بيد صندل، ساڳ جو ڪاٺ ۽ ساوا مرچ

[2] سليمان ندوي "عرب و هند ڪي تعلقات" بحوالہ بيروني "ڪتاب الهند" ص 63

[3] ياقوت، معجم البلدان ج. بزرگ، عجائب الهند ص 69

[4] حڪيم فتح محمد آفتاب ادب ص 44

اڪيچار پيدا ٿين ٿا ۽ ديسان ديس واپار لاءِ وڃن ٿا. [5]

نائين صدي عيسويءَ جي مشهور عرب سياح ابو زيد سيرافي پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ جي انب، ليمي ۽ ناريل جو خصوصيت سان ذڪر ڪيو آهي. [6]

مشهور عرب جاگرافيدان ابن حوقل جو سنه 350 هجريءَ ۾ سنڌ ۾ آيو هو، هتان جي ميون جي ذڪر ۾ چوي ٿو: "هن ملڪ (سنڌ) ۾ صوف جي برابر هڪ ميوو ٿئي ٿو جو کٽو ٿئي ٿو، جنهن کي "ليمون" چون ٿا. هڪ ميوو آڙو وانگر ٿئي ٿو، ان جو نالو انب آهي، عرب ان کي انبج سڏين ٿا." [7]

ياد رهي ته عربن کي هندستاني 'آم' کان سنڌي لفظ 'انب' نهايت پسند آيو ۽ ان لفظ کي معرب ڪري "انبج" سڏيائون. اهڙيءَ ريت هندستاني لفظ نيبو کان ليمون وڌيڪ پسند آيو ۽ ان کي پنهنجي زبان ۾ بعينه جاءِ ڏنائون ۽ اڄ تائين ان کي 'ليمون' چون ٿا.

هن ضمن ۾ سنڌ جي هڪ قومي شاعر ابو ضلع منصوري السندي (4 صدي هجري) جي وطني تراني مان ڪجهه اقتباس ڏيون ٿا. (ابو ضلع جو هيءَ ترانو پهريون وطني ترانو آهي، جو سنڌ جي عظمت ۽ خوشحاليءَ جو ترجمان آهي).

لقد انکر اصحابي وما ذلک بالامثل اذا ما مدح الهند وسهم الهند في المقتل.

ترجمو: جڏهن آئون پنهنجي وطن ۽ ان جي جنگ ۾ استعمال ٿيندڙ تيرن جي تعريف ٿو ڪريان ته منهنجا دوست ان جو انڪار ٿا ڪن، حالانڪ اهو انڪار نامناسب آهي.

لعمري انها ارض اذا القطر بها ينزل يصيرالدر والياقوت والدر لمن يعطل.

ترجمو: مون کي پنهنجي حياتيءَ جو قسم ته هيءَ اها سرزمين آهي، جنهن ۾ جڏهن مينهن پوي ٿو ته ان ۾ موتي ۽ ياقوت نڪرن ٿا. موتي ۽ ياقوت انهن لاءِ جي بي زيور آهن.

فمنها المسک والکافور والعنبر والصندل واصناف الطيب ليستعمل من يتفل.

[5] ڪتاب البلدان ص 251

[6] ابو زيد ص 130

[7] ابن حوقل ص 228

ترجمو: ان جي خاص چيزن ۾ مشڪ، ڪافور، عنبر عود ۽ هر قسم جي خوشبو انهن مائهن جي استعمال لاءِ جي گدلا ميرا آهن.

و انواع الا فاويه و جوز الطيب والسنبل،

و منها العاج والساج و منها العود والصندل.

ترجمو: ۽ طرح طرح جا عطر، جاءِ ڦل ۽ سنبل آهن. عاج، ساڳ جو ڪاٺ، خوشبودار ڪاٺي ۽ چندن.

و ان التوتيا فيها كمثل الجبل الاطول،

و منها الببر والنعر و منها الفيل والد غفل.

ترجمو: هن ۾ توتيو هڪ سپ ڪان وڏي جبل جي برابر آهي ۽ هن ۾ ببر شينهن چيتا، هاٿي ۽ هاٿي جا ٻچا ٿين ٿا.

و منها الكوك والببغاء والطاوس والجوزل،

و منها شجر الرابخ والساسم والفلفل[8]

ترجمو: ۽ هن ملڪ ۾ پکين مان ٻگهه پکي، طوطا، مور ۽ ڪبوتر آهن ۽ وڻن ۾ ناريل، آبنوس ۽ ساون مرچن جا وڻ آهن.

**سنڌي مصنوعات:**

هاڻي اسان انهن سنڌي مصنوعات جو اختصار سان ذڪر ڪنداسون. هي عرب دنيا ۾ ڏاڍيون مقبول هيون. انهن مان سر فهرست آهي "**سنڌي ململ**" سٺ مان ٺهيل هيءَ سنهو ڪپڙو يمن، حجاز ۽ مصر تائين ڏاڍو مقبول هو. مصر وارا مڙدن جي ممي ٺاهڻ ۾ سنڌ مان سنهي ململ ۽ نير گهرائيندا هئا. سنڌ جي ان باريڪ ململ کي عرب مسند، سنديه ۽ يوناني مائهو Sindon سڏيندا هئا ۽ هن ڪپڙي کي عزت جي نگاه سان ڏٺو ويندو هو.

سنڌي **اجرڪ** (چادر)، عام طرح سنڌي ڪپڙي مان چادرون ٺاهيون هيون. چاڪاڻ جو هيءَ ڪپڙو (چادرون) سنڌ مان پهريائين يمن ويندو هو جتان پوءِ بين عرب ملڪن ڏانهن روانو ٿيندو هو. ان ڪري عرب چادرن کي "برد يماني" (چادرون) چوندا

[8] قزويني آثار البلاد ص 85

هئا. دراصل اهي چادرون اسان جي زمين جون قابل فخر مصنوعات آهن.[9]
انهن چادرن ۾ چاڪاڻ جو نير استعمال ٿيندو هو ۽ انهن جو بنيادي رنگ به نيرو هوندو هو. ان ڪري عربن انهن چادرن کي نالو ڏنو ازرق (نيرو) جنهن اڳتي هلي پنهنجي ٻوليءَ ۾ بگڙي اجرڪ جو نالو حاصل ڪيو. ياد رهي ته "ج" ۽ "ز" هڪ ٻئي ۾ تبديل ٿيندڙ آهن ۽ "ق" سنڌي آواز نه آهي.
**ڇيٽ:** سنڌ مان نهيل خاص ڪپڙي کي ڇيٽ ڇٽبو آهي. هيءَ ڪپڙو به عربن ۾ ڏاڍو مقبول هو ۽ ان جي ڏاڍي کپت هئي. عربيءَ ۾ ان کي "شيت" چوندا هئا.

**عرب ۾ آباد سنڌي قومون:**

عرب خواه يوناني مورخ لکن ٿا ته، سنڌي نهايت محنتي، جفاڪش، ايماندار، وفادار، بهادر ۽ جنگجو هئا. انهن جون ست مشهور قومون هيون:
1_ زط (جت)، 2_ ميد، 3_ سيابجه، 4_ احامره، 5_ اساورة، 6_ بياسرة، 7_تکاکرة (ٺڪر).
هي تمام قومون جهاز رانيءَ ۾ به ماهر هيون ۽ اهي ديار عرب ۾ ڪيترن هنڌن تي آباد هيون ۽ خاص ڪري يمن جي علائقي ۾ انهن جو شان و شوڪت مچيل هو.
رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي ٻچپن واري زماني ۾، حبش جي بادشاهه مسروق ابن ابرهه يمن تي حملو ڪري اتي جي حاڪم سيف بن ذي يزن کي اتان لوڌي ڪڍيو. سيف بن ذي يزن ايران جي بادشاهه نوشيروان وٽ وڃي امداد لاءِ التجا ڪئي. نوشيروان بادشاهه سيف بن ذي يزن کان دريافت ڪيو:

أمي الاغربة؟ الحبشة ام السند؟

ترجمو: ڪهڙن غيرملڪي ماڻهن يمن تي قبضو ڪيو آهي؟ حبشين يا سنڌين.[10]
نوشيروان جي هن سوال مان ظاهر ٿو ٿئي ته انهن ڏينهن ۾ يمن ۾ آباد سنڌي قومون ڪيڏي نه شان و شوڪت سان رهنديون هيون ۽ انهن جي بهادريءَ جو

[9] اطهر مبارڪپوري، عرب وهند عهدِ رسالت ص 54
[10] سيرة ابن هشام ج 1، ص 63، بحواله عرب و هند ڪي تعلقات ص 57

سڪو ايران جي شهنشاھ جي دل تي ڄميل هو.

**مذهبي تعلقات:**

**(الف) عربستان ۾ سنڌين ڪي اسلام جي تبليغ:**

اسان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون ته سنڌ جا ڪيترا رهاڪو عربستان ۾ ڪيترن هنڌن تي اچي آباد ٿيا هئا. انهن مان اڪثر سنڌين سامونڊي ڪنارن جي آبادين ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي، خاص ڪري يمن، بحرين، عمان، هجر، قطيف دارين ۽ خط. انهن مان ڪي واپار ڪندا هئا، ڪي پنهنجي ذهانت ڪري سياست ۽ حڪومت ۾ حصو وٺندا هئا. ڪي وري لشڪري خدمتون ڏيندا هئا. بالخصوص زط ۽ اساورة.

عربستان جي انهن اوپر ۽ ڏکڻ وارن ڪنارن طرف، رسول الله صلي الله عليه وسلم اسلام جي تبليغ لاءِ وفد موڪليا، جتي اصلي باشندن سان گڏوگڏ سنڌين به اسلام قبول ڪيو.[11]

**(ب) سنڌ ۽ هندستان ۾ رسول اڪرم جي وصال کان چار سال پوءِ اسلام جي تبليغ:**

رحمت للعالمين صلي الله عليه وسلم هندوستان ۽ سنڌ ڏانهن تبليغي وفد موڪلڻ جو ارادو فرمايو هو. جنهن عزم کي سيدنا ابوبڪر رضي الله عنه جي ڏينهن ۾ عملي صورت ڏني وئي ۽ صحابه ڪرام رضوان الله عليهم جو هڪ وفد وصال نبوي صه کان 4 سال پوءِ هندوستان ۽ سنڌ ڏانهن روانو ٿيو ۽ ڪيترا سنڌي شرف به اسلام ٿيا.

اهڙيءَ طرح اسلام کان شرف ٿيڻ بعد ڪيترا سنڌي ڪاريگر ۽ واپاري عرب آبادين مان يا سنڌ مان اچي مڪه مڪرمه، مدينه منوره ۽ ٻين حجازي شهرن ۾ رهيا ۽ ڪيترا سنڌي عربن سان سيڻ پڻ ٿيا. ڪن سنڌين پنهنجون نياڻيون حرم نبوي صه ۾ خدمت چاڪريءَ لاءِ ۽ سادات ۾ شادين ۾ ڏنيون.

هڪ روايت مطابق جناب ام المؤمنين بيبي عائشه رضي الله عنها وٽ خدمت

[11] اطهر مبارڪپوري "عرب و هند عهدِ رسالت مين" ص 134

لاءِ هڪ سنڌي خادم هئي جا ديسي طب ۽ جڙي ٻوٽين ۾ ڏاڍي ڄاڻو هئي.[12]
حضرت علي عليه السلام جي فرزند محمد بن حنيفه جي ماءُ ۽ امام زين العابدين بن امام حسين عليه السلام جي والده ماجده سنڌياڻيون هيون [13]
ٻنهي زبانن جي ڳالهائيندڙن جي باهمي، لساني، ثقافتي، تجارتي ۽ مذهبي تعلقات جي اجمالي تذڪري کان پوءِ اسان پنهنجي نفس مضمون تي پنهنجا ڪجهه ڪلمات خدمت ۾ پيش ڪريون ٿا.

**سنڌي زبان تي عربيءَ جو اثر:**

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته عربي مسلمانن جي مذهبي، ثقافتي، سياسي ۽ بين الاقوامي زبان آهي؛ انهيءَ ڪري عربيءَ جو مسلم قوم جي زبانن تي اثرانداز ٿيڻ هڪ اڻ ٽر معاملو آهي. سنڌ جا عربن سان اسلام جي ظهور کان اڳيئي مختلف قسمن جا تعلقات هئا. ويتر جو اسلام جون شعاعون سنڌ جي واديءَ ۾ چمڪيون ته سنڌين عربيءَ کي پنهنجي دلين ۾ جاءِ ڏني. چنانچه واديءِ مهراڻ جا اڪثر مسلمان قديم زماني کان وٺي سنڌي ٻوليءَ تي نه صرف عبور رکندا آيا، بلڪ انهيءَ ٻوليءَ جي ارتقاءَ ۾ ڪافي جدوجهد کان ڪم وٺندا رهيا. سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۾ عربي زبان جو دخل و اثر بنسبت بين ٻولين جي گهڻو ۽ نمايان رهيو آهي.

سنڌي زبان تي عربيءَ جو اثر مندرجه ذيل حيثيتن سان واضح آهي.

**(الف) اصطلاحات و اختصارات وغيره:**

**(1) عربي رسم الخط جي لحاظ کان:**

سنڌي زبان تي عربي زبان جو نمايان ۽ هميشه رهندڙ اثر اهو آهي ته سنڌيءَ کي عربي زبان پنهنجو رسم الخط ڏنو. جو سندس رسم الخط سان وڏي مشابهت ۽ مماثلت ڪري عربي سنڌي خط سڏجي ٿو. هن رسم الخط حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌي ترقي يافته، علمي ۽ زنده جاويد زبان بنجي پئي.

اهو به صحيح آهي ته سنڌي هڪ هند آريائي زبان آهي، ليڪن سندس روح ۽

[12] عرب وهند عهدِ رسالت ميں ص 121

[13] ابن قتيبه المعارف ص 110

ساخت پنهنجي پينر زبانن کان مختلف آهي.

عربي رسم الخط کان اڳ سنڌي مختلف لپين ۾ لکي ويندي هئي. مٿن جي دڙي ۽ پنيور مان اسان کي ڪي ڪتبات مليا آهن. ليڪن سنڌيءَ جي عليحده ساخت ۽ روح ڪري انهن ڪتبن جون پڙهئيون اڃان تائين ٻولين جي ماهرن متعين نہ ڪيون آهن.

سنڌيءَ ۾ عربي رسم الخط جو باني مخدوم ابوالحسن آهي، جو ڪلهوڙن جي دور ۾ وڏن عالمن مان هڪ هو. ان ڪري هيءَ رسم الخط "ابوالحسن جي سنڌي" جي نالي سان بہ مشهور آهي، هن جي ڏينهن ۾ ٿتي ۾ ڪيترن ماڻهن اسلام قبول ڪيو. جيئن تہ انهن ۾ اڪثريت بالغن جي هئي، انهيءَ ڪري هن ضروري سمجهيو تہ اهڙن عمر رسيده نون مسلمانن لاءِ اسلامي اصول سندن مادري زبان ۾ لکيا وڃن، پر جيئن تہ سنڌيءَ لاءِ ڪا مقرر صورتخطي ڪانہ هئي، تنهن ڪري هن اول صورتخطي ٺاهڻ جو ارادو ڪيو.

مخدوم صاحب عربي ۽ فارسي ۾ مهارت رکندو هو ۽ سنڌيءَ لاءِ عربي رسم الخط جي نموني تي صورتخطي بنائڻ جو ويچار ڪيائين. سنڌي آوازن سان برابري ڏيکاريندڙ عربي رسم الخط جا 28 ئي حرف ڪنيائين. 3 حرف فارسيءَ مان ڪنيائين ۽ باقي سنڌي آوازن لاءِ فارسي ۽ عربي حرفن جي ڀيج گهڙ ڪري نوان نشان ۽ حرف مقرر ڪيائين.

سنڌس صورتخطيءَ ۾ ڪل حرف هيٺين ريت آهن:

**عربي حرف:** ا، ب، ت، ث، ج، ح، خ، د، ذ، ر، ز، س، ش، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق، ڪ، ل، م، ن، و، هہ، ي.

**پارسي حرف:** پ، چ، گ. [14]

هن رسم الخط جي تنزيہ ۽ ترقي 1853ع ۾ انگريزن جي دور حڪومت ۾ سر بارٽل فريئر جي نگرانيءَ ۾ ٿي، صورتخطي لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن ۾ 8 مقامي ۽ 2 يورپي ميمبر نامزد ٿيا هئا. هن ڪميٽيءَ جو سربراهه مسٽر ايلس

[14] ڊاڪٽر غلام علي الانا، "سنڌي صورتخطي" ص 30

(Ellis) هو. مقامي 8 ميمبرن مان 4 ميمبر مسلمان ۽ 4 ميمبر هندو عالم هئا.

مسلمان ميمبر هيٺين ريت هئا:

1_ خان بهادر مرزا صادق علي بيگ.

2_ ميان محمد حيدرآبادي.

3_ قاضي غلام علي ٺٽي وارو.

4_ ميان غلام حسين ٺٽي وارو.

هندو ميمبر هيٺين ريت هئا:

1_ راءِ بهادر نارائڻ جڳنناٿ.

2_ ديوان پرڀداس انندرام رامچنداڻي.

3_ ديوان اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي.

4_ ديوان ننديرام سيوهاڻي.

انگريز ميمبر هيٺين ريت هئا:

1_ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ.

2_ ڪئپٽن برٽن.

هن ڪميٽيءَ جي ميمبرن جي راين ۾ اختلاف ٿي پيو. ڪن ميمبرن جي راءِ هئي ته ديوناگري رسم الخط اختيار ڪيو وڃي. ليڪن وڏن علمي مناظرن ۽ بحث مباحثن کان پوءِ سنڌيءَ لاءِ عربي رسم الخط اختيار ڪرڻ جو فيصلو پاس ڪيو ويو.

جيڪڏهن علم صوتيات جي لحاظ کان سنڌي رسم الخط تي غور ڪري ڏسبو ته واضح طور تي معلوم ٿيندو ته ٻين ٻولين جي مقابلي ۾ عربيءَ جو سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط تي تمام گهڻو اثر آهي. جنهن جي هڪ خصوصيت ساڄي طرف کان لکڻ به آهي ۽ عربيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ تمام آواز سنڌيءَ ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ازانسواءِ انهن آوازن لاءِ حروف و اعراب جي صورتخطي به برقرار رکي وئي آهي.[15]

---

[15] "سنڌي صورتخطي"، ڊاڪٽر الانا، ص 36 ۽ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ڀيرو مل مهر چند ص 458

**(2) حروف الهجاء (الفابيٽ) جي لحاظ کان.**

سنڌي الف- ب ۾ حروف 52 استعمال ٿين ٿا. انهن ۾ 28 حروف عربيءَ جا بغينه شامل ٿيل آهن، جن مان ب، ت، ج، د، ر، س، ش، ڪ، ل، م، ن، و، ه ۽ ي صورتن وارا آواز سنڌيءَ ۾ اڳي ئي موجود هئا. باقي صورتون، ث، ذ، ص، ض، ط، ظ ۽ ع سنڌي الف- ب ۾ قائم رکيون ويون آهن، جيڪي عربي لفظن کي درست لکڻ ۾ ڪم اچن ٿيون.

خ، غ ۽ ق توڙي سنڌي آوازن جون صورتون نہ آهن، پر انهن صورتن وارا آواز سنڌ ۾ عربي صوتيات مطابق نہ پر عربي مخرج کان اڳيرو يعني ڪاڪڙي کان اڳيرو نرم تارون جي پويان اچارجن ٿا.

عربي صوتيات موجب انهن جو مخرج ڪاڪڙو آهي. ز ۽ ف عربي اثر ڪري سنڌيءَ ۾ مروج ٿي ويا، حالانڪ اهي ٻئي آواز ديسي نہ آهن.

اهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ الف، ب ۾ حروف صحيح ۽ حروف علت جو واڌارو ٿيو.

انهيءَ ڪري اسين چئي سگهون ٿا تہ سنڌي زبان تي حروف جي لحاظ کان عربيءَ جو گهرو اثر پيل آهي.

**(3) الفاظ جي لحاظ کان:**

عربي هڪ شاهوڪار زبان آهي ۽ سندس ڪيترا الفاظ سنڌيءَ ۾ داخل ٿي سندس لفظي ذخيري ۾ نمايان واڌارو ڪيو آهي، جيڪڏهن اسين سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي صورتخطي، پڙهڻي ۽ معنيٰ کي غور سان ڏسنداسين تہ هيءَ ڳالهہ واضح ٿيندي تہ عربيءَ جا ڪيترائي لفظ تلفظ، معنيٰ ۽ صورتخطيءَ ۾ هوبهو سنڌيءَ ۾ شامل ٿيل آهن. اهڙن لفظن کي اصطلاحاً "دخيل" لفظ ڪري ڪوٺجي ٿو ۽ ڪيترا ٻيا عربي لفظ تلفظ ۽ معنيٰ ۾ تہ ساڳئي طريقي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿين ٿا، اگرچہ انهن جي صورتخطيءَ ۾ ٿورو فرق آهي. اهڙيءَ طرح ڪيترائي عربي لفظ ڪن حرفن يا ڪن حرفن جي اعرابن جي ڦيرڦار يا اڳ پوءِ ٿيڻ يا ٿوري اضافي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ عام طرح مستعمل آهن. انهيءَ قسم جي لفظن کي اصطلاحي طور تي "مسند" لفظ ڪري سڏجي ٿو.

هيٺ ڪجهہ اهڙن لفظن جي الڳ الڳ لسٽ ڏجي ٿي، جنهن مان "الفاظ جي

لحاظ کان سنڌي زبان تي عربيءَ جو اثر" بخوبي واضح ثبوت ملي سگهي ٿو.

**(الف) عربيءَ مان آيل سنڌيءَ ۾ ڪجهه لفظن جي فهرست (الف- بي وار):**

اتحاد، اتفاق، اجل، اختيار، اسباب، اسرار، اشتهار، اشراف، اصيل، اظهار، اقرار، امتحان، امير، امين، انتظار، انتظام، انسان، انقلاب، ايمان، باب، باطن، بالغ، بخار، بر، بيان، تاريخ، تحرير، تصوير، تعلق، تعليم، تقدير، تقرير، تمام، ثواب، جاهل، جبل، جسم، جلد، جمال، جواب، جنون، حاڪم، حال، حبيب، حرف، حجام، حرام، حلال، حمد، خارج، خاص، خالق، خريف، خلق، خوف، خيال، خير، دائم، داخل، دنيا، دين، ديوان، ربيع، روح، زمان، زوال، سوال، سير، شاعر، شاهد، شخص، شرط، شروع، شرير، شعر، شهيد، صحيح، صلح، صواب، ضامن، ضمن، طالب، طبيب، طعام، طمع، ظاهر، ظالم، ظلم، عادل، عاشق، عالم، عامل، عام، عدل، عذاب، عرش، عشق، عقل، علاج، علم، عمر، عمل، غلط، غني، غير، فاتح، فتح، فتوي، فساد، فصل، فقر، فوج، قائد، قائم، قاتل، قادر، قانون، قتل، قدر، قلم، قميص، قوم، قيد، ڪاتب، ڪتاب، لائق، لازم، لباس، لفظ، مائل، مال، مجنون، محل، مخالف، مخلوق، مراد، مرشد، مرض، مريد، مشتاق، مضبوط، مضمون، معشوق، معني، مفتون، مقصد، منصف، منظور، موافق، نادر، ناشر، ناظم، نثر، نظم، نعت، نقصان، واحد، واقف، ورق، وزير ۽ وڪيل وغيره وغيره.

## (ب) عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ آيل ڪجهه "مسند" لفظن جي مختصر لسٽ:

| مسند لفظ | اصل عربي لفظ | مسند لفظ | اصل عربي لفظ |
|---|---|---|---|
| اجرڪ | ازرق | استيفا | استعفاء |
| اشتها | اشتهاء | امان | امر |
| ٻجاجي | بزاز | بصر | بصل |
| ترڪو | ترڪه | تسبي | تسبيح |
| ٿوم | ثوم /فوم | جزا | جزاء |
| جلسو | جلسة | جمل | جل |
| حود/ حودي | حوض | حيلو | حيلة |

| | | | |
|---|---|---|---|
| خرچ | خرج | خطا | خطاء |
| خطرو | خطره | دلو | دلو |
| دوا | دواء | ذريعو | ذريعة |
| زائفان | ضعيفہ | شال | شاء الله |
| شفا | شفاء | صفحو | صفحه |
| شبهو | شبهة | عطا | عطاء |
| طعنو | طعن | عطر | عطر |
| عقيدو | عقيده | فائدو | فائدة |
| قاعدو | قاعدة | قبول | قبول |
| قلف/ڪلف | قفل | ڪاتي | قاطع |
| مدرسو | مدرسة | مسالا | مصالح |
| مسيت | مسجد/ مسيد | مڪر | مڪر |
| ورثو | ورثة | وسيلو | وسيلة |
| وظيفو | وظيفة | وعدو | وعد |
| وفا | وفاء وغيره | | |

ياد رهي تہ عربيءَ جي عاتي زبان ۾ مسجد کي مسيد چوندا آهن 'ج' کي 'ي' سان تبديل ڪندا آهن ۽ مسيد کي سنڌي ماڻهو مسيت چوڻ لڳا. جيئن 'مدد' کي 'مدت' چوندا آهن.

(ج) عربيءَ مان آيل اهڙن لفظن جي لسٽ جن جو تلفظ ۽ معنيٰ تہ ٻنهي ٻولين ۾ ساڳي آهي، ليڪن صورتخطيءَ ۾ ٿورو فرق آهي.

| سنڌيءَ ۾ | عربيءَ ۾ | سنڌيءَ ۾ | عربيءَ ۾ |
|---|---|---|---|
| آخرت | آخرة | اجازت | اجازة |
| اڪابر | اڪابر | الفت | الفة |
| امانت | امانة | انڪار | انڪار |
| برڪت | برڪة | تحرڪ | تحرڪ |
| تڪبر | تڪبر | ثروت | ثروة |
| جهالت | جهالة | حالت | حالة |

| | | | |
|---|---|---|---|
| حشمت | حشمة | دعوت | دعوة |
| ذڪر | ذکر | رحمت | رحمة |
| رخصت | رخصة | زراعت | زراعة |
| سياحت | سياحة | سيادة | سيادة |
| شباهت | شباهة | شرارت | شرارة |
| شڪ | شک | صحت | صحة |
| صورت | صورة | ضيافت | ضيافة |
| طاقت | طاقة | طهارت | طهارة |
| ظلمت | ظلمة | عادت | عادة |
| عيادت | عيادة | غفلت | غفلة |
| غيرت | غيرة | فرحت | فرحة |
| فڪر | فکر | قيادت | قيادة |
| قيامت | قيامة | قيمت | قيمة |
| ڪرامت | کرامة | لياقت | لياقة |
| مساوات | مساواة | مشڪور | مشڪور |
| مطابقت | مطابقة | موافقت | موافقة |
| نبوت | نبوة | نظافت | نظافة |
| نيابت | نيابة | وحدت | وحدة |
| همت | همة وغيره | | |

(د) عربيءَ مان آيل اهڙن لفظن جي مختصر لسٽ جن جو تلفظ ۽ صورتخطي ته ٻنهي ٻولين ۾ ساڳي آهي، ليڪن معنيٰ مختلف آهي:

| لفظ | سنڌيءَ جي لحاظ کان معنيٰ | عربيءَ جي لحاظ کان معنيٰ |
|---|---|---|
| افواه/ أفواه | غلط پروپيگنڊا يا غلط تشهير (واحد /جمع) | وات (ج فم يا فوه جو) |
| اولياء | ولي (واحد) | ولي جو جمع |
| تکرار /تڪرار | جهڳڙو | ڪيترا دفعا دهرائڻ |

| | | |
|---|---|---|
| حرڪة/حرڪت | شرارت | چُرپر |
| حور | حور_خوبصورت زال (واحد) | حورون (جمع) |
| خراب | ڪنو_ بڇڙو | ويراني_ سڃ |
| خط | چٺي، خط | ليڪو، رستو |
| زلف | ڪليل وار | ڳنڍيل وار |
| سواد | ذائقو_ لذت | ڪاراڻ |
| شراب | نشيدار پيئڻ جي شيءِ | ڪاٻ پيئڻ جي شيءِ |
| شربة/شربت | مٺو پاڻي (ڪنڊ وغيره سان ملائي ناهيل) | پيئڻ/ ڍڪ |
| غريب | مسڪين | عجيب، ڌاريو/ اجنبي |
| ملائڪ/ | فرشتو/فرشتا واحد/ جمع[16] | فرشتا (ملڪ جو جمع) |

**4_ اصطلاحات عِلوم ۽ فنون جي لحاظ کان سنڌي زبان تي عربيءَ جو اثر:**

هيءَ هڪ ناقابل انڪار حقيقت آهي تہ علوم ۽ فنون جي مختلف ميدانن ۾ ڪيترائي عربي الفاظ سنڌي ٻوليءَ ۾ بطور اصطلاحات ڪتب آندا ويا آهن، جيڪي سنڌي زبان تي عربيءَ جي اثر جي غمازي ڪن ٿا. انهن مان ڪي هيٺ ڄاڻائجن ٿا:

**1_ رسم الخط:**

(1) نسخ، (2) تعليق، (3) نستعليق، (4) حروف تهجي وغيره، (5) املا صورتخطي، (6) قلم.

**2_ علم الادب:**

(1) نثر، (2) نظم، (3) بيت، (4) مصرع، (5) قافيہ، (6) رديف، (7) بحر/ وزن، (8) عروض، (9) نعت، (10) حمد، (11) منقبت، (12) رباعي، (13) مخمص، (14) مسدس، (15) قصيدو، (16) غزل، (17) مدح، (18) هجو.

[16] ڊاڪٽر بلوچ، سنڌي ٻولي جي تاريخ

3_ صرف و نحو:

(1) لفظ. (2) اسم ۽ ان جا قسم مثلاً اسم عام، اسم خاص، اسم ذات وغيره (3) ضمير ۽ ان جا قسم مثلاً ضمير خالص (متڪلم، مخاطب ۽ غائب) ضمير استفهام، ضمير موصول و جواب موصول، ضمير مشترڪ وغيره. (4) صفت ۽ ان جا قسم مثلاً صفت عددي، صفت مقداري وغيره. (5) فعل ۽ ان جا قسم مثلاً فعل لازمي، فعل متعدي، فعل معروف، فعل مجهول، فعل ماضي مطلق، ماضي قريب، ماضي بعيد، استمراري، فعل مضارع، امر، مستقبل وغيره. (6) ظرف ۽ ان جا قسم مثلاً ظرف زمان، ظرف مڪان، ظرف تميز وغيره. (7) حروف ۽ ان جا قسم مثلاً حرف جر حرف ندا، حرف جملو وغيره. (8) ترڪيب مثلاً جملہ انشائيہ، جملہ خبريہ، جملہ حڪميہ، جملہ دعائيہ مبتدا ۽ خبر، فاعل، مفعول، حالت فاعلي، حالت مفعولي، حالت جري وغيره.

4_ علمِ بديع، علمِ بيان ۽ علمِ معاني:

(الف) علمِ بديع:

(1) صنائعَ (لفظي و معنوي)، تجنيس تمام و تجنيس ناقص، (3) ايهام، (4) مراعات النظير يا تناسب، (5) مشاڪلت، (6) عڪس، (7) لف و نشر (مرتب و غير مرتب)، (8) مبالغو، (9) اغراق، (10) غلو، (11) مدح مشابه ذم و ذم مشابه مدح، (12) حشو (مليح و قبيح).

(ب) علمِ بيان:

(1) دلالتَ (التزامي)، (2) حرف تشبيه، مشبه، مشبه به، وجه شبه/ غرض تشبيه. (3) تشبيه جا قسم: ملفوف، مجمل، مفصل قوي، ضعيف، ڪامل، ناقص، (4) حقيقت، مجاز (مجاز استعاره و مجاز مرسل. (5) استعاري جا قسم: تمثيل، استعاره داخليه و خارجيه مطالقة، مجردة. (6) مجاز مرسل جا نمونا: ڪليه، جزئيه، سببيه، محليه، آليه، ماضيه، استقباليه. (7) تعريض، (8) ڪنايہ ۽ ان جا نمونا: ايماء، رمز، تلويح وغيره.

(ج) علمِ معاني:

(1) فصاحت، لفظ فصيح، ڪلام فصيح، (2) بلاغت، (3) مسند، مسنداليه ۽

سناد. (4) قصر (حقيقي وغيره حقيقي). (5) فصل و وصل. (6) ايجاز (قصر و حذف). (7) اطناب ۽ (8) ڪلام مهمل.

**(5) علمِ رياضي (علمِ هندسة):**

(1) حسابَ (2) الجبرا َ(الجبر). (3) ضرب ۽ (4) جزا/ جزاءُ وغيره.

**(6) طب و حڪمت:**

(1) طبيب/حڪيم. (2) امراض: وجع المفاصل، ذيابيطس، قولنج وغيره. (3) تشخيص، (4) علاج ۽ (5) دوا /دواءُ.

**(8) معاشرتي علوم /تاريخ، جاگرافي /جغرافيا، سياسيات، اقتصاديات وغيره.**

عربي هڪ جامع ۽ وسيع ٻولي آهي. محاورن، اصطلاحن ۽ پهاڪن سان مالامال آهي. عربي ٻوليءَ مان سنڌي زبان ۾ بين صنفن سان گڏ محاورا ۽ ضرب الامثال اچي ويا آهن. جي پڙهيل خواهه اڻ پڙهيل سڀ سمجهن ۽ ڳالهائين ٿا. انهن مان ڪي محاورا ۽ ضرب الامثال پيش ڪجن ٿا:

**(1) محاورا:** انشاءَ الله، ماشاءَ الله، سبحان الله، الحمدلله، لاحول ولاقوة، جزاڪ الله.

**(2) پهاڪا:** سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي پهاڪن جو زياده تر ترجمو ٿيو آهي[17].

| سنڌيءَ ۾ | عربيءَ ۾ |
|---|---|
| تڪڙ ڪم شيطان جو | التعجيل فعل الشيطان |
| هيڪلي جو واهي الله | من له المولٰي فله الكل |
| اڄ جو ڪم سڀان تي نہ ڇڏ | لاتؤخر عمل اليوم الي الغد |
| انسان احسان جو ٻندو آهي | الانسان عبدالاحسان |
| ڪتي جا ڏند، گڏهه جو ماس | اسنان الكلاب لحم الحمار |

**6_ اقتباسات جي لحاظ کان:**

هن مقالي ۾ اهو ذڪر ڪرڻ نهايت ڏکيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ عربيءَ جهڙي ذخار ٻوليءَ مان ڪهڙا اقتباس ورتا ويا آهن. هر معاملي لاءِ هڪ ڪتاب درڪار آهي. سنڌي اديبن: ديني ادب (قرآن وحديث)، اقوال و آثار، امثال و حڪم، لطائف و

[17] پيرومل مهرچند آڏواڻي، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ص 116، پهاڪن جي ٻاڙ، عبدالڪريم سنديلو _ مقدمو

قرآن مجيد جو ڪنهن به غير ٻوليءَ ۾ پهريون ترجمو سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيو ۽ اهو مهروڪ بن رائق راجا جي درخواست تي عبدالله بن عمر بن عبدالعزيز هباريءَ جي حڪم سان هڪ عالم لکيو.

قرآن مجيد جا سنڌيءَ ۾ ٻيا ترجما ۽ تفسير هن ريت آهن:

1- قرآن مجيد مترجم قاضي عزيزالله مٽياري.

2- قرآن مجيد جو ترجمو مترجم مولانا محمد صديق.

3- قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو حضرت مولانا تاج محمود شاهه امروٽي.

4- قرآن مجيد جو ترجمو قاضي عبدالرزاق روهڙي واري جو

5- قرآن مجيد جو ترجمو شيخ عبدالعزيز وارو.

6- قرآن مجيد جو ترجمو مولانا محمد مدني صاحب وارو.

7- مولوي عبدالغفور ڪڏي ڪراچي واري جو ترجمو.

8- قرآن مجيد جو منظوم سنڌي ترجمو "نورالقرآن" مترجم مولانا احمد ملاح.

9- تفسير هاشمي- مخدوم محمد هاشم رحه جو.

10- تفسير ڪوثر شاهه مردان شاهه رحه جو.

11- تفسير مفتاح رشدالله پيرجهنڊي واري جو.

12- تنوير الديمان تفسير ۽ ترجمه مولانا محمد عثمان نورنگ زادي واري جو وغيره[18]

(6) **ڪتب احاديث جي شرحن جي لحاظ کان:**

هن ڏس ۾ به سنڌي علماءِ پاڻ چڱو موڪيو آهي. ڪجهه ڪتابن جو ذڪر ڪجي ٿو:

| ڪتاب | مصنف |
|---|---|
| اصول نجات | مولوي محمد اُيڻ مهيري |
| الهام الباري | مولانا دين محمد وفائي |
| تحفة المسلمين | مولوي محمد عثمان |

---

[18] قرآن مجيد جا تفسير ۽ ترجما- مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

| | |
|---|---|
| چاليهه احاديث | مولوي عبدالرحمان پنو |
| مشڪواة شريف | مولوي محمد عمرجوڻيجو [19] |

**(7) فتاوي و فقهي مواد جي لحاظ کان:**

فتوائن ۽ فقه جي ميدان ۾ سنڌي عالمن جون گرانقدر خدمتون آهن. مخدوم محمد هاشم، مخدوم محمد قائم مخدوم ابراهيم، مخدوم عيسيٰ، مولانا ابراهيم ياسيتوي، مولانا محمد قاسم ياسيتوي، مولانا غلام عمر جتوئي ۽ مولانا عبدالغفور همايوني جون خدمتون فخر سان ٻڌائي سگهجن ٿيون.

**(8) منطق ۽ فلسفہ جي لحاظ کان:**

سنڌ ۾ ڪيترين صديون عربيءَ جا وڏا مدرسا رهيا، جن ۾ پري پري کان به طالب اچي پڙهندا هئا ۽ منطق ۽ فلسفي تي بحث آرايون ٿينديون هيون.

**(9) مغازي و سيرت، اخبار و تواريخ جي لحاظ کان:**

هنن سيني علمن ۽ فنن ۾ به سنڌ جي جن علماءِ بي مثال ڪارناما ڪيا آهن. تن جي ڪجهه ڪتابن جو ذڪر ڪجي ٿو:

| ڪتاب | مصنف |
|---|---|
| حيات النبي ﷺ | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي |
| حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ | مولانا دين محمد وفائي |
| سيرت النبي ﷺ | فضل احمد غزنوي |
| رسول پاڪ ﷺ | غلام محمد شاهواڻي |
| اسان جو پيارو رسول ﷺ | مخدوم امير احمد [20] |

**(10) طب و رياضيءَ جي لحاظ کان:**

هنن علمن ۾ به سنڌ جي عالمن بيش بها خدمتون انجام ڏنيون آهن:

**(الف) علم الحيوانات والنباتات جي لحاظ کان:**

واديءِ سنڌ جي عالمن عربي مدارس ۾ مختلف علوم و معارف جو مطالعو ڪيو ۽ سندن اپياس جو اثر سندن خدمتن ۾ ٿي ذڪر ڪيل علمن ۾ ملي ٿو.

---

[19] ديني ادب جو ڪئٽلاگ – مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

[20] سنڌ جي ديني ادب جو ڪئٽلاگ – مولانا قاسمي

جن جو اُپٽار ڪرڻ هن مختصر مقالي ۾ ناممڪن آهي.

**(ب) خصوصيات:**

**(1) جامعيت ۽ اختصاريت جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ تي عربيءَ جو اثر:**

اگرچه هر زبان ۾ پنهنجي سر ڪافي لفظن، اصطلاحن، پهاڪن وغيره تي مشتمل ذخيرو زنده ٻوليءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ضروري هوندو آهي، ليڪن اهڙي ترقي پذير خواه ترقي يافته ٻوليءَ ۾ ڪن اهڙين خصوصيتن جو حاصل هئڻ به ضروري آهي، جن جي ڪري ٻوليءَ ۾ ٻاهرين ڌارين ٻولين مان مفيد جامع مختصر الفاظ وٺي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي.

اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ تي عربي زبان جو ايترو اثر پيل آهي، جنهن ڪري سنڌي زبان ۾ جامعيت ۽ اختصاريت جي وصف پيدا ٿي وئي آهي. چنانچه انهيءَ جي تفصيل مٿي ذڪر ڪيل مواد ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

**(2) جاذبيت و مفاهمت جي لحاظ کان:**

عربي زبان مان ورتل لفظن سنڌي ٻوليءَ ۾ جاذبيت ۽ مفاهمت پيدا ڪري ڇڏيون، اهوئي سبب آهي جو سنڌي زبان ڳالهائيندڙ عوام توڙي خواص انهن لفظن کي استعمال ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي اجنبيت محسوس نٿا ڪن. بلڪ اهي لفظ مادري زبان ۾ ايتريقدر گڏجي ويا آهن، جو ڪٿي ڪٿي عربي ۽ سنڌيءَ جي لفظن ۾ فرق ڪرڻ اهل علم لاءِ به مشڪل ٿي پيو آهي.

عربي ۽ سنڌيءَ جي انهيءَ ربطَ و تعلق جي ڪري عربن ۽ سنڌين جي وچ ۾ مفاهمت جو ماحول پيدا ٿي ويو آهي ۽ انهن کي هڪ ٻئي جي قريب آڻڻ ۾ تمام گهڻو ڪردار ادا ڪيو آهي.

**(3) مشارڪة و مقاربة جي لحاظ کان:**

عربي زبان جي اثر ڪري سنڌي ٻولي ۽ عربي ٻوليءَ جي درميان مشارڪة و مقاربة جون خصوصيتون پيدا ٿي ويون آهن. يعني ٻنهي ٻولين جي وچ ۾ ڪافي انداز ۾ ساڳيا يا هڪجهڙا لفظ اصطلاح، محاورا، اقتباسات، فقرا، ضرب الامثال، طرزِ بيان، طرزِ سوچ و فڪر، طريقہ استدلال، طريقہ تحقيق و تجسس موجود آهي. جنهن ڪري عربي ڳالهائيندڙن ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن

جي وچ ۾ زندگيءَ جي هر ميدان ۾ علمي خواه عملي، سياسي خواه مذهبي وغيره مشاركت ۽ مقاربت جو ماحول سازگار ٿي چڪو آهي. ۽ انشاءَ الله اهو اڃا به پختو ۽ مستحڪم رهندو ۽ اسان جي پياري زبان بين الاقوامي ميدان ۾ هڪ نمايان مقام پيدا ڪندي.

**ماخذ:**

**(الف) عربي ڪتاب:**

1ـ بشاري مقدمي، "احسن التقاسيم في معرفتہ الا واليم"، مطلبوع، لائيدن، 1870.

2ـ ابن قتيبه، "ڪتاب المعارف"

3ـ بزرگ بن شهريار، "عجائب الهند"

4ـ البيروني، "ڪتاب الهند"، حيدرآباد دکن، 1377هه.

5ـ ابن حوقل، "ڪتاب العسالک والعدالک"، لائيدن، 1872ع.

6ـ مهوب بن احمد الجواليقي، "المعرب"، طهران 1966ع.

**(ب) سنڌي ڪتاب:**

7ـ ڀيرومل مهرچند، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، 1966 ع.

8ـ حڪيم فتح محمد، "آفتاب ادب"، سنڌي ادبي بورڊ، 1974 ع.

9ـ مرزا قليچ بيگ، "سنڌي وياڪرڻ"، سنڌي ادبي بورڊ، 1960 ع.

10ـ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1980 ع.

11ـ ڊاڪٽر غلام علي الانا، "سنڌي صورتخطي"، سنڌي زبان پبليڪيشن، حيدرآباد، 1969 ع.

12ـ عبدالڪريم سنديلو، "ڀهاڪن جي ڀاڙ"، اسلم پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 1970 ع.

**(ج) اردو ڪتاب:**

13ـ سيد سليمان ندوي، "عرب و هند کي تعلقات" ڪريم سنز پبلشرز

ڪراچي، 1976ع.
14_ قاضي اطهر مبارڪپوري، "عرب و هند عهد رسالت مين". مڪتبہ عارفين ڪراچي، 1975ع.
15_ قاضي اطهر مبارڪپوري، "هندوستاني عربون ڪي حڪومتين"، مڪتبہ عارفين، ڪراچي، 1975ع.
(د) انگريزي:
16_ Kalich bag Mirza, Ph: I0 I0 gicel Iuriosities, Hyderabad, 1911.

[سنڌي ادب 1_2/86_1985ع]

هدايت پريم

# سنڌو لکيت تي ٿيل تحقيق جو مختصر جائزو

سنڌو ماٿر جي قديم تهذيب نديءَ ڪنڌي جي رهواسين لاءِ فخر جو باعث آهي. هن عظيم تهذيب جي وارثن، يعني اصلوڪن رهاڪن جي عقلمندي، هوشياري، منصوبه بنديءَ کان علاوه سنڌن علمداني جي جوهرن سان مزين هجڻ جا پڪا ثبوت مليا آهن. تن ۾ سنڌن عجيب ۽ غريب تحريرون شامل آهن، جي مهرن جي صورت ۾ مليون آهن.

سنڌو تهذيب، جنهن کي دنيا جا عالم هڙپن ڪلچر جي نالي سان پڻ سڏين ٿا، سا اٽڪل هڪ هزار ميل اتر کان ڏکڻ ۽ اٽڪل هڪ هزار ميل اولهه کان اوڀر جي ايراضيءَ تي پکڙيل هئي، مڪران جي ساحل وٽ دريافت ڪيل ستڪاجن دڙي کان ڏکڻ گجرات جي ڀڳت راءِ جي آثارن تائين ۽ لوٿل کان هڙاپا تائين اڍائي سؤ کن کنڊرن ۾ سنڌو تهذيب جا آثار مليا آهن. هن تهذيب جي قدامت جي باري ۾ آرڪيالاجيءَ جي ماهرن جا رايا ريڊيو ڪاربن ۽ ٻين جوهري طريقن سان آزمايا ويا آهن، جيڪي نتيجا حاصل ٿيا آهن، تن موجب:

هڙاپا تهذيب کان اڳاٽي آثار قديمه ڪوٽ ڏجيءَ جي مٿاهين سطح جي تاريخ ق. م 140- 210 ملي آهي، جنهن بنياد تي هڙاپا تهذيب جي شروعات 2240ق. م مقرر ڪري سگهجي ٿي. موهن جي دڙي جي مٿاهين سطح لاءِ ڇهه مختلف تاريخون مليون، جن جي سراسري 2000 ق. م آهي. بهرحال جوهري تاريخ 2300- 2000 ق. ملي آهي. (1)

چار پنج هزار ورهيه اڳ جي لکيت واريون اهي مهرون سنڌو ماٿر جي مکيه ٻن وڏن شهرن يعني موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان گهڻي تعداد ۾ مليون آهن، ۽ ٻين ننڍين وستين مان پڻ ٿوري ٿوري تعداد ۾ مليون آهن، جهڙوڪ: چنهون جو دڙو، لوٿل، ۽ ڪالي بنگن جي ايراضين مان پڻ به سؤ کن مهرون مليون آهن. موهن جي دڙي لاءِ تصور ڪيو ٿو وڃي ته ان مان اڃان به ڪيتريون ئي مهرون ملنديون. ڇاڪاڻ ته اتان جي ڪافي ايراضيءَ جي کوٽائي ڪانه ڪرائي وئي آهي. (2)

هي مهرون نہ صرف سنڌو تهذيب واري ايراضيءَ مان لڌيون ويون آهن، پر اٽڪل چاليهہ کن مهرون وچ اوير جي قديم آثارن جهڙوڪ: ڪيش، لاگاش، اُما ۽ سوسا (Kish, Lagash, Umma, Susa) مان پڻ مليون آهن. سنڌو تهذيب ڏٺين جا سمنڊ پار انهن ڏورانهن ڏيهن جي ماڻهن سان ساموندي رستي وسيلي واپاري ناتا هئا، ۽ اچ وڃ هئي، تنهن ڪري ٿي سنڌو لکت واريون مهرون اتان مليون آهن. (3)

سنڌو لکيت کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ آثار قديمہ، لسانيات، عمرانيات ۽ ٻين علمن جي ماهرن وقت بوقت ڪوششون ڪيون آهن. هيءَ لکت جڻ هڪ پرولي بنجي چڪي آهي، جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ اجا ڪنهن سليو نہ آهي. سڀ کان پهريائين ڪلڪتي مان 1875ع ۾ سر اليگزينڊر ڪننگهام، آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي رپورٽ سال 73 ـ 1872ع شايع ڪئي، جنهن ۾ هڙاپا مان لڌل هڪ مهر جي باري ۾ ٻڌايو تہ ”لکت ڇهن مختلف نوعيت وارن اکرن ۾ اکريل آهي. مون کي ڄاڻ نہ آهي، پر هي خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ اهي ڪنهن بہ هندستاني ٻوليءَ جا اکر نہ آهن، چاڪاڻ تہ ڏڳي جي تصوير اکرن سان گڏ اُڪريل آهي، ان جو ڪلهو اپريل نہ آهي، ان ڪري آئون هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ اها مهر هندستان سان نہ بلڪ ڪنهن ٻي غيرملڪ سان تعلق رکي ٿي. (4)

هڙاپا مان 1884ع ۾ هڪ ٻي مهر پڻ ملي، جنهن تي ساڳي نوعيت جا 5 اکر اکريل هئا، پر اکرن سان گڏ ڏڳي جي مورت اکريل ڪانہ هئي: ان بنسبت هڪ مضمون ڊيمس ايمر لانگورٿ "Old Seals Found at Harrapa" جي نالي سان انڊين ائنٽيڪيوري جي 1886ع واري شماري ۾ شايع ڪرايو. (5)

1925ع ۾ ايل اي ويڊل هڪ مضمون نالي "Indo_Sumerian Seals Deciphered" لکيو. ويڊل جي خيال ۾ سنڌو ماٿر جي رسم الخط جي سميري رسم الخط سان گهڻي هڪجهڙائپ آهي. هن جي راءِ آهي تہ موهن جي دڙي جا ماڻهو آريا هئا، انهيءَ ڪري هن سنڌو لکيت جي مهرن جي نشانين جي سميري لکيت جي نشانين سان ڀيٽ ڪرڻ کان پوءِ ان ۾ ويدن واري دور جي جنگي

جوڙن، بزرگن ۽ ديوتائن جا نالا تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جي مطالعي جو طريقو ۽ ان جا نتيجا اڻپورا هئا.“(6)

سر جان مارشل جو جڳ مشهور ڪتاب ”موهن جو دڙو اينڊ انڊس وئلي سولائيزيشن“ 1931ع ۾ ڇپيو، هن ڪتاب ۾ سنڌو لکيت جي باري ۾ ٻه باب لکيا ويا، پهرئين باب جي پهرئين حصي جو ليکڪ ”سي جي گيڊ“ هو، جنهن "Sign List of Indus Script" لکيو ۽ ٻيو حصو ”سڊني سمٿ“ "Mechanical Nature of Indus Script" لکيو. جڏهن ته ٻئي باب ۾ پروفيسر ايس لينگڊن سنڌو لکيت تي ڪافي کوجنا بعد پنهنجا رايا ڏنا. هن باب جو نالو به "Indus Script" رکيو. گيڊ صاحب موجب:

سنڌو لکيت رکني (Syllabic) هجڻ سان گڏ منجهس (Ideographs) تصوري نشانيون پڻ مليل جُليل طور شامل آهن. تنهن ڪري هيءَ خط مخروطي خط کان مختلف نہ آهي. معلوم ٿي رهيو آهي ته هنن مهرن تي ماڻهن جا نالا لکيل آهن، جيڪي انهن مهرن جا مالڪ ٿي سگهن ٿا. مختصر تحرير ۾ صرف نالا ٿي سگهن ٿا، جڏهن ته نسبتاً ڊگهن لکيتن ۾ ين لائينن وارين مهرن تي نالن سان گڏ لقب القاب وغيره ٿي سگهن ٿا. (7)

گيڊ، سنڌو لکيت واري ٻوليءَ کي هند آريائي ٻولي سڏيندي ڪجهه اکرن جي پڙهڻي پڻ قائم ڪئي.

سڊني سمٿ چوي ٿو ته انهن مهرن تي اڪريل نشانين تي ڪيل ڇڪاس مان پتو پوي ٿو ته انهن مان اڪثريت کي پنهنجي پنهنجي معنيٰ آهي ۽ ڪن تي وري تصوري نشانيون (Ideograms) اڪريل آهن، جنهن جو مطلب هڪ لفظ هڪ تصور سمجهه ۾ اچي ٿو، تنهن ڪري اهي مورتون پد (Syllable) طور استعمال ڪري نٿو سگهجي. ڇڪاس بعد پڪ ٿي آهي ته مذڪوره مهرن تي ذاتي نالن سان گڏ انهن جون اهم ترين خصوصيتون پڻ اڪريل آهن (8).

پروفيسر لينگڊن پنهنجي قيمتي مقالي ۾ لکي ٿو:

اوائلي هندستاني برهمي رسم الخط سنڌو ماٿر جي هن قديم مورتن واري لکيت مان نڪتي آهي. مون ڪيترن ئي برهمي اکرن جي اصليت اعتماد سان

سنڌو لکيت مان ڳولهي ڪڍي آهي. اهڙي هڪ لسٽ ۾ مون انهن نڪتل نشانين کي آوازي صُورتون ڏنيون آهن، پر اهو امڪان بہ آهي تہ اصل صورتن وارين نشانين جون آوازي صورتون صحيح هجن. جهڙيءَ طرح فونيشن لکيت، مصري لکيت، تصويري خط جي نمائندگي ڪري ٿي. بهرحال يقيني طور چئي سگهجي ٿو تہ سنڌو لکيت "پدوار" (Syllabic) واري مرحلي تي پهتل آهي، يعني هرهڪ اکر ۾ هڪ وينجن ۽ هڪ سر شامل آهي، جيئن برهمي ۾ بہ آهي. اهي اکر ائين بہ استعمال ڪري سگهجن ٿا ۽ صوتي عنصر طور پڻ لکيت ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا، جيئن ڪيتريون ئي تصويري نشانيون (Pictograph) سميري دستاويزن ۾ ملن ٿيون.

سنڌو لکيت جو ڪنهن بہ طرح سميري يا پروٽو ايلاميٽڪ نشانين سان پري جو تعلق بہ نہ آهي. مون اهڙين نشانين جي ڀيٽ ڪري ڏني آهي. البت سنڌو لکيتون مصري هيرو گلفي تحريرن سان تمام گهڻي مشابهت رکن ٿيون، نسبتاً سميري ليڪن واري مخروطي (Cuneiform) جي. ڀيو تہ سنڌو لکيت ۾ جداگانہ تاڪيدي نشانين جو موجود هئڻ، ڪيس ڀين ڪان بنهہ علحدو ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي خيال ۾ برهمي خط، سامي خط مان نڪتل هئڻ وارا رايا غلط ثابت ٿيا آهن. (9)

پروفيسر لينگڊن برهمي کي سنڌو لکيت مان هجڻ ثابت ڪيو آهي. ڪجهہ نشانيون ثبوت طور پيش ڪيون آهن. هيءَ مشابهت اتفاقي آهي. چاڪاڻ تہ برهمي لاءِ ثابت ٿي چڪو آهي تہ برهمي اتر ساميٽڪ خط مان جيڪڏهن هوبهو نقل نہ ڪيو ويو آهي پر ڪافي ڪجهہ آڌار ڪيو ويو آهي ۽ ساڳي ئي وقت ان ۾ مقامي طور تي اوسر ٿيڻ واضح صورت ۾ نظر اچي ٿو. (10)

ڊاڪٽر پراڻ ناٿ جي تحقيق رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جرنل جي 1931ع واري شماري ۾ ۽ ڪلڪتي جي هڪ مخزن ۾ ٻن مضمونن:

(i) Script of Indus Valley.

(ii) Script of Indus Valley Seals.

۾ شايع ٿي. پراڻ ناٿ نسبتاً وڏيڪ جهوني برهمي لپيءَ سان سنڌو لکيت کي

پيٽنيو ۽ هن نتيجي تي پهتو ته سنڌو ماٿر جي زبان جو راز "تنترن" منجهان ملي ٿو، جنهن جي زبان سنسڪرت آهي. بلڪل ساڳيو خيال سوامي شنڪر آنند جو پڻ آهي. هن نظريي کي ثابت ڪرڻ ۾ ڪل جهڙا دليل پيش ڪيا ويا آهن ۽ هن بنيادي ڳالهه کي جاڻي ٻجهي وسارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌو ماٿر جي تهذيب نندي ڪنڌ ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ جي تهذيب آهي. (11)

1932ع ۾ سر فلنڊرس پيٽري "ائنشنٽ ايجپٽ" جرنل ۾ "موهن جو دڙو" نالي مضمون لکيو، جنهن ۾ سنڌو لکيت جي نشانين کي مصري لکيت جهڙيون تصوري نشانيون (Ideographs) قرار ڏنو. ساڳئي وقت چيو ته مهرن تي لقب وغيره اُڪريل آهن.

1934ع ۾ جي آر هنٽر جو مشهور ڪتاب "Script of Harappa & Mohen Jo Daro" شايع ٿيو. هنٽر صاحب جي محنت تي داد ڏيڻ گهرجي. تمام ڳوڙهو مطالعو ڪرڻ بعد جن خيالن جو اظهار ڪيو آهي، سي هن ريت آهن:

پروفيسر لينگڊن جيڪڏهن صحيح آهي ته هڙاپا ۽ موهن جي دڙي واري رسم الخط مان برهمي خط اسريو آهي ته پوءِ اُن جو مطلب هي ٿيندو ته ڪجهه نشانيون آوازي صورت اختيار ڪري 'هندن' کي مليون، يا ڪنهن ٻي آڳاٽي قوم اهڙيون نشانيون 'هندن' تائين پهچايون. ان جو هي مطلب هرگز نٿو نڪري ته هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جا آڳاٽا رهواسي "سنسڪرت" ڳالهائيندا هئا. جيئن ڪرنل ويڊل سمجهيو آهي. اهو ائين آهي جيئن چئجي ته فونيشي لوڪ يوناني ڳالهائيندا هئا. بهرحال سنڌو لکيت، جنهن کي هنٽر صاحب "پروٽو انڊو اسڪرپٽ" سڏي ٿو، ان کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن قطعي فيصلي تائين پهچڻ کان اڳ ڪجهه عارضي نتيجا هي ڪڍيا:

1_ هي نشنايون گهڻي ڀاڱي صوتي يا اُچاري آهن.

2_ انهن جي اصليت "انوماني ۽ مورتي"، تصوري ۽ تصويري Ideographic and Pictographic آهي.

3_ هن رسم الخط جي شروعات 3000 ق. م کان به ڪافي صديون اڳ ٿي هوندي. ڇاڪاڻ ته اڪثر نشانين مان پتو پوي ٿو ته اهي رائج رهندي

باقاعدگي اختيار ڪري چڪيون آهن.

4- هن رسم الخط جي سميري ۽ پروٽو ايلامينٽڪ خطن سان هڪجهڙائي آهي. سمير جي قديم دور "جمدة النصر" 3500 ق. جي نشانين سان وڌيڪ هڪجهڙائي اٿس. بنسبت سمير جي پوئين دور 3000- 2000 ق . م جي نشانين جي. اهو ڏيکاري ٿو ته ٽئي رسم الخط 4000 ق. م سال اڳ ڪنهن هڪ ئي رسم الخط مان اسريا يا هڪ ٻئي سان نشانين جي ڏي وٺ ڪيائون.

5- ڪريٽ واري رسم الخط سان سطحي هڪجهڙائيءَ مان اهو مطلب ڪڍي سگهجي ٿو ته قديم زماني ۾ وسيع پئماني تي ڦهليل ڪا قوم هڪ ئي مورتي رسم الخط (Pictographic) استعمال ڪندي هئي.

6- برهمي، سبائين ۽ جزوي طور قبرصي ۽ جزوي فونيشي خط هن قديم پروٽو انڊين رسم الخط مان اسريا آهن: چاڪاڻ ته برهمي کان سواءِ قبرص، فونيشيا ۽ سبائين سان سنڌو ماٿر وارن جا عربي سمنڊ، يونوچ سمنڊ ۽ ڳاڙهي سمنڊ وسيلي وسيع واپاري ناتا قائم ٿيل هئا (12). 1934ع ۾ پيرو مريگي طرفان هڪ مضمون شايع ڪيو ويو:

"Zur Indus Schrit, Zaitshrift der Duetschen Morgen landischen Gesellschaft"

پيرو مريگي جي نڪته نظر موجب براهوي واحد زبان آهي، جنهن جو امڪان مناسب ٿي سگهي ٿو. ليڪن هن اچارن جي مطلب سمجهڻ متعلق مايوسي جو اظهار ڪيو. چاڪاڻ ته گذريل چئن هزار سالن دوران براهوي زبان ڪافي حد تائين تبديليءَ جو شڪار ٿي آهي. انهيءَ ڪري فقط مفهوم جي مدنظر مطلب پروڙڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چاهيو ٿي ته مضمون واري گرامر جو سٽاءُ ۽ خاڪو سمجهه ۾ اچي وڃي، ڇوته ان بعد جملن جي بناوت ظاهر ٿي پوندي، ازانسواءِ اڪري نشانين وارين شڪلين انهن مورتن ذريعي واضح ٿي ڪيائين، جي اڪرن جي پس منظر ۾ اڪريل هيون. ليڪن جيئن ته سنڌو لکيت هڪ انتهائي مقرر ۽ محڪم پيماني واري هئي، انهيءَ ڪري انهن شڪلين جي سڃاڻپ

نهايت مشڪل ڪم آهي، جي نشانين ذريعي ذهن تي اچن ها. جيتوڻيڪ مريگي جو مطالعو ڪافي خوبين وارو آهي، ليڪن جيڪي نتيجا ڪڍيا ويا آهن، سي محض تصوراتي ۽ قياسي آهن. (13)

بيدرڪ هرزوني جو ڪتاب (Ancient History of Western Asia & India) 1943ع ۾ شايع ٿيو. هرزوني جي راءِ موجب، اوائلي هندي لپي (سنڌو لکيت واري لپي) گهڻي ڀاڱي بدن واري لپي هئي، پر سندس نشانيون رواجي آوازن کي به ظاهر ڪري ٿي سگهيون. لپي يڪ آوازي هئي؟ نه. گوناگون آوازي، يعني هرهڪ نشاني هڪ قسم جو آواز ظاهر ٿي ڪيو. مثال طور ش، شا، شي، لاءِ هڪ ئي نشاني هئي. رڳو ان جي حرف علت ۾ ڦيرگهير ٿي ٿئي. سنڌو لکيت جون ڪي نشانيون هيرو گلفي هٽي سان ميل ڪائي سگهن ٿيون. ساڳئي وقت پنڪ جاتي ۽ ڪريٽ جي اوائلي لوڪن جي لپيءَ سان به ميل ڪائي ٿي سگهيون. (14)

هينري هيراس طرفان سندس مضمونن جو هڪ طويل سلسلو جنهن آخر وڃي ڪتابي شڪل تي ڇيهه ڪيو. 1953ع ۾ شايع ڪيو ويو. ان جو نالو هو:

"Studies in Proto_Indo_Mediterranean Cultures"

هن ڪتاب ۾ مصنف جي طرفان هي خيال ذهن ۾ رکندي ته بنيادي طور ٻولي دراوڙي آهي. سنڌو لکيت جي پڙهڻي سمجهڻ لاءِ ڪوشش ڪئي وئي. هيراس پنهنجي طرفان ان قياس ۾ بلڪل صحيح هو ته موجوده دراوڙي ٻوليءَ جي ڀيٽ سان ان قديم ۽ گم ٿيل ٻوليءَ جي ٻيهر تشڪيل ممڪن ٿي سگهندي. جيڪا سيني ٻولين جو بنياد هئي، ۽ جنهن مان سيئي ٻوليون ڦٽي نڪتيون هيون. حالانڪ لکيت جي پڙهڻي سمجهڻ لاءِ خود پاڻ جيڪا اوائلي دراوڙي زبان استعمال ڪيائين، سا ناقص هئي (15).

1956ع ۾ "ماهه نو" ڪراچي جي اردو مخزن ۾ مولوي ابو جلال ندويءَ جو مضمون قسطوار شايع ٿيو. ندوي جي تحقيق مطابق هي رسم الخط، عربي رسم الخط تان ورتل آهي. هن جي خيال موجب انهن مهرن تي نه فقط عربي رسم الخط ۾ اکر اکربل آهن، پر ان جي اڪيريندڙ ڪي پڻ عرب ٻڌايو اٿس. هو

هيءَ دعويٰ به ڪري ٿو ته مهرن جي ٺاهيندڙن جو مقصد تصويرن ذريعي عربي زبان لکڻ ۽ پڙهڻ جي تعليم ڏيڻ هو. ٻين لفظن ۾ هي مهرون درسي پٽين جي حيثيت رکن ٿيون (61).

1961ع ۾، بمبئيءَ مان پوپٽي هيرانندانيءَ جو ڪتاب "ڀاشا شاستر" شايع ٿيو. پوپٽي هن ڪتاب ۾ واڻڪي لپيءَ سان سنڌو لکيت جو تعلق ڏيکاربندي هوءَ لکي ٿي: دنيا جي ان تمام پراچين لپيءَ جو روپ اڄ به سنڌي قوم جي هٽڪائي (واڻڪي) لپيءَ ۾ نظر اچي ٿو، جنهن ۾ ڪيترائي اکر آهن، جيڪي هٽي قوم جي لپي، پيونڪ جاتي جي لپي ۽ "موهن جي دڙي" جي لکيتن سان ميل کائين ٿا.

هٽڪائي لپيءَ ۾ حرف علت لاءِ ڪي به ماترائون ڪم نه آنديون وينديون آهن. هٽي قوم جو اڀياس ڪندڙ هڪ پرسڌ اتهاسڪار او. آر. گرني، شام جي ڪناري تي "راس شمرا" نالي هڪ شهر مان هري (Hurri) جاتيءَ جي ڪن لکيتن کي هٿ ڪيو، جن لکيتن ۾ به صرف حرف صحيح اکر ڪم آندا ويا آهن ۽ انهن سان ڪي به ماترائون شامل ڪونه آهن. هري جاتيءَ سان ان جو گهرو ناتو هو. ان هري قوم جي هڪ ٻوليءَ جو نالو ئي هو "واڻڪ". جو نالو سنڌين جي هٽڪائي يعني واڻڪيءَ سان برابر ميل کائي ٿو. ان طرح دنيا جي هڪ پراچين ٻولي ۽ لپي دنيا جي تمام پراچين سيميٽڪ ديشن ۾ وئي ۽ اتي ڦهلجي ڪيترين ٻين ٻولين ۽ لپين کي پيونڪ جاتيءَ جي روپ ۾ جنم ڏنائين.

چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي هڪ پراچين ٻولي ۽ ان ٻوليءَ جي واڻڪي لپي هڪ پراچين لپي هئي. پاڻنيءَ جي راءِ موجب دنيا کي آئيوتا جي شروعات پنڪ جاتيءَ ڪري ڏني. ڊايو ڊورس ان لاءِ شام جي اوائلي رهواسين کي داد ڏنو آهي، پر هنن حقيقتن مان ظاهر آهي ته پنڪ جاتيءَ وارا ۽ شام جا اصلوڪا رهاڪو (هري لوڪ) جيڪڏهن سنڌي لوڪ نه هئا ته به سنڌين جا پائيبند ضرور هئا ۽ اهڙيءَ طرح دنيا ۾ لکڻ جي هنر جي شروعات ڪندڙن ۾ اوائلي سنڌين جو به گهڻو هٿ هو. (17)

پروفيسر احمد حسن دانيءَ جو ڪتاب "انڊين پيليو گرافي" 1963ع ۾ ڇپيو.

داني ننڍي ڪنڊ جي مڪيہ رسم الخطن تي انتهائي ڪارآمد ڪم ڪيو آهي. سنڌو لکيت کي خصوصي طور سڀ کان اڳ ۾ بيان ڪيو اٿس. داني صاحب سنڌو لکيت جي رسم الخط جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو، مقصد ان کي پڙهڻ نہ هو. داني فرمائي ٿو: فن تحرير جو آغاز ڪٿي ٿيو، اهو اڃا معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، سنڌو لکيت جي شروعات جو تعلق بہ ان سوال سان آهي.

موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي لکيتن کي غور سان جاچڻ مان پتو پوي ٿو تہ هيءُ هڪ منفرد رسم الخط آهي، جنهن جو تعلق سميري يا ٻي ڪنهن جاتل سڃاتل خط سان نہ آهي. حالانڪ ڪجهہ نشانيون ٻين سان مشابهت ضرور رکن ٿيون. تصويري نشانيون (Pictographs) پنهنجي ساڳي نوعيت هجڻ ڪري اتفاقي طور مختلف خطن ۾ هڪجهڙيون ڪم آنديون ويون آهن. تصويري خط لاءِ اهو چئي نٿو سگهجي تہ اُن جو اصل بنياد ڪهڙو آهي، ان امڪان کي بہ رد ڪري نٿو سگهجي تہ هڙاپا لکيت ڪنهن ڏوراهين پاسي جي تصويري خط مان اسري هجي.

سنڌو لکيت جي نوعيت جي باري ۾ داني جو خيال آهي: جنهن نموني اصل نشانين يعني مڇيءَ جو نشان، ٻرتن جو نشان، سان سڱيون، ليٽيل، ۽ اڀيون تاڪيدي نشانيون لڳايون ويون آهن، اهو ڏيکاري ٿو تہ اهي ساديون تصوري نشانيون (Ideographs) يا مورتي نشانيون (Pictographs) ڪين آهن، ۽ اهائي خاص خصوصيت سنڌو لکيت جي آهي. مذڪوره نشانين کي "گهٽائپ" جي نشاني بہ نٿو چئي سگهجي، تنهن ڪري انهن جو مطلب ڪجهہ ٻيو ئي ٿي سگهي ٿو. مذڪوره اضافي نشانيون انساني شڪلين سان ڪڏهن بہ لڳايل نہ آهن. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌو لکيت ۾ مورتي خصوصيت محفوظ رهندي آئي. سنڌو لکيت جي نوعيت کي مورتي_ آوازي (Picto_ phonographic) يا تصوري_ آوازي (Ideo_phonographic) سڏي سگهجي ٿو. بهرحال هڪ ڳالهہ جي پڪ آهي تہ سنڌو لکيت جي مڪمل ڇنڊڇاڻ ڪو تمام گهڻو منجهيل معاملو ڪونہ آهي. گهڻو تڻو سنڌو لکيت جا هي بہ اصول، ٻن نشانين جي ملاوت ۽ تاڪيدي نشانين جي ملاوت. تاريخ جي

وهڪري ۾ هندستاني لپين ناهڻ تي اثرانداز ٿيا آهن. خاص طور ٻڇاڙيون ملائڻ ۽ "ڪليل پدن" واري صورتن تي ان جو اثر آهي. (18)

سراج الحق ميمڻ جو ڪتاب "سنڌي ٻولي" 1964ع ۾ شايع ٿيو. جنهن جي آخري ٻن بابن ۾ موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. سراج جي خيال ۾ هنن مهرن تي قديم سنڌي ٻوليءَ جون نشانيون هجن نه عقل کان بعيد نه آهي. موهن جي دڙي مان ۽ هڙاپا مان اٽڪل 800 کن مهرون ۽ ٺاٺث لڌا آهن، جن تي شڪليون، تصويرون ۽ نشانيون اڪريل آهن. انهن مان مکيه نشانيون، خاص طور سڄاڻپ ۾ ايندڙ ڇڙيون ۽ مڪمل نشانيون 400 کن ملن ٿيون. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ 39 حرف صحيح ۽ 11 حرف علت آهن، انهن مان 4 حرف صحيح گ، ڙ، ڻ ۽ ڃ، شروع ۾ استعمال ڪونه ٿين. باقي 35 حروف کي 11 حروف علت سان ملائي اچارن ناهڻ لاءِ 385 آوازي نشانين جي ضرورت پوندي. ان حساب سان موهن جي دڙي جون مک نشانيون جيڪڏهن آوازي ۽ اچاري آهن ته سنڌي اچارن سان لڳ ڀڳ ملي ٿيون اچن. (19)

بهرحال سراج ڪجهه برهمي نشانين، ڪجهه تنترن جي نشانين، ڪن سميري ۽ فونيشي نشانين مان مشابهتون ڳولهي سنڌو لکيت جي نشانين جا ملهه مقرر ڪيا.

سنڌو لکيت جي پڙهڻي جي مسئلي متعلق ڪافي نااميدي به آهي، جنهن جو اظهار جانسيس فريڊرڪ طرفان 1966ع ۾ ڪيو ويو. جو قديم لکيتن پڙهڻ جو وڏو ڄاڻو آهي. سندس خيال موجب سنڌو لکيت سمجهه ۾ اچڻ ناممڪن آهي، جيستائين ان سلسلي ۾ ڪو نئون مواد مهيا نه ٿو ٿئي. هڪ ته ڪي به ڪتبا ٻين زبانن ۾ لکيل نه آهن، ٻيو ته ٻوليءَ جي به خبر نه آهي ته ڪهڙي آهي ۽ ڪتبن جي عبارت بلڪل مختصر آهي، يعني سراسري پنج نشانيون ڏيگهه تائين محدود آهن ۽ مسلسل طوالت ۾ وڏي ۾ وڏو متن 17 نشانين وارو آهي. انهيءَ حقيقت جو ته بنا دير اعتراف ڪري سگهجي ٿو ته جيڪڏهن سنڌ وارن ڪتبن جي ٻولي ٻي ڪنهن به ڄاتل ٻوليءَ جي ويجهي لڳ لاڳاپي ۾، جا ٻين ذريعن وسيلي عام هجي ته پوءِ ان جي آوازي پڙهڻي ناممڪن آهي. جينوٿيڪ

اهو اجا به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته لفظن جي مفهوم مطابق ڪجهه ڏڪا هنيا وڃن يا خيال آرائي ڪئي وڃي، ته پوءِ وري ان جي ڇڪاس هرگز نه ٿي سگهندي ۽ اهڙا رايا هميشه لاءِ خيالي رهندا. (20)

روس جي گاديءَ واري هنڌ ماسڪو ۾ هڪ عالمن جي ٽولي يوري ڪنوروزوف جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌو لکت تي تحقيق ۾ ڪيترن سالن کان ڪم ڪندي رهي، 1968ع ڌاري سندن تحقيق ظاهر ڪئي ويئي. سندن خيال موجب پڻ هنن مهرن تي دراوڙي ٻوليءَ جا اکر لکيل آهن.

اسڪينڊينيوين انسٽيٽيوٽ آف ايشين اسٽڊيز، ڪوپن هيگن، ڊنمارڪ جي ماهرن ڊاڪٽر آسڪو پرپولا، سيمو پرپولا ۽ سيپو ڪاسڪينمي ڇهن سالن جي جاکوڙ کان پوءِ 1969ع ۾ پهرئين پڌرائي ڪئي، ساڳي سال اضافي پڌرائي ۽ مزيد اضافي پڌرائي جاري ڪئي وئي، مهرن تي اڪريل ٻوليءَ کي هنن اترين دراوڙي ٻولي قرار ڏنو ۽ نشانين جا ملهه مقرر ڪيا. سندن خيال موجب سنڌو لکيت "لاگو گرافڪ" طرز جي تحرير آهي جا ريبس اصول (Rebus Principle) تي مبني آهي، جنهن جو مطلب آهي ته هڪ نشاني هڪ مڪمل "لفظ" طور ڪم آيل آهي، جنهن ۾ هڪ يا هڪ کان مٿي پد هجي. مذڪوره لفظ مان صاف طور بنهه الڳ سجاڻپ ۾ ايندڙ شيءِ جي تصوير آهي، توڙي جو ان جو آوازي ملهه ساڳيو آهي، جيئن همعصر رسم الخطن ۾ موجود آهي، ٻن بنيادي نشانين کي ملائڻ ۽ متاثر اعرابون (تاڪيدي نشانيون) ڏيڻ جهڙيون خصوصيتون موجود هئڻ. اهي نشانيون ضروري نه آهي ته اچارڻ وقت پڙهڻ ۾ اچن، پر محدود مطلب سان ڪم اچن ٿيون، يعني نشانين جو استعمال مفهوم کي محدود ڪري ٿو ڇڏي.(21)

هنن صاحبن سنڌو ماٿر جي وسيع ايراضي توڙي ٻاهرين قديم آثارن مان هٿ آيل سنڌو نشانين جو هڪ فرهنگ (Concordance) تيار ڪيو، جيڪو 1974ع ۾ "Material for study of Indus Script. A concordance to the Indus Inscriptions" جي نالي سان شايع ٿيو آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب 1974ع ۾ "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" ڪتاب

ڇپايو. جنهن ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ جي دراوڙي ٻولين سان صوتي، صوتياتي، صوفي ۽ نحوي ڀيٽ ڪندي، سنڌيءَ کي دراوڙي ٻولي قرار ڏنو. پرپولا ۽ سائين جي پڙهڻي کي ثبوت طور پيش ڪيو ۽ چيو ته:

هنن ماهرن ڪن مهرن جون پڙهڻيون به ڏنيون آهن، ڪي اڄ به سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن جي ڪڍيل نتيجن ۽ پڙهڻين مان حاصل ڪيل لفظن ۾ عام جام آهن. ڊاڪٽر الانا ڪجهه مثال به ڏنا آهن. (22)

1975ع ۾، ڪراچيءَ ۾ ٿيل سيمينار "سنڌ صدين ڪان" ۾ ڊاڪٽر پرپولا پنهنجو مقالو پيش ڪيو:

"Recent developments in study of Indus Script"

هن مقالي ۾ پرپولا پنهنجي پهرين پڙهائي، پين ۽ ٽين پڙهائي ۾ پيش ڪيل ڪيترين ئي قياس آرائين جو غلط هئڻ تسليم ڪيو. پرپولا لکي ٿو:

انهن ڪتابڙن جي مصنف جي حيثيت ۾ آئون پنهنجي اها غلطي تسليم ڪرڻ ۾ حق بجانب آهيان ته اهي مضمون پهرئين جوش خروش ۽ شوق سان لکيا ويا هئا ۽ سندن ڪابه خاطر خواهه ڇڪاس ڪيل نه هئي، ان هوندي به اهڙي دعويٰ ڪيل هئي ته ڄڻ اهي قطعي طئي ٿيل هئا، ۽ بجاءِ مناسب هئڻ جي اُن ذريعي گهڻو ڪجهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل هئي.... هن ڏس ۾ اسان کي ڪنهن تجربي نه هجڻ ڪري اسان جيڪي غلطيون دراوڙي ٻوليءَ واري مواد کي استعمال ڪندي ڪيون، سي پڻ انهن ڪوتاهين ۾ شامل آهن. تنهن ڪري اهي تجويز ڪيل حل وڌيڪ بهتر سمجهاڻين جي مدنظر ترڪ ڪري سگهجن ٿا (23).

پرپولا جي پڙهڻين موجب مڇي جي نشانيءَ جي پڙهڻي "من" آهي، جنهن جو مطلب ستارو به آهي. سو مڇيءَ وارين نشانين مان اڪريل مهرون سندن مالڪن پاران ديوتائن ۽ ستارن ڏانهن منسوب ٿيل آهن. پرپولا لکي ٿو:

ذڪر ڪيل تشريحون، جيڪي تارن ۽ سيارن متعلق آهن، تن مون کي آماده ڪيو ته آئون هندستاني جوتش (ستارن جو علم) ۽ دراوڙي ڌرم ۽ هڙاپا جي ابتدائي نڪته نظر تي تحقيق ڪريان، انهن مطالعن جا سودمند نتيجا 1970ع

۾ 1973ع دوران ظاهر ڪيا ويا آهن ۽ اهو تحقيق جو سلسلو بدستور جاري آهي.

بين ڳالهين کان سواءِ هتي آئون هي ڄاڻائڻ گهران ٿو ته سنڌو تهذيب دوران جيڪا ٻولي رواج ۾ هئي، اها اوائلي اترين دراوڙي هئي، جيڪا وري قديم سنڌو ثقافتن جي اوائلي دراوڙي نسل مان ڦٽي نڪتي هئي. (24)

سنڌو لکيت واري ٻوليءَ لاءِ دراوڙي اصليت کي نه مڃڻ وارا عالم پڻ موجود آهن، جن ۾ ايس. آر. راءُ ۽ بي.بي.لال خاص طور سنڌو لکيت کي اوائلي هند آريائي ٻولي قرار ڏين ٿا. ايس.آر.راءُ قديم سنڌو ماثر جي گجرات (هندستان) جي، ٻن اهم آثارن "رنگپور" ۽ "لوٿل" جون کوٽايون ڪرايون. سندس تحقيق "لوٿل ائنڊ انڊس سولائيزيشن" جي عنوان سان 1973ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ٿي. راؤ صاحب سنڌو لکيت جي چار سؤ بنيادي اکرن مان صرف 52 بنيادي اکر تسليم ڪري ٿو. هن جي خيال ۾ هي رسم الخط:

Syllabic_ cum_alphabetic

رکني ۽ اکري آهي، جيڪو اٽڪل 1500 ق. م ڌاران نج اکري صورت ۾ اسري آيو. هي رسم الخط ان زماني جي ڪنهن ڌارين رسم الخط يا هند جي تاريخي رسم الخطن مان ڪابه مشابهت نٿي رکي. (25)

بي. بي لال جو هڪ مقالو رايل ايشيائٽڪ سوسائٽي جي جرنل 1975ع ۾ بعنوان:

"The Indus Script: Some observations based on Archaeology"

ڇپيو. سندس تنقيدون 1977ع ۾ سِملي مان پڌريون ٿيون. جنهن جو عنوان هو:

"Has the Indus script been deciphered?"

لال صاحب منطقي بنيادن تي هن مهل تائين ٿيل تحقيقات مان ڪنهن کي به صحيح قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. (26)

آسڪو پرپولا ۽ سيپو ڪاسڪينمي جي فرهنگ (Concordance) کان علاوه هڪ ٻيو فرهنگ پڻ 1977ع ۾ دهليءَ ۾ ڇپيو آهي، عنوان اٿس:

"The Indus Script: Text Concordance & Tables"

جنهن جو سهيڙيندڙ آءِ مهاديوان آهي. ٻنهي فرهنگن تي ٿيل محنت قابل تعريف آهي، ان جي باوجود به ٻنهي ۾ ڪيترائي تضاد موجود آهن. ايم. ايبن گپتا جي خيال ۾ اٽڪل 70 ڪن نشانيون ٻنهي ۾ شامل نه ڪيون ويون آهن، جڏهن ته ڪيتريون نشانيون بيجا طور وري ورجايل آهن.(27)

سنڌو لکيت تي تحقيقات اڃا جاري آهي. دنيا جا عالم، ماهرين آثار قديمه ۽ ماهرين لسانيات هن معاملي ۾ مصروف آهن. سنڌ جي محققن ٻاهرين عالمن جي تحقيق جي نتيجن کي پنهنجي تحقيق جي حمايت ۾ ڪم آندو. هت دراصل ٻه مسئلا آهن. پهرين موجوده سنڌي ٻوليءَ جي اصليت يا بڻ بنياد ڳولهي لهڻ ۽ ٻيو سنڌو لکيت جو پڙهڻ. هن معاملن کي الڳ الڳ حيثيت آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اصليت معلوم ڪرڻ لاءِ حال کان ماضي طرف رخ ڪري وک وک ڪري اڳتي هلڻ صحيح آهي ۽ نه هڪدم 5 هزار ورهيه اڳ تائين وڃي قياس آرايون ۽ مفروضا قائم ڪجن. جڏهن ته سنڌو لکيت کي پڙهڻ لاءِ راهون ئي جدا آهن. ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ موجب لسانيات جي تربيت جي فقدان ۽ ٻوليءَ سان جذباتي لڳاءَ سبب پرجوش سنڌي عالمن عجب جهڙيون قياس آرايون ڪيون آهن، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جي باري ۾ ٻين ساٿياري ٻولين تي برتريءَ جي دعويٰ ڪئي آهي، جڏهن ته ٻوليءَ تي ڪم ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي بنيادي ڪم ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي. ٻوليءَ سان جذباتي لڳاءَ ۽ لساني شاونزم (Language Chauvinism) جي جادوئي اثر هيٺ ئي سراج، ليلي رچنداڻي ۽ ٻين سنڌو ماٿر جي تهذيب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جي باري ۾، آرين کان اڳ واري حيثيت ڏئي اتر هندستان جي سمورين ٻولين کي منجهانئس نڪتل قرار ڏنو آهي.(28)

سنڌو تهذيب جي لکيت واري ٻولي دراوڙي آهي يا آريائي؟ ان سوال کي في الوقت پاسيرو رکي، چئي سگهجي ٿو ته پنج هزار ورهيه اڳ سنڌ ڌرتيءَ جا رهواسي لکڻ پڙهڻ جي فن کان علاوه فن مصوري، علم جوتش ۽ ستارن جي علم کان واقف ئي نه هئا، پر علوم ۽ فنون جي هنن ميدانن ۾ سندن شهرت دور دراز ملڪن ۽ سمونڊ پار جي انهن ڏنهن تائين پکڙيل هئي، جتان جتان هي

مهرون مليون آهن، هي مهرون سنڌن تهذيب ۽ تمدن جا اڻمٽ دستاويز آهن، جن ۾ سنڌن ڪارگذارين جا داستان قلمبند آهن جڏهن ته سنڌو لکيت جي صحيح پڙهڻي سامهون ايندي، سنڌ جي قديم رهواسين جي باري ۾ معلومات ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ٿيندو.

## حوالا:


1_ Agarwal, D.P., The Archaeology of India, Scandinavian Institute of Asian Studies, Copenhagen, Denmark, 1982, pp. 187_188.

2_Asko Parpola, Article "Recent Development in Study of Indus Script", Sind through the Centuries, Ed. Hamida Khuhro, Karachi, 1981, pp. 72_73.

3_ Gadd, C.J., Article "Sign list of Early Indus Script", Mohen_jo_Daro & Indus Civilization, By Sir John Marshall, 1931, p. 406.

4_ Asko Parpola, op. cit., p. 71.

5_ Asko Parpola, op. cit., p. 71.

6_ محمد ادريس صديقي، "سنڌو ماٿر جي سڀيتا"، سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1979ع، ص 168.

7_ Gadd, C.J., op. cit., p. 412.

8_ Sidney Smith, Article "Mechanical Nature of Early Indus writing", Mohen_jo_Daro & Indus Civilization, by Sir John Marshall, 1931, p. 422.

9_ Langdon, S., Article "Indus Script" Mohen_jo_Daro and Indus Civilization, By Sir John Marshall, 1931, pp. 423_424.

10_ A.H. Dani, Indian Palaeography, p. 28.

11_ محمد ادريس صديقي، "سنڌوماٿر جي سڀيتا"، سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1979ع، ص 171.

12_ G.R. Hunter, The Script of Harappa & Mohen_jo_Daro & Its connection with other Scripts, London, 1934, pp. 17_22.

13_ Asko Parpola, op. cit., pp. 78_79.

14_ پوپٽي هيراننداڻي "ڀاشا شاستر" بمبئي، 1961ع، ص 197_ 198.

15_ Asko Parpola, op. cit., p. 79.

16_ ابوجلال ندوي، "قديم مهرين"، ماهه نو ڪراچي، آگسٽ، ڊسمبر 1956ع.

17_ پوپٽي هيراننداڻي، "ڀاشا شاستر" بمبئي، 1961ع، ص 199_200.

18_ A.H. Dani, Indian Palaeography, 1963, p. 19.

19_ سراج، سنڌي ٻولي" حيدرآباد، سنڌ، 1964ع، ص 122.

20_ Asko Parpola, op. cit., p. 79.

21_ Asko Parpola, Sapo Koskenniemi, Simo Parpola and Pentti Aalto, "Decipherment of the Proto_Dravidian Inscription of the Indus Civilization", Copenhagen, Frist Announcement, 1969, p. 8.

22_ الانا، ڊاڪٽر غلام علي، "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد"، حيدرآباد سنڌ، 1974ع، ص 38_ 39.

23_ Asko Parpola, Article "Recent Developments in Study of Indus Script", pp. 78_79.

24_ Ibid, p. 80.

25_ Agarwal, D.P., Indian Archaeology, Copenhagen, Denmark, 1982, p. 140.

26_ Ibid., p. 140.

27_ Ibid, p. 140.

28_ Khubchandani, Lachhman, Article "Linguistics in South Asia_ SINDHI, Journal, Current Trends in Linguistics, Ed. Thomas Sebeck pp. 217_218.

[سنڌي ادب 1 ۽ 2 / 85_1984ع]

مراد علي مرزا

# سنڌي ٻوليءَ جي علمي حيثيت

سنڌي ٻوليءَ جي علمي حيثيت جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ان ۾ لکيل ڪتابن جو ۽ اهم عالمن ۽ اديبن جو هڪ مختصر جائزو ورتو وڃي. سنڌ ۾ ٻيٽنڪي راڄ کان اڳ جيڪو تحريري مواد مليو آهي، اهو سمورو شعري صنفن تي مشتمل آهي. ٿورو نثري مواد به آهي، جنهن ۾ لوڪ ڪهاڻيون، مذهبي موضوع تي ڪي لکيتون ۽ ڪي طبي نسخا ۽ ذاتي خط اچن ٿا. ٻيٽنڪي راڄ جي شروعات 1843ع کان ٿئي ٿي، جنهن کي پڪو پختو بڻائڻ جي لاءِ انگريز سرڪار ڏيهي ٻوليءَ کي زور وٺائڻ ڏانهن ڌيان ڏنو. مقصد هيءُ هو ته ديسي ماڻهن کي لکڻ پڙهڻ جي ايتري ڄاڻ هجي جو اهي انگريزي عملداريءَ جي ڪمن ڪارين ۾ سولائيءَ سان هٿ ونڊائي سگهن. پر ان سلسلي ۾ مشڪل هيءُ پيش آئي ته هندن ۽ مسلمانن جي جدا جدا لپي هئي يعني ديوناگري ۽ عربي رسم الخط. نيٺ اهو مسئلو به انگريزن خيرخواهيءَ سان حل ڪيو ۽ سن 1853ع ۾ سنڌي صورتخطي جيڪا خط نسخ ۾ ٺاهي ويئي، ان تي هندن توڙي مسلمانن اتفاق ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ کي هڪ معياري رسم الخط ملي ويو.

انهيءَ زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جا جيڪي ڪتاب ڇاپيا ويا هئا، تن مان اهم ڪتاب هئا: شاهه لطيف جو رسالو مرتب پادري ٽرمپ، سنڌي گرامر ٽرمپ ۽ ٻيو ڪئپٽن اسٽئڪ بائيبل- برنس جو ترجمو ڪيل. مطلب ته سنڌي ادب جي شروعات انهن ڪتابن مان ٿي ۽ پوءِ مختلف موضوعن جهڙوڪ تاريخ، وياڪرڻ يا گرامر، حساب، الجبرا، جاميٽري، جاگرافي، علم بدن، منطق، اخلاق، فلسفو، زراعت، قانون، مذهب، ڊراما، ناول، قصا ڪهاڻيون وغيره تي ڪتابن لکڻ جو سلسلو شروع ٿيو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي. سنڌيءَ ۾ انهن موضوعن تي جن اهم ۽ وڏن اديبن ڪتاب لکيا، اهي هئا: ديوان ننديرام، منشي اڌارام، سيد ميران محمد شاهه، آخوند لطف الله، ديوان ڪوڙومل، حاجي

امام بخش خادم، شمس الدين بلبل، ڏيارام گدومل، مرزا قليچ بيگ، مرزا صادق علي بيگ، پرمانند ميوارام، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي، جيٺمل پرسرام گلراجاڻي، مولانا دين محمد وفائي، غلام محمد شهواڻي، احمد غلام علي چاڳلا، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، لعل چند امرڏنومل جڳتياڻي، علي خان ابڙو، ڊاڪٽر عمر دائودپوٽو، محمد صديق ميمڻ، خانچند درياڻي، نارائڻداس ميوارام ڀنياڻي، محمد صديق مسافر، عثمان علي انصاري، موجوده دور جا اهم اديب، محمد عثمان ڏيپلائي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پير حسام الدين راشدي، پير علي محمد راشدي، جي- ايم سيد، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، مولائي شيدائي، محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي وغيره. گذريل صديءَ ۾ جن موضوعن تي ڪتاب لکيا ويا، انهن جو ذڪر ڪري آيو آهيان. البت ويهين صديءَ ۾ انهن موضوعن ۾ ٿورو وڌارو ٿيو ۽ نون موضوعن جهڙوڪ لسانيات، صوتيات، لوڪ ادب، افسانوي ادب، ادبي تنقيد، اقتصاديات، سماجيات تي ۽ ڪن سائنسي علمن تي درسي ڪتاب لکيا ويا آهن.

اوڻيهين صديءَ ۽ ويهين صديءَ ۾ لکيل انهيءَ سموري مواد جي ڪري اسين پنهنجي ٻوليءَ کي علمي ٻولي چئي سگهون ٿا؟ اهو آهي سوال جنهن جي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. علم هڪ تمام وسيع لفظ آهي، پر ساڳئي وقت اهو محدود معنيٰ جو حامل پڻ آهي. محدود معنيٰ جو حامل ان خيال کان ته قديم سماج جي انسان جو علم رڳو شڪار ڪري پيٽ پرڻ، سمهڻ ۽ شڪار جي ڳولا ڪرڻ تائين محدود هو. پر هن صديءَ جي انسان جي علم جا افق ايترا ته پکڙجي ۽ ڦهلجي ويا آهن، جو ڪنهن به هڪ انسان جو ذهن انهن کي ڪڇي ۽ ماپي نه ٿو سگهي. انساني مشاهدي ۽ تجربي جي نتيجي جو نالو علم آهي ۽ انساني تاريخ جي شروع کان وٺي هن وقت تائين ڪروڙن انسانن پنهنجن مشاهدن ۽ تجربن جي آڌار تي جيڪي نتيجا مرتب ڪيا آهن، انهن جي وضاحت ڪرڻ جي لاءِ دفتر درڪار آهن. حاصل مطلب هيءُ ته انسان ذات جيڪو اهو علمي سرمايو گڏ ڪيو

آهي. ان ۾ رڳو ادب، تاريخ، معاشيات، وغيره ڪونهن جن تي اسان جي ٻوليءَ ۾ درسي قسم جا ڪتاب آهن. بلڪ Pure Science (خالص سائنس)، Applied Science (علمي سائنس) ۽ Technology جهڙا موضوع بہ اچن ٿا. جن تي لکيل ڪتابن کي علمي ڪتاب ۽ جن ٻولين ۾ اهڙا ڪتاب لکيل آهن، انهن کي علمي ٻوليون چئي سگهجي ٿو.

هاڻي ڏسون تہ اهي ڪهڙيون رنڊڪون هيون جن اسان جي ٻوليءَ کي علمي ٻولي ٿيڻ نہ ڏنو. سڀ کان پهرين ۽ بنيادي رنڊڪ جاگيرداري سرشتو هو ۽ آهي. اسان جي مذهب تہ اسان کي اجازت ڏني تہ علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيڪڏهن چين ۾ بہ وڃڻو پوي تہ ضرور وڃو ۽ پيو تہ عورت ۽ مرد تي فرض آهي تہ علم پرائين. پر جاگيرداري سرشتي هيٺ نہ پنهنجي ڳوٺ مان ٻاهر نڪرڻ ممڪن آهي ۽ نہ مرد عورت کي علم پرائڻ جي اجازت آهي. ڇالاءِ تہ جيڪڏهن انهن علم پرايو تہ پوءِ رئيس جا ڳَڏهہ ڪير هڪليندو، هر ڪير ڪاهيندو ۽ محنت مزدوري ڪير ڪندو. ٻي زبردست رنڊڪ ٻاهرين حاڪمن جا وقت بوقت حملا هئا. جن جي ڪري هر دور ۾ ساري سماج ۾ افراتفري ۽ پيچ ڏاهہ ٿيندي رهي. انهيءَ ليٿارجيءَ جو ٽيون سبب تصوف جي تعليم جا اثر هئا. جيتوڻيڪ تصوف پاڻ هڪ احتجاج هو ان سخت رويي جي خلاف جيڪو عقيده پرست طبقي ٻين طبقن جي مٿان سختيءَ سان مڙهڻ گهريو ٿي. سنڌ ۾ سياسي حالتن جي ڪري جيڪا معاشي ۽ اقتصادي بدحالي پکڙي، ان دور ۾ تصوف جي تعليم دلين کي ڏڍ ڏنو ۽ موت کان پوءِ جي صلي جي اميد تي ماڻهو دنيوي زندگي ۽ ان جي معاملن کان پاسيرو رهڻ لڳا. نتيجو اهو ٿيو جو عام ماڻهن ۾ زندگيءَ جي مسئلن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۽ عزت ۽ احترام جوڳي زندگي گذارڻ جي نہ عادت ۽ نہ وري احساس پيدا ٿي سگهيو. اڄ بہ جڏهن ويهين صديءَ ۾ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ جديد دور جون مڙئي سهوليتون ۽ آسائشون پهچي ويون آهن، سنڌ جي ڳوٺن ۾ اڄاتائين ارڙهين ۽ اوڻيهين صديءَ واريون سماجي حالتون ڏسجن ٿيون. اهي ڳوٺ اڄا تائين صاف پاڻي، بجلي، طبي سهولت ۽ تعليم کان محروم آهن. انهن مڙن ئي سببن جي

ڪري سنڌ جي وڏي حصي ۾ فڪري انقلاب جو اچڻ ناممڪن آهي.
انگريزن جي زماني ۾ خاص ڪري 1857ع جي جنگ کان پوءِ جو هڪ دور اهڙو آيو هو جنهن ۾ هڪڙي خطرناڪ تجربي کان پوءِ حاڪم ۽ محڪوم هڪ ٻئي کان ڊڄڻ لڳا. محڪومن جون اکيون ٿورو کلڻ لڳيون. کين پنهنجيءَ شڪست جو احساس ٿيو. انگريزن به ٿوري اک پٽي، جنهن ڪري ٻنهين ڌرين جاٺي ٻجهي يا اڻڄاڻائيءَ ۾ هڪ ٻئي کي ڪي رعايتون ڏنيون. ملڪ ۾ امن امان ۽ آسودگي ۽ خوشحالي آئي ۽ ماڻهو تعميري ڪمن ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳا. سنڌ ۾ اهو امن پريو زمانو 1860ع کان وٺي 1920ع تائين قائم رهيو. اهو 60 ورهين جو دور اهڙو هو جنهن ۾ علمي جاڳرتا اچي سگهي ٿي. انگريزن انهيءَ دور ۾ ڪيترائي درسي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرايا لکرايا ۽ اهڙن ڪتابن جي همت افزائي به ڪئي. پر هنن اسان ديسي ماڻهن کي البت انهن علمن جي ويجهو اچڻ نه ڏنو. جن جي زور تي هنن اسان کي محڪوم رکي، اسان تي حڪومت پئي ڪئي. جيتوڻيڪ اهو زمانو يورپ جي تاريخ جو اهو دور آهي، جنهن ۾ صنعتي انقلاب عروج تي پهچي ويو هو ۽ فڪري انقلاب يعني Intellectual Revolution جي شروعات ٿي چڪي هئي. ان زماني ۾ يورپي ملڪن ۾ نه رڳو ڪم ڪرڻ جي طريقن ۾ تبديلي آئي يعني هٿ جي پورهيي جي جاءِ تي مشينن کان ڪم ورتو ويو بلڪ رهائش جي طريقن ۾ تبديلي اچڻ جي ڪري هڪ زبردست سماجي انقلاب پڻ آيو. جنهن جي نتيجي ۾ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ بيپناهه ترقي ٿيڻ لڳي. وچڙندڙ بيمارين جهڙوڪ ماتا، ڪالرا، نمونيا، مليريا کان بچاءَ جا طريقا ڳوليا ويا. ريلوي انجڻ ٺاهي رفتار کي تيز ڪيو ويو. اينٽي سيپٽڪ دوا ڪار بونڪ ايسڊ هٿ ڪئي ويئي. جنهن جي استعمال سان لکين انسان بچي ويا. ڪلوروفارم ايجاد ٿي، جنهن جي ڪري انساني عضون جي وڍ ٽڪ ۾ آساني پيدا ٿي پئي. علمي دنيا ۾ ٿرٿلو پيدا ڪندڙ ڪتاب لکيا ويا. چارلس ڊارون جا ڪتاب The Origin of Species ۽ Descent of Man ان ئي زماني ۾ ڇپجي ظاهر ٿيا. مشيني هنر يا Technology تي به ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا. برقي تار ذريعي پيغام

موڪلڻ ان دور ۾ ممڪن ٿي سگهيو. ٽائيپ رائٽر، ليٿو ٽائيپ مشين ۽ ٽيليفون ۽ بجليءَ جو بلب اهي سڀ ايجادون انهيءَ دور جا ڪارناما آهن. يورپ جون اهي عقل چرخ ڪندڙ ايجادون رڳو يورپ تائين محدود نه هيون، بلڪ انگريز حاڪمن پنهنجيءَ سهولت ۽ شاهي تاج جي بقا جي لاءِ انهن ايجادن کان ننڍي کنڊ ۾ به ڪم ورتو. ايتريقدر جو خود ننڍي کنڊ جي سجاڳ انسانن انهن سائنسي ۽ علمي ڪارنامن جي روزانه زندگيءَ ۾ اهميت ۽ ضرورت کي محسوس ڪندي اردو ۽ بنگالي ٻولين ۾ انهن علمن تي ڪتاب لکڻ شروع ڪيا. فورٽ وليم ڪاليج، دهلي ڪاليج، ڪلڪته ڪاليج، سرسيد جي سائنٽيفڪ سوسائٽي، محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس پهريان علمي ادارا هئا، جن سائنسي علمن ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ بنگالي ۽ اردو ٻولين کي علمي ٻوليون بنائڻ جو بنياد وڌو. سنڌ ۾ به مرزا قليچ بيگ سائنسي علمن کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ جي شروعات ڪئي ۽ سندس پاءُ مرزا صادق علي به علم هيئت ۽ علم نباتات جهڙن سائنسي موضوعن تي ڪتاب لکيا. پر اهي ڪوششون جڻ ته اٽي ۾ لوڻ مثل هيون. شايد جاگيرداري سرشتي جي lethargy (سستيءَ) جي ڪري سنڌي قوم اوڻيهين صديءَ ۾ "پائي منهن مونن ۾ غربت ساڻ گذار" جي چوٽيءَ تي قائم رهي، علم حاصل ڪرڻ جو اهو سونهري وجهه وڃائي ڇڏيو.

اڄ اسين ويهين صديءَ جي آخري دور ۾ جي رهيا آهيون. هن صديءَ ۾ انساني فڪر جيڪا ترقي ڪئي آهي ان جي نتيجن مان ته اسين فيض پرايون پيا، پر ان سموري ترقيءَ جي سببن کي سمجهڻ لاءِ جيڪڏهن ڪو سنڌيءَ ۾ ڪتاب گهري ته اهو ڳوليو به نه ملي. هن صديءَ جي عظيم سائنسدان آئن اسٽائن پنهنجو نظريو اضافيت Theory of Relativity سال 1905ع ۾ ڏنو. اڄ 78 سال گذرڻ کان پوءِ به سنڌيءَ ۾ ڪوبه اهڙو ڪتاب يا مضمون ڪونهي، جنهن ۾ ان نظريي جي ٿلهين ٿلهين ڳالهين جي وضاحت ڪيل هجي. ادب ۽ نفسيات جو گهرو سبنڌ آهي، پر انهيءَ علم جي امامن سگمنڊ فرائڊ ۽ ينگ جي بنيادي نقطن جي ڪٿي به سنڌيءَ ۾ وضاحت نه ٿي ملي. اسان جي ڏسندي ڏسندي چنڊ تي ماڻهو پهچي ويا ۽ هينئر مشتريءَ جي ٻين گرهن ڏانهن خلائي

جهاز وڃي رهيا آهن. پر اسان وٽ ڪوبہ اهڙو سائنس جو استاد ڪونهي جيڪو اسان کي اسان جي ٻوليءَ ۾ ان جي ٽيڪنالوجي سمجهائي. اسان جي ملڪ ۾ عربي سمنڊ جهڙو وڏو سمنڊ آهي، پر Oceanography کي سمجهڻ جي لاءِ سنڌيءَ ۾ ڪوبہ ڪتاب ڪونهي. اسين اڻٽندي ويهندي پيٽرول ۽ گئس جو عام جام واهپو ڪريون ٿا، پر اهي ڪارائتيون شيون زمين جي تهن مان ڪيئن ڪڍي انساني استعمال ۾ آنديون ويون آهن. سنڌيءَ ۾ انهن بابت اسان کي ڪابہ ڄاڻ نہ ملندي. اسان جي ماحول ۾ هزارين پکي، جيت، سرا، ڪينئان، ڍور، جانور موجود آهن، قسمين قسمين ٻوٽا، گل، وڻ آهن. ميداني علائقا، جبل، پهاڙ ۽ ريگستان بہ اسان وٽ آهن پر جديد علمي تحقيق مطابق انهن جي باري ۾ سنڌيءَ ۾ ڪابہ معلومات موجود ڪانهي. پر Ecology جهڙي ڪارائتي علم بابت هڪ لفظ بہ سنڌي زبان ۾ موجود ڪونهي. اسان وٽ زراعت، انجنيئرنگ، ڊاڪٽري ۽ سوشل سائنسز جون يونيورسٽيون آهن، پر انهن ۾ ڪهڙا شعبا آهن ۽ انهن شعبن ۾ جيڪي علم پڙهايا وڃن ٿا ۽ جن ڪ ، جي سکيا ڏني وڃي ٿي، انهن بابت سنڌيءَ ۾ ڪابہ معلومات موجود ڪانهي. ٻين ٻولين ۾ ڪمپيوٽر جي ذريعي ڪتابت ٿيڻ شروع ٿي ويئي آهي، پر سنڌي اڃا تائين ڪمپازيٽرن جي قبضي ۾ ڦاٿي پئي آهي.

سڌريل ملڪن ۾ اڄ علم جي هر شعبي ۾ اعليٰ درجي جي تحقيق ۽ کوجنا ٿي رهي آهي. لئبارٽريءَ ۾ انساني ذهن جو مطالعو ٿي رهيو آهي ۽ پيراسائڪولوجي، ٽيلي پيٿي ۽ ٻين اهڙن اسرار ڀريل علمن ۽ انساني ذهن ۽ انساني ارادي جي قوت جي لاڳاپن ۽ تعلق جي ڇنڊڇاڻ ۽ کوجنا پئي ٿئي. پولار ۽ پولار ۾ گرهن ۽ سيارن تي انسان جهڙي زندگيءَ جي ڳولا ٿي رهي آهي. سائنسدانن ميٽر کي انرجيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي انرجيءَ کي ميٽر ۾ تبديل ڪرڻ جون تياريون پيون ٿين. سقراط جي زماني کان وٺي گذريل صديءَ تائين ڌرتيءَ جي فضا ۾ جن عظيم انسانن جا آواز تقريرون ۽ خطاب

---

*هن وقت ڪمپيوٽر تي ڪمپوزنگ عام ٿي چڪي آهي.

تحليل ٿي ويا آهن، انهن کي، ڳولي، هٿ ڪري، رڪارڊ ڪري هميشہ هميشہ جي لاءِ محفوظ ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. وڻن، ٻوٽن ۽ گلن ڦلن جي سماجي زندگيءَ تي تحقيق ٿي رهي آهي. ليبارٽري ٽيسٽ مان معلوم ٿيو آهي تہ اهي وڻ ٽڻ ۽ گل ٻوٽا بہ اسان وانگر ٿي ساهہ وارا آهن، جيڪي پنهنجي ماحول کان اثر وٺن ٿا. Space Science (خلائي سائنس) جي ڪري جيڪي Micro Equipments (ننڍڙا اوزار) ٺاهيا ويا آهن، تن جي بازار ۾ اچڻ کان پوءِ اسان جي سماجي زندگيءَ ۾ هڪ تمام وڏو انقلاب ايندو. انساني محنت ۽ پورهيي تي ڳوڙهو اثر پوندو.

Biology (حياتيات) ۾ حيرتناڪ ڪارناما ٿيا آهن. انساني زندگيءَ جو دارومدار Cells (خليي) تي آهي، جن جي عمر وڌڻ سان گڏdegeneration (ڀڃ ڊَٽ) ايندي رهندي آهي. هينئر سائنسدان هڪ اهڙي انجڪشن تي تحقيق ڪرڻ ۾ مصروف آهن، جنهن جي وسيلي cell جي regeneration (ٻيهر جوڙڻ) ممڪن ٿي سگهندي ۽ انساني زندگيءَ جي مدت طويل ٿي سگهندي.

اسرارڀريل اڏامندڙ طشترين جي سلسلي ۾ جيڪا کوجنا ٿي آهي، ان جي ڪري انساني زندگيءَ جي اوسر جا حيرتناڪ مشاهدا ظاهر ٿيا آهن. آمريڪا ۾ اهڙا ادارا وجود ۾ اچي ويا آهن، جيڪي موتمار بيمارين جهڙوڪ ڪينسر وغيره جي مريضن کي سون سالن تائين فريز ڪري سگهن ٿا تہ جيئن انهن بيمارين جي علاج هٿ اچڻ کان پوءِ انهن مريضن جو علاج ڪري کين هڪ نئين ۽ طويل حياتي بخشي سگهن. انسان پولار ۾ پهچي زندگيءَ جي گهڙيءَ کي هڪ هنڌ بيهاري ڇڏيو آهي، ڇو جو پولار يا Space ۾ وقت ساڪت آهي، اتي نہ صبح ٿئي ٿو نہ شام. اتي وقت هڪ هنڌ ساڪت ۽ جامد آهي. اڄ سمنڊ جي ترن ۽ زمين ۾ پوريل خزانن ۽ آثارن کي هٿ ڪري انساني ارتقا جي خالي خانن کي پري، انساني تاريخ جي سلسلي جون وڃايل ڪڙيون ڳولي ڪروڙن ورهين جي ورثي کي هٿ ڪيو پيو وڃي. اهي سڀئي ڳالهيون ان ڪري ممڪن ٿي سگهيون آهن جو اتي انساني فڪر آزاد آهي. اتي انسان جي هڪ فطري خواهش Instinct (جبلت) جنهن کي Curiosity (تجسس) يا سونجهڙائپ

چون ٿا. ان کي ننڍي وهيءَ ۾ ئي وڏڻ ويجهڻ جا وجهه ڏنا وڃن ٿا. جنهن ڪري ذهنن ۾ ڇو، ڇا ۽ ڪيئن جا سوال پيدا ٿين ٿا. جيڪي اڳتي هلي کوجنائن ۽ ايجادن جو سبب ٿين ٿا.

اهي ۽ ٻيا هزارين ڪارناما Pure science (خالص سائنس) Applied science (لاڳو ٿيندڙ علمي يا اطلاقي) ۽ Technology جا ڪرشما آهن. جن بابت اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪوبه تحريري ۽ ساک ڀريو احوال ملي نه سگهندو. خود Social Science (سماجي علم) ۾ به اسان جي ٻولي ترقي يافته ڪانهي. اسين مسلمان آهيون ۽ فطري ڳالهه آهي ته اسان کي پنهنجي مذهب سان چاهه آهي. پر عجب جهڙي ڳالهه ته سنڌيءَ ۾ قرآن شريف جو ڪوبه اهڙو ترجمو ڪوبه اهڙو تفسير ڪونهي، جنهن کي مستند سمجهي انهن جو ٻين ٻولين وارا حوالي طور ذڪر ڪن. خود قرآن جي تاريخ سنڌيءَ ۾ ڪانهي. قرآن شريف ۾ جن ماڳن مڪانن ۽ تاريخي شخصيتن جو ذڪر آيو آهي، انهن بابت ڪوبه مستند ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڪونهي. حديث، فقه ۽ سيرت جهڙن موضوعن تي ڪابه مستند ۽ اعليٰ پائي جي شيءِ سنڌيءَ ۾ نه ملندي. اسين چوندا آهيون ته سنڌ وڏا محدث ۽ فقيه پيدا ڪيا. پر سندن حياتي ۽ علمي خدمتن تي ورلي ڪو احوال ملندو. سنڌ کي صوفين جي سرزمين سڏجي ٿو. پر تصوف، وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جي نظرين، صوفين جي سلسلن ۽ سندن تعليم بابت ڪابه مستند تحرير سنڌيءَ ۾ ڪانهي. خود اسلام جي شروع کان هن وقت تائين جي تاريخ کي پڙهڻ جي لاءِ ٻين ٻولين ڏانهن ڏسڻو پوي ٿو. سنڌ جي تاريخ تي ٿورو ڪي گهڻو ڪم ضرور ٿيو آهي، پر دنيا جي تاريخ تهذيب جي تاريخ ۽ تاريخ جو فلسفو اهڙن اهم موضوعن تي سنڌيءَ ۾ ورلي ڪو ڪتاب ملندو.

علم الانسان Cultural Anthropology, Anthropology (ثقافتي علم الانسان) يوناني ۽ يورپي فلسفي ۽ اسلامي فلسفي ۽ ٻين اهڙن ڪيترن ئي ڪارائتن علمن تي ڪنهن به صاحب قلم ڪڻڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. مهن جو دڙو اسان وٽ آهي، پر اتي جي ٻوليءَ کي Decipher (پڙهڻ) ڪرڻ جو ڪم روسي ۽ اسڪئنڊينيوين اسڪالر پيا ڪن. خود ادب جي ميدان ۾ به

شاعريءَ ۽ افسانوي ڪان سواءِ ناول ۽ ڊرامي جي صنفن ۾ اسان وٽ ڪي بہ گهڻا شاهڪار ڪونہ آهن، جيڪي اسين ٻين آڏو فخر سان پيش ڪري سگهون. اسان وٽ ادب جون تذڪري نما تاريخون بيشڪ آهن. ادب جي لغت Dictionary of Literature ڪانهي. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سان اسان جي عقيدت جي تہ انتها آهي، پر سندس رسالي جي انڊيڪس اڃا تائين ڪنهن جي خيال ۾ ڪين آئي آهي. ڀلا جيڪڏهن اهڙو خيال اچي بہ تہ ڪهڙي نسخي کي مستند ڪري ڪٿبو؟

ان سلسلي ۾ ٻيا بہ ڪيترائي مثال ڏئي سگهجن ٿا، جن مان پوريءَ ريت ثابت ٿي سگهي ٿو تہ اسان جي سنڌي ٻولي اڃا تائين علمي حيثيت حاصل ڪري نہ سگهي آهي. ادب جي ميدان ۾ خاص ڪري شاعري ۽ نثر ۾ پڻ ٻوليءَ ۾ هڪ نئون لهجو، هڪ نئون آهنگ ۽ هڪ نئون اسلوب ملي ٿو. پر اهڙا لکندڙ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ملندا. باقي شاعرن ۽ اديبن جي اڪثريت جي ٻوليءَ تي گذريل صديءَ جي اسلوب جو اثر ۽ فڪر تي ارڙهين صديءَ جي سوچ جو رنگ چڙهيل نظر اچي ٿو.

صدين جي سستي ۽ غفلت ڪان پوءِ سموري ٽين دنيا اکيون مهٽي، ڪر موڙي سجاڳ ٿي آهي. سڄي ٽينءَ دنيا ۾ فڪري ۽ ذهني ٿرٿلو آيل آهي. اسان جو ملڪ بہ انهيءَ دنيا جو هڪ ننڍڙو حصو آهي. اسان کي بہ ٻين ملڪن وانگر ان فڪري اٿل پٿل ۾ پنهنجو پارٽ پلي ڪرڻو آهي. ۽ اهو فقط تڏهن ممڪن ٿي سگهندو جڏهن اسين بہ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ انهن جديد سائنسي ۽ سماجي علمن کي آڻينداسون، جيڪي هن نئين زماني ۾ عزت ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ بيحد ضروري آهن.

اها اهم ۽ ضروري ذميداري ڪنهن جي آهي؟ اها ذميداري انهن عالمن، اديبن ۽ استادن جي آهي، جيڪي ههڙي ۽ هن جهڙن ٻين علمي ادارن ۾ پنهنجي پنهنجي سبجيڪٽ (مضمون) جا ماهر سمجهيا وڃن ٿا. انهن جي ڪوشش سان يقين آهي تہ سنڌي ٻولي هڪ علمي ٻوليءَ جو درجو حاصل ڪري سگهندي.

[سنڌي ادب 1_2 /85_1984ع]

ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ

# صورتخطيءَ جي ارتقا

انسان ذات کي "اشرف المخلوقات" جو لقب فقط ٻن خاصيتن جي ڪري ڏنو ويو آهي. هڪ آهي ڳالهائڻ ۽ ٻي آهي سمجهه. ماڻهو سڀ کان پهرين ڳالهائڻ سکيو يا اٿين ڪٿي چئجي تہ هن ڳالهائڻ ايجاد ڪيو. جنهن لاءِ جدا جدا آواز ۽ اچار استعمال ڪيا ٿي ويا. پر سمجهہ ۽ ڳالهائڻ ٻئي جيڪر تہ برابر هجن ها، جيڪڏهن لکڻ جو طريقو يا صورتخطي ايجاد نہ ٿئي ها. دنيا جي پراڻين تهذيبن جي کنڊرن ۽ منجهانئن مليل ڪتبن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ شروعات ۾ انسان شڪليون ٺاهڻ سکيو، ۽ انهيءَ کي لکڻ جو طريقو ڪري استعمال ڪرڻ لڳو. اهو طريقو اٽڪل 5000 ق. م ڌاري سنڌو ۽ نيل جي ماٿرين ۾ رائج هو. انهيءَ صورتخطيءَ ۾ هرهڪ اچار يا آواز لاءِ جدا جدا مورت هئي، ۽ انهن مورتن کي ڳنڍي اکر يا جملو ٺاهيو ويندو هو. فرض ڪريو تہ جي هيٺن لکڻو هجي تہ ماڻهوءَ شينهن کي ماريو تہ انهيءَ حالت ۾، شينهن جي شڪل ڪڍي، ماڻهوءَ کي سندس سامهون يا پويان بيهاريو ويندو هو. ۽ ان جو ڀالو شينهن جي پيٽ مان آرپار ڏيکاريو ويندو هو. شينهن جي شڪل اهڙيءَ طرح ڏيکاربي هئي، جڻ تہ اهو سور ۽ پيڙا وچان مري رهيو آهي. مصر جا فرعون پنهنجا ڪارناما پٿر جي چپن تي اهڙي نموني ۾ اڪرائي ڇڏيندا هئا. سنڌوءَ جي ماٿر ۾ اهڙيءَ صورتخطيءَ جا تمام ٿورا نمونا مليا آهن، ۽ جيڪي مليا آهن، تن جو اڃا تائين ڪوبہ حل نہ ڳوليو ويو آهي. اهڙيءَ لکٽيءَ کي 'پڪچر گراف' (picturegraph) ڪري سڏيو وڃي ٿو. ۽ اها صورتخطي سنڌو توڙي نيل، ٻنهي جي ماٿرين ۾ رائج هئي. مصر جي ماڻهن انهيءَ مورتي_ لکت کي سڏاري، "هئرو گلف" نالي هڪ صورتخطي ٺاهي ورتي، جنهن ۾ هرهڪ شڪل لاءِ هڪ مقرر ڪيل نشان ٺاهيو ٿي ويو. ساڳيءَ طرح، سنڌوءَ جي ماڻهن وري انهيءَ مان هڪ نئين قسم جو رسم الخط ايجاد ڪيو، جنهن کي "ڪيونيفارم اسڪرپٽ" (cuniform script) يا خط ميخي صورتخطي ڪري سڏيو وڃي

ٿو. هن لکت ۾ 560 نشانيون هيون، جي جدا جدا لفظن ۽ اکرن لاءِ استعمال ڪيون وينديون هيون. ڪيونيفارم نالو مٿس انهيءَ ڪري پيو جو هرهڪ نشان ۾ تمام گهڻيون ڪنڊون يا نوڪون استعمال ڪيون ٿي ويون. مثلاً، ماڻهوءَ جو پير، جو ساديءَ طرح هيئن  لکڻ کپندو هو، سو هن طرح  لکيو ويندو هو.[1]

ڪيونيفارم صورتخطيءَ کي اولهه ايشيا ۾ رائج ڪرڻ لاءِ هڪ اهڙيءَ قوم جو هٿ هو، جنهن کي اڄڪلهه "سميري" سڏيو وڃي ٿو. اهو نالو مٿن انهيءَ ڪري پيو آهي جو ڏکڻ عراق جي سرزمين، جنهن کي هنن پهرين اچي آباد ڪيو هو، تنهن کي هنن پاڻ "سمير" جو نالو ڏنو هو. اڄ تائين اها خبر نہ پئجي سگهي آهي تہ اهي سميري هئا ڪير؟ محققن جو رايو آهي تہ اهي ڏکڻ عراق ۾ سمنڊ ۽ خشڪيءَ رستي آيا هئا. ۽ فرات جي ماٿريءَ ۾ سڀ کان پهريون انهن ئي اچي تهذيب ۽ تمدن جو بنياد وڌو. بابل جي ڪتبن ۾ انهن کي "اوئنس" ڪري سڏيو ويو آهي،[2] يعني تہ اهي راڪاس، جنهن جو مٿيون ڌڙ ماڻهوءَ جو هو ۽ هيٺيون مڇيءَ جو، ٻڌايو ويو آهي تہ انهن پهريون دفعو فرات جي ماٿر ۾ هر ۽ ڦيٿو رائج ڪيو. ڦيٿي مان بار ڍوئڻ لاءِ ريڙهيون ۽ گاڏيون، ۽ جنگ ڪرڻ لاءِ رٿ جوڙيا ويا. جيئن تہ گهوڙو انهيءَ وقت اولهه ايشيا ۾ اڻلڀ هو، ان ڪري بار ڍوئڻ واريءَ گاڏيءَ ۾ ڍڳا ۽ رٿ ۾ گڏهہ جوٽيا ويندا هئا. عراق ۾ مختلف کنڊرن مان مليل مورتن ۽ نقشن مان پتو ٿو پوي تہ اُتي اها ساڳي گاڏي استعمال ٿي ڪئي ويئي، جا اڄ بہ اتر سنڌ ۾ موجود آهي. مهن جي دڙي ۾ بہ اهي ساڳيون گاڏيون ڪم ۾ آنديون وينديون هيون. سميري عراق جا پهريان ماڻهو هئا، جن پوک ڪرڻ لاءِ "هر" ايجاد ڪيو، ۽ پاڻيءَ کي نار يا هرلي رستي زمينن تائين پهچائڻ جو انتظام ڪيو. ساڳيءَ طرح، درياهن جي لاهہ ۽ چاڙهہ تي ضابطي رکڻ لاءِ، انهن بند ٻڌڻ جو بہ انتظام ڪيو تہ جيئن زمينون سڪي نہ وڃن، پر سڀ کان

---

(1) انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا: جلد 6، ص 867.

(2) ايچ. آر. هال: اانشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ: ص 174.

وڌيڪ خدمت جا هنن اولهه ايشيا جي ماڻهن لاءِ ڪئي، اها هئي 'ڪيونيفارم' صورتخطيءَ کي پکيڙڻ، جا گهڻو ڪري هرهڪ ملڪ ۾ رائج ٿي ويئي.

ڪن محققن جو رايو آهي ته اهي سميري سنڌوءَ مان لڏي عراق ويا هئا[3]. چاڪاڻ ته سنڌن تهذيب ۽ تمدن جا نشان مڪران جي ڪناري تي، بلوچستان ۽ پڻ فارس جي علائقي ۾ اڄ تائين پيا ڏسجن. عراق ۾ وڃڻ کان اڳ، انهن عيلام ۾ شهر ٻڌا، ۽ پنهنجيءَ تهذيب ۽ ثقافت کي اتي رائج ڪيو. عيلام کي اڄڪلهه خوزستان سڏيو وڃي ٿو، ۽ اهو ايراني حڪومت جو هڪ صوبو آهي. هونئن به سميري تهذيب جي جاچ پڙتال مان ظاهر ٿو ٿئي ته اها انهن ساڳين ماڻهن جي تهذيب هئي، جي مهن جي دڙي ۽ هڙاپا وغيره ۾ رهندا هئا. ساڳئي وقت، سميري ٻولي به نس پس اڄوڪي بروهي ٻوليءَ سان مليو اچي، جا دراوڙي ٻولين مان هڪ ٻولي آهي. ڪن عالمن جو وري اهو رايو آهي ته سميري اصل ۾ دکن جا رهاڪو هئا، جن اتان هجرت ڪري سنڌوءَ ۽ عراق ۾ رهائش اختيار ڪئي، ۽ هڪ وڏي شهنشاهيت جو بنياد وڌو، جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان، ايران، عراق ۽ شام جا ڪي حصا اچي ٿي ويا. چاڪاڻ ته انهيءَ قديم دور ۾ انهن سيني ملڪن جو پاڻ ۾ سنبنڌ جاري هو، ۽ سنڌن تهذيب به هڪ جهڙي هئي.

ڪيونيفارم اسڪرپٽ يا صورتخطيءَ کي سمجهڻ لاءِ انهيءَ ڪتبي وڏو ڪم ڏنو آهي، جو بهستون جي ٻهاڙن ۾ هڪ چپ تي دارا پهرئين لکائي ڇڏيو هو. اهو ڪتبو هڪ جرمن مستشرق، جارج گروٽيفنڊ، 1802 عيسويءَ ۾ ڳولي ڪڍيو، ۽ جنهن ته اهو ٽن ٻولين ۾ لکيل هو. تنهن ڪري مشهور محقق ۽ مستشرق رالنسن انهيءَ کي سولائيءَ سان سمجهي، انهيءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. ڪيونيفارم صورتخطيءَ کي ڪيئن مورتن مان سڌاري ٺاهيو ويو هو، انهيءَ کي سمجهڻ لاءِ هيٺ ٽي مثال ڏجن ٿا:

– 'ٻڪيءَ' لاءِ هي نشان ٺاهيا ويا:



(3) ايچ. آر. هال: اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ: 173، 174.

- 'مڇيءَ' لاءِ هي اکر ڏاهيا ويا:



- سج يا ڏينهن لاءِ وري هي نشان ڏاهيا ويا:



هئروگلف ۾ ٻه مورتن کي سڌاري ڪي نشانيون ڏاهيون ويون هيون، جي هوبهو انهن مورتن جهڙيون هيون. مثلاً، ڍڳي جي منڍي جا مصر ۾ هيئن  لکي ونڊي هئي، تنهن کي سادگي ڏيئي، هي نشان  ڏاهيو ويو. ساڳيءَ ريت، گهر لاءِ مصري هيءَ مورت  استعمال ڪندا هئا، جنهن کي ٻه انهن هيئن  لکڻ شروع ڪيو.

هئروگلف لکت لاءِ محققن جا مختلف رايا آهن. ڪن جو چوڻ آهي اها صورتخطي مصر جي ماڻهن ايجاد ڪئي هئي، پر ٻيا وري انهيءَ راءِ جا آهن ته اها سينا[4] ۾ قيد ٿيل فنيقين جي ايجاد آهي. فنيقي اصل ۾ عرب يا سامي قوم جي هڪ شاخ هئي، جنهن 2500 ق . م ۾ عربستان جي ٻريٽ مان هجرت ڪري، شام ملڪ جي سامونڊي ڪناري تي شهر ٻڌا ۽ بينڪون قائم ڪيون. انهيءَ قوم جو انسانذات جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي واڌ ۾ وڏو هٿ هو. اهي دنيا جا پهريان ماڻهو هئا، جن سامونڊي ٻيڙو ايجاد ڪيو. ۽ نه فقط ائٽلانٽڪ سمنڊ يا بحر ظلمات، بلڪ ان کان سواءِ آفريڪا جي ڪنڌ جي چوڌاري سامونڊي

---

4 سينا جو ٻريٽ مصر ۽ عرب جي وچ ۾ آهي. ۽ اتي طورسينا جبل به آهي، جتي حضرت موسيٰ پيغمبر، الله پاڪ سان ڳالهايو هو ۽ حجت ڪئي هئي ته کيس پنهنجو ديدار ڪرائي. اهوئي سبب آهي جو کيس 'ڪليم الله' سڏيو ويجي ٿو. اهو سينا جو علائقو هو جتي حضرت موسيٰ هڪ قبطيءَ کي خون ڪرڻ کان پوءِ اچي پناهه ورتي هئي ۽ علم سکي، واپس مصر ۾ ويو هو. اهو ڏيکاري ٿو ته انهيءَ دور ۾ سينا علم ۽ ثقافت جو مرڪز هو.

يوناني ٻولين ۾ داخل ٿي ويا. يوناني ٻوليءَ مان اهي لاطيني کي مليا، جا هاڻي سڀني يورپي ٻولين جي ماءُ سمجهي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح، اهي نشان آرامي ٻوليءَ مان اوڀر جي سڀني ٻولين، جهڙوڪ: عربي، فارسي، ترڪي، سنسڪرت، چيني ۽ ميلي کي مليا ۽ اڄ تائين رائج آهن.

ڏنو ويندو تہ صورتخطيءَ جي شروعات گهر ۽ ان سان لاڳو ڪاروبار کان ٿي شروع ٿي. جهڙوڪ گهر، دروازو، ڍور ڍڳو، ڏاند، وغيره. "الف" يا "اي" جو اچار ڍڳي جي منڍيءَ مان نڪتو، ۽ اهو جانور ڪيتريءَ واري دور ۾ انسانذات جو وڏو دوست تصور ڪيو ٿي ويو. اهوئي سبب آهي جو ڪن هنڌن تي ڍڳي جي پوڄا ڪئي ويندي هئي ۽ ان کي آباديءَ جو خدا تصور ڪيو ويندو هو. فنيقي جنهن خدا جي پوڄا ڪندا هئا، سو اصل ۾ ڍڳو هو، ۽ ان کي هو "بعل" (Ba'al) ڪري سڏيندا هئا. "بعل" ۽ سنڌيءَ ۾ "ٻيل" هڪ ڳالهہ آهي. سڀ کان پهرين مصر جي ماڻهن مورت ۾ هيءَ شڪل  ناهي، جنهن کي سينا جي سامين بدلائي هيئن ▽ ناهي ورتو، انهيءَ کي هو . "الفا" ڪري سڏيندا هئا. فنيقين وري انهيءَ شڪل کي سادگي ڏيئي، هيءَ نشان  جوڙيو، ۽ يونانين انهيءَ کي هيءَ صورت  بخشي. اهي زومي ٿي هئا، جن لاطيني ٻوليءَ ۾ انهيءَ کي هاڻوڪي شڪل A ڏني، جا يورپ جي سڀني ٻولين ۾ رائج آهي. عربن ۾ قحطاني عرب ئي اهڙا هئا، جن وٽ حڪومت، تهذيب، تمدن ۽ لکپڙهہ جو رواج هو. باقي ٻيا عرب سيکجهہ ياد ڪري ڇڏيندا هئا، ۽ لکڻ جو تہ منجهن نالو نشان ئي ڪونہ هو. قحطاني يمن ۾ رهندا هئا، جن اهو نشان آرامي ٻوليءَ مان هٿ ڪري، انهيءَ کي هيءَ شڪل  ڏني، ۽ عربن انهيءَ کي هيئن ء لکڻ شروع ڪيو پيغمبر اسلام (صلعم) جي بعثت کان پوءِ، عربن ۾ علمي ذوق پيدا ٿيو ۽ انهن الف کي هيئن ا لکڻ شروع ڪري ڏنو. سنڌي صورتخطيءَ ۾ الف جي مٿان حمزو اڏائي، فقط هي نشان ا (الف) قائم رکيو ويو، ۽ اڄا تائين اهو هلندو اچي.

اهڙيءَ طرح، ب جي شروعات بہ سامي لفظ "بيت" کان ٿي، جنهن جي معنيٰ آهي گهر. عربيءَ ۾ انهيءَ کي "بيت" سڏبو آهي. سڀ کان پهرين مصرين

3000 سال ق. م ڌاري. گهر لاءِ هيءَ مورت ٺاهي هئي: سينا جي سامين انهيءَ کي چورس شڪل ڏني. ۽ فنيقين گهر کي دروازي سميت هن ريت ٺاهي ورتو. يوناني، جن جو فنيقين سان واپار هلندڙ هو. تن وري انهيءَ کي هيءَ شڪل B ڏيئي، انهيءَ کي "بيتا" سڏيو. ۽ هيءَ آخري شڪل B لئٽن ٻوليءَ جي آهي، جا اڄ تائين يورپي صورتخطين ۾ رائج آهي. يمن جي عربن گهر لاءِ هيءَ نشان قائم ڪيو. جنهن جو مطلب هو "دروازي سميت گهر". عربن انهيءَ نشان کي سڏو ڪري، هيئن لکيو: ب. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهو ساڳيو لفظ اخذ ڪيو ويو، ۽ اڃا تائين قائم آهي.

الف_ ب صورتخطيءَ جو ٽيون لفظ "گاما" آهي، جنهن جو مطلب آهي ڏاٽو يا ڪاتي جنهن سان گاهه وڍجي، يا لابارو ڪجي. سڀ کان پهرين مصر جي ماڻهن انهيءَ لاءِ هيءَ شڪل ٺاهي، پر پوءِ هيئن 7 ۽ لکڻ لڳا. سينا جي عربن انهيءَ کي سڌاري هيءَ نشان 7 قائم ڪيو. جو فنيقي به استعمال ڪندا هئا. يوناني انهيءَ نشان کي هيئن ڪري لکندا هئا، ۽ رومين انهيءَ کي هاٿوڪي شڪل G ۽ C ڏيئي، ٻه اچار، گ ۽ ڪ ٺاهي ورتا. قحطانين انهيءَ ساڳئي نشان کي ابتو ڪري، هيءَ اکر ح ٺاهيو. ۽ انهيءَ مان عربيءَ جو "ج" ٺهيو. ج جو عربيءَ ۾ اچار گ وانگر هوندو آهي، جئن عام طرح ريڊيو تي جمال ناصر يا گمال ناصر ٻڌو ويندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ "ج". جت واري اچار لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جو فقط آواز يا اچار خاطر هوندو آهي. نه ته آهي اهو عربيءَ جي جيم يا گيم مان نڪتل.

[ نئين زندگي – مارچ 1967ع]

ڊاڪٽر حيدر سنڌي

# هندڪو- سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي

سنڌي زبان جي بُڻ بنياد ۽ اصل نسل جي باري ۾ ملڪي توڙي غيرملڪي ماهرن ۾ اختلاف پئي رهيو آهي، جنهن جو مکيہ سبب اهو آهي، جو سنڌيءَ جي سلسلءِ نسب بيان ڪرڻ وقت محققن بيشتر قياس آرائيءَ کان پئي ڪم ورتو آهي.

رڳو سنڌي نہ پر هن پوري هند سنڌ جي جملي زبانن لاءِ ڪافي وقت اڳي، يورپ جي ماهرن، سواءِ ڪنهن پوريءَ ڇنڊڇاڻ جي، اها راءِ قائم ڪري ورتي هئي تہ هند ۽ سنڌ جون سيئي زبانون سنسڪرت مان نڪتل آهن.(1)

اها راءِ قائم ڪرڻ جو سبب اهو هو، جو هن خطي جي زبانن جو صدين تائين سنسڪرت سان پاتارو رهيو، سو ڪجهہ خاصيتون ۽ گڻ مختلف ٻولين هڪٻئي کي ڏنا ۽ ورتا. پر، جيئن تہ سنسڪرت، مذهبي ڪريا ڪرم ۾ ڪم ايندڙ ۽ علمي ۽ ادبي ضرورتن جي پورائي ڪندڙ هڪ حاڪماڻي ٻولي هئي، تنهن ڪري مقامي پراڪرتن جي ڀيٽ ۾ کيس وڏيڪ سڌريل سمجهي، ديسي ٻولين پنهنجي مقابلي ۾ سنسڪرت جو اثر قدري وڌيڪ ورتو هو.

البت، جيستائين سنڌيءَ جو تعلق آهي تہ هن جو مزاج اصل کان وٺي ترقيءَ ڏي وک وڌائڻ وارو پئي رهيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هن ٻين ٻولين جي مقابلي ۾ سنسڪرت کان ڪثير تعداد ۾ لغوي سرمايو حاصل ڪري ورتو آهي.

سنڌي زبان جي اصل نسل جي باري ۾ ڦولها ڪندڙن وري منجهس لاتعداد اهڙي لغوي ذخيري ۽ ڪن صوتي هڪجهڙاين کي آڏو رکي، اهو فيصلو بہ ڏئي ڇڏيو تہ "هندستان جون سنسڪرت مان نڪتل جيڪي بہ زبانون آهن، تن مان سنڌي بہ هڪ آهي. ۽ اتان جنم وٺڻ کان پوءِ "وراچڊ اپڀرنش" جي حوالي سان ترقي ڪندي، موجوده صورت کي اچي رسي آهي"(2).

اهڙيءَ ريت جنهن بہ محقق هن ڏس ۾ تحقيق شروع ڪئي، تنهن جي تحقيق جو محوري نڪتو اهوئي رهيو تہ "سنڌي سنسڪرت جي ڄائي آهي"(3).

دراصل انهيءَ نظريي جو محرڪ عالمي سطح تي اپريل اهو نڪتو هو، جنهن جي روءِ کان هٽلر دنيا کي اهو باور ڪرائڻ پئي چاهيو تہ "جرمن قوم جو تعلق آريائي نسل سان آهي، جيڪو نسل، رنگ، ٻولي، ڪلچر ۽ ادب جي حوالي سان خالص ۽ سيني قومن ۾ ممتاز آهي."

انهيءَ نظريي هرقسم جي تحقيق کي نئون موڙ ڏنو. جنهن ڪري پوري دنيا ۾ واضح طبقن ۾ ورهائجي وئي. هڪڙو طبقو هن نظريي جي حمايت ۾ علم جي پهلوءَ کي ڦولهڻ لڳو تہ ٻئي وري ان کي رد ڪرڻ لاءِ عقلي، عملي ۽ منطقي دليل ڳولهڻ شروع ڪيا.

جيئن تہ سنڌو ماٿر ۾ زمانن تائين خود آرين جي زبان سنسڪرت رائج رهي، تنهن ڪري سنڌيءَ بابت قائم ڪيل راءِ کي وڌيڪ وزن مليو. اهو رجحان ان وقت تائين برقرار رهيو، جيستائين ماهرن کي اهو چوڻو پيو تہ "اها دعويٰ ڪرڻ هڪ غلطي آهي، تہ هن وقت برصغير ۾ رائج زبانن مان ڪنهن جو بہ جنم سنسڪرت مان ٿيل آهي."(4)

اهڙي حتمي فيصلي ٻڌڻ کان پوءِ ماهرن انهيءَ موضوع تي نئين سري کان سوچڻ شروع ڪيو ۽ اردوءَ جي مشهور مؤرخ مولانا جلال الدين ندويءَ موهن جي دڙي مان مليل مهرن مٿان لکيل تحريري آثارن کي؛ آڏو رکي اها راءِ قائم ڪئي تہ "سنڌي، عربيءَ جي پيڻ آهي"(5).

عربي زبان جو تعلق زبانن جي "سامي" خاندان سان آهي، تنهن ڪري انهيءَ خيال کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب هنن لفظن ۾ ورجايو تہ، سنڌي سامي زبانن جي سٽ مان آهي، جنهن تي بعد ۾ ٻين ٻولين جو بہ اثر پيل آهي."

اها تہ سيني کي سڌ آهي تہ عربن جا سنڌ سان، سنڌ تي فتح ڪرڻ کان بہ گهڻو اڳي گهرا لاڳاپا هوندا هئا. جيڪي سنڌ تي سندن حڪومت قائم ٿيڻ جي ڪري صدين تائين اڃا وڌيڪ ويجها ايندا رهيا. اهڙيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ هڪ طرف رعيت جي ٻوليءَ جو حق ادا پئي ڪيو تہ ٻئي طرف عربيءَ کي مذهبي ٻولي هجڻ جو اضافي اعزاز بہ حاصل رهيو.

انهن حالتن ۾ عربيءَ ۽ سنڌيءَ جي قربت اڃا بہ وڌي وئي ۽ علمي توڙي لغوي

اعتبار کان وري ٻنهي ٻولين هڪٻئي تي، هنن اصولن هيٺ اثر شروع ڪيو.

(1) ٻولين تي حاڪماڻي ٻوليءَ جو اثر وڌيڪ ٿيندو آهي.

(2) ٻولين تي مذهبي ٻوليءَ جو اثر گهرو ٿيندو آهي.

(3) ٻولين تي واپاري ٻوليءَ جو اثر چٽو ٿيندو آهي.

(4) ٻولين تي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي اثر ورهين تائين رهندا.

انهن سڀني حالتن ۾ عربيءَ کي تہ سنڌيءَ مٿان وڌيڪ اثر ڇڏڻ جو موقعو مليو، پر پوءِ بہ سنڌي پنهنجي پائداريءَ ۽ جٽاداريءَ جو ثبوت ڏيندي، عربيءَ مٿان پنهنجي گهري رنگ جي اڻمٽ ڇاپ هڻي ڇڏي آهي.

ٻئي طرف سنڌيءَ مٿان عربيءَ واري اثر، ماهرن کي جيڪو مواد مهيا ڪيو، تنهن کي ڏسي اهو فيصلو ڏنائون تہ "سنڌي بہ سامي صنف جي زبان آهي."(6) اهو 1960ع وارو ڏهاڪو هو، جنهن ۾ سنڌ جي ڪجهہ محققن هن ڳالهہ تي توجهہ ڏنو ۽ محسوس ڪيائون تہ سنڌيءَ جي اصل نسل جي باري ۾ ڦهريون نظريو احساس برتريءَ تي ٻڌل هو تہ آخري وري مذهبي جذبي سان سرشار هجڻ جو نتيجو آهي، جڏهن تہ تحقيق مان مراد غيرجانبدار تحقيق ورتي ويندي آهي.(7)

حالانڪ مٿين ٻنهي نظرين تي گهرو غور ڪبو تہ سنسڪرت ۽ عربيءَ سان صدين جي ڳانڍاپي سبب، سنڌيءَ جي مٿان مرتب ٿيل جيڪو لساني اثر آهي ۽ گهري لغوي سرمايي جي موجودگي آهي، اها ايتري ڪافي ڪانهي، جنهن کي اهڙي اهم دعويٰ ڪرڻ لاءِ بنياد بڻايو وڃي، ڇاڪاڻ تہ ٻولين جي اصل نسل بابت ڪو آخري فيصلو ڪرڻ لاءِ، رڳو چند لساني خوبين جو اشتراڪ نہ پر علم لسانيات جي خيال کان هنن ڳالهين جو ڳوڙهو مطالعو ۽ اتان اخذ ڪيل نتيجن جو هجڻ بہ ضروري آهي: (1) قومن جو قديم ڪلچر ۽ ان جي موجوده ڪلچر ۾ باقيات. (2) قديم تهذيبي آثارن جي موجودگي. (3) تاريخ. (4) لوڪ ورثو. (5) لوڪ ادب. (6) موسمي حالتون. (7) امدرفت جا ذريعا. (8) ڳالهائيندڙن جي جسماني بناوت ۽ سندن ٻولهائي عمل جو اڀياس. (9) صوتي ادائگيءَ جو طريقو. (10) جملن جي جوڙجڪ ۽ (11) ٻولين جا گرامري اصول.

اهو ان ڪري، جو ٻولين جي نشونما، انهن ئي ڳالهين جي محتاج هوندي آهي، اهي سموريون ڳالهيون آهن، جن جي حدن ۾ رهي ڪري، ٻولي آئينده لاءِ به پنهنجون گهرجون پوريون پيئي ڪندي آهي، تنهن ڪري انهن ڳالهين کي پرکڻ لاءِ علم الانسان، علم لسان، علم صرف و نحو، علم صوتيات، علم و ادب، علم اشتقاق، علم لغت، علم بدن ۽ قومن جي ارتقائي تاريخ جو سائنسي بنيادن تي جائزو وٺڻو پوندو آهي، پر جيڪڏهن انهن سمورن نڪتن جي بجاءِ رڳو چند نُڪتن جي ڪسوٽي بنائي، ان تي سنڌيءَ کي پرکي ڏسبو تڏهن به واضح ٿي ويندو ته ذڪر ڪيل سمورين ٻولين مان سنڌيءَ تي سڀني کان گهڻو اثر ٿيو. تنهن کان پوءِ پالي پراڪرت وسيلي سنسڪرت مٿس اثرانداز ٿيل آهي." (8)

سنڌيءَ کي سنسڪرت مان جنم ملڻ واري خيال کي به بعد ۾ رڳو انهيءَ ڪري محققن ڪونه مڃيو جو جيڪي خوبيون ۽ خاصيتون سنسڪرت کان سنڌيءَ کي مليون، تن جي باري ۾ اهڙي ڪابه ثابتي ڪانهي ته ڪو اهي گڻ ۽ خاصيتون اڳي سنڌيءَ وٽ ڪونه هيون، جن جي پورائي هن سنسڪرت مان ڪئي هئي. نه ئي وري ماهرن اهڙو ڪو ثبوت پيش ڪيو آهي، جنهن جي آڌار تي چيو وڃي ته اهي خاصيتون ۽ گڻ سنڌيءَ سنسڪرت کي نه ڏنا آهن، پر سنسڪرت وٽان سنڌيءَ کي ورثي ۾ مليا هئا.

اهوئي سبب آهي جو 1960ع واري ڏهاڪي سال ۾ ٿيل تحقيق جي انهيءَ نتيجي کي خوشيءَ سان سنڌيءَ جي اصل نسل تي ڪم ڪندڙن قبول ڪيو ته "جيڪڏهن سنڌي زبان سنسڪرت جي لفظن جي مرهون منت آهي، ته سنسڪرت تي وري سنڌيءَ جو ان کان به وڌو قرض آهي، تنهن ڪري سنڌي سنسڪرت جي نه پر سنسڪرت سنڌيءَ جي ڌيءَ آهي." (9)

سنڌيءَ کي سنسڪرت مان جنم ملڻ واري خيال، توڙي سنسڪرت جي سنڌيءَ مان توليد واري راءِ جي خالقن ۽ سنڌيءَ کي سامي سٽ مان سلڻ وارن محققن کي، هن نُڪتي سان اتفاق ڪرڻو پوندو ته آرين جي اچڻ کان اڳ به سنڌو ماٿريءَ ۾ لوڪ آباد هئا جن کي پنهنجي ٻولي ۽ تهذيب ۽ تمدن هئي هئن

لوڪن سان آرين کي سخت جنگيون ڪرڻيون پيون هيون. انهن جنگين ۾ مقامي ماڻهن کي مات نہ ڏئي سگهڻ واريءَ حالت ۾ آرين پنهنجن ديوتائن کي مدد لاءِ پڪاريو هو. اجتماعي پرارٿنا ڪرڻ سان بہ ڪو چارو ڪونہ چليو هون. ڪڪ پن ڪان دعا گهرڻ واريءَ ڳالهہ مان سندن اهڙي مايوسيءَ جو اظهار ٿئي ٿو. جيئن ويدن مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهن جنگ ۾ وڃڻ واري بگل کان بہ دعا گهري ۽ ان کي التجا ڪندي چيائون تہ:

"اهڙو گرج، جو اسان جون دليون مضبوط ٿي وڃن ۽ دشمنن جون دليون دهلجي وڃن".

اهي حوالا ظاهر ڪن ٿا تہ مقامي ماڻهن جي خلاف آرين جي دلين ۾ جيڪا نفرت ۽ حقارت هئي، تنهن احساس جو روپ ورتو ۽ احساس جو اظهار لفظن ۾ ٿيڻ لڳو ۽ سرزمين جي وارثن لاءِ آرين جيڪي "آسُر، شترو، دسيوَ ۽ چنڊال" وغيره جهڙا لفظ جوڙيا، سي بہ ويدن ۾ محفوظ آهن.

ويدن ۾ تہ اهو بہ اقرار ڪيل آهي تہ "اهي لوڪ سنڌوءَ جا وارث پڪن گهرن ۾ رهندا هئا ۽ واهڻن جا وارث هئا ۽ وڏي ڌن جا مالڪ هئا"(10).

اهڙي ثابتي، اسان کي موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهرن مٿان عبارت ٿيل تحرير بہ ڏئي ٿي تہ "انهيءَ قوم وٽ پنهنجي سڌريل سڀيتا سان گڏوگڏ اعليٰ پدَ تي پهتل پنهنجي زبان بہ هئي، جتان تحرير جي توليد بہ ٿي هئي، جنهن ۾ اهي لوڪ چڱيءَ طرح لکي ۽ پڙهي بہ سگهندا هئا."(11)

جيتوڻيڪ انهن لوڪن جي لساني خوبين ۽ خاصيتن جي واڪاڻ تہ ڪيترن ئي ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن ڪئي، پر اهو فيصلو پوءِ بہ رهندو پئي آيو تہ ايڏي وڏي "ڪلچر" جي وارثن واريءَ هن سڌريل زبان جو واسطو، ڀين ٻولين جي ڪهڙيءَ شاخ يا ڪهڙي ڪٽنب سان ٿي سگهي ٿو.

اڌ صدي کن اڳ هن ڏس ۾ جارج گريئرسن چيو هو تہ "سنڌوماٿريءَ ۾ جيڪا اپڀرنش پراڪرت رائج هئي، تنهن کي ئي "وراچڊ" چئجي ٿو ۽ اهائي سنڌيءَ جو اصل بڻ بنياد آهي.(12)

هن خيال کي ڪف. ڏور ويهي نتيجا ڪڍندڙ عالمن. پالي پراڪرت جي حوالي

سان وراڇڊ اپڀرنش جي وسيلي وچي سنسڪرت سان سلهاڙيو هو، جنهن کي
• جديد لسانيات جي روءِ کان "خام خيالي" ۽ "مفروضو" ۽ اصليت کان پري ڪوٺي سگهجي ٿو. ماهرن واضح ڪيو آهي تہ .سنڌي ۽ وراچڊ ۾ ڪائي مناسبت ڪانهي، سنڌي هڪ خودمختيار زبان آهي، جيڪا ڪنهن ديسي سنڌي پراڪرت مان اسريل آهي."(13)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پڻ انهيءَ خيال جو آهي تہ: "سنڌي انهيءَ وراچڊ اپڀرنش مان نڪتل آهي، جنهن جو اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي."(14)

اُن کان پوءِ اهو نتيجو اخذ ڪيو ويو تہ "آرين جي اچڻ کان اڳ ۾ سنڌوماٿريءَ ۾ آباد قوم يا قومن جي ٻولي دراوڙي هئي".(15)

ٻولين جي پرک ۽ پروڙ لاءِ گرامر جي ڪسوٽي بہ تمام اهم سمجهي ويندي آهي. سنڌيءَ جي انهيءَ سوال کي سلجهائڻ لاءِ پڻ گرامر واري ڪسوٽي آزمائي وئي، جنهن مان اهو نتيجو ظاهر ٿيو تہ خود دراوڙي ٻوليءَ جو سلسلو بہ سٿين (Sythian) ٻولين سان ملي ٿو.(16)

هڪ طرف ماهرن دراوڙي ٻولين جو تعلق سٿين (Sythian) ٻولين سان جوڙيو آهي تہ ٻئي طرف خود سٿين ٻولين جي وارث قومن جو تعلق قومن جي حسب نسب جي پارکن، توراني نسل سان جوڙيو آهي (17). ٻين لفظن ۾ اهو ائين چئي سگهجي ٿو تہ دراوڙي ٻولين جو سلسلو بہ سنڌيءَ طرح توراني ٻولين سان آهي، پر جيئن تہ اڳين عالمن سنڌيءَ جو تعلق موهن جي دڙي واري دراوڙي ٻوليءَ سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، تنهن ڪري ڪن لساني خوبين کي بہ دراوڙيءَ ۽ سنڌيءَ سان تقابل ڪندي جديد لسانيات جي روءِ کان هيءُ نتيجو اخذ ڪيو ويو تہ "سنڌيءَ جي صرفيائي ۽ نحوي سٽا. دراوڙي ٻولين جي صرفيائي ۽ نحوي سٽاءَ ۾ هڪجهڙائي آهي."(18)

اسان شهادتن مان معلوم ڪيو آهي تہ صدين جي ميل ميلاپ ۽ قربت وسيلي پڻ ٻوليون اهڙي قسم جون پڪيون ۽ پختيون خاصيتون ۽ گڻ هڪ ٻئي کي ڏينديون ۽ وٺنديون آهن. اها ڳالهہ عربي ۽ سنڌي، سنڌي ۽ فارسي، فارسي ۽ عربيءَ جي اڀياس مان بہ معلوم ڪري سگهجي ٿي.

مٿين ٻولين جي تقابلي مطالعي مان ملندڙ ڪيترن مشترڪ خوبين کي آڌو رکڻ کان پوءِ، سنڌو ماٿر جي هن ٻولي "سنڌيءَ" لاءِ ڪا آخري راءِ قائم ڪرڻ کان اڳ اسان کي انهيءَ ڳالهه جو به جائزو وٺڻو پوندو، ته دراوڙيءَ کان اڳ به ڪا ٻولي سنڌو ماٿريءَ ۾ مروج هئي يا نه؟

تاريخ جا سلسلا سائنسي پيمانن وسيلي قديم آثارن، لساني ۽ صوتي هڪجهڙاين جي پرک مان مليل مواد ۽ جديد علمن جي آڌار تي حاصل ٿيل نتيجا وغيره به هن حقيقت کي واضح ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته ڪا ٻولي، دراوڙي ٻوليءَ کان به اڳ ۾ هنن پٽن تي ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي.

جيتوڻيڪ ويهين صدي عيسويءَ جي اڌ ۾ ئي موهن جي دڙي مان مليل مهرن مٿان تحرير ان ساڳي ڳالهه ڏانهن ماهرن کي متوجهه ڪري چڪي هئي، پر هت سڌريل سائنس سهوليتن جي موجودگيءَ ۾ به اُهي ڪو اهڙو منطقي مواد مهيا ڪرڻ کان قاصر رهيا، جنهن جي آڌار تي ٻوليءَ جي اصل نسل بابت ڪو آخري فيصلو مجرائي سگهجي. حالانڪ هن علائقي جي ٻولين تي ڪم ڪندڙ عالمن کي ڪيترائي اهڙا لفظ مليا هئا، جن کي پاڻ به (Indigenous) يا "ديسي لفظ" ۽ "غير آريائي ٻولين جا لفظ" پئي ڪوٺيو اٿئون، پر پوءِ به هن ٻوليءَ جي بُڻ بنياد بابت ڪا متفقه راءِ ڪانه ڏنائون.

سنڌو ماٿريءَ جي ٻولين ۾ رڳو سنڌي ٻولي شامل ناهي، پر هتان جي جملي ٻولين جي باري ۾ گريئرسن، ڊاڪٽر محي الدين زور، شرف الدين اصلاحي، عين الحق فريد ڪوٽي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جهڙن برک عالمن مان جنهن عالم، هن نندي کنڊ جي ٻولين بابت قلم کنيو آهي، تنهن سنڌي، ڪشميري ۽ پنجابيءَ کي هڪ ٻئي جون "ڀينر ٻوليون" پئي ثابت ڪيو، پر تحقيق جو دائرو ان کان اڳتي وڌندڙ نظر نٿو اچي ۽ نه وري ڪنهن عالم موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهرن جي مٿان لکيل عبارت ڏي گهربل توجهه ڏنو.

هن ڏس ۾ فنلينڊ جي ٻن ماهرن آسڪو پارپولا ۽ سائمو پارپولا ڪمپيوٽرن جي وسيلي انهيءَ تحرير جي پڙهڻي مقرر ڪئي ۽ انهيءَ پڙهڻيءَ جي آڌار تي اهو به ثابت ڪيو ته "موهن جي دڙي جا لوڪ جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، تنهن جا

لفظ، لفظن جون اڳياڙيون، پڇاڙيون ۽ معنيٰ يا آوازن جي ادائگي وغيره سميت هرڪو نُڪتو موجوده سنڌي زبان وٽ هوبهو محفوظ آهي"(19).

انهيءَ سلسلي ۾ بنهي ماهرن گڏجي "سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۾ دراوڙيءَ کان اڳ جا اهڃاڻ" جي عنوان سان مقالو لکيو، جيڪو ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت نون رُخن کان تحقيق جو مواد مهيا ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

هن کان اڳ جڏهن برطانيا جي هڪ عالم جان بيمز (John Beams) اهو خيال پيش ڪيو ته "سنڌي ڪشميري ۽ پنجابي زبانن جو تعلق ٻولين جي انڊڪ (Indic) خاندان سان آهي. تڏهن سنڌس راءِ کي ايتري اهميت نه ڏني وئي، پر هاڻي پاريولا برادران جي اخذ ڪيل نتيجن کان پوءِ اهو نظريو خودبخود پٺ پئجي ويو ته "آرين جي اچڻ کان اڳ سنڌوماٿريءَ ۾ آباد قوم يا قومن جي ٻولي دراوڙي هئي." پر جان بيمز واري خيال کي ڪي قدر حمايت حاصل ٿي ته ڊاڪٽر غلام علي الانا جي راءِ جي به تائيد ٿيڻ لڳي ته موهن جي دڙي واري ٻولي بنيادي طور تي غير آريائي آهي، جنهن کي "سنڌوري" يا "سنڌي ٻولي" سڏي سگهجي ٿو(20).

سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل بابت جديد لسانيات ۽ سائنسي بنيادن تي تحقيق ڪندڙ هن عالم اهو پڻ نتيجو حاصل ڪيو آهي ته اها "سندوي" يا "سنڌوي" ٻولي دراوڙي ٻولين جي توليد ڪندڙ آهي (21).

اسان پڻ پنهنجي پي. ايچ. ڊيءَ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ جيڪو تحقيقي مقالو لکيو آهي، ان ۾ تاريخي، تمدني، سماجي، لساني ۽ عمراني علمن جو جائزو ورتو ۽ ان جائزي جي آڌار تي سنڌو ماٿر ۾ مروج ٻولين جي تقابلي مطالعو پيش ڪيو آهي. ان مطالعي مان حاصل ڪيل نتيجن، موهن جي دڙي مان مليل مواد جي باري ۾ ماهرن طرفان پيش ڪيل راين ۽ قديم آثارن بابت سائنسي تجربن جي نتيجن کي سامهون رکي منطقي دليل ڏيندي ثابت ڪيو آهي ته سنڌي، ٻاهران آيل ٻولي ناهي، پر هيءَ هتان جي ۽ سنڌو ماٿر جي اصلوڪي زبان آهي(22). دراوڙيءَ سان سنڌس ناتو ان وقت جڙيو، جڏهن تُوراني ۽ دراوڙ قبيلا سنڌو ماٿر ۾ آيا. اڳتي هلي اهي قبيلا سنڌو ماٿريءَ ۾

رهندڙ قومن جو جُز بڻجي ويا. پر جيڪي قبيلا لساني ۽ تمدني طور جدا رهيا. انهن مثان بہ سنڌيءَ جي اهڙي ڇاپ لڳي، جو اڄ سوڌو ان ۾ وڪوڙيل آهن.
هاڻي ڳالهہ رهي انهيءَ راءِ جي، تہ "سنڌي ۽ پنجابي ٻوليون پاڻ ۾ ڀينر آهن". ان لاءِ پنجابيءَ جو جائزو وٺڻو پوندو.
تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڏسبو تہ جڏهن پنجاب تي اهو نالو پوءِ جو پيل آهي. تڏهن يقيناً پنجابيءَ کي بہ انهيءَ سمي انهيءَ ساڳي نالي سان سڏيندا هوندا. جنهن سان هيءَ خطو مشهور هوندو. تاريخ جي مطالعي مان پتو پوي ٿو تہ جڏهن "دارا_I" هن خطي تي قبضو ڪيو، تڏهن اهو حڪم صادر ڪيائين تہ "سنسڪرت جي (س) سان شروع ٿيندڙ اسمن کي (هہ) سان بدلائي پڪاريو وڃي تہ جيئن رعيت مان سنسڪرت سان همدردي گهٽائي فارسي لاءِ چاهہ ۽ هتان جي ٻڌمت سان همدردي ڪم ڪري زردشت مت سان رغبت وڌائي سگهجي (23).
انهيءَ حوالي کان پوءِ اها ڳالهہ خود ئي حل ٿي وڃي ٿي تہ پنجاب جي سرزمين جڏهن ستن درياهن جي ذياڻي هئي، تڏهن هن کي "سپت سنڌو" سڏبو هو. پر جڏهن ڪانئس بہ درياهہ الڳ ٿي ويا، تڏهن ايران جي مٿس پيهر حڪمراني شروع ٿي. پهرين حاڪمن هر "س" کي "هہ" سان بدلايو ۽ سپت سنڌو بدلجي هپ هندو ٻڌجي ويو. پر پوئين پيري تہ پنجن درياهن واري عرصي ۾ مٿس نالوئي رکيائين "پنج + آب"، يعني پنجن درياهن جي ڌرتي پنجاب.
تاريخ ۾ مڪمل طور جيتوڻيڪ هن علائقي جو نالو جهانگير واري عرصي ڌاري پنجاب ٻڌيل ڏسجي ٿو. پر هتان جي ٻوليءَ کي ان وقت بہ "هندوئي يا هندوي" چئبو هو (24). اگر "هہ" کي واپس ويدن واري زماني وانگر "س" سان بدلائيجي تہ حقيقت وري بہ "سندوئي" يا "سندوي" جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي. جيڪو نالو هو ويدن واري قديم زبان جو. انهيءَ نڪتي جي وضاحت تاريخ جي هن بيان مان بہ ٿئي ٿي تہ "پهريون ڀيرو عهد جهانگيريءَ ۾ هن خطي کي پنجاب جي نالي سان سڏيو ويو" (25). هيءَ حوالو ان ڳالهہ کي ظاهر ڪري ٿو تہ مغل دور تائين هن خطي کي ڪنهن ٻئي نالي سان سڏبو هو.

ويد ٿي قديم تاريخ بيان ڪندڙ آهن، جن جي حوالي سان لکيل آهي ته "سنڌ ۽ سپت سنڌوءَ واري علائقي تي پنچالن جي حڪومت هئي. اهڙي مشهور پنچال راجا جو نالو "سونيا پاويا" هو، جنهن راجا برهه جي ڌيءُ "روماسا" کي پنهنجي پٽ راڻي بڻايو هو(62).

پنجاب جي قديم تاريخ مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته هن ساڳي سرزمين کي ويدن واري زماني ۾ به "سپت سنڌو" سڏبو هو. فارسيءَ جي قديم ڪتاب "زنداوستا" ۾ به سندس اهو نالو هو ۽ گرنٿ ۾ به بالڪل اهوئي نالو ڏنل آهي (27).

مولانا ندويءَ اهو بيان ڪي قدر اڃا به وضاحت سان لکيو آهي ته "اهل فارس، جڏهن ملڪ هند جي هڪڙي صوبي تي قبضو ڪيو، تڏهن جنهن درياهه کي "سنڌو" ٿو سڏجي ۽ جنهن کي عرب اڳي مهراڻ چوندا هئا، تنهن کي، "سنڌو" مان بدلائي "هندو" ڪوٺيو هو (28)، اها ڳالهه "سئندوي" محاوري جي بالڪل قريب آهي.

سنڌوءَ کي يورپ ۾ "انڊس" ڪوٺيو ويندو آهي. لسانيات جي هڪ يورپي ماهر پڻ سنڌي ۽ پنجابيءَ کي زبانن جي "انڊڪ" خاندان مان ٻڌايو آهي. شرف الدين اصلاحيءَ پڻ ساڳي ڳالهه لکي آهي (29). هن وقت به انتظامي اعتبار کان پنجاب ۾ شامل مغربي حصي جي ٻوليءَ جو قديم زماني کان وٺي نالو "هندڪو" مشهور آهي، جيڪو يقيناً اهل فارس جي زماني ۾ سنسڪرت جي "س" جي "هه" سان بدلائڻ واري فرمان جو نتيجو آهي؛ جنهن کي اگر واپس "س" سان پڪاربو ته "هندڪو" بدلجي "سنڌڪو" تي پوندو ۽ مفهوم ٿيندس، سنڌ يا سنڌو ماٿر جي ٻولي.

هندڪو جنهن علائقي ۾ مروج آهي، تنهن ۾ پوٺوار وارو علائقو به شامل آهي، جتان جي ٻوليءَ کي پوٺواري سڏجي ٿو. پوٺوار جو علائقو اسلام آباد کان وٺي ڏکڻ ۾ لوڻ کاڻ واري جبل تائين ۽ اتر ۾ خوشاب وارن ميدانن تائين آهي. جڏهن ته الهندي ۾ ٽيڪسيلا کان ٿيندي، هڪ طرف اٽڪ ۽ ٻئي طرف ميانوالي ضلعي سان وڃي ملي ٿو.

(3) موٺان ديان ڦليان نڪي نڪي ٻول تيري

مصري ديان ڏليان ني. (33)

لوڪ شاعريءَ کان سواءِ هندڪو ۽ سنڌيءَ ۾ صوتي هڪجهڙائي بہ ملي ٿي.

مثال طور:

"سنڌي ٻوليءَ جي سونهن سندس ستن خالص آوازن، ٻ، ڄ، ڃ، ڳ، ڱ ڏ ۽ ڻ ۾ سمايل آهي، ليڪن هندڪو جي لغوي ذخيري ۾ بہ نہ رڳو سنڌيءَ جا اهي آواز سمايل آهن، پر معنيٰ بہ انهن لفظن جي اهائي آهي. جيڪا انهيءَ لغوي سرمائي کي سنڌيءَ ۾ مليل آهي. مثال طور: ڪوٺا = ڪوٺو ٻانهن = ٻانهن. ٻوٺ = ٻوٺ (جانورن جو ٻوٺ يا منهن). پيڻ = پيڻ. پرڃائي= پاڃائي. "ٻڪ" = ٻڪ. جٿو = شخص. "ڄاڻ سڃاڻ"= واقفيت. "ڏيراٺي" = ڏيرياڻي. ڄڄ = ڄڄ. "ٻڏائي" = ٻاڙي وغيره. (34)

ان کان علاوه سنڌ سميت هن پوري لساني پٽيءَ ۾ جيڪي بہ لوڪ آباد آهن، تن جي لغت ۾ مصدر "ڻ" تي ختم ٿئي ٿي ۽ "ڻ" ڪيرائي ڇڏڻ سان امر بنجي پوي ٿو.

مثال طور:

اتارڻ = اتار. اپائڻ = اپا ۽ اپاءِ. چلڻ = هلڻ هل. لکڻ = لکڻ لک. اڪرڻ = اڪر (پار ڪرڻ) اڪيلڻ = اڪيل وغيره.

البتہ واحد مان جمع ٺاهڻ ۾ پنجابيءَ وارو قاعدو استعمال ٿئي ٿو. يعني اسم جي پڇاڙيءَ ۾ "يان" ۽ "اون" جو اضافو ڪيو ويندو آهي، جيئن سنڌ جي اترادي لهجي ۾ آهي.

مثال طور:

منجي "منجيان". ڪٽ "ڪٽان". چنگھ "چنگھان". وغيره. ان کان سواءِ پنجابيءَ وانگر هندڪو کي بہ اها خوبي آهي، جو سنڌي ٻوليءَ جي اسم واحد يا فعل جي شروع واري "و" کي "ٻ" سان بدلائي ٿي ۽ سنڌيءَ جو اهو اسم جنهن جي آخر ۾ "ر" آهي تہ ان کي لام سان بدلائي ٿي. مثلاً: "ويھ" هندڪو ٻيھ. وار = ٻال ۽ ٻار = ٻال وغيره. ٻرَ = ٻل، ٻڄر = ٻڄل ۽ مُڄرَ = مُڄل وغيره.

هرڪو معاشرو ڪڏهن مذهبي قاعدن ۽ ملڪي قانونن کان ٻه وڌيڪ اهميت پنهنجي سماجي ريتن ۽ رسمن کي ڏيندو آهي. ڇاڪاڻ ته اهي ريتون ۽ رسمون ئي آهن، جيڪي هر معاشري جي بقاءَ جو وسيلو هونديون آهن ۽ انهن جي تاريخ ٻه اوتري ئي پراڻي هوندي آهي، جيتري انهيءَ معاشري جي هوندي آهي.
هزاره ڊويزن کان وٺي سنڌ جي ساحل تائين جنهن لساني پٽيءَ جو بيان هلي رهيو آهي، تنهن ۾ اگرچه هندڪو، پوٺواري، ديري وال، ملتاني ۽ سنڌي معاشرا موجود آهن ۽ ظاهر ۾ هرهڪ کي شادي مرادي، غمي خوشي ۽ ميل ميلاپ لاءِ ريتون رسمون الڳ الڳ آهن. ليڪن هن پوري خطي جي جملي رسمن جي اڀياس ڪرڻ سان ان وقت وڏي حيراني ٿي ٿئي، جڏهن هي نتيجو ٿو سامهون اچي ته شاديءَ جي رسم ۾ نڪاح کان اڳ، ڀڏري کان وٺي نيڪيٽيءَ، گل چونڊڻ ۽ ستاوڙي تائين، شاديءَ وهانءَ جي سلسلي ۾ سموريون رسمون (سواءِ طبعي ۽ موسمي تبديليءَ جي) بالڪل ساڳيون آهن. هتي ڀڏريءَ کي چون "نشاني" ۽ ٻُسريءَ جي نالي چون مني روٽي. نيڪيٽيءَ کي چون نيڪٽ. گل چونڊڻ لاءِ گهوٽ ڪنوار کي ڪپهه هٽن ۾ ڏبي آهي. تنهن ڪري ان کي چون ئي روڻ سوتر، ڄڃ کي چون جنج ۽ "ستاوڙي" کي چون "ستوان".
هن پوري علائقي ۾ مهينن جا قديم نالا ساڳيا سنڌ وانگر آهن. مثلاً: پوهه، مانگهه ڦڳڻ، چيٽ، ڪتي، سانوڻ، ڀادو، وغيره. سنڌيءَ جي ٿري لهجي ۾ ڪتيءَ جي ٻلهر کي ٻلر چون ۽ هندڪو ۾ ٻه اهوئي چوندا آهن. ان کان سواءِ هندڪو ڳالهائيندڙ هجي، لاسي لهجي جو وارث ڪو شخص هجي يا ديري وال ۽ اتر سنڌ جو محاورو سندس مادري ٻوليءَ طور مروج هجي، پر مذهبي اثر هيٺ ماڻهن جي نالن کان سواءِ ڪافي اهڙا نالا ملن ٿا، جيڪي هن سموري لساني خطي ۾ ساڳيا رائج آهن. مثال طور: محمد بخش، سڄڻ، سانوڻ، سانول، ماهي، الهرکيو، الهڏنو، سائين رکيا، مانو (ماڻو) صيفل، مصري، ڦاپل ۽ سيل وغيره.
پکين کي چون "پکڻ" پر هنن پٽن تي رهندڙ هندڪو سميت سڀئي چون پکيرو. ڪن پکين جا نالا ٻه ساڳي سنڌيءَ وارا موجود آهن. مثال طور: ڪبوتر / ڪبوتري، ڪُڪڙ / ڪڪڙ، تتر / تتري، مينا / ڪانءُ، ٻٽير، چوزا، (واحد) ڪار

ڪڙِجي، ٻگهه، طوطا (واحد) ٻار ۽ چڪور وغيره (35).

ننڍي جانور کي سنڌيءَ وانگر ڇون ڀهرو يا ڀهار، وڏي کي ڇون ڍور يا ڇنگو. اٺ کي ڇون اٺ ۽ گهوڙي کي ڇون گهوڙا (واحد)، ڏاند، ڳانءِ، ليلا، گهيٽو، وڇ کي ڇون وڇ ۽ مذڪر کي وڇا وغيره. اهڙيءَ ريت جانورن جي پيرن کي ڇون ڪُر، گهوڙي جي پيرن کي ڇون سنب ۽ ڍڳن يا هرڻن جي سڱ کي ساڳيو سڱ ئي ڇون.

انساني زندگيءَ ۾ وهم ۽ وسوسي کي بہ وڏو عمل دخل آهي، ليڪن تعجب ٿو ٿئي هن لساني خطي ۾ آباد مختلف لوڪن درميان صدين کان وٺي هڪ ٻئي کان ڪوهين ڏور هجڻ جي باوجود منجهن وهم وسوسا بالڪل ساڳيا نظر ٿا اچن. مثال طور: ڪٽ رات جو ڪتو رڙيون ڪري يا ڪٽي ڪو چهرو چرڙاٽ ڪري تہ ان کي بدشگوني سمجهيو وڃي، پر ڪو شخص ان کي ڪنهن نڪاءُ وسيلي وڃي خاموش ڪرائيندو آهي. زالون ڪنهن هيڪلي وڻ وٽان يا هيٺيان ڪونہ لنگهن، ڇي "ڪا آپتا = آپدا (مصيبت) ايندي." اها ساڳي حالت سنڌ ۾ بہ موجود آهي.

سنڌ جي عورتن ۾ تہ پريءَ جو "واسو" يا غيبات جي اثر هجڻ واري ڳالهہ بہ عام آهي. پر هن پوري پٽ جي زالن وٽ بہ "اوپرو اثر" واري ڳالهہ هرهنڌ ملي ٿي. ماءُ ٻار کي تيسين ٻاهر ڪانہ ڪڍي، جيسين سنڌس ڇهري تي واضح طور سان ڪارنهن جو نشان نہ ڪجي. اهڙيءَ ريت هيڪلي وڻ هيٺان ڏيا ٻارڻ ۽ ڌوپ جو واس ڪرڻ بہ عام آهي.

نيٽي آئٽيءَ جي جهولي سائي ٿيڻ لاءِ جيڪي سوڻ ۽ ساٺ توڙي سڪائون ٻاسيون ويندڙيون آهن، سي بہ هن پوريءَ لساني پٽيءَ ۾ ساڳيون آهن. ائين ٿو لڳي، اهي سمورا سوڻ ٻاس ٻاسڻ ۽ سڪائڻ ڏيڻ جا طريقا ۽ سوڻ ساٺ ڪنهن ساڳئي استاد ويهي هنن کي سيکاريا آهن.

نہ رڳو اهو، پر ٻهاڪا ۽ چوڻيون، جيڪي پوري معاشري جي ملڪيت ۽ هر فرد جي تجربي ۽ مشاهدي جو پيمانو هونديون آهن. سي احساسن ۽ تجربن ۽ مشاهدن جي حوالي سان ساڳي سوچ جون حامل تہ ٿي سگهن ٿيون، پر حيراني

ان ڳالهہ تي آهي، تہ انهن جي ساخت ۽ سٽاءَ توڙي لفظن جي انتخاب ۽ مفهوم ۽ معنيٰ بہ بلڪل ساڳي سنڌيءَ واري آهي. مثال طور:

(1) سنڌيءَ ۾ چون "اکين کان انڌي، پر نالو نور ڀري"

۽ هندڪو ۾ چون: "اکئين تون انڌي، تي نان نور پري."

(2) "نادان سڄڻ کان داناءُ دشمن ڀلو".

هندڪو: "نادان سڄڻ ڪنون دانا دشمن چڱا."

(3) "ويڙين پيتان سڄا ۽ سڄن پيتان ويا."

هندڪو: "چڱيان دي مُند جي منيان دي چڱا."

(4) "جت ڇا ڄاڻي لونگن جو اگهہ".

هندڪو: "جت ڪي ڄاڻي لونگان دا ڀاءُ."

(5) "ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا."

هندڪو: "ٻلي ڪون ڇيڇڙيان دي خواب."

مطلب تہ ٻوليءَ جا آواز، اسم مصدر، جمع ٺاهڻ جو اصول، مصدر مان امر ٺاهڻ جو قاعدو، ماڻهن جا نالا، مهينن جا نالا، وهم ۽ وسوسا، پکين ۽ جانورن جا نالا ۽ ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ تاريخي ۽ تحقيقي حوالا، علم لسانيات جي روءِ کان عالمن جا اخذ ڪيل نتيجا ۽ لساني تقابل وسيلي مليل مواد جي آڌار تي اها دعويٰ ڪرڻ بجاءِ ٿيندي تہ هندڪو ڪا ڌاري يا ٻاهران آيلن جي ٻولي يا ٻوليءَ جي شاخ نٿي ٿي سگهي، اها قديم ٻولي آهي ۽ انهيءَ جو اڳوڻو نالو "سنڌڪو" يا "سيندوي" آهي، هيءَ پنجابي ناهي ۽ نہ پنجابيءَ سان سندس ڪا متي مائٽي آهي. پنجاب تي اهو نالو پوءِ پيو ۽ ان کان اڳ هيءَ سڄي پٽي سنڌ جي سرزمين هئي. جڏهن هن سرزمين کي "سنڌ" سڏبو هو، تڏهن اتان جي آباد لوڪن ۽ سندن ٻوليءَ کي بہ سنڌي ئي سڏبو هو. البتہ جڏهن کان اها پٽي انتظامي اعتبار کان پنجاب جو حصو بڻي آهي، تڏهن کان اها ايراضي ۽ ان ۾ رهندڙ ماڻهو پنجاب جي قانون جا پابند رهيا ۽ لکندڙن اتان جي ٻوليءَ (هندڪو) کي بہ پنجابيءَ جو جزو لکڻ شروع ڪيو. ٻيءَ صورت ۾ "سنڌي" ۽ "هندڪو" "سنڌڪو" ۾ صدين جي وٿي بہ وڏو فرق وجهي نہ سگهي آهي.

البت ڪن ڪن ڳالهين ۾ سنڌي زبان ۽ هندڪو ٻوليءَ ۾ جيڪو معمولي فرق نظر اچي ٿو، سو رڳو انهن ايراضين تائين محدود آهي، جتي حملي آور ڌارين قومن جو گذرگاهه رهيو آهي يا انهن حملي آور قومن جا باشندا مستقل طور تي آباد ٿي ويل آهن.

حملي آورن قومن جي آمد 515 ق – م کان وٺي ايرانين کان ٿي، جن قديم فارسي آندي. تنهن کان پوءِ يوناني لشڪر سڪندراعظم جي جلوءَ ۾ آيو، جنهن يوناني ٻاڻ سان آندي، اهڙيءَ ريت ساڪا، هُن، سٿين ۽ ڪُشان قومن جون ڪاهون ٿيون، جن تُرڪي، داردي ۽ پالي پراڪرت جهڙيون ڏکڻ ايشيا وچ اولهه جون ٻيون ٻوليون آنديون. انهن جو اثر هتان جي ملڪي ٻولين ۾ اڄ به ڪٿي ڪٿي گهرو ڏسجي ٿو.

حوالا:

(1) پروفيسر ڌرمپال، 'انڊين هسٽري' (ستون ايڊيشن) دهلي 1946ع.
(2) ٽرمپ، 'دي گرامر آف سنڌي لئنگويج'، جرمني 1872ع.
(3) 'امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا' آڪسفورڊ، 1931ع.
(4) آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' (ڇاپو ٽيون) 1972ع، ص 73. ۽ ڏسو سنڌي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ"، سکر سنڌ 1967ع، ص 1 ۽ 2.
(5) اصلاحي، شرف الدين، 'اردو سنڌي ڪي لساني روابط'، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1970ع، ص 56.
(6) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، 'سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ'، 1968ع.
(7) سنڌي، ڊاڪٽر حيدر، مقالو، ماهه نو مارچ 1986ع، لاهور.
(8) ميمڻ سراج الحق، 'سنڌي ٻولي'، حيدرآباد سنڌ، عظيم پبليڪيشن، 1964ع.
(9) ايضاً.

(10) جوتواڻي، موتي لال، 'سنڌي لٽريچر اينڊ سوسائٽي'، نيو دهلي، راجيش پبليڪيشن، 1979ع.
(11) صديقي، محمد ادريس، 'واديءِ سنڌ کي تهذيب'، (پهلا ايڊيشن) ڪراچي، مڪتبہ نياراهي، 1959ع، ص 216، 17.
(12) گريئرسن 'لنگوئيسٽڪ سروي آف انڊيا' (واليوم 8)، 1919ع.
(13) جيٺرام داس دولترام، 'دي اينسسٽري آف سنڌي'، 1957ع، دهلي.
(14) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ'، حيدرآباد سنڌ، زيب ادبي مرڪز، 1980ع، ص 30.
(15) ماريوپائي، 'دي ورلڊس چيف لئنگويجز'، لنڊن جارج ايلن اينڊ انون لميٽيڊ، 1962ع.
(16) موفيلٽر اي ميجر 'اي گرامر آف بلوچي لئنگويج'، 1977ع.
(17) آر- اي، ڪالڊويل، 'ڪمپيئريٽو گرامر آف ڊرئويڊن آف سائوٿ انڊين فيملي آف لئنگوئيجز'، لنڊن، 1975ع.
(18) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر 'سنڌي ٻوليءَ جو بُڻ بنياد'، زيب ادبي مرڪز، 1974ع، ص 15.
(19) ايضاً.
(20) ايضاً.
(21) ايضاً.
(22) سنڌي، ڊاڪٽر حيدر، "سنڌي ۽ پاڪستان جي ٻين ٻولين جي علمي ادبي ۽ لساني حيثيت"، (قلمي)، سنڌ الاجي ڄام شورو سنڌ، 1980ع.
(23) ڀائي پرمانند، 'تاريخ پنجاب'، (اردو) خستہ حالت.
(24) قريشي عبدالغفور، 'پنجابي ادب دي ڪهاني'، لاهور عزيز بوڪ ڊپو، 1972ع، ص 37.
(25) قدوسي، اعجازالحق (مترجم)، 'تزڪ جهانگيري (اردو) جلد دوئم، مجلس ترقي اردو، 1970ع، ص 183.
(26) ڀائي پرمانند ايضاً.

(27) ندوي، سيد مولانا سليمان، 'عرب و هند کي تعلقات' ڪراچي، ڪريم سنز پبلشرز، 1976ع، ص 11.
(28) ندوي، ايضاً.
(29) اصلاحي، شرف الدين، 'اردو سنڌي ڪي لساني روابط' لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1970ع، ص 4.
(30) ايضاً.
(31) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، 'بيت' سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ 1970ع.
(32) شعر، پرواز تربيلوي، هفتيوار جمهور اٽڪ آباد، 28- 4- 1981ع
٭ شعر، ملڪ عبدالغفور هفتيوار جمهور اٽڪ آباد، 22- 9- 1981ع
(33) شعر، اورنگزيب نسيم، هفتيوار جمهور اٽڪ آباد، 4- 1- 1981ع.
(34) سنڌي، ڊاڪٽر حيدر، پنج لساني لغت (قلمي) اداره مطالعه پاڪستان اسلام آباد، 1990ع.
(35) ايضاً.

[مهراڻ-4/990ع]

هن سال يعني 2009ع ۾ ڇپجندڙ هن چوٿين جلد ۾ ورهاڱي کان پوءِ خاص ڪري هئي ڏهاڪي ۾ ٽه ماهي 'مهراڻ' ۽ ٻين مخزنن ۾ ڇپيل مضمون ۽ مقالا گڏ ڪري ڏنا ويا آهن. هي اهو دؤر هو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ تاريخ بابت تمام گهڻي کوجنا ٿي ۽ سنڌ جي عالمن، محققن ۽ ٻوليءَ ٽوڙي لسانيات جي ماهرن جا ڏاڍا جذباتي ۽ دلچسپ بحث مباحثا ٿيا، جن سنڌي ٻوليءَ سان سنڌ جي ماڻهن جي محبت ۽ جذباتي وابستگيءَ جو چٽو ثبوت مهيا ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت تحقيق لاءِ اتساهه پيدا ٿيو. هن دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اصليت بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ ٻين ماهرن پنهنجا پنهنجا نظريا پيش ڪيا ۽ موهن جي دڙي جي رسم الخط کي پڙهڻ جون ڪوششون ٿيون. ان ڪانسواءِ سنڌي ٻوليءَ جي آريائي، غير آريائي، هند يورپي يا دراوڙي اصل نسل مان هئڻ بابت مفروضا پڻ غور هيٺ آيا. ان سموري عرصي ۾ ڇپيل مقالن ۽ مضمونن تي هي جلد مشتمل آهي. جيڪو اميد ته هن موضوع سان دلچسپي رکندڙ طبقن کي سٺي ڄاڻ مهيا ڪندو ۽ ان ڏس ۾ اڳتي ڪم ڪرڻ لاءِ پڻ اتساهيندو.

— ڊاڪٽر فهميده حسين